
پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جو جيون درشن

ڀاڱو-٢



ڊاڪٽر ديال 'آشا'

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي

جو

جيون درشن

ڀاڱو ٻيون

ليکڪ:

ڊاڪٽر ديال ڪوڙومل ڏاهيجا "آشا"

پرنسپال

۽

پرمک

سنڌي وڀاڳ

شريمتي چانديبائي هتومل مسڪاڻي ڪاليج

الهاسنگر - ٣.

٢ آگسٽ ١٩٩١

ڀيٽا ڏهه روپيا

پرڪاشڪ:

شري موڙومل کيراجمل چانڊواڻي

ٻيرڪ ٽن - بي، فليٽ ٣١٣،

الهاسنگر - ٥.

UTTAM S. NAGPAL
4, HIRA[illegible]TI CO-OP. HSG SOC.
Near [illegible]abhat Cinema
SINDHUNAGAR-421 004.

مُنهنجي پياري ڏُر مٽيءَ سُگنڌ واسي
ماڻان ماڻ آڻي ڏي پوتر ڌرتي ۽ يادم
هي ڌ نماڻي پيا - ڪنول نشال
27/2/92

ٻه پشپ

بدري ناٿ، ڪيدارناٿ، جڳناٿ، سومناٿ، راميشورم ۽ هردوار ۽ ٻيا ڪيترائي مهتوپورڻ تيرٿ آستان آهن. اُتي وڃي منش دان پُڃ ڪري جيون سڦل ڪري ٿو، من شانت ٿئي ٿو. ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ چت لڳي ٿو. پر سنت ستپرک، هلندڙ چلندڙ تيرٿ آهن. سندن درشن ڪرڻ سان چت ٻاغ ٻهار ٿئي ٿو، سندن سنگ ڀوَساگر مان تاري ٿو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

تيرٿ دو پرڪار ڪا، چل پن اچل پڇان،
گنگا آدڪ اچل هئن، چل هئن سنت سڃان.

سنت مهاتمائون جنت وچن ٿا، آتم گيان جي گنگا پرواهت ڪن ٿا. سنڌ جي سونهاري سنت ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو روحاني وارث پيارو سنت جشن واسواڻي ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي اگيان جي ننڊ ۾ ستلن هزارن لوڪن کي سجاڳ ڪري نام جو امرت پياري ٿو، تتل دلين کي ٺاري ٿو. مُرده دلين کي جياري ٿو. سندس ٻولين ۾ ڪيڏو نه تاثير آهي! سندس مُکڙي ۾ ڪيڏي نه مٺيان آهي، سندس پيشانيءَ ۾ ڪيڏو نه تيج آهي! سندس زبان ۾ ڪيڏو نه مٺاج آهي! مهان گيانوان آهي. وڏو ودوان آهي، پر ڪيڏو نه نماڻو، هزارين دلين جو راڻو! پنهنجي گروديو ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن جو سنديش ديش وديش ۾ ڦهلائي رهيو آهي. ٻه سال اڳ پياري دياڪ آشا سندس جيون درشن ڀاڱو پهريون تيار ڪيو ۽ پياري موٽومل چانڊواڻيءَ پرڪاشت ڪيو. هاڻ پياري سنت جشن واسواڻيءَ جي جيون درشن جو ٻيو ڀاڱو پياري دياڪ آشا تيار ڪيو آهي ۽ پيارو موٽومل چانڊواڻي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ اهو پستڪ ڇپائي شايع ڪري رهيو آهي.

هڪ پشپ

سوڀاڳيه اِهو جو منهنجي جيون جي ڪشتيءَ کي ٻه ڪامل ڪشتيبان پوڄيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ پوڄيه دادا جشن واسواڻي هن ڀوَساگر جي ڀيڙ مان اُڪاري رهيا آهن. ڪرتار جي ڪرپا جو ته ڪاٿو ئي ڪونه آهي. ٻئي مهان وڀوتيون نه صرف داس جي، پر هزارن پراڻين جي راهه روشن ڪري رهيون آهن. ٻئي سنتن جا مهان سمت آهن. داس تي سندن ڪيڏي نه ڪرپا درشٽي رهي آهي! داس تي سندن ڪيڏو نه قرض آهي جو ادا ڪري نٿو سگهجي. داس ٻنهي مهاپرشن جا جيون درشن ٻهراون ڀاڱو لکيا جي منهنجي مترشري موٽومل کيراجمل چاندواڻيءَ ڇپائي شايع ڪيا. اهي پستڪ پڙهي ڪيترن سڄڻن خط لکيا ته انهن پستڪن پڙهڻ بعد سندن جيون ۾ وڏو پرورتن آيو آهي. هڪ سڄڻ لکيو ته ڪاش! اهي پستڪ ڏهه سال اڳ هوُ پڙهي ها ته سندس جيون ٺهيل هجي ها.

٢ آگسٽ مٺي محبوب مترار پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن موقعي تي سندن جيون درشن جو ٽيون ڀاڱو پڻ منهنجو متر شري موٽومل چاندواڻي ڇپائي شايع ڪري رهيو آهي. ان لاءِ مان سندس شڪرگذار آهيان. آڀاري آهيان دادي سٽي ٽنڊاڻي، ڪڪي رلدا واسواڻيءَ ۽ گيتا پريس جي مالڪ شري مادوداس اڇڙا جو، سندن سهيوگ لاءِ ۽ پياري رام لعلچندداڻيءَ جو، جنهن پستڪ جو سندر ڪوَر تيار ڪيو آهي.

ديال "آشا"

Printed by Shri Madhawdas Achhra, at Shree Geeta Printing Press, Sindhunagar-421 003 (Phone 71016) & Published by Shri Motumal Kherajmal Chandwani, Panch Ratan-B/313, Ulhasnagar-421005.

اَمولڪ پستڪ

گنگارام ساجنداس

منهنجي پياري مانيه ور پياءُ پرنسپال ڊاڪٽر ديال آشا ڪرپا ڪري مونکي وجهه ڏنو آهي ته هن سندر پستڪ بابت ٻه اکر لکان. مونکي خوشي ٿئي ٿي جو اهڙي امولڪ پستڪ سان منهنجو سنبنڌ ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر ديال آشا هڪ گڻن جي کاڻ آهي. سندس شوڀنيڪ جيون اسان واسطي هڪ مثال آهي. ڇا سندس پيار، پياري پريوءَ لاءِ! ڇا سندس شرڌا، سنتن ستپرکن لاءِ! ۽ ڇا سندس نرمل ۽ نماڻي رهڻي ۽ ڪهڻي! ڇا سندس ديا، دينن دکين ۽ گگدامن لاءِ!

ڊاڪٽر ديال آشا ودوان آهه. علميت جو انسان آهه. پر وديا سان گڏ مالڪ مٿي وٽان ڪيس نمرتا جي سوکڙي مليل آهه. حليم آهه، نماڻو آهه! تنهنڪري سندس زندگيءَ ۾ زيب آهه. سندس جيون ۾ جوت آهه.

هڪ سال اڳ ڊاڪٽر ديال آشا پوڄيه پياري دادا جشن واسواڻيءَ تي هڪ وڏو پستڪ لکي سؤن هزارن جي آسيس ڪئي. سڄي دنيا ۾ اُهو پستڪ ڪيترن سندي ڀائرن ۽ ڀينرن کي پهتو ۽ مونکي خبر آهي ته اُن پستڪ ڪيترين دلين تي آتمڪ اثر آندو. هينئر ڊاڪٽر ديال آشا ٻيو ڀاڱو اُن پستڪ جو پرڪاشت ڪري رهيو آهي. ڪيس ڌنيواد!

ڊاڪٽر ديال آشا جي هڪ هڪ اکر ۾ سڳنڌ، سوڀيا آهي.

ان لاءِ ٻنهي ڀيرن کي ڌنيواد. پيارو ديال آشا سنتن جو صدقو آهي، ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن جي سمپرڪ ۾ رهيو آهي. ڪيترن ئي سنتن جون جيونيون لکيون اٿائين. سنتن جون جيونيون اسانجي راهه روشن ڪن ٿيون. هي پستڪ ان ڏس گهڻن ڀائرن جي رهنمائي ڪندو.

گرو پورڻما ٢٦ جولاءِ ١٩٩١ **سوامي شانتي پرڪاش مهاراج**

پڀاس

اڄ م ڀاس پريتم پنهنجي سنگ وهاريو،
ڪري ڪرپا درشني ڏئي ساگر مان تاريو.

وڪارن جو طوفان لڳي پيو ٿو پيو،
اوهان ئي اچي اُن آنڌيءَ کي ٽاريو.

اوديا جي اونڌهه اندر ۾ آ راٺا!
اوهان گيان شمع اچي ٻهن ۾ ٻاريو.

اگهي آهيان ٿيندس سگهي ڀاڄهه. سان ئي،
پنهنجي پيار امرت جو پيالو پياريو.

ڪمل چرن ڌيان اها آهه "آشا"،
ستل آهيان ننڊ ۾ "انجلي" اٿاريو!

ديال "آشا"



سنڌ جي سونهاري سنت

پوڄنيه دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي

سان گڏ سندن هردم پيارو اسانجي دلين جو دلارو

پوڄيه دادا جشن واسواڻي

هڪ هڪ اکر ۾ مٺاج ۽ محبت آهي. هڪوار پستڪ پڙهڻ شروع ڪندا ته اوهان کي ختم ڪرڻ لاءِ دل نه ٿيندي.

ڊاڪٽر ديال آشا جي لکڻيءَ ۾ لطف آهي. ڇا ته سليس ۽ سرل ٻولي لکي ٿو!

ڌنيواد! پيارا ڀاءُ ڊاڪٽر ديال، ڌنيواد! وڌيڪ ڌنيواد! انسان ذات کي اهڙا املهه خزانا ڏيئي اوهين پنهنجو ٻج وڻا ڪريو. اوهين ڀاڳن وارا!

شل هن نئين پستڪ تي به ڪرتار جي ڪرپا ڇمڪي!

پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي جنم ڏڻ موقعي تي

١- لک لک جنم مبارڪ، دادا جشن پيارا،
ساري وشو ۾ تون چمڪين، جيئن چنڊ ۽ ستارا.

٢- سيوا سنيهه سمرڻ جي، تون راهه ٿو ٻڌائين،
انئي پهر تنهنجي مک مان، وهي گنگا جي ڌارا.

٣- ڀڳتي ڪرم ۽ گيان جي، تروڻي تون ته آهين،
ڪيئي پياس ٿا ٻجهائين، تو در اچي دلارا.

٤- نوراني نور جهلڪي، پيشاني تنهنجي چمڪي،
درشن تنهنجي سان دلبر، من جا مٽن مونجهارا.

٥- محبت جي موم ٻاري، روشن ڪرين ٿو رستو،
آهين روحاني رهبر، سونهون سچو سونهارا.

٦- آهين پيار جو تون ساگر، هڪ بوند جو مان چاهڪ،
ڪر پياس پوري پريتم، ڪري ڀال تون پيارا.

٧- آلاپ ”انجلي“ تنهنجا، پيغام ڏين پرين جو،
”آشا“ ٿا مان ڳايان، مهنجي اکين جا تارا.

دادا شيام

پوڄيه دادا جشن واسواڻي

جيون درشن ڀاڱو-٢

سنت اُٿي پرمارٿي، نرمل جاڳي انگ،
لهت ٻڌا ڪر جڳ کي، وو ميلي اپني سنگ.

پوڄيه دادا سادو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جا روحاني وارث
پوڄيه دادا جشن واسواڻي آهن نج پارس، جنهنکي ڇهن، سون
ڪري ڇڏين. سندن سنگ، صحبت ۾ جيڪي آيا آهن، تن جي
جيون ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو آهي، سي لوهه مان سون ٿي پيا
آهن. پوڄيه دادا جشن جي نه صرف درشن ڪرڻ سان، پر
سندن ڌيان ڪرڻ سان به روح کي راحت ملي ٿي. سندن
پيشانيءَ مان نور پيو جهلڪي، سندن اکڙين ۾ الاهي عشق جو
خمار، منهن ۾ دائمي مشڪ، سندن زبان مان سدائين موتي
پيا ٽپڪن. جڏهن پنهنجا پيار ڀريا هٿڙا گهمائين ٿا ته عجيب
آسيس ملي ٿي. سندن چرنن جي سپرش سان دک، درد دور ٿي
وڃن ٿا. جڏهن پنهنجي ڇاتيءَ لڳائين ٿا ته رڳ-رڳ ٺري
پوي ٿي.

منهنجا محب مٺا مٺار پوڄيه دادا آهن پريم جا اوتار،
ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، گيان جا گلزار، ديالو داتار، دکين جا دلدار،
محتاجن جا مددگار، اڙين جا آڌار، سيوا جا سينگار، سيوا ۾
سرشار، ڀلائي حليمائي هار ڪن ڪيڏا ٿا اُپڪار، ڏکين نيڻهن



پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام جوڌاري پيو ڀيڄائي دادا جشن واسوا



سوامي ٽيئونرام مندر پونا ۾ سوامي چندن پرڪاش جي ورسي موقعي
پوڄيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، پوڄيہ دادا جشن واسواڻي، س

سنڌونگر جي آسو سنبنڌ ۾ اسڪول ۾ پڌرايا. ان آسو ۾
سوين وديارٿي اسڪول جي ميدان تي هيٺ ويٺل هئا. جيئن
اس وڌي ويئي ته پياري داداجن جي دل ڀرجي آئي. هو پاڻ
وڃڻو ڪٿي وديارٿين جي وچ ۾ وڃي وڃڻو لوڏڻ لڳا ۽ پنهنجي
وياکيان ۾ پڻ هنن اُس ۾ ويٺل وديارٿين لاءِ همدرديءَ جو اظهار
ڪيو. پوڄيه داداجن هڪدم انهن ٻن هزارن ٻالڪن ٻالڪين
لاءِ آئيسڪريم جا پيالا گهرائي کين پرساد روپ ۾ کارايا. سنتن
جو هردو ڪيڏو نه نرم ٿئي ٿو، جو ڪنهنجو به دک سهي
نٿا سگهن!

هڪ ڏينهن مان پوني ۾ پوڄيه دادا جشن جي ڪمل
چرنن ۾ ويٺو آهيان. سنگاپور ۾ رهندڙ پياري دادا جو پريمي
ڀاءُ روپ چڱاڻي هڪ نئين عاليشان ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ڊرائيور
دواران پوڄيه دادا جشن لاءِ ڀيٽ موڪلي ٿو. ڊرائيور پوڄيه
داداجن کي ڪار جون چاٻيون ڀيٽ ڪري ٿو. پيارو دادا
ڊرائيور کي چوي ٿو ”پيارا! مان ڪار ڇا ڪندس! تون اها
ڪار واپس کڻي وڃ“ ڊرائيور وڙ وڙ ونتي ڪري ٿو ته
”جيڪڏهن مان ڪار واپس کڻي ويندس ته منهنجو مالڪ شري
روپ چڱاڻي مون تي ڪاوڙ ڪندو. منهنجي سيٺ جي اڇا
آهي ته توهان ان ڪار ۾ چڙهو، اوهان لاءِ ئي اها ڪار هن
خاص خريد ڪئي آهي. اوهان مهرباني ڪري اها ڪار سويڪار
ڪريو.“ پوڄيه داداجن ڊرائيور کي سمجهائيندي ڪار سويڪار
ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ڪيڏو نه تياڳ، شرڌالوءَ وٽان آيائي
ٽن لکن جي ڀيٽ نئين ڪار ڪيئن نه پوڄيه داداجن واپس ڪن
ٿا. پياري دادا ۾ ڪيڏو نه تياڳ آهي! کين پنهنجي سک ۽
آرام جي ٻڌهه چنتا ڪين.

هڪ دفعي پوڄيه دادا جي ڪمل چرنن ۾ ويٺو آهيان.

پري نهار ڪن هڪ هڪ کي پيار، ڪن لوڪن جو اُڌار، اهڙن
ستپرشن لاءِ ٻلهار، ڪيئن نہ لهن ٿا ستن جي سنڀار.

پوجيہ دادا جشن ڪاسا ٻلانڪا ۾ هئا. هڪ ڏينهن اُت ٻراهمڻ کي چيائون تہ مونکي جيڪر ڪنهن سفيد پوش جي گهر وٺي هلو. ٻراهمڻ دادا جشن کي هڪ سفيد پوش سنڌيءَ جي گهر وٺي ويو. سندس پٽڻي ڪن سالن کان اڌرنگ سبب بستري داخل هئي. اهو ڀاءُ پنهنجي گهر ۾ ڪن سنڌي پانُون ۽ پيهرون کي ڏسي عجب ۾ پوي ٿو ۽ پڇي ٿو تہ پيارا، توهان ڪيئن مون مسڪين جي گهر پڌاريا آهيو؟ ٻراهمڻ کيس پياري دادا جشن بابت ٻڌائيندي چون ٿا تہ اڄ اسان سان گڏ ساڌو واسواڻيءَ جو روحاني وارث، پيارو دادا جشن واسواڻي تو وٽ آيو آهي. جڏهن هي پيارو اهي لفظ ٻڌي ٿو تہ پياري دادا جشن جي ڪمل قدمن تي ڪري پوي ٿو. سندس دل ڀرجي اچي ٿي. ڀرايل دل سان دادا جشن کي چوي ٿو تہ اوهان مون مسڪين جي اجهي ۾ اچي مون لئي وڏي عنايت ڪئي آهي. ٻڌم تہ اوهان هن شهر ۾ آيا آهيو پياس ٻ. هيم تہ اوهان جو درشن ڪريان پر پٽنيءَ جي سيوا ڪرڻ ڪري مان ٻاهر نڪري ڪين ٿي سگهيس. اڄ اوهان داس تي اهڙو تہ احسان ڪيو آهي جو عمر ڀر وساري نہ سگهندس. دادا جشن سندس پٽنيءَ سان پياپوه، سان ڳالهائيندي کيس آسيس ڪئي. اُن بيمار پٽڻ جي منهن ۾ سرهائي اچي وئي. سندس پٽنيءَ جي اکين مان پيار ۽ شڪرگذاريءَ جا ڳوڙها لڙي رهيا هئا. پياري دادا جشن کيس پنهنجي چاليءَ چپائي پڇيو تہ "پيارا توکي ڇا کپي؟" اُن شخص وراڻيو "اوهان پاڻ اچي آسيس ڏني آهي ان کان وڌيڪ مونکي ٻيو ڇا کپي!"

هڪ دفعي پوجيہ دادا جشن جمہ هند انڪيڊمي اسڪول

ڇھين ڏينھن ۾ ٻئي ٽيچر جو ساڳيو جواب ٻڌي رشيد کي ڪاوڙ لڳي، ڪيس چيائين ته تون ڪوڙو آھين. ٽئين ٽيچر چيو ته ”ھاڻ ٻيو اڄ سبق به ياد ڪيو“ رشيد عجب ۾ پئجي ويو ۽ ھن کان پڇيائين ته تو ھيٺئين ڇو ٿي چيو ته ٻيھر اڄ سبق ياد اٿم ۽ ٻيو اڄ ياد ڪين اٿم. وري ھاڻي ٿي چوين ٿو ته ٻيو اڄ سبق به ياد ٿي ويو، اھو ڪيئن؟ پنجن ڏينھن ۾ مون تي ڪيتري ڪاوڙ ڪين ڪئي ھئي جو چوان ته مون موت ۾ ڪروڌ ڪين ڪيو. ھاڻي توھان مون تي ڪاوڙ ڪندي ڇينيو ٻيو ٽيھن ھوندي به منھنجو من سيتل رھيو. انڪري مون چيو ته ھاڻ سڄو سبق مونکي ياد آھي.

پراچين ڀارت ۾ ودياٿين کي چوندا ھئا ته جيڪا سکيا ٻڌو اُھا سکيا پنھنجي من ۾ مورتيمان ڪريو. ان لاءِ ٽي قدم (١) شروط (٢) منن (٣) ندياسن. پھريان چڱيءَ رات ٻڌو، پوءِ اُن تي غؤر ڪريو ارٿات اُن جو چنتن ڪريو ۽ اُن بعد اُن تي عمل ڪريو.

پراچين زماني ۾ سچ تي ڏاڍو زور ھوندو ھو. ھڪ دفعي مھاتما گانڌيءَ کان پڇين ٿا ته سون کان وڌيڪ ملھائتو ڇا آھي؟ گانڌيجي چوي ٿو سون کان ملھائتو آھي ”ستيه“.

منھنجا پيارا ڀائرو! پيارئون ڀينرون! اڄ نئين سال لاءِ پنھنجي اڳيان سچ جو ساڌن رکو. جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو. سچ تي صاحب راضي. سچ جي سدائين جيت آھي.

١١ جنوري ميران اسڪول جي ودياٿين ۽ اڌياپڪن دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ورسي اُتسو ملھايو. انھن سفيد پوشن جي شيوا لاءِ ڪيترئون شيون پياري دادا جشن جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪيون. ڪن ودياٿين دادل شاھ جي جيون تي واڪيان ڏنا. ان موقعي تي پوجه، دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته

هڪ ڀيرو پوڄيه دادا جن وٽ پنهنجي سپتر جي شاديءَ سمبنڌ ۾ مٺائي ۽ بسڪوٽن جا پاڪيٽ کڻي اچي ٿي ۽ سندن چرڻن ۾ ڀيٽ ڪري ٿي. پوڄيه دادا جن سندس اهي پاڪيٽ سوڪار نٿا ڪن ۽ چون ٿا ته اڄ ڪلهه شادين ۽ مڱڻين تي ڪيترو نه اجايو خرچ ڪيو وڃي ٿو. انهن پئسن مان جيڪر سفيد پوشن جي ڪنيائن کي، غريب نياڻين کي شاديون ڪرايون وڃن، ساموهڪ وواهن ۾ سهائتا ڪئي وڃي ته پئسا ڪيڏا نه سجايا ٿين. ان ڪري مون مڱڻيءَ چاهي شادين جي سمبنڌ ۾ مٺايون يا ٻيون سوکڙيون وٺڻ بند ڪيون آهن." پياري دادا جشن جي دل ۾ ڪيتري نه پيار ۽ ديا جي ڀاونا آهي، ساڻ ساڻ غريب نياڻين جي لاءِ ڪيتري نه همدردي آهي! پوڄيه دادا جن جي جيون اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي. "پوڄيه دادا جشن واسواڻي جيون درشن" ۾ دادا جن جي زندگيءَ جو ١٩٨٤ تائين ذڪر ڪيل آهي، ان کان پوءِ سندن جيون جو ورڻن ڪجي ٿو.

٣ جنوري ١٩٨٥ وسپت نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته هن نئين سال ۾ پنهنجي اڳيان ڪو نه ڪو ساڌن رکو. پهريون ساڌن سچ، پرڻ ڪريو ته سچ کان منهن نه موڙينداسين، سدائين سچ جي راهه تي هلنداسين. پراچين ڀارت ۾ جڏهن وديارٿي اچي رشين جي چرڻن ۾ ويهندا هئا ته رشي کين پهريون-پهريون سکيا ڏيندا هئا "ستيم ود ڪرودم ماڪرو" ارٿات سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو. پنج پانڊو رشيءَ کان سکيا وٺڻ آيا. پهريون سبق کين مليو "سچ ڳالهايو، ڪروڌ نه ڪريو." ٻئي ڏينهن پنج پانڊو رشيءَ وٽ آيا. انهن مان سواءِ يڌشٽر جي ٻين پانڊون چيو ته اسان سبق ياد ڪيو آهي. يڌشٽر چيو ته مان اڃا پهريون اڌ سبق ياد ڪيو آهي، باقي اڌ اڃا ياد ڪندس. ائين پنج ڏينهن گذري ويا.

سبب دان ڪرڻ جو وڌيڪ مهتو آهي. هونءَ دان پڻ سٺڪرم
ڪرڻ ۾ دير نه ڪجي.

هڪ دفعي هڪ برهمڻ دان وٺڻ لاءِ شري يڌشٽر وٽ
آيو. شري يڌشٽر کيس چيو ته سڀاڻي اچجانءِ. برهمڻ جيئن ئي
واپس وري رهيو هو ته در جي ٻاهران ڀيم ڪڏيو. ڀيم اُن برهمڻ
کان پڇيو ته تون ڪيئن آيو آهين؟ برهمڻ کيس ٻڌايو ته دان
وٺڻ جي وچار کان يڌشٽر وٽ آيس پر شري يڌشٽر چيو ته
سڀاڻي دان وٺڻ اچجِ. اهو ٻڌي ڀيم هڪدم خوب ڍهل دماما
وڄايا. ڍهلن دمامن جو آواز ٻڌي يڌشٽر ڀيم کان پڇيو ته ڪهڙي
ڪارڻ تون نغارو وڄائي رهيو آهين؟ ڀيم وراڻيو "مهاراج اوهان
اڄ ڪال تي جيت حاصل ڪئي آهي انڪري اوهانجي سنتا
سبب نغارا وڄائي رهيو آهيان." يڌشٽر چيو ته مون ڪال تي
جيت ڪيئن پائي آهي؟ ڀيم وراڻيو، "مهاراج! اوهان برهمڻ
کي آکيو ته سڀاڻي دان وٺڻ اچجِ. ان جي معنيٰ اوهان کي پڪ
آهي ته اوهان سڀاڻي هوندا. اوهان ڪال تي جيت پائي آهي.
انڪري مان نغارو وڄائي رهيو آهيان." شري يڌشٽر ڀيم جي
رمز کي سمجهي ويو. هن هڪدم اُن برهمڻ کي سڏائي دان
ڏنو. موت ڪنهن مهل اچي ٿو اُن جو ڀروسو ڪونهِ آهي. ان
ڪري دان پڻ ۽ سٺ ڪرم ڪرڻ ۾ دير نه ڪجي.

پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ورسي اُتسو سمبنڌ ۾
١٦ جنوري صبوح جو ٥ بجي ميران ڀوميءَ مان پرڀات ڦيري
نڪتي جنهن ۾ پوڄيہ دادا جشن ۽ سوين ڀائر ڀينر نام ڪيرتن
ڪندا پرڪرما ڏيئي ٧ بجي سماڌي آستان تي واپس وريا.
صبوح جو ٨ بجي دادل شاهہ جي ڪٽيا ۾ سنت شاسترن جو
پاٺ ۽ نام ڪيرتن ٿيو. صبوح جو ١٠ بجي هون يگيہ ٿيو.
ساڌو واسواڻي مشن پونا طرفان آيوجت مضمون ڇپائيءَ ۾ انعام

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جيئن دَيا جي جوت جڳائي. توهين ۽ جيڪو دلين ۾ دَيا جا ديپڪ ٻاريو، پکين پسن کي پيار ڏنو، هميشا جي ڪاتي کان ٻنهه پري رهو. جيڪڏهن توهين ٻين تي دَيا ڪندا ته پڀو توهان تي دَيا ڪندو. اهو قدرت جو قانون آهي ته جيڪڏهن توهين ٻين کي سکي ڪندا ته پرماتما توهان کي سکي ڪندو. روز ڪو نه ڪو ننڍو يا وڏو شيوا جو ڪم ڪريو.

جيتوڻيڪ اسين پڀوءَ کي ڏسي نٿا سگهون پر هو سدائين اسان سان گڏ آهي، هر هنڌ وياپڪ آهي، ڪيئن نه هو پاڻوهه مان اسان مان هڪ هڪ جي سنڀال ڪري ٿو.

١٢ جنوري نماشام جو شانتي ڪنج ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي مهاڳير سنبند ۾ اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن دادل شاهه کي شردانجلي ڏيندي چيو ته ١٩ سال اڳ اسانجي مٺڙي محبوب، هزارن دلين جي سهاري پياري دادا اسٿول شرير جو تياڳ ڪيو. پياري دادا ڪيڏا نه رتن ڪيا. لوڪن کي چيائين ته اجايو ٻڌڻ ۾ وقت نه وڃايو. ڇا لاءِ ٿا تڪرار ڪريو. انتيه پدارٿن لاءِ سهڪي سواس وڃايو ٿا. نتيه پدارٿ اُنوَ نام خزانو. اهو نام جي پونجي گڏ ڪريو. سڀوُ ڌرم آهي مول ميلاپ ۾ هلو. پيار ۽ محبت جي زندگي گذاريو. نه وساريو ته پڀو هڪ آهي. پر اُن جا روپ انيڪ آهن. سڀني ۾ اُن مالڪ کي موجود ڏسي اُنهن سان پيار پريو وهنوار ڪريو. پنهنجن ٻارن کي سچ، سيوا، سنجهم ۽ سادگيءَ جي سکيا ڏيو. پوءِ انهن گڻن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو.

١٤ جنوري ترموري (اُترائڻ) جي پون ڏينهن پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اجوڪي ڏينهن جي وڏي اهميت آهي. دان پڻ ته سدائين ڪندو رهجي. پراچ مڪرسنڪرانتيءَ

ڪندا سين! منهنجا پيارا ڀائرو! پيارا-ون ڀينرون! جت نام جي يادگيري آهي سو گهر آباد آهي. سڀ سک عيش آرام وارا-ن ٿين ٿا ڪين ائو. سنتوش سان نام جپيو توهان کي عجيب آنند جو انڀو ٿيندو. پياري دادا جو مول مقصد هو ته نام نه وساريو.

جنهن وساريو نام تن ڀت وڃائي پنهنجي

دنيا ۾ رهي پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر پنهنجون اکيون محبوب جي مکڙي ۾ رکو. هت مسافر ٿي آيا آهيون، اصلي وطن نه وساريون. شل مالڪ جي مهر جي هڪ بوند ڪٽي پنهنجي وطن وڃون! ڪرتار جي ڪرپا جي ڪٽي لئه پڪاريون! نام نه وساريون ۽ نام جا پڳل روپ ڏين ڏکي، مسڪين، ڀکي پسون انهن جي سيوا ڪريون.

١٧ جنوري صبوح جو هون ٿيڻ بعد فقيرن جي سيوا ڪئي وئي. دادا جشن کين خرچي ۽ ٽول ڏنو. منجهند جو لنگر پرسادي آرتي ٿي. هزارين ٻراهي پوڄن ورتائڻ آيل هئا. پوڄڻ دادا پنهنجي پوئر هٿن سان ڪين نه پنگت ۾ ويٺل پريمين ۾ بوندي پٽي وراهي، هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ڀٽي پيشاريو. شام جو سوانين پنجين ٻجي دادل شاه جي ڪٽيا ۾ هون ٿيو ۽ شاسترن مان پاٺ ٿيو. دادا جشن پرارٿنا ڪندي چيو:

پوساگر پاري، ڪٽي کين ائم ڪا ڀاري،
تون پار اُڪار! تون پار اُڪار مراري!

دادا جشن سان گڏ ساري سنگت ديپڪ ڪٽي نام ڪيرتن ڪندي دادل شاه چونڪ تي آئي. دادل شاه جي پتلي اڳيان جڳايل ديپڪ رکي ڪيرتن ۽ آرتي ڪئي وئي. ساري سنگت سماڌي آستان تي واپس آئي ۽ منسنگ آرتي ٿيو. نام ڪيرتن بعد پوڄڻ دادل شاه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي پڌايو ويو. ان موقعي تي پوڄڻ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو

ڪندڙ ودياٿين کي پوڄيه دادا جشن انعام عطا ڪندي آسيس
ڏني. ان بعد پيـاري دادا جـشن سفيد پوش ڀيڻن جـي
شيوا ڪئي.

نماشام جـي ستسنگ ۾ دادا گنگارام ساڄنداس، دادي هوي واسواڻي ٻئريسٽر هوتچند گوپالداس، دادا امر ۽ ديال آشا پوڄنيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو. دادل شاهه جو مٺو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو. پوڄيه دادا جشن واسواڻي دادل شاهه کي پاڻ پنهنجي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته هاڻ پياري دادا جو ڪهڙو نه مٺو اُپديش ٻڌو سين.

من پر پوڌه هرڪيءَ ناءِ ده، دس ڏاوت آوي ڏانءِ.

پنهنجي من کي سمجهايو ۽ چئوس ته پيارا من! تون ڇو پيو ور ور ڀٽڪين! دنيوي پدارٿن، عهدن اقبال پويان ڊوڙي ڊوڙي هرڻ وانگر پياسو رهجي پوڻ ڏيندين! انڪري هڪ نام جو سهارو وٺ ته ڀٽڪڻ بند ٿيئي. منهنجا پيارا! غريبيءَ ۾ رهي به سنتوش ۾ رهو، اها ساکي ڪيترن ڀڳتن پنهنجي جيون ۾ ڏني آهي.

هڪ ڀڳت ۽ سندس پتني سادگي ۽ سنتوش سان رهندا هئا ۽ پاڻ کي ڌاڻو سکي سمجهندا هئا. هڪ ڏينهن هي پيارو جيئن کپڙا لاهي نـديءَ ۾ اشنان ڪرڻ ويو ته اتي هڪ شاهوڪار ٻه نوان وڳا هن پياري جي کپڙن مٿان رکي ويو. ڀڳت سنان ڪري اچي ڏسي ته ٻه نوان وڳا رکيا آهن، هي پيارو اُنهن کي هٿ به نه لائي، چوي ته مان ڇا ڪندس. اهو شاهوڪار وري هن پياري ڀڳت جي گهر سونءَ گهڻن جي ٿيلهي ڇڏي ويو. ڀڳت چوي ته مان ڇا ڪندس! مان ۽ منهنجي پتني غريبيءَ ۾ به تمام سکي آهيون. اسين نام کي ياد ڪريون ٿا ۽ جيون آنند ۾ پيو گذري پوءِ هي گهڻون ڇا

٢٦ جنوري راڌاڪرشن ڏيا اسپتال جي وارشڪ ڏينهن سنبنڌ ۾ پوڄيه دادا جشن چيو ته هن اسپتال دوارا ڪيترن گهرڄاڻن جي مفت سيوا ڪئي ويئي ٿي. ٣٥ سال اڳ، اڄوڪي ڏينهن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هن اسپتال جو مهورت ڪيو. ڊاڪٽر هيرانند هاٿيراماڻي ۽ سندس سپتر ڊاڪٽر نارائڻ هاٿيراماڻيءَ ڪيترن ئي نشڪام ڀاونا سان سيوا پئي ڪئي آهي. اڄ پياري ڊاڪٽر هيرانند هاٿيراماڻيءَ جي پڻيه تٿيءَ جو ڏينهن پڻ آهي. هو هڪ سريشٽ انسان هو، هر حالت ۾ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃيندو هو. سندس سڄو پريوار ڪيترن نه پياري دادا جي پيار جي ڏور ۾ ٻڌل هو. هاڻ پيارو ڊاڪٽر نارائڻ ڪيڏي نه پيار ۽ محبت سان سيوا ڪري رهيو آهي. شل مٿس ڪرتار جي ڪرپا ۽ پياري دادل شاهه جي آسيس چمڪندي رهي!

٢٧ جنوري آرتوار ڏينهن ميران ستسنگ هال ۾ ساڌو واسواڻي مشن جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ پوڄيه دادا جشن جي اڌيڪشتا ۾ ٿي. پهرين شري نوري گرنٿ مان وچن ورتو ۽ پوءِ سيڪريٽري پياري ڀيڻ ڪڪي رتنا واسواڻيءَ آنو ريلواڻي مشن جي سيوا ۽ ستسنگ ڪارين جي رپورٽ پڙهي ۽ چيو ته پوڄيه دادا جشن اسانجا سچا سونهان آهن، سندن رهبريءَ هيٺ ئي سڀ سيوا جا ڪاريه هلي رهيا آهن. ديش وديش ۾ وڃي ڪيترن نه دادل شاهه جو پيغام پيا پکيڙن. سندن آسيس اسان ۾ نئين سڦورتي پيدا ڪري ٿي. پاڻ هڪ سيوا ڪالي ڏانهن لوج ڏئي اسانجو مارگ درشن ڪندا رهن ٿا.

مشن جي چيئرمين دادا گنگارام ساجنداس چيو ته آسيس ڪريو ته پڇاڙيءَ جي پهر تائين پياري دادل شاهه جي در جو خادم ٿي رهان.

ته پياس ۾ پرڀوءَ کي پڪاريو، پياس رکو. جيئن مڇليءَ کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍو ته پيئي ڦٿڪندي، پر مڇليءَ کي ڪيترو ئي شيون کائڻ لاءِ ڏيون ته به کائيندي ڪين، فقط کيس پاڻيءَ لاءِ پياس. پاڻيءَ کانسواءِ جيئي نه سگهندي. اهڙي پياس پرماتما لاءِ رکو ۽ پرماتما کي پياس ۾ پڪاريو، سڪ ۾ سڏيو، اُڪير جي اکڙين سان نهاريو. سچو خزانو اهو پرڀوءَ جي يادگيري. اُن يادگيريءَ ۾ روز روز رهو ۽ مالڪ جي مهر جو خزانو هٿ ڪريو ۽ مانش جنم سڦل ڪريو.

١٨ جنوري صبوح جو نوڄڃي دادا لوناوالا روانا ٿيا. شام جو داداجن ٻشي ٽئم لان پنڌ ڪري آيا. نماشام جو ڪيرتن بعد نوڄڃي داداجن اپديش ڪندي چيو اڄ پياري ٻمي مهمنديا جو جنمدن آهي. هن پياري سمست جيون سادو واسواڻيءَ مشن جي سيوا ڪارن ۾ ارپڻ ڪئي آهي. کيس آرب ندس فئڪٽريءَ ۾ سٺي نوڪري هئي. کيس لڳن لڳل هئي ته دادل شاهه جي قدمن ۾ قبول ٿيان. رفته رفته دادل شاهه جي سيوا ڪري ويو دادل شاهه کي پيارو ٿيندو. دادل شاهه ڏيهه جو چولو ڇڏيو ته هن جي اندر وڏيڪ جاڳرتا آئي ۽ چاهيائين پرڀوءَ مونکي پنهنجي گذران لاءِ گهٽ ئي ڏنو آهي ٻيو چوڻ دادل شاهه جي در جي سيوا ڪريان. هن جو وڏي ۾ وڏو گڻ آهي، آگياڪاري آهي. هڪ دفعي مون پياري دادا سادو واسواڻيءَ کان پڇيو ته ڇا ڪجي جو گروءَ وٽ قبول پئجي؟ پياري دادا چيو ”پيارا جشن! گروءَ کي نه شاهوڪار کپن، نه وڏو ودوان، نه ليکڪ، نه وڏا ماڻهو کپن، پر گروءَ جي چرنن ۾ سوئي قبول پوي ٿو جو آگياڪاري ٿي رهي ٿو، جو سادو ۽ نماڻو آهي. پيارو ٻمو به نماڻو ۽ آگياڪاري آهي. شل مٿس پرڀوءَ جي ۽ پياري دادا جي آسيس چمڪندي رهي.

خيانت نہ ڪجي!" ائين هوءَ ٻنهيءَ کي ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃي ٿي ۽ چوي ٿي ته "ٻڍڙيءَ اسانکي پٽ ڏنو ۽ هينئر موٽائي ورتائين. شڪر ۽ صبر ۾ ٻڍڙيءَ جا شڪرانا مڃون!

جس کي بست تس آکيءَ راکيءَ
ٻرپ کي آکيا مانيءَ.

ٻڍڙيءَ جو ڪيو سڀ ڪري ميٺڙ گهرجي، ان ۾ ئي آنند آهي.

٣ فيبروري ڀيڻ لڇميءَ جي يادگيريءَ ۾ سندس گهر ۾ شري ٺوري گرنٿ جي پاٺ صاحب جو ڀوڳ پيو. پوجيه دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڀيڻ لڇمي هڪ پياسي روح هئي. ڪيس پياري دادا جو پيار مليو. سندس دل ۾ غريب شاگردن لاءِ درد هو. هن پنهنجي زندگي سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦلي ڪئي.

وڌيڪ پاترا اُسهڻ کان اڳ ۴ فيبروري پوجيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پياري دادل شاهه جي در جو خادم ٿي وڌيڪ وڃان ٿو سندس پيغام پهچائڻ، توهين نت نيم ستسنگ ۾ ايندا ڪريو. مان ننڍڙو ٻار هوس، هڪ دفعي ننڍي ڪنبي پارڪ ۾ ڪنهن ٻاڙي واري جي شادي هئي. پياري پاپاءَ مونکي چيو ته تون ضرور وڃ. مان وڃان ٿو. دروازي تي هڪ پاڻ بيٺو هو، جنهن ٻارن کي اندر اچڻ نٿي ڏنو. مان قد ۾ ننڍڙو ٻار پئي لڳس. اهو شخص مونکان پڇي ٿو "تون ڪنهنجو آهين؟" اهي اکر منهنجي دل اندر گهڙي ويا. اُن وقت کان وٺي مون انهن اکرن جو ڌيان پئي ڪيو آهي. پاڻ کي پئي چيو اٿم ته تون ڪنهن جو ٿيڻ ٿو چاهين؟ توهين ٻ جيڪو ڪنهن نہ ڪنهن جا ٿيو. ائين هي مانش جنم وئڙت نہ وڃائجو. توهان کان پڇن ته تون ڪنهنجو آهين! توهان جيئن جواب ڏئي سگهو

پوڄيءَ دادا جشن سنسٽا جي سڀني سيوڪن سيوڪائن جي شڪراڻي مڃيندي چيو ته دادا گنگارام اسانجي سنسٽا جو ٿنڀو آهي، ڪيس جيڪر سون ۾ توري ته سون کان مٿي آهي نماڻائي. ڪيتن ته هي ٻيارو چوي ٿو ته مان گنهگار آهيان، ته دادل شاهه پنهنجي ڪرپا ۾، پنهنجي ٻرابر سان ڏوٺيندو ۽ ڏوٺي ٿيو. دادا گنگارام ڪيترا دفعا ته سپني ۾ به دادل شاهه جا مٺا آواز ٻڌندو آهي. شل اسين سڀ نت نيم ستسنگ ۾ اچون، پاٺ کي ڪجهه ڪين ڪري سمجهون. شل نه وساريون ته ڪين جو ڪم آهي نام سمرڻ ۽ شيوا. نام کي نه وساريو ۽ دکين دويلن پکين پسن جي شيوا ڪرڻو ٻيار ۾. شل پنهنجا فرض پالن ڪريون، هڪ ٻئي سان محبت ۽ همدرديءَ سان هلون، مٺو ڳالهايون، سنگت جي شيوا ڪري جيون سڦل ڪريون.

٣ فيبروري آرتوار صبوح جو پوڄيءَ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته رب جي رضا ۾ راضي رهڻ گهرجي. پرڀوءَ اسانکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، جي پرڀو موٽائي وٺي ٿو ته رنج جا لاءِ؟ هڪ شاهوڪار کي هڪ پٽ هو، جنهنکي ڏاڍو پيار ڪندو هو. آفيس مان موٽندو هو ته پهرين پٽ سان ملندو هو. هڪ ڏينهن پٽ رستي تي راند ويٺو ڪري ته ڪنهن موٽرڪار ڪيرائي وڌي ٿي ۽ بالڪ مري وڃي ٿو. ماتا ڌرمشت هئي، چوي ٿي انهن مالڪ جي مرضي هئي، تنهن منهنجو ٻچڙو گذاري ويو. ڪنهن ڪٽ تي ليٽائي مٿان چادر وڇائي ڇڏي ٿي. پتا اچي ٿو ۽ پڇي ٿو "منهنجو پٽ ڪٿي آهي؟" ماتا چوي ٿي "اچي ٿو. توهين پهرين کاڌو کائو نه ته ٺري ويندو." کاڌي کائڻ کانپوءِ اها ماتا پتيءَ کي چوي ٿي ته "مونکي ڪو ڏهه هزار رپيا رکڻ لاءِ ڏئي ويو ۽ وري واپس گهري ٿو. مان اُن کي ڏيان يا نه؟" پتي چوي ٿو "هڪدم ڏيڻ گهرجن. امانت ۾

ڀوپ جي تم سوامي هم داسا،
اِنسي ڀڳت ڪري رويداسا.

اسين ٻه پرڀوءَ کي ور ور پرارٿنا ڪريون ٿا. پرڀو! تون اسانجو سوامي آهين، اسين تنهنجا داس، تون مات پتا آهين، اسين تنهنجا ٻار. پرڀو اوس پرارٿنا ٻڌي اسانکي پنهنجو ڪندو. پرڀو جڏهن پنهنجو ڪري ٿو پوءِ ڏک ٿي دور، آنند ئي آنند!

سئيءَ تي مٽيءَ جو تهه چڙهيل هوندو ته سئيءَ کي چقمق ڇڪي نه سگهندو. جڏهن سئي صاف ڪبي تڏهن چقمق اُن کي ڇڪي سگهندو، تيئن اسين به جڏهن پنهنجي من کي نرمل ڪنداسين تڏهن پرڀوءَ طرف ڇڪجي سگهنداسين. من تي جنمن جي ميل چڙهيل آهي، ڪنهن نه ڪنهن ڪامل سنت ستپرش جي شرڻ وٺون جو اسانکي آتم گيان ڏئي اسانکي صاف ڪري. ٻيو سڀ سڄڻ لاهه اُتاري، پنهنجو انتهڪرڻ صاف ڪريو. سڀ ٻيا زندگي بيڪار آهي. هڪ ماڻهو پياري دادا ساڌو واسوانيءَ وٽ آيو ۽ چيائين ”اڄ منهنجي خوش قسمتي آهي جو توهان ڪلاڪن ۾ مون اياڻي لِڪ ڪمايا آهن.“ تڏهن پياري دادا هن کان پڇيو ته تو سانئينءَ جي سڪ ۾ گهڻا ڳوڙها ڳاڙيا آهن؟ اسين مايا جي ڌن ۾ مستانن جيان ٻيا عمر گنوايون. منهنجا پيارا! توهين جيڪر ائين نه ڪيو. پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏيو. نام جپيندي دکين جا دک درد دور ڪريو.

۷ فيبروري صبوح جو پوڄيه دادا جشن نانڪ نواس وارڊن روڊ ۾ هلندڙ جلسن ايڇ. ڪي. چهناڻي دواخاني ۽ ناري شالا ۾ پڌاريا. داداجن هلندڙ سيوا ڪارين لاءِ آسيس ۽ ڌنيواد ڏني. پوڻ ساوتري هوندي آڏواڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. شام جو پاڻ اشوڪ پنجابيءَ جي گهر ستسنگ ٿيو. جت پروفيسر منجو نچاڻي هر ڇنڇر تي دادا ساڌو واسوانيءَ جي

۾ مان شري ڪرشن جو آهيان، شري رام جو آهيان، فلاڻي ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش جو آهيان. ننڍڙا ٿي نه وڃجو. هڪ درويش جا اکر ياد اچن ٿا، جنهن هڪ موقعي تي چيو ته جي توهين ڪنهن جا نه ٿيا آهيو ته انتڪال ۾ توهين اُن ڪتي وانگر آهيو، جو رستي تي پيو هجي ۽ سندس مٿان ڪا ڪار لنگهي وڃڻي هجي. ڪنهن نه ڪنهن ستپرش، پرڀوءَ جا ٿيو، اُن جي شرڻ وٺو، پنهنجي جيون جي ڏوري اُن جي هٿن ۾ سونپيو ۽ پڪاريو ”دين بندو، ديناناٿ، ميري ڏوري تيري هاٿ!“ ور ور اها ٽڪ پڪاريو. ٿورو ڪم ڪار ڪري وري وري اهي لفظ دل جي گهرائيءَ مان دهرايو، ڏسو ته توهان تي ڪيئن نه پرڀوءَ جي مهر جي ورکا ٿئي ٿي.

۵ فيبروري صبوح جو پوڄيه دادا جشن دادل شاهه جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري وديش ياترا لاءِ روانا ٿيا. اُن ڏينهن نماشام جو جمنابائي هندوجا سنسڪرت ڪيندر جي ميدان تي پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ سنت روهداس جو جنمدن آهي. اُن ڏينهن ۾ برهمڻ ٻين کي گهٽ ذات وارو ڪري سمجهندا هئا پر سنتن چيو آهي ته پرڀو نه پڇي ذات پات، ڀڄيو پڇي پرڀو ڪي ٻات.“ پيارو سنت روهداس ذات جو چمار هو پر پرڀوءَ جو پورڻ ڀڳت هو. پنهنجي ڪرت ڪندي ڪيئن نه وڏي نام جپيندو هو. سندس آڏو ڪي مشڪلاتون اچن ٿيون، هي پيارو ڪيئن نه اُنهن کي مشڪي منهن ڏئي ٿو. پرماتما ڀڳتيءَ سبب سندس مک مان ٻاڻي پرواهت ٿئي ٿي. سندس ڪجهه ٻاڻي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ درج ڪيل آهي. پرڀوءَ کي ڪيئن نه ور ور پرارٿنا ڪري ٿو:

پرڀو جي تم چندن هم پاني
جاڪي انگ انگ باس سماني

ڪيو آهي، پنهنجا املهه سواس وئرٿ وڃايا آهن. دنيا ۾ رهي پنهنجو اصلي وطن نه وساريو. ڪو نه ڪو منتر ڪٺو يا ڪنهن سنت جي ٻاڻيءَ جو سونڙ ڪٺو، ان جو وري وري اچارڻ ڪريو. جيئن شري سڪمڻي صاحب ۾ آهي:

دين درد دک ڀنجنا گهٽ نـاٿ اناٿ،

شرڻ تمهاري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ ساٿ!

پرڀوءَ جي شرڻ وٺو، ور ور اها پرارٿنا ڪريو، پنهنجا سونا سواس اجايا نه وڃايو. سمرڻ سيوا ۾ سواس سڦلا ڪريو. سڪندر بادشاهه اڌ دنيا فتح ڪري جيئن ته يونان واپس وري ٿو، رستي تي سخت بيمار ٿي پوي ٿو. طبيب چوي ٿو چارو ڪين آهي، تون ڪن پل جو مهمان آهين! سڪندر اکين ۾ آب آڻي چوي ٿو ته ڪو مونکي سواس ڏئي ته مان پنهنجي ماتا سان ملان پر هڪ به سواس نه مليس. انڪري هڪ هڪ سواس سان سائينءَ کي ياد ڪريو.

11 فيبروري تي جڏهن داداجن پياري ڀڳوانداس جي گهر پڌاريا. ته ٽي ڏينهن اڳ سندس سپتر جو وواهه ٿيو هو. داداجن پتي پتني اشوڪ ۽ منجوءَ کي آسيس ڪندي چيو ته پاڻ ۾ سهمت ٿي هلجو. هڪ ڀيري پنهنجي شاديءَ جي سلور جبلي پئي ملهائي. پتي پتنيءَ جو پاڻ ۾ ڏاڍو پيار هو. ڪڏهن به هڪ ٻئي سان جهڳڙو نه ڪيو هيائون. ڪانئن سبب پڇيو ويو، چيائون ته اسان پهرين تڪرار کان ٿي پري رهيا آهيون. اهو نيم اسان پنهنجي اڳيان رکيو آهي. هڪ ڪجهه ڪري ته ٻيو غم کائي وڃي. وري جي ٻيو ڪجهه ڪري ته پهريون شانت ۾ رهي. ان ڪري پاڻ ۾ ڪڏهن به تڪرار نه ٿيندو آهي. اشوڪ ۽ منجو به جيڪر ائين ڪندا رهن. شل هرهڪ گرهستي ائين ڪري ته سندن گهر سرڳ بڻجي پوي.

سکيائين جا اَنيڪ سنسڪار ٻالڪن ۾ وجهندي آهي.
پوءِ دادا جيءَ ٻالڪن کي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون ۽ ماڻهن
کي چيو ته ٻالڪ اوهانجو املهه خزانو آهن تن جي پوري پوري
پرورش ڪريو.

٨ فيبروري منجهند جو پوءِ دادا جيءَ سنگاپور روانا
ٿيا. رات جو سنگاپور هوائي اڏي تي پهچڻ جيوتي مرچنداڻي،
ٻاءُ روپ چڱاڻي ۽ ٻين ڪيترن شردالن داداجن جو سواگت ڪيو.

٩ فيبروري نماشام جو پوءِ دادا جيءَ پياري روپ
چڱاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته نام اُچارڻو پريم سان.
ٻاهرين طرح نه اُچاريو، پر دل جي اونهائيءَ مان اُچاريو. هڪ
مارواڙيءَ وٽ هڪ مالها هئي. ڪانئس پڇيم ته اندر ۾ ڇا ويٺو
چوين؟ چيائين "مونکي خبر ناهي." مون چيومانس ته "مان
ٻڌايانءِ؟ تون اندر ۾ پيو واچار ڪرين ته فلاڻي کي پئسا ڏنم،
اُن اچا وياج نه ڏنو آهي." ائين نه ڪريو! اندر ۾ پيار اُٿاريو،
سڪ اُٿاريو، سڪ وارن وٽ پاڻهي پرڀو ايندو. ڪڏهن توهان
ٻارڙن کي چيو آهي ته ٻچڙا! مان توکي پيار ڪريان ٿو. توکي
وڌ ۾ وڌ پيار ڪرڻ چاهيان ٿو. تون مونکي پنهنجي ڪمل
چرڻن لاءِ پيار ڏي!

١٠ فيبروري سنڌو هائوس ۾ پوءِ دادا جيءَ پروچن
ڪندي چيو ته پاڻ کان پڇو ته منش جو اَنمول جنم وٺي تو پيارا
هن جڳت ۾ ڪهڙا ڪرم ڪيا. گروجن به پنهنجي ٻاڻيءَ ۾
چون ٿا:-

اي سرارا مترا!

اس جگ ۾ آئکي، ڪيا تذ ڪرم ڪمايا؟

پنهنجي ڪمل ڪرمن جو پورو ميل ٺاهيو ته ڏسون توهان کي
پروڙ پوندي ته توهان ڪيترو نه وقت اجايو ڳالهين ۾ برباد

پرڀو ڏهه بخشيشون اسانکي ڏئي ٿو پر جي اُن مان هڪ موٽائي ٿو وٺي ته اسين ڪيڏو نه دکي ٿيون ٿا، ڪڏهن ڪڏهن ته پرڀوءَ مان وشواس ئي وڃائي ويهون ٿا. اڄ جيڪو ويچار ڪريون ته موت ڇا آهي؟ هڪ هڪ وٽ موت اچڻو آهي، ان ڪري دم دم پرڀوءَ کي ياد ڪريون. ڪالهه اسانجو پيارو ڏيئل مل پرڀوءَ موٽائي ورتو. اسان مان هڪ هڪ اوت موت جي ٽڪيٽ وٺي آيو آهي. هڪ ڏينهن مان هڪ درويش وٽ ويس. مون کي چيائين ستن ڏينهن مان هڪ ڏينهن انهيءَ جو ديهانت ٿيڻو آهي. مان تياري ڪرڻ لڳس ۽ روز پرڀوءَ جي يادگيريءَ ۾ رهيس. ڪنهن مونکي ڪجهه به چيو ٿي ته خيال نٿي ڪيم. انهن روز ڏينهن ڳڻيندي ست ڏينهن گذري ويا. ٺيٺ درويش وٽ ويس. چيائين: ”پالڪ مون توکي چيو ته هفتي جي ڪنهن به هڪ ڏينهن تو وٽ ڪال راجا ايندو. پوءِ سومر يا ٻڌر يا ڪهڙي ڏينهن تو اچي، سا خبر ناهي. هفتي ۾ ته ٿيندا ئي ست ڏينهن آهن. ان ڪري هميشهه تيار رهه.“ منهنجا پيارا! ڪال ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اوس ايندو. اُن جي اچڻ کان اڳ پرلوڪ لاءِ توشو تيار ڪريو. اهو توشو آهي سمرڻ ۽ ستڪرم. پل ڪم ڪاريون، ڏنتا وهنوار ڪريو پر ور ور نام اُچاريو، اندر اُچاريو، دلين ۾ ديا ۽ پريم جا ديپڪ ٻاريو.

١٧ فيبروري سنڌو هائوس ۾ پوڄا. دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ مهاشوراتريءَ جو پوتر ڏينهن آهي. ڀڳوان شنڪر کي ڀولانات به سڏيندا آهن. ڀولانات جلد ئي پرسن ٿئي ٿو، انڪري اڄ ”اوم نمو شوايه“ جو منتر ور ور اُچاريو. ڀولانات کي صدق وچان پڪاريو ته توهانجا دک درد دور ٿيندا.

١٨ فيبروري ڀيڻ انيتا دڌال واسواڻيءَ جي گهر پوڄا. داداجن روح رهاڻ ڪندي، پرڀوءَ جي راهه روشن ڪئي.

١٢ فيبروري دادا جشن پنهنجا سنيها روپ چنداڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته پيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو، پر نام کي نه وساريو! پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ور ور پڪاريو ”جاڳو! جاڳو!“ سنت ولرام به چوي ٿو:

جاڳ جاڳ! من نيند نه ڪريئي اب تو روشن هويا ري!
هيري جيسا جنم امولڪ، ڪوڏيءَ بدلي کويا ري!
ڪهي ولرام ساڌ سنگت ۾ من ميلا ڪيون نه ڌويا ري!

منهنجا پيارا ڀائرو! پياريون ڀينرون! نت نيم ستسنگ ۾ اچو، اچي ميلو من صاف ڪريو. نام جي نديءَ ۾ اچي اشنان ڪريو. من صاف ڪرڻ ته توهان کي من مندر ۾ نئين پرڀوءَ جو درشن ٿيندو.

١٣ فيبروري سنگاپور جي ساڌو واسواڻي سينٽر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شري نوُري گرنٿ جي وچن بعد پوءِ، دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ هن نئين مڪان جي کلڻ جو مهورت ٿئي ٿو. هن نئين مڪان ۾ جهڪر ٻارن جا ڪلاس کوليو، کين پنهنجي ڀارت جي سنسڪرتيءَ کان واقف ڪريو ۽ کين پيون بہ سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايو. توهانجو سچو خزانو اٿوَ توهانجا ٻار. ڪوبه پيڙ ڀاڄ نه رکي دکي دنيا جي شيوا ڪريو. پياري بالڪي جوتي مهرچنداڻيءَ کي ڌنيواد آهي جنهن جي دل ۾ پياس آهي ته هوءَ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام هٿ گهر گهر ۾ پهچائي. داداجن جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ روح رهاڻ ڪئي.

١٦ فيبروري ڀاءُ روپ چنداڻيءَ جي گهر پوءِ دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو:

دس پتولي پاڇي پاوي،
اڪ پست ڪارڻ پکوت گنواوي.

اٿيئي؟ هن جا وار ڏاڙهي ته ناهه. حجام چيو "سائين! مون وٽ اڃا ته ناهيان. ايندا ئي ڪين ته مان ڇا ڪريان؟" تڏهن درويش چيو "پيارا! هو جي غريب ڏُکڙيل ڏسهه سي به پرڀوءَ وٽ وڃن ته انهن جو ڏک دور ٿئي. پرڀوءَ وٽ وڃڻ آهي، اُن جي شرط وٺڻ، صدق سان شرط وٺو.

٢٤ فيبروري شام جو سنگاپور جي ٻهار اسڪول آف يوگا جي هال ۾ داداجن يوگ جي وشيه تي وياکيان ڏيندي چيو ته يوگ معنيٰ ميلاپ. پرڀوءَ سان ميلاپ ئي سچو ميلاپ آهي. اڄ سائنس ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. انسان چنڊ ۽ ٻين گرهن تي وڃي پهتو آهي پر اڃا پاڻ پڇاڻي ڪين سکيو آهي. ان ڪري يوگ جي ضرورت آهي. هڪ دفعي ساڌو واسواڻيءَ کان پڇيائون ته سچو يوگي ڪير آهي؟ ساڌو واسواڻيءَ جواب ڏيندي چيو ته سچو يوگي اهو آهي جنهن دل جي ڪمل ۾ پرڀوءَ جو درشن ڪيو آهي. يوگ اسانکي پرماتما سان ملائي ٿو. يوگ سنڪاري ٿو ته سنسار ۾ رهي سنساري نه ٿيو. يوگ آهي پنهنجي اندر گهڙڻ. اندر گهڙڻ لاءِ من جي ايڪاگرتا ۽ ڌيان جي ضرورت آهي. يوگ ڪيترن ئي قسمن جا آهن پر اسان مان ڪيترن کي سهج يوگ جي ضرورت آهي.

٢٥ فيبروري پوجيه دادا جشن پينانگ ۾ پڌاريا.

٢٦ فيبروري صبوح جو پياري لعل جي گهر ۾ پوجيه داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ شري ٽوڙي گرنٿ مان کهڙو نه سندر وچن نڪتو:

سک جي چاهين نه ڇوڙ انيڪ
دل جي دل ۾ رکي ياد تون ايڪ

دک جو ڪارڻ آهي من جي چنچلتا. من پيو باندر وانگر ٽپ وڙون پائي. انڪري اسين دکي آهيون، بي آرامي آهيون.

٢٠ فيبروري سنڌو هائوس ۾ پوڄ دادا جشن ڪن پريمين جي شنڪائن جو سماڌان ڪيو. هڪ سوال جي جواب ۾ داداجن چيو ته گروءَ کان نانءُ وٺڻ ضروري آهي، پر اُن لاءِ پهرين دل جي صفائي، اوجلتا کپي. جيئن ڪنهن پوري صاف نه ڪيل ٿانوَ ۾ کير وجهبو ته ڦٽي ويندو آهي، تيئن صاف دل ناهي ته گرومنتر جو اثر نه ٿيندو. انڪري دل کي صاف ۽ نرمل رکڻ جو يتن ڪريو.

٢١ فيبروري ٻالڪن ٻالڪين دادل شاهه جي جيون جون ڪي جهلڪون پيش ڪيون. ڪن دادل شاهه جي جيون تي ننڍا ننڍا وياکيان ڏنا. ان موقعي تي دادا جشن سڀني ڪم ڪندڙن کي ڌنيواد ڏني جي دادل شاهه جي جوت جڳائي رهيا آهن. داداجن ننڍڙو اُپديش ڪندي چيو ته پنهنجي ٻارن جي پوري سنڀال لهو. انهن کي سندر وايومنڊل ۾ اُسرڻ ڏيو. ٻار ئي آئيندهه جا ابا آهن.

٢٢ فيبروري پوڄ دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته زندگيءَ ۾ ڪيترائي مشڪلاتون اچن ٿيون انهن کي خوشيءَ سان منهن ڏيو.

٢٣ فيبروري پوڄ پدما گهنشيام جي گهر روح رهاڻ ستسنگ ٿيو. پوڄ داداجن چيو ته هر حال ۾ پريوءَ جي شڪر وٺو. هڪ ستپرک سان هڪ حجام بدتميزي ڪري پيو ويو. رستي ۾ ڪيترائي جهوپڙيون ڏٺائين، ڪيترن کي ڦاٽل ڪپڙا پيل، ڪي ڏڪاريل! حجام درويش کان پڇيو ”اوهين پريوءَ کي دئيالو ڏيا ڪوٺيو، پر هنن جي هڙي حالت ڇو ڪئي اٿس؟“ درويش شانت ۾ رهيو. اڳتي هليا ته ڪي ماڻهو بيٺا هئا، جن کي هڪ پاسي ڏاڙهي لٿل هئي ٻئي پاسي نه، ڪن جا وار هيٺ مٿي ٿيل هئا. درويش حجم کي چيو ته هي ڇا ڪيو

اِڪ گوبند جا گڻ ڳايا.

نماشام جو پنڊت ميران مرليءَ جي گهر داداجن اُپديش ڪندي چيو ته توهان هن شهر ۾ ٿورا ڏينهن رهو ٿا، پاڻ ۾ ايڪمشت ٿي رهو. ايڪتا جي شڪتيءَ ۾ وڪ وڌايو. هڪ ٻئي کي سهڪار ڏيو. سنڌي ٻوليءَ کي نه وساريو. پنهنجن ٻارن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو. اُنهن کي ڀارت جي سنسڪرتيءَ کان واقف ڪريو. راس، حسد ۽ ٻيا ٻرا وچار ڇڏي پاڻ کي نئون بڻايو. نام کي نه وساريو. جيئن وساريو نام تن پت وڃائي پنهنجي.

٢٧ فيبروري داداجن سمبڪاري تي هليا ويا ۽ اُتي روح رهاڻ ڪيائون. نماشام جو ٻيهي داداجن کي پيرن تي وٺي ويا. اُتي داداجن هڪ وڻ هيٺان ٻڪريءَ جي گود ۾ ويٺا. اُن وقت سندن مک مان ڪاويه گنگا پرواهت ٿي.

٢٨ فيبروري صبوح جو داداجن پياري لعل جي گهر روح رهاڻ ڪئي.

٢٨ فيبروري نماشام جو پياري رام واسواڻيءَ جي گهر ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته منهنجا پيارا! پريوءَ کان سدا سدا رحم گهرو، دَيا گهرو.

ستر ڪيو ستار، آئون اُگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻ هار، ڏيئي پاند پناهه جو.

شري ڪرشن پنهنجي ڀاءُ ٻلرام سان نديءَ ڪناري بيٺو هو، ٻلرام کي چوي ٿو، هتان جيڪا هيٺ ٻيڙي وهندي سا ٻڏي ويندي. اُن وقت نديءَ ۾ وڏو ڪو ٿيو ٿو پوي. ٻري کان هڪ ٻيڙي پئي اچي. ٻلرام اُٿي وڃي ملاح کي چيو ته هت ڪن الهيءَ انهنڪري اڳتي نه وڃ. پر ملاح ٻڌي ڪين ٿو. ٻيڙي اڳتي هلائيندين ته ٻڏي ويندي. وري ٻي ٻيڙي پئي آئي. اُن ملاح کي به ٻلرام چتايو، پر اهو ناوڪ ٻه ڪن لاٿار

پرڀوءِ اسانکي ٻه هٿ، ٻه پير، ٻه اکيون ۽ ڪن ڏنا آهن، پر دل هڪ ڏني اٿس. اها دل دلبر سان لڳايو. پنهنجا فرض پالن ڪريو. وهنوار ورتيءَ ۾ پورا رهو، پر دل اندر پيار لاءِ پرڀوءِ لاءِ رکو. رتناڪر ڌاڙو هو، ڪيترا ئي خون ڪري پيسو هٿ ڪيائين. هڪ ڏينهن ڪيترن ئي هڪ سنت جهنگل مان لنگهي ٿو. رتناڪر کيس پڪڙي چوي ٿو ته جيڪي اٿيئي سو ڏي، نه ته ماري ڇڏيندو سانءِ. سنت چيس "مونکي ڪپڙن کان سواءِ ڪجهه ڪين آهي، اهي چاهين ته لاهي ڏيانءِ. پر پيارا! تون ڪنهن جي لاءِ ٿو ڪئا ڪرم ڪري مال ميڙين؟ ڌرمراڄ وٽ حساب ڏيڻو پوندءِ." رتناڪر چوي ٿو ته مان پنهنجي ڪٽنب جي پالنا لاءِ هيءَ ڪرت ڪندو آهيان. سنت چيس ته، "پيارا! ڌرمراڄ وٽ حساب ڏيڻ وقت توکي ڪوئي سنبنڌي مدد ڪين ڪندو. ٻري ڪم جو نتيجو توکي ئي ڀوڳڻو پوندو. تون ڀلي وڃي پنهنجي گهر جي ڀاتين کان پڇي پڪ ڪري اچ." رتناڪر کي اعتبار نٿو اچي. هو سنت کي وڻ سان ٻڌي گهر ۾ اچي ٿو ۽ گهر جي هڪ هڪ ڀاتيءَ کان پڇي ٿو ته "توهان منهنجي ڪيل ٻرن ڪمن جي ڦل ۾ ڀاڱي ڀائي ٿيندا نه؟" سڀ ڀاتي چون ٿا "تنهنجو فرض آهي اسانجي پالنا ڪرڻ، اسين ڇو حساب ڏينداسين." رتناڪر محسوس ڪري ٿو ته مڙئي مٺو مطلب جا آهن، هي واپس وري سنت کي ڇوڙي سندس قدمن تي ڪري سکيا وٺي ٿو. سنت کيس 'رام نام' جو منتر ڏئي ٿو. ڌاڙو رتناڪر رام نام جو سمرڻ ڪندي مهان سنت ٿي پوي ٿو ۽ پوءِ رشي والميڪ جي نالي سان پرسڌ ٿئي ٿو، ڀارت جو آدي ڪوي ٿئي ٿو ۽ ڪيترن ئي سنسڪرت ۾ رامائڻ لکي ٿو. منهنجا پيارا! توهين ٻه هڪ شري رام جي شرڻ وٺو ته توهان جي زندگي ڌنين ٿي پوندي. اڪ پرڀوءِ سان پريت لڳايو ۽

ڌنيواد ڏيندي سندن اتساهه وڌايو. ١١ مارچ داداجن شومندر ۾ روح رهاڻ ڪندي چيو ته روز ننڍيا ننڍيا شيوا جا ڪم ڪريو. ڪنهن ڪتي کي ماني ڏيو يا پاڻي پيئاريو. ڪنهن ڪتي ان جا ڪڻا ڏيو. ڪيترا شخص ڪيلا کائي ڪيلن جون کلون رستي تي ڦٽي ڪندا آهن، انڪري ڪي ڪيلي جي کل سبب ترڪي پوندا آهن ۽ سندن هڏا ڀڄي پوندا آهن. رستي تي ڏسو جيڪڏهن ڪي اهڙيون کلون پيون آهن جنهنڪري ڪي درگهٽنا جو شڪار ٿي سگهن ٿا ته اهي کلون کڻي پاسيرو رکو. اها به هڪ شيوا آهي. ائين ڪرڻ سان توهان ڪنهنکي ترڪڻ کان بچائي وٺو.

١٣ مارچ داداجن پياري ڏيئل مل جي گهر ۾ روح رهاڻ ڪئي. ١٤ مارچ داداجن پياري ڪشنچند ادناڻيءَ جي گهر مٺو اُپديش ڏنو. اُتي هڪ ڀاءُ داداجن کي عرض ڪيو ته توهان لوڪن کي سمجهايو ته ڏيتي ليتيءَ کان پري رهن. ڪيترين نياڻيون ڏيتي ليتيءَ جي چڪتاڻ سبب شادي ڪرڻ کان رهجي ويون آهن.

داداجن چيو ته لوڀ لولو آهي. انڪل ٧٥ سالن کان اها هلچل هلندي پيئي اچي پر مڃي ڪير به نٿو. پٽ مڱائڻ وقت لوڀ ڏايو! جي لوڀ ناهي ته ڪوڙو مان شان! گهوٽ ماءُ چوندي منهنجو شان نه رکيائين ان ڪوڙي شان مان ڪري ڪيترا گهر دکي آهن. جيڪي هلچل هلائن ٿا تن ڏيتي ليتي نه ورتو، سي به پنهنجن پٽن جي شاديءَ ۾ لڪائي وٺن ٿا. منهنجي پوجيه ماتا پرڻ ڪيو هو ته ڏيتي ليتي نه وٺنديس. جڏهن منهنجي ڀاءُ شادي ڪئي تڏهن هڪ پائيءَ جي شيءِ به سهرن کان ڪين ورتائين. سهرن گهڻوئي چيس ته تنهنجي لاءِ خاص پيٽي ناهي آهي اها ته وٺ. مگر اميءَ وٺڻ کان صفا

ڪري اُٿي ويو، اها ٻيڙي ٻه ٻڏي ويئي. وري ٽين ٻيڙي آئي، اُن ٻيڙيءَ جي ملاح کي پڻ ٻلرام چيائو. اُن ملاح چيو ته مان شري ڪرشن کان ديا نه گهران. سندس ڪرپا سان ڪناري پهچي ويندس. اهو ملاح شري ڪرشن کان ديا جي ڀيک وٺندو پار پهچي ويو. سندس ٻيڙيءَ کي لهر نڪي لوڏو! اسين ٻه جيڪر پرڀوءَ کان سندس ڪرپا جي، ديا جي ڀيک وٺون ته آسانيءَ جيون جي ٻيڙي ڀو ساگر جي ڀنور مان پار لنگهي وڃي. ان ڪري پرڀوءَ اڳيان سندس رحم لاءِ ٻاڏايو، ديا لاءِ پڪاريو.

ديا ڪرو ميري داتا، تيرا نام هي چت آوي.

پوڄيه داداجن ته ذهن ڪولمپور ۾ ويا ۽ اُتي پنهنجي اڀوت وچن سان ڀاڳن جي پياس پوري ڪيائون.

٢ مارچ ڀيانڪ ۾ پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سکيا ۾ هن ڳالهه تي زور ڏنل آهي، ته پرڀوءَ کي پيار ڏيو ۽ پيار ۾ وڃي ڏکي دلين، پڪين پسن جي سيوا ڪريو. زندگيءَ ۾ جي مشڪلاتون، ڪشٽ اچن، اُن وقت اُميد نه وڃايو، پر پرڀوءَ ۾ صدق رکي پيار سان اُنهن کي منهن ڏيو. سڀ ٻوجا ۽ ڀار پرڀوءَ جي چرنن ۾ رکون ته پوءِ اسين عجيب چمتڪار ڏسنداسين. ڪجهه وقت سانت ۾ ڌيان ۾ گذاريون. آشاوادي ٿيون ۽ هڪ ٻئي جا مددگار بڻجون.

ڪاري ڪرم جي شروعات ۾ شري شنڪر وينڪٽيشورن داداجن جو سواگت ڪندي چيو ته دادا جشن واسواڻي پيار ۽ ايڪتا جو پيغام کڻي آيو آهي، اهو پيغام هنڊايون.

٩ مارچ پوڄيه دادا جشن جاڪرتا ۾ پڌاريا. هوائي اڏي تي ڪيترن ئي ڀائرن قول مالهائن سان داداجن جو سواگت ڪيو. ١٠ مارچ سنڌي ڀائرن دادل شاهه جي جيون جون جهانڪيون منچ تي پيش ڪيون. داداجن ٻالڪن کي

توهين به، جيڪر انهن ٽن ڳالهين لئي ضابطو رکو. پرڀوءَ کـي
پڪاريو ته اوهان کي انهن ٽنهي ڳالهين کان بچائي.

١٨ مارچ تي صبح، داداجن گانڌي ميموريل اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال وي. رام داداجن جو سواگت ڪيو. پوءِ داداجن وديارٿين کي ڪيترائي سکياداءڪ ڳالهيون ٻڌايون.

٢٠ مارچ تي صبح، داداجن سورت ۾ پڌاريا ۽ پياري ڀڳوان چڪاٽيءَ جي بنگلي ۾ رهيا. رات جو تي صبح، داداجن پروچن ڪندي چيو ته پيارو ڀاءُ ڀڳوان ۽ سندس پتني ديوڪا ڀاڳيوان آهن جو کين سنتن جو سنگ مليو آهي.

سنت ڪا سنگ، وڏ ڀاڳي پائي

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون، ڪنهن نـه ڪنهن سنت ستپرک سان ميلاپ جو ناتو جوڙيو. اهو اوهان کي پرڀوءَ جـي راهه ٻڌائيندو، سچ جـي سکيا ڏيندو. هڪ شاهوڪار کان پڇيائون ته توهان سڀ کان وڌيڪ ڪنهن کي پيار ڪـو ڪريو؟ شاهوڪار چيو ته چاليهه سيڪڙو مان ڌن دولت کي پيار ڪندو آهيان. ٽيهه سيڪڙو منهنجي پتنيءَ کي، پندرهه سيڪڙو پيار پٽن کي ڪندو آهيان. باقي پنج سيڪڙو پيار سنتن کي ڪندو آهيان. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُن شاهوڪار کي هڪ سپنو اچي ٿو. سپني ۾ ڏسي ٿو ته ڪال جا قاصد پيا اچـن. هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي ٿو. ڌن وٽ وڃي ڪانئس پڇي ٿو ته ڪال جا قاصد پيا اچن، توهان مونکي مدد ڪندا؟ ڌن چيس ٿو ”مان ڇا ڪري سگهندس؟ تون جيڪر ڪجهه پئسو دان پنن ۾ سڦل ڪرين ها ته منهنجو ڀلو ٿئي ها.“ وري ڊوڙي وڃي ٿو پتنيءَ وٽ. اها به کيس جواب ڏئي ٿي ته منهنجي ڪائيءَ سان ڌر ٿائين هلندين. وري پٽن وٽ وڃي ٿو. پٽ چون ٿا ”اسين توسان مساڻن ٿائين هلنداسين.“ آخر هي پيارو نراس ٿي سنتن

نابري واري. اڄ اهڙيون تپاڳ واريون پهتيون ۽ پائر ڪپڻ لڏهن ٿي
هيءَ ڪرسم بند ٿيندي.

١٥ مارچ ٻپاري هريش جي نئين مڪان جي مهورت سنبنڌ ۾ اسٽ شري نوري گرنٿ جو اکنڊ پاٺ رکيو ويو. پوڄيه دادا جشن مڪان جو مهورت ڪندي چيو ته ٻپاري ٻرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي هنر ڪم ڪريو ته توهانجا ٻيڙا پار لڳندا.

ڪمارل ڀٽ جو ٻرڀوءَ ۾ ڪيڏو نه وشواس هو. چيائين ”مونکي ٻل جبل تان هيٺ ڪيرايو، ڏسو مونکي ڪجهه نه ٿيندو. ماڻهن کيس جبل تان ڪيرايو، ڪجهه نه ٿيس. صرف پير جي آڱوٺي مان رت نڪتس. ماڻهن پڇيس ته آڱوٺي مان رت ڇو نڪتو. ڪمارل ڀٽ چيو ته شايد مون من ۾ شڪ آندو. ائين نه ڪريان ها! هاڻ ٻيا شڪ نو چوان ته مونکي ڪيرائي ڏسو. هن کي وري ڪيرائين ٿا، کيس ذرو به ايذاءُ نٿو اچي. صدق وارو انسان هو. منهنجا ٻيارا ٻائرو! ٻپارٻون پيروون! اوهين سائين ۾ صدق رکي سندس نام جپيو ته توهان جا دک درد دور ٿيندا.

١٧ مارچ سندو هائوس ۾ سٽسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. جت شري نوري گرنٿ جي پاٺ جو ڀوڳ وڌو ويو. پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته شري نوري گرنٿ ۾ اِڪ وڏو خزانو سمايل آهي. اوهين جيئن جيئن اُن جو ابياس ڪندا ويندا ٿيئن اوهانجي دل جي دري کلندي ويندي. ٻرڀوءَ لاءِ پياس پيدا ٿيندي. توهان مونکي اڄ گيتا اهرت اسٿان ڏيکاريو. گيتا جي سکيا الڳ ٿيائي. گيتا لفظ الٽو اچاريو ته ٿيسي ٻوندو ’ٿياڳي‘. ٿياڳ جي جيون رهو. ٿرشنائن جا قيدي ٿي نه رهو. ڪالهه سوامي ٿيلاشاه جو جنمدن هو. سوامي ٿيلاشاه ڪامڻي، ڪانچن، ڪيرتيءَ کان پري رهيو ۽ اوکن کي به اها سکيا ڏنائين.

ڪين، صرف هوُ ٻـه ڏانهن نهاريندو. تيئن تون ٻـه سنساري پدارٿن ڏانهن ڪين نهارج. هڪ پريوءَ ڏانهن نهارج. اُن جو ڌيان ڪندين ته سکي ٿيندين. اُن الک جي اوٽ وٺندين ته ٻيڙو ٻنهيجو تون تاريندين." منهنجا پيارا ٻائرو، پيارئون ڀيڻئرون، اوهين به جيڪر ائين ڪريو.

هئو تنهن حبيب کي، لڳ گڏجن لوڪ.

٢٧ مارچ صبوح جو پوڄيه داداجن پياري ڀڳوان جي گهر روح رهاڻ ڪئي. نماشام جو سنڌو هائوس ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀڳوان پياري نارائڻداس دادا جشن جي شڪرادائي ڪئي. پوڄيه داداجن واکيان ڪندي چيو ته توهان داس کي ڪيڏو نه قرب ۽ پيار ڏنو آهي، ان لاءِ مان توهانجو هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو پيغام ڪٿي هيٺ هٿ وڃان ٿو. پياري دادا جي سکيا اِنو ٻن اکرن ۾ "سموڻ ۽ سهوا". ان سکيا جي جيڪر پنهنجي جيون ۾ سائـي ڏيو ته توهانجي سنساري ياترا سڦل ٿئي. هڪ سنت اچي ٻيٽ تي ديرو ڪيو. لوڪن کي خبر پوي ٿي، پوءِ روز هن وٽ اچڻ لڳا، ستسنگ ٿئي ٿو. هڪ ٻالڪي مترا جو ستسنگ سان نيهن لڳي ٿو. هن ٻالڪيءَ جو پيار سنت سان ٻڌجي وڃي ٿو. پيار ڇڪي ٿو پيار کي. ڪجهه وقت کان پوءِ هن جا مائٽ ٻئي شهر وڃڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. مترا کي به ساڻن گڏ وڃڻ جي تياري ڪرڻي پوي ٿي. اُهو سنت کين چوي ٿو ته توهين جيڪر نه وڃو، پر هو نٿا مڃين. هوُ ٻئي شهر ڏانهن پاڻيءَ جي جهاز ۾ وڃن ٿا. رستي تي طوفان لڳي ٿو. جهاز ٽڪرا ٿي وڃي ٿو. جهاز ۾ چڙهيل ماڻهو ٻڏي وڃن ٿا. مترا جو ماتا پتا به ٻڏي وڃي ٿو پر مترا هڪ تختي کي جهلي پئي تري. قادر جي قدرت نياري. هيڏانهن هي سنت به لوڪن کي چوي ٿو ته "هاڻ منهنجي وڃڻ جو وقت آيو آهي، مان وڃان ٿو."

وٽ اچي ٿو. سنت سائينءَ ڏسندي کيس چون ٿا "اسين تنهنجا سهائڪ ٿينداسين. تون هينئر کان ئي نام اچار، پرڀوءَ لاءِ پيار ڌار." شاهوڪار جي اکه کلي ٿي. پوءِ کيئن نه سندس جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو. وڃي سنتن جي شرڻ وٺي ٿو ۽ چوي ٿو ته پهريون وڏو حصو پنهنجي پيار جو سنتن کي ڏيندس. سنت کيس نام دوارا نئون بڻائين ٿا. سچا سنت اسانجي من جي مل وکيپ کي دور ڪن ٿا. من نرمل ٿئي ٿو. مکه اوجل ٿئي ٿو. شري گرو ارجن ديوجن فرمائن ٿا:

ساڌ ڪيءِ سنگهه، مکه اوجل هوت،
ساڌ ڪيءِ سنگهه، مل سگلي کوت.

۲۱ مارچ سوريا ۾ داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته، جنڪي ٻڌجي اچي سو صبر ۽ شڪر ۾ پرڀوءَ جي سوغات سمجهي قبول ڪريو.

نڪي روءُ نڪي رڙ، نڪي هنجون هار،
جهڙا اچني ڏينهڙا، تهڙا وڃي گهار.

هر حال ۾ راضي رهو ته توهانجي جيون آنندمه ٿي پوندي. ڪنهنڪ ڪرڪڻ سان حالتون بدلجي ڪين وينديون. وينتر توهين وڌيڪ دکه محسوس ڪندا. ان ڪري جنڪي ٿئي، سا واهه. واهه. ڪري سويڪار ڪريو.

حيدرآباد ۾ هڪ درويش آيو. مان وٽس ويس. مون کيس وينتي ڪئي ته ڪا سکيا ڏيو. ان درويش چيو "پيارا! ڪتو نه ٿجانءِ پر هميشه شير ٿي رهجانءِ." مون ان جي معنيٰ ڪين سمجهي. وري درويش کي عرض ڪيم ته ان جو مطلب سمجهايو. درويش چيو "پيارا! تون ڪتي ڏانهن ڪجهه به اڇلائيندين ته ڪتو ان شيءِ پٺيان ڊوڙندو ته اها شيءِ ڪٿان. پر شينهن ڏانهن ڪجهه به اڇلائيندين ته هو ان ڏانهن نهاريندو به.

ڏاڍيون وڻنديون آهن. مان سڄو وقت پيو سمنڊ جو ديدار ڪندس. مون پنهنجي ماتا کي چيو. پاپيءَ چيو ائين ڪيئن ٿيندو؟ تون پڙهڻ ۾ هيڏو هوشيار!" مان ڏاڍو اُداس ٿيس. ٻه ڏينهن پوءِ مون کي پٽي پڪاريم ۽ پورو کاڌو به نه کاڌم. نيٺ منهنجي ماتا چيو "جشن، پياري دادا کي لکي ٿا موڪليون. پوءِ دادا جيڪي فيصلو ڪيو، سو تون مڃج ۽ مان به مڃينديس." مون قبول ڪيو. پاپيءَ داداجن کي خط لکيو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جواب لکيو "پيارا جشن، تون خلاصي ٿيڻ ٿو چاهين، پر ائين نه ڪر. مان توکي تمام وڏو شاهي جهاز وٺي ڏيندس، تون اُن جو خلاصي ٿج." پياري دادا جو خط مون چشمن تي رکي سندن آگيا قبول ڪئي.

پرڀو جيڪي ڪري ٿو، اُن ۾ اسانجي چڱائي آهي.

٢٩ مارچ پوڄيه داداجن ائمپسبر اسڪول جي وديارٿين کي ڪيترائون ئي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون ۽ منجهند جو پياري موهن جي گهر روح رهاڻ ڪئي.

٢٩ مارچ شام جو پوڄيه داداجن جاڪرتا ۾ پڌاريا. ٣٠ مارچ صبوح جو پوڄيه داداجن گانڌي ميموريل انٽرنيشنل اسڪول ۾ ساڌو واسواڻي سينٽر جي ٻالڪن ٻالڪين سان مليا. پرنسپال وي. رام ٻڌايو ته ڪيئن نه هيت هر ڇنڇر تي سنڌي ٻارن کي ٻارنهن سنسڪرتيءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو گيان ڏنو وڃي ٿو. ساڌو واسواڻيءَ جون سکيائون ڏنيون وڃن ٿيون. پوڄيه دادا جشن ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي رامائڻ جون ڪيترائون سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون.

جاڪرتا ۾ پاءِ شنڪر گوپ سامتاڻي سوامي ٽيئونرام آستان برپا ڪيو آهي، جت روز ستسنگ جي جوت جڳائين ٿا. سندن ماتا ڪرشنا ديوي به سنتن جي صدقياڻي آهي. نماشام جو داداجن ان آستان تي پڌاريا. داداجن ٻهران سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي

لوڪ ڏاڍو روئن ٿا. هي سنت ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ويو. لوڪ ٻيڙي ڏانهن پيا نهارين، مٿرا لڏندي ٿي ٽرندي ڪئين نه، اُن ٻيڙيءَ وٽ پهچي ٿي. ٻيڙيءَ کي پڪڙي، سنت کي ڏسي ڪيڏو نه پرسن ٿئي ٿي. سنت به ڪيس آسيس ڏيندي چوي ٿو "هاڻ مان وڃان ٿو پنهنجي ڌام، سڪڌام." لوڪ هن کان پيغام پڇن ٿا. سنت لوڪن کي چوي ٿو "سچ ۽ پريم ۾ هلجو. پريم ۾ پنهنجو ڪم ڪار ڪجو ۽ هڪ ٻئي جا مددگار ٿجو." منهنجا پيارا پائرو ۽ ڀينرون، مان به اڄ اوهان وٽ اهو پيغام ڇڏي ٿو وڃان. سچ ۽ پريم جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏجو ڪم ڪارون ڪندي پرڀوءَ کي نه وسارجو. دکين دريدرن، پکين پسن جي سيوا ڪجو. دنيا جو ڌن وڏائي ڪجهه سنگ نه هلندو. انڪري نام جي ڪمائي ڪريو. نام پدارت گڏ ڪريو جو هت هت اوهانجو سنگي آهه."

٢٨ مارچ پوڄيه دادا جشن باندونگ ۾ پڌاريا. نماشام جو پوڄيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته رب جي رضا ۾ راضي رهو. پرڀو جيڪي ڪري ٿو، اُن ۾ اسانجو ڀلو آهي. هن کي جاڻ آهي ته اسان لاءِ ڇا چڱو آهي. جيڪي ڪري ٿو، اُن ۾ راضي رهون. پرڀوءَ مان ڪڏهن به وشواس نه وڃايون. هڪ بس ڪنڊڪٽر هو. وڏي ڌنڌو ڪمائيندو. اُن مان هوُ ڌنوان ٿي پيو. روز راس جو پرارٿنا ڪندو هو ۽ مالڪ کان مهر مڱندو هو. پوءِ ڪنڊڪٽر جا ڪپڙا پهري چوندو هو ته "لون هيءَ هٿين. پرڀوءَ جي ڪرپا لوڪي هنڌي اوچ تي رسايو آهي. انڪري مٿان مالڪ کي وساريان"

مان شاگرد هوس. منهنجو هڪ دوست پڙهڻ ۾ هوشيار نه هو، ان هن وڃي خلاصيءَ جو ڪورس ڪيو. مون چيو ته مان به چونه اهو ڪورس ڪيان. چاڪاڻ ته مونکي سمبت جون لهرون

چوٿين دروازي کان دان ڪندو هو. هڪ ڏينهن، هڪ شخص، ڪيس آزمائڻ لاءِ ڇهين دروازي کان دان وٺڻ ويو. ٻئي ڏينهن اهو شخص اُن داني پرش وٽ ويو ۽ چيائينس ته ڪالهه مان ڇهين دروازي تان دان وٺي ويس. تو ڏٺو به ڪين ته ساڳيو ماڻهو پيو ور ور دان وٺي. اُن دانوير وراڻيو ته مونکي گروءَ سکيا ڏني آهه ته دان ڪر اهڙيءَ طرح، جو ساڄو هٿ ڏئي ته ڏائي هٿ کي خبر نه پوي. وري ڏائو هٿ ڪري ته ساڄي هٿ کي خبر نه پوي. مان وٺندڙن جي منهن ڏي نهاريندو آهيان، منهن ڏي نه.

اهڙا داني پرش به پيا اٿو. پياري دادل شاهه جي سکيا هڪ لفظ ۾ اٿو: ڏيو، ڏيو، ڏيندا رهو.

وياکيان بعد داداجن ٻڌڻ سان پيار ۾ مليو ۽ کين کاڌو ۽ ڪپڙو ڏنائين.

۲ اپريل دادا جشن جاڪرتا جي پريمين کان موڪلائي سينگاپور ۾ پڌاريا. اُن ڏينهن سانجهيءَ جو ستسنگ ڀاري رجو پگوان جي گهر ٿيو. ۳ اپريل چندرو ٻتراڻيءَ جي گهر ۽ ۴ اپريل روپي ڇگاڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته سنت ڪبير چوي ٿو:

گهونگهٽ کي پٽ کول ري، تو کو پيو ملينگي،
گهٽ گهٽ ۾ وو سائين رمتا، ڪٽڪ وچن مت بول ري.

پيارا، اگيان جو پڙدو پري ڪريو. هر جيوَ ۾ اهو مالڪ موجود آهه. ان ڪري سڀ سان مٺو ڳالهايو ته توهان کي پريوءَ جو درشن ٿيندو. ڪاوڙ نه ڪريو. غم کائو ۽ ڪم کائو ته توهانجي جيون لئين آئي پوندي.

۴ اپريل شام جو داداجن هانگ ڪانگ ۾ پڌاريا. ۵ اپريل شري ايشا جي يادگيريءَ جو ڏينهن هو. داداجن سندس جيون

ٻشپانجلي ڏيندي سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو ذڪر ڪيو. داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ رام نومي جو پوتر ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن شري رام سڪتام پرڀُ جا پيرا ٻـري ايوڌيا ۾ اوتار ورتو آهو. اُن وقت سنڪٽ جو سمو هو. رشي منيءَ ڪشٽ ۾ هئا. انهن جي درد ڀري پڪار ٻڌي هي شڪتيءَ جو اوتار آيو ۽ اچي اتياچارين جو انت آڻيائين ۽ رام راڄ اسٿاپن ڪيائين. اهڙي پرڀو رام جي اسين بہ شرڻ وٺون تہ اسان جا ڪشٽ ڪليش بہ ڪٽيندو.

۳۱ مارچ انڊونيشيا هوٽل ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ ويا کيان ڏنو.
۱ اپريل گانڌي ميموريل هال ۾ آخرين ستسنگ ٿيو. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ مانک جنم جو قدر سڃاڻو. ٻلي دنيا ۾ رهي پنهنجا پنهنجا فرض پاليو، پر پرڀوءَ کي نہ وساريو. نفعي نقصان ۾ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃيون.

۱ اپريل داداجشن پورنما گروپ کي ملڻ لاءِ ڀيڻ ديوي گوپالداس جي گهر ۾ پڌاريا. ڀيڻ داداجن جو هارڊڪ ابيندن ڪيو. اُت نام ڪيرتن ٿيو. ڀيڻ اُت ٻڍڙن جي سيوا جو ڪارڄ ڪري رکيو هو. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ پورنما گروپ سانتيڪي طرح سيوا ڪري رهي آهي، تنهن لئہ ڌنيواد. پيارو دادا سادو واسواڻي اڪ ڏينهن ٻاغ ۾ ويٺو هو. چيائين ڏسو ٻشپ پيا سڳنڌ پکيڙين. سورج ڏيوتا ڪيئن نہ سانتيڪي نموني پنهنجي روشني پيو پکيڙي، ٿيئن اوهين بہ ڪنهن بہ ڦڙ ڦڙ کان سواءِ سيوا ڪندا رهو.

هڪ ڏنوان داناور هو. هن پنهنجي گهر کي چار دروازا رکايا ۽ چيائين تہ جڏهن کي دان کپي سو وٺي وڃي. هي پيارو صبوح جو هڪ دروازي کان دان ڏيندو هو تہ منجهند جو ٻئي دروازي کان، سانجهيءَ جو ٽئين دروازي کان ۽ رات جو وري

چيو ڪجهي. هڪ ڏينهن هڪ سنت وٽ آئي ۽ چيائين "منهنجو مرد مونکي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو ۽ ماري ٿو." سنت چيس ته هڪ شيشو پاڻيءَ جو ڀري اچ. پوءِ سنت کيس چيو "تنهنجو مرد جڏهن وقت توکي گهٽ وڌ ڳالهائي، اُن وقت تون هي پاڻيءَ جو شيشو منهن ۾ وجهي جهلجانءِ. واد وواد نه ڪجانءِ." سنت سمجهيو ته جي هيءَ ڏينهن ڪجهه نه ڳالهائيندي ته مرد هرو ڀرو ڇو ماريندو.

منهنجا پيارا، انڪري گهٽ ڳالهايو ۽ جا ڳالهه ضروري هجي سا ڳالهايو. گهٽ کائو. گهڻي کائڻ سبب منش آلسي بڻجي ٿو. پوءِ سمورو ڏينهن چت نه ٿو لڳي. گهٽ کائڻ سبب صحت به سٺي رهي ٿي. انهن ٻن ساڌنن سان گڏ ننڊ به گهٽ ڪريو. گهڻي ننڊ سست ۽ آٽاسو بڻائي ٿي. ڏسو ڀڳوءَ جا پيارا ڪيئن نه جاڳي جاڳي رام رجهائين ٿا. گهڻي ننڊ سبب ڪيترا اموليه سواس ويرٿ وڃن ٿا. انڪري اڄ جي سکيا اٿوَ ته الپ ماڳ ۽ هلي روحاني راهه ۾ وک اڳتي وڌايو، مانو جيون سڦل بڻايو.

٩ اپريل صبوح جو هندو مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته ٻار توهانجو خزانو آهن. گهر ۾ ٻارن جي چڱيءَ ريت سنڀال ڪريو. اڳي ماتائون ٻارن کي رات جو سٺيون آکاڻيون ٻڌائينديون هيون. ماتائون ٻارن جو چرتر ٺاهي سگهن ٿيون. ابراهيم لنڪن چيو ته منهنجي ماتا منهنجي جيون ٺاهي. شواجي مهاراج جي جيون سندس ماتا ٺاهي. شواجي مغلن سان هڪ جنگ ۾ کٽي اچي ٿو. سندس سپهه سالار اپاجي مغلن جي هڪ سهڻي ٻالڪي شواجي مهاراج وٽ وٺي اچي ٿو. ڇوڪري ڀڏي ڪنبي ته هاڻ الائي ڇا ٿيندو! منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي! چوي ٿي "ڏاڏي، تو مونکي اهڙو سهڻو ڇو بڻايو؟" شواجي اُن وقت نذمت ٽان لهي

تي روشني وڌي. ٦ اپريل پنهنجي ڪشمڪش جي گهڙي روح رهاڻ
ڪئي. ٧ اپريل 'هاليبڊي لان' ڪولن ۾ سٽسنگ جو آيوجن ڪيو
ويو. شري هري ليلا ۽ شري ڪي. سيٺي، دادا جشن جو سواگت
ڪيو. دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته جيڪڏهن روحاني راهه
۾ وڌڻ لاءِ وڌائڻ چاهيو ٿا ته هي ٽي ساڌن اپنايو: الپ ڀوڄڻ،
الپ ڳالهائڻ، الپ ننڊرا. ڳالهائڻ تي ضابطو رکو. اسين ڪيترو نه
اجايو سجايو ڳالهايون ٿا. اندازو ڪيو اٿن ته هڪ ڏينهن ۾ اسين
ٽيهه هزار اکر ڳالهايون ٿا. اکرن ڳالهائڻ ۾ اسين ڪروڙ پتي آهيون،
باقي عمل ڪرڻ ۾ ڪنجوس. سائين ڊاڪٽر روچلداس جي
ڪمري ۾ هڪ پٽي ٽنگيل هوندي هئي. جنهن تي لکيل هوندو
هو "جهوا روڪو، ديه لڳائو". زبان سان گهڻو نه ڳالهايو. سنگرن
سان، پريوءَ سان ديه لڳايو. ارداس انهن جو ڌيان ڪريو. انهن
جي نهار ۾ پنهنجون اکڙيون ڪپايو.

سقراط وٽ هڪ ماڻهو ڊوڙندو آيو ۽ چيائين "سائين ڳالهه
ٻڌو." سقراط پڇيس "ڳالهه سچي آهه؟ تو ٻڌي آهه؟" ماڻهوءَ
چيو "نه، ٻئي ماڻهوءَ کان ٻڌم." وري سقراط ٻيو سوال پڇيس
ته "ڀلا، جيڪا ڳالهه ڪرين ٿو، سا ڪمائتي آهه؟" ماڻهوءَ چيو
"نه." ٽيون سوال سقراط پڇيس ته "ان ڳالهه ۾ مٺاج آهي؟"
ان شخص وراڻيو "نه." سقراط پڇيس تـه "اها ڳالهه ڪو ٻڌندو
ته ان کي ڏک رسندو؟" ان شخص چيو "ها." سقراط چيو "پوءِ
اها ڳالهه مان ڇو ٻڌان؟" منهنجا پيارا ڀائرو، پيارا ڀيڻرون،
اسين پنهنجو ڪيترو نه قيمتي وقت ۽ شڪتي اجاين ڳالهين
ٻڌڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڃايون ٿا. اهو سمو جيڪر سٽڪرمن ۾ سڦل
ڪريون. پياري دادا وٽ هڪ مائي ڊوڙندي آئي. چيائين ته
فلاڻي پٽ کي الٽيءَ ۾ ڪاڻ آيو. پياري دادا دريافت ڪئي
ته خبر پئي ته ان پٽ کي. ڪاري الٽي آئي هئي. اجايو وڌاءُ

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون، سندم جو سون کڻو ڪريو. هي سون چاندي جواهر ڪنهن نه ڪم جا. اهو پدارٿ کڻو ڪريو جو اوهانکي انت ويلي ڪم اچي.

۱۲ اپريل شام جو پنڊت ڪشمي گلاب جي گهر پوڄا، داداجن ڪيترن پريمين کي سندن پڇيل سوالن جا جواب ڏنا.

۱۳ اپريل آئلنڊ اسڪول جي هال ۾ پوڄا، داداجن شريمد ڀڳوت گيتا جي سکيائن تي وياکيان ڏيندي چيو ته گيتا ڪرم ڀڳتي ۽ گيان جي ترويڻي آهي. روز بروز جي زندگيءَ ۾ گيتا جي سکيا عمل ۾ آڻيو. گيتا اسانجو سچو مارگ درشن ڪري ٿي. گيتا سيکاري ٿي ته آتم سوروپ کي سڃاڻو. هن ڪرم ڀوميءَ ۾ اچي ستڪرم ڪريو. هڪ ٻئي جي ڪم اچو.

۱۴ اپريل پنڊت نيما پرڪاش جي گهر روح رهاڻ ڪندي پوڄا، داداجن چيو ته اڄ پياري ڀاڀيءَ جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. داس تي سندس ڪيترو نه اپڪار. ڪيئن نه اسانجي سنڀال لهندي هئي. اسان ڀائرن ڀينرن ۾ سٺا سنسڪار وجهندي هئي. شل سندس آسيس داس تي ٿيندي رهي.

۱۵ اپريل داداجن اپديش ڪندي چيو ته اڄ سنت ولڀ آچاريه جي جنم جو ڏينهن آهي. اڳي لوڪ ٻـل چاڙهيندا هئا. ولڀاچارين گگدامن کي ماري چوندا هئا ته ٻل چاڙهڻ آهي، وڏو يڳيه ڪرڻ. پيارو دادا سادو واسواڻي چوندو هو ته سچو يڳيه، الو ديا جو يڳيه.

جيو ديا جي جوت جڳايو

انڪري هنسا جي ڪاتي ڪان سدائين پري رهو. اهي ٻڪرا ٻڪريون، ڪڪڙ ڪڪڙيون الو پکيءَ جي گونگي گگدام سنتان. جيڪڏهن پرڀوءَ کي پرسن ڪرڻ چاهيو ٿا ته انهن گگدامن کي مارائي هنسڪ ڪاتي نه ڪائو. دلين ۾ ديا جا ديپڪ ٻاريو.

هن ٻالڪيءَ جي مٿي تي هٿ رکي، دلجاءِ ڏيندي چوي ٿو "تون ٻچ نه، توکي هاڻي اُن تنهنجي مائٽن کي سپرد ڪيو وڃي ٿو." شواجي مهاراج پنهنجي سپه سالار کي تنبيهه ڪندي آگيا ڪئي ته هڪدم هن ڪڪيءَ کي باعزت مائٽن وٽ پهچائي اچ. شواجي مهاراج اُن ٻالڪيءَ کي سوکڙيون پڻ ڏئي ٿو. توهين به پنهنجن ٻالڪن کي پوترتا جو آدرش سيکاريو. روز به روز ڪجهه وقت بچائي پرڀوءَ کي ياد ڪريو. پرڀوءَ کي ياد ڪندءَ ته پرڀو توهان تي دَيا ڪندو.

١٩ اپريل نماشام جو داداجن انگريزيءَ ۾ "تون ڪو ناهين اڪيلو" وشيه تي وياکيان ڪندي چيو ته اوهين پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه سمجهو. پرڀو توهان سان سدائين ساڻ آهي. انڪري ڀؤ نه ڪريو، پر پاپ ڪرم جو ڀؤ پلي ڌاريو. موت جو ڀؤ رکو، جيئن ڪ راهه تي هلڻ کان بچو. پرڀوءَ کي پرم سان پڪاريندا ته پرڀو توهان کان پري ڪين آهي، انگ سنگ سهاءِ آهي.

١٢ اپريل صبوح جو پنڻ شويا مصبوباٽيءَ جي گهر پوڄه، داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته مانش جنم جو قدر ڪريو. پنهنجي امولهه جيون دنيوي پدارٿن گڏ ڪرڻ ۾ برباد نه ڪريو. اهڙي ڪمائي ڪريو جا ساڻ کڻي سگهو. هڪ هڪ لمحو ڪال جو گهٽ وجهو آهي. هڪ جهاز سون ماڻهو کڻي ولايت پئي ويو. رستي تي اچي طوفان لڳو ۽ جهاز ٻڏڻ لڳو. جهاز جي ڪپتان سڀني کي چتاءُ ڏنو ۽ جيڪي بچائڻ جون ٻيڙيون هيون سي لاٿيون ويون. سڀن جا نالا لکيا ويا. جن جا پڪا نڪتا تن کي ٻيڙين ۾ لاتو ويو. هڪ لکپتي جنهن کي پاڻ سان ڏاڍو سون هو، هڪ هڪ کي پيو سون آڇي ته هي سون وٺ ۽ مون کي ٻيڙيءَ ۾ جاءِ ڏي. ڪير نه پيو وٺيس. هرڪو چوي پيو ته سون جا ڪندس. سون سوڌو ٻڏي ويندس.

گروجن کيس پنهنجي نيڻهن ۽ نماڻائيءَ واري نگاهه سان نهال ڪن ٿا. منهنجا پيارا ڀائرو، ڀاڳوارن ڀيرون. جي روحاني راهه ۾ وڌڻ چاهيو ٿا ته، سدا سدا نماڻا ٿيو. خاڪ ٿيو، پاڪ ٿيو.

١٨ اپريل صبوح ٿائين ٻوجهه دادا جشن هانگ ڪانگ ۾ جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪري سڀن پياسي دلين جي پياس پوري ڪئي. آخرين ٻوچن ۾ داداجن سنگت کي چيو ته ٻين جا ڏوهه نه وساريو. پنهنجي اندر جهاتي پايو. نام ڳايو، نام ڌيايو. مانش جيون سڦل بڻايو. وري ٢٩ اپريل اوهان ڀائرن جو اچي درشن ڪندس.

١٨ اپريل منجهند جو داداجن ٿائوان ۾ پڌاريا. اتي پياري ارجن درياڻيءَ جي گهر ۾ داداجن اپديش ڏنو. ١٩ اپريل داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته وهنوار سان گڏ پراپڪار جا ڪم ڪريو. خبر ناهي ڪال ڪڏهن تو اچي ڪڙڪي! انڪري ٿوشو تيار ڪريو. ٢٠ اپريل ٻوجهه داداجن پٽ مندر ۾ ويا.

٢١ اپريل ٻوجهه داداجن منيلا ۾ پڌاريا. اتي پياڻ ڪشو ۽ پيڻ ڪلان هفتيوار ستسنگ آرنڀ ڪيو هو. اتي پراڻا هال ۾ ٻوجهه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته سچ جي راهه ۾ هلو. ڪاوڙ نه ڪريو. پريوءَ کي پيار ڪريو ۽ هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو. هڪ فرشتو هڪ درويش کي ترڪ سوڳ جو درشن ڪرائڻ وٺي ويو. ڀوران ترڪ ۾ ويو. ڏٺائين اتي جا ماڻهو ڏاڍا پتلا آهن، ڪمزور آهن. سندن اڳيان مال مليدا ۽ جام رکيا آهن، پر ڪائي نٿا سگهن. ڇو ته سندن ٻانهون سڌيون هيون، جي مڙي نه ٿي سگهيون. جيڪي ڪٺي وات ۾ وجهڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائون نه وجهي نٿي سگهيا. ان ڪري وچارا بکيا بکيا رهيا ٿي. سوڳ ۾ ويو ته اتي به لوڪ ساڳيا هئا، پر اهي ڏاڍا سگهارا ٿيٽي لڳا. ٿـن جون ٻانهون به ساڳيءَ طرح هيون، پر انهن ڪاٺ کٽي

ديا نـي ڌرم جو بنياد آهي. سچو ڌرم اٿؤ ديا ۽ پريم. انهن ڳالهين جي ساکي ڏيو.

١٦ اپريل آئلمب اسڪول ۾ پوڄيه داداڄن اُپديش ڪندي چيو ته جيئن هن هال ۾ گهڙيس ته مون هن گيت جا اکر پڙهيا:

هن ٻي بقا جي باغ ۾، دوست دلبر مون مليو،
جنهن جا پور رهيا ثابت ثمار، بخت منهنجو آهه کليو.

هيءَ دنيا هڪ ٻي بقا جو باغ آهي. نه رهيو، نه ڪو رهندو. سڀ راهي آهيون. سياڻو سو آهي، جنهن کي گرو مليو آهي. پڻ سڀي پدارٿ، ليڪن ڪروڙن ۾ بخت ڪونهي. پر سياڻو سو، جنهنکي گرو همت ڪان وٺي پرڀوءَ سان ملائي ٿو. سچا گرو ڏاڍا ٿورا آهن. سچو گرو ڪامني ڪنچن کان پري آهي. هو سد سد نماڻو، نمرتا وارو آهي. لوڪ پيا ٺڳن ٿي وڃن، پر سچو نمرت ته اٿؤ گروءَ جا چرن. گروءَ جي چرنن جي ڌوڙ مڱو.

چرن ساڌ کي ڌوءِ ڌوءِ پيءُ،
ارپ ساڌ کو اپنا جيءُ.

شري گرونانڪ ديو جن ڪيڏا نه نماڻا هئا. هڪ ڏينهن ڪڙميءَ جي ويس ۾ ٻنيءَ جي سنڀال پيا ڪن. هڪ شاهوڪار جنهن گروجن جو درشن ڪرڻ ڪيو هو. اُن اچي هنن کان پڇيو ته گروجن جو استان ڪٿ آهي؟ گروجن نماڻن ماڻ، اُن شاهوڪار جي گهوڙي جو لغام جهلي اڳتي هلڻ لڳا. کيس آستان ڏيکاري پاڻ اندر هليا ويا. نماشام جو ستسنگ شروع ٿيو. هي شاهوڪار به اچي سنگت ۾ ويهي ٿو. ڏسي ٿو ته صبح وارو ڪڙمي ڪرڻ نه اچي ستسنگ ڪري ٿو. سنگت کيس پرڻام ڪري ٿي. شاهوڪار عجب ۾ پوي ٿو ۽ چوي ٿو ته مون جا ڪيو! مون پاڻ گروجن کي چيو ته گهر ڏيکار! مون ڪيڏي نه بي ادبي ڪئي! گروجن جي ڪمل قدمن تي ڪري پوي ٿو.

فقط پنهنجي لاءِ روئون ٿا، فقط پاڻ کائون ٿا. اڄ کان وٺي جيڪر توهين ٻ. پنهنجو کاڌو ڪنهن نه ڪنهن سان ونڊي ورهائي کائو.

هڪ ڏينهن اُن فقير کان پڇيائون ته، تنهنجي اکڙين مان نوراني نُور پيو جهلڪي. ابتداء توکي درشن ڪيئن مليو. فقير چوي ٿو ته هڪ ڏينهن ٻڪريا وٺي موٽيو آهيان ۽ ماني رڌي تيار ڪيم. پوءِ پريوءَ کي پڪاريم "منهنجا پريتم، تون ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ آءُ، اچي کاڌو کاءُ." اُن وقت هڪ ماڻهو اچي ٿو. ڪوڙهيو آهي. سندس ڪن مان، منهن مان، لڱن مان روڳ ۽ رت پيو وهي. سندس حالت گنڀير آهي. مان هن کي چوان ٿو "اچ، منهنجا پيارا. تنهنجا ڦٽ صاف ڪريان. پوءِ تون ڀوڄن کاءُ." مان صدق سان اُن جي ڦٽن جي صفائي ڪريان ٿو. کيس کاڌو کارايان ٿو. جل پيارايان ٿو. پوءِ کاڌي ۾ اُن روڳيءَ جي روڳ ۽ رت جا ٽيپا ڪرن ٿا. اتين اهو ڪوڙهه وارو شخص غائب ٿي وڃي ٿو. مان جيئن پهل ڀوڄن ڀرسان روپ ۾ کاوان ٿو، تيئن مون ۾ ڦيرو اچي وڃي ٿو ۽ وڏو پڪاريان ٿو "منهنجا پريتم، تون ڪيڏانهن هليو وئين!" اُن وقت اُن فقير تي مستي طاري ٿي وئي. رڳڙي لعل ٿي پوي ٿو.

اها آهي سچي مستي. سچي مستي اها ڪين آهي ته اکيون پوري پدم آسڻ لڳائي ويهان. سچي مستي آهي ته مان لوڪن جي سيوا ڪريان. جيون جي جنگي ميدان تي ٻيهي هڪ هڪ ۾ محبوب جو مکڙو ڏسان.

٢٥ اپريل صبوح جو ڪشو ڪلان جي گهر پوڄيه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ پياري شانتيءَ جو جنم ڏينهن آهي. سندس نصيب نرالو هو جو ننڍپڻ ۾ ئي کيس پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو سنگ مليو. کيس روحاني رنگ لڳو. ڪيئن نه هن پياريءَ پنهنجي سمست جيون پياري دادا جي چرنن ۾

هڪ ٻئي جي واٽ ۾ ٿي وڌو. انڪري هو ڪاڌو ڪائي نه سگهيا. توهين ته جيڪر ائين هڪ ٻئي جي شيوا ڪريو. شام جو گرئنڊ هوٽل ۾ پوڄيه دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو.

٢٢ اپريل آرتوار ڏينهن منيلا جي سنڌي گرمندر ۾ سٽسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شروع ۾ شري ارجنداس گرناڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي دادا جن پروچن ڪندي چيو ته خوشي اٿم جو اوهين هن مندر ۾ اچي پرڀوءَ جا گڻ ڳايو ٿا. پرڀوءَ لاءِ وڌيڪ پياس پيدا ڪريو. سائينءَ ۾ صدق رکو. دکي دريدر، پکي پسون به پرڀوءَ جي اولاد آهن. اُنهن جي شيوا ڪريو، سک ۽ صدق وچان.

هڪ فقير هو. عجيب انسان هو. پني ڪائيندو هو. اَن، سيڌو، دال، ڀاڄي پني ايندو هو. چوندو هو ته مونکي هڪ واسطي نه ڏيو، ان واسطي ڏيو. پنهنجي هٿن سان ڪاڌو رڌي تيار ڪندو هو. چوندو هو ته ٻهران ڪنهن انڌيءَ کي، ڪنهن پرڀوءَ جي روپ کي کارائي، پوءِ مان ڪائيندس. پيارو دادا ساڌو واسواڻي ۽ ڪيترو وقت ائين ڪندو هو. ماني سندس اڳيان ايندي هئي ته چوندو هو، اها مونکي ڏيو ته ٻهران ڪنهن نه ڪنهن غريب کي ڏئي اچان، پوءِ ڪائيندس. اڄ ڪله ڪيترن گهرن ۾ رفريجريٽر آهن. جيڪو ۽ ذرو ڪاڌو بچي سو رفريجريٽر ۾ رکون، غريبن کي ڪين ڏيون. ان ڪري مان رفريجريٽرن کي چور سڏيندو آهيان. اهي چور غريبن جو ڪاڌو چوري ڪن ٿا. هونئن ڪجهه ۽ ڪاڌو بچندو هو ته غريبن، فقيرن ۽ پکين کي ڏيندا هئاسين. هاڻي وڃون ٿا بچائيندا. وڃون ٿا وڌيڪ سوارٿي ٿيندا. اڳي ڳئون لاءِ، ڪانون لاءِ، انڌيءَ لاءِ ڪاڌو ڪڍي پوءِ ڪائيندا هئاسون. ڀڳوان شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو ته جو صرف پنهنجي لاءِ ٿو رڌي، سو آهه چور. اسين چور آهيون.

چت شانتي ڏيئي نه سگهندا. نه مايا ۾ سک آهي ۽ نه سنتان ۾ سک آهي. سچو سک اتم سائينءَ سان سنبنڌ جوڙڻ ۾.

٢٧ اپريل پوڄه داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته هي مهينو وساک جو گوتم ٻڌ جي يادگيريءَ جو آهي. گوتم ٻڌ هو ديا جو اوتار. وساک پورڻما ڏينهن سندس جنم ٿيو. وري سترهن سالن کانپوءِ وساک پورڻما ڏينهن ئي کيس گيان جو پرڪاش مليو ۽ کيس نرواڻ پد به وساک پورڻما ڏينهن پراپت ٿيو. هن مهيني جي مهما نياري آهي. اوهين جيڪر هن مهيني ۾ مانس آهار کان پري رهو. ايڪانت ۾، سانت ۾ ويهي پرڀوءَ جو چنتن ڪريو. پنهنجي من مندر ۾ ئي محبوب مورتي جو مشاهدو ماڻيو. ريائيءَ وٽ سندس پوٽو روئندو آيو. پڇائينس "ڇو ٿو روئين؟" چيائين "منهنجي دوست ويٺي مون سان لڪ چپ راند ڪئي. پوءِ ڀاڄ لڳو، اوچتو ڪر ٿي ويو آهي." ريائيءَ اها ڳالهه ٻڌي اچي روئڻ ۾ ڇرڪيو. پوٽي پڇيس "بابا! توهان ڇو ٿا روئو؟" چيائين "الله ڪر ٿي ويو آهي. مان ڳولهيانس ٿو."

منهنجا پيارا ڀائرو، پيارا ڀينرون. سنسار جي مهاڄار ۾ اسان مان هر هڪ جي اها حالت آهي. جاڳو، جاڳو. پرڀوءَ کي ڳولهيو. پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي مولي منوهر جو درشن ڪريو.

٢٨ اپريل کان ٣٠ اپريل پوڄه داداجن ميلا ۾ جدا جدا هندن تي اپديش ڏيئي سڀن جي سونهپ ڪئي.

١ مئي پوڄه دادا جشن هانگ ڪانگ ۾ پڌاريا. ٢ مئي پرڀ نيتا پرڪاش جي گهر پوڄه داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته هيءَ دنيا اسانجو گهر ڪين آهي. اسانجو گهر آهي اتي، جت سک پيو وسي. اهو گهر آهي دل جي اندر. دل جي اندر آهي سک جو مندر. ان سک جي مندر ۾ انحد جو شبد پيو وڄي.

ڀڳت ڪري سمورو ۽ سيوا جي ساکي ڏني. سندس دل ۾ دکين دردمندن، ڏکين ڏسن لاءِ عجيب پيار هوندو هو. سدائين ٻيٺي مشڪندي هئي. سندس جيون ۾ سچيت هئي ديا جي، پريم جي، سادگيءَ ۽ سيوا جي. اسين به انهن گڻن کي اپنائي مانش جيون سڦل ڪريون.

٢٥ اپريل نماشام جو مندرن جي گرمندر ۾ پوڄا، دادا جشن واکيان ڪندي چيو ته اڄ شنڪر آچاريه جو جنمدن آهي. سندس ماتا پتا سنتان لاءِ هٿ ڪري وڃي مندر ۾ پرارٿنا ڪن ٿا ۽ اهو مندر ۾ اُتي سمهي پون ٿا. رات جو ننڊ ۾ هڪ سنچرڪ هنن کان پڇي ٿو ته توهان کي گهڻا پٽ کپن يا هڪ ئي پٽ جو ڪلاڌاري هجي، جو لوڪن کي پريوءَ جو پيغام ڏئي؟" ٻئي چون ٿا ته هڪ پٽ کپي. ڀڳوت ڪرپا سان کين پتر سنتان ٿئي ٿي. شنڪر ٻارهن ورهين جي عمر ۾ وديا وٺي پوري ڪري ٿو. ان وچ ۾ سندس پتا گذاري وڃي ٿو. شنڪر ماتا جي سيوا ڪري ٿو. ماتا ٻڍي ٿي وئي آهي. ماتا کيس چوي ٿي، مان هاڻ نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ ڪيئن وڃي سگهنديس؟ شنڪر کي خيال ٿي پوي ٿو. هو پنهنجي سائين کي سڏي نديءَ وٽان ڪوٺائي ڪري ٿو ۽ نديءَ جو نيڙو وهڪرو پوءِ سندس گهر وٽان لنگهي ٿو. پوءِ هو ماتا کي چوي ٿو ”امي، هاڻ تون گهر وٽ ئي اشنان ڪري سگهنديءَ." پوءِ شنڪر ماتا کان آسيس وٺي سنياس ڌارڻ ڪري ٿو ۽ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پريوءَ جو پيغام پهچائي ٿو.

سنتن سنچرڪن سنساري سکن جو تياڳ ڪري پريوءَ سان پريم جو پيچ پاتو، ڀاڳ کي سڃاتو. اوهين به جيڪر ائين ڪريو ته توهان جي هيءَ ياترا سڦل ٿئي.

٢٦ اپريل پوڄا، دادا جن انگريزيءَ ۾ واکيان ڪندي چيو ته هر هڪ کي اندر جي شانتي کپي. دنيوي پدارٿ توهان کي

۽ پورو صدق رکو ته هو سدائين توهان سان ساڻ آهي. پوءِ ڊپ ڇا جو؟ دکي لوڪن جي سيوا ڪريو.

۷ مئي پيڻ ويا داداجن کي پڄ مندر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويئي.

۸ مئي پوڄيه داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته ڪمن جو ڪم اٿــوَ نام سمرڻ. اهو ئي سچو ڪرم آهي. ڪنهن ته ڪنهن ستپرکه جي شرڻ وٺي، اُن کان نام جو خزانو وٺو. اُن خزاني کي وڌائڻ جو يتن ڪريو. پيارو دادا سادو واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

نــرمل ڪرم هڪ هـي تون ڪر،
رام رتـن وٺ تـون سنتـن ڏر.

پئسو پدارٿ ٻي ٻٺا آهي، پر نام خزانو لافنا آهي. انڪري نام ڳايو، نام ڌيايو، پرم سک پايو.

ٽـن مهنن جي وديش ياترا بعد پوڄيه دادا جشن ۹ مئي رات جو ممبئي هوائي اڏي تي واپس پهتا. سوَن پريمين داداجن جو سواگت ڪيو. اُن رات داداجن پياري وشنو اُلمچنداڻـــيءَ جي گهر ۾ رهيا. ۱۰ مـئي پياري وشنوءَ جو جنمڏن هو. صبوح جـو سندس گهر ۾ ئي ستسنگه ٿيو. پوڄيه دادا جشن اُپـديش ڪندي چيو ته ٽن مهنن کان پوءِ توهان پيارن سان ملي ڪيڏو نه خوش ٿيو آهيان. اڄ پياري وشنوءَ جو ۵۰ جنمڏن آهي. ڪيس ۾ سندس پتني پونم کي پر پوءَ لاءِ پيار، دکين دريدرن لاءِ همدردي آهي. پيارو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

اُٿ جاڳ، نـوري اکڙيان کول، صورت ۾ اليئي سـب سمايو.

اسان مـان گهڻا اکيان جي اکهور نند ۾ ستل آهن. سنت اچي اسانکي سجاڳ ڪن ٿا. پيارو دادل شاهه به چوي ٿو اُٿ جاڳ، ياڻ پڇاڻ. سجاڳ انسان جي نشاني اها آهي ته هوُ سـب ۾ سب هنڌ هڪ دلبر جو درشن ڪري ٿو. پڪين پسن ۾ پوپوءَ کي

سدا نهين ڏن کي خبر، انهد کا باجا باجتا.

پيارا، اُتي انهد جو باجو پيو وڄي. اُت نام جو شبد پيو وڄي. انهيءَ پهر، چوواهه اُتي ڪلاڪ نام جي ڌن پيئي وڄي، جيسين اسان اهڙا نام جي ڌن ڪين ٻڌي آهي، جيسين اسان نام ۾ نواس ڪين ڪيو آهي، تيسين ٻيا ٻڌڪندا سين. شل اسان جي سرت نام ۾ نواس ڪري ته اسانکي سچو سک پراپت ٿئي. سچو سک اُن کي ملي ٿو جو پنهنجي اندر پيار جو چشمو کولي ٿو. پيار ڪريو، پيار ۾ هڪ ٻئي سان ملو، پيار پيئو، پيار پياريو. پيار ۾ هڪ ٻئي سان گفتگو ڪريو. پيار ۾ ڌنڌو وهنوار ڪريو. پيار ۾ دکين بکين، پکين پسن جي سيوا ڪريو. پيار ۾ هڪ ٻئي جي آسيس پايو. پنهنجو مانش جنم سڦل ڪريو.

۳ مئي پنڊت ديوي پرشو اُمچنداڻيءَ جي گهر پوڄه. داداڄن اُپديش ڪندي چيو ته جن جي آهه الله سان ياري، اُن لاءِ ڪابه ڳالهه ناهه ڀاري. انڪري هري ڪرشن سان مترتا رکو ته دکه سکه ۾ هُو توهان جو رکشڪ ٿيندو. اُن پرڀوءَ جي اوٽ وٺو ته توهان کي ڪابه دنيوي چوٽ ڪين لڳندي.

۵ مئي صبوح جو 'خيراتي پنڊ' پروگرام رکيو ويو. اُن ۾ دادا جشن ۽ انڪل ٻه سؤ کن ياترن پيئون پنڊ ڪيو. اُن ڪارڻ ڪرم ۾ مليل ڏيڍ لک ڊالر داداڄن کي ڀيٽ ڪيا ويا. داداڄن سهوري رقم هانگ ڪانگ جي ساڌو واسواڻي مشن کي سيوا ڪارڻ لاءِ ڏني. سنت هڪ هٿ کان وٺي ٻئي هٿ سان ڏئي ڇڏيندا آهن. سنتن مٿ مايا ۾ ڪين هوندو آهي. لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ اُهي مايا وٺي سڦلي ڪندا آهن. ڪين هڪ اُني محبوب جي طلب ذات هوندي آهي. ٦ مئي داداڄن هانگ ڪانگ ۾ آيا. اُت تماشام جو هندو مندر ۾ داداڄن مٺو اُپديش ڏيندي چيو ته پنهنجي اِڇا شڪتي پڪي رکو. پنهنجن وچارن جي سنڀال رکو ۽ پرڀوءَ

وراڻيو تہ پهريون پاڙيسري آيو، تڏهن ٻڌايو تہ مهنجو پٽ ڪُڏ تان ڪري پيو آهي. ڪيس اسپتال وٺي ويا آهن. مون چيو تہ اسپتال ۾ سندس علاج ٿيندو، اُن ڪري مان ستسنگ اڌ ۾ ڇو ڇڏي وڃان. ٻيو نوڪر آيو جنهن چيو تہ ڪڻڪ جي گدام کي باهہ لڳي آهي ۽ باهہ وسائڻ لاءِ پاڻيءَ جي گاڏي گهرائي آهي. مون دل ۾ چيو تہ باهہ وسائڻ جي مشين باهہ وسائيندي، پوءِ مان ڇو ستسنگ اڌ ۾ ڇڏي وڃان!

سيٺ اهڙا جواب ڏيئي مس پورو ڪيو تہ سيٺ جو ٽيون نوڪر آيو جنهن اُٿي اچي ڪيس چيو "توهان جو پٽ چاڪ آهي ۽ ڪڻڪ جو گدام بہ باهہ کان بچي ويو."

سنت، سيٺ جي ستسنگ ۾ ورتي ۽ صبر ڏسي، سندس قدمن تي ڪري پيو. مهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارون ڀيڻرون، توهين بہ جيڪر ستسنگ ۾ اچي صبر ۽ صدق سان سنتن جا پروچن ٻڌو ۽ پاڻي شروع ڪريو.

15-16 مئي دادي شانتي واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ميران ڀوميءَ ۾ ملهايو ويو. هن موقعي تي سفيد پوش ڀيڻرن جي شيوا ڪئي وئي. پوڄيہ دادا جن پشپانجلي ڏيندي چيو تہ پياري شانتي ديا ۽ پريم جي مورت هئي. هن ڪيئن نہ ساري زندگي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ ارپڻ ڪئي. جنهنجي دل اندر پيار جاڳي ٿو، اُن جي اندر چڻنگ اُٿي ٿي. هڪ چڻنگ ڪافي آهي. جنهنجي اندر هڪ ٿي چڻنگ اچي ٿي، اُنجي حالت ڪهڙي آهي؟ اُن کي هڪ محبوب کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ياد پوي ڪين. پياري شانتي اهڙي هوندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ سانت ۾ گذاريندي هئي. سانتيڪا ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. سندس چپ پيا هلندا هئا. اڪثر ڪري آڌيءَ رات جو، آڌيءَ جي اونڌهہ ۾ وٺي پرڀوءَ کي پڪاريندي هئي. پياري

پسي ٿو ته جيڪو جڳت ۾ ڀڳوان کي ڏسي ٿو. اُن ڪري سڀ سان سم وهنوار ڪري ٿو.

شام جو ۵ بجي داداجن سنگت سان گڏ دکن ڪئين گاڏيءَ ۾ پونا لاءِ روانا ٿيا ۽ رات جو ۸-۳۰ بجي پونا جي ميران ڀوميءَ ۾ پڌاريا. داداجن پيارن دادل شاهه جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري پوءِ پياسي پريمين سان مليا.

۱۰ جون ٻڌر. دادا جن سنگت سان گڏ لوناوالا ۾ آيا. اُتي قدرت جي گود ۾ ٽي ڏينهن شانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريائون.

۱۱ جون منجهند جو ٻوجهه. داداجن اُپديش ڪندي چيو تـــه ستسنگ ۾ عجيب آنند جو انڀو ٿئي ٿو ۽ من جـــو وويڪ جاڳرت ٿئي ٿو. ستسنگ به ڀڳوت ڪرپا سان نصيب ٿئي ٿو. سنت تلسيداس به چيو آ:

بن ستسنگ وويڪ نه هوئي، رام ڪرپا بن سلڀ نه سوئي.

ڪانپور ۾ هڪ سيٺ رهندو هو. اُتي اِڪ سنت ستسنگ به ڪندو هو. هڪ ڏينهن اهو سيٺ ستسنگ ۾ ويٺو آهه ۽ سنت ويٺو اُپديش ڏئي. ان وقت سندس کو پاڙيسري اچي کيس ڪن ۾ چوي ٿو ته تنهنجو پٽ ڪڏ ڪان ڪري پيو آهه، کيس اسپتال وٺي ويا آهن. سيٺ پاڻ کي چوي ٿو ته پٽ جي دوا درمـــل ٿئي پيئي، پـــوءِ ڇو ستسنگ اڌ ۾ ڇڏي وڃان! ماٺ ۾ ويهي سنت جـو اُپديش ٻڌي ٿو. وري سيٺ جو هڪ نوڪر اچـــي سندس ڪـن ۾ چوي ٿو "ڪپهه جي گدام کي اچي باهه لڳي آهه. باهه وسائڻ جون ڪوششون ڪرايون ويون آهن." سيٺ دل ۾ چيو ته ڪوششون ٿيون وسائڻ لاءِ آيون آهن ته پوءِ مان ڇـــا وڃي ڪندس. ان ڪري ستسنگ ڇو ڇڏيان!

جڏهن ئي ستسنگ سماپت ٿيو ته اُن سيٺ کان سنت پڇيو ته، ستسنگ جـي وچ وچ ۾ اهي ماڻهو ڇو وٽ ڇو آيـــا؟ سيٺ

٢٩ جولاءِ ميران انگلش پرائمري اسڪول طرفان پياري دادا جشن جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ٻالڪن، ٻالڪين ۽ ٻيهارن جي لاءِ ڪي شعرون داداجن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکيون. داداجن وديارٿين کي سکياداائڪ ڳالهيون ٻڌايون ۽ ڪين ٽول ڏنو. ٣٠ جولاءِ ميران انگلش هاءِ اسڪول جي سهاري جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ٻالڪن شيوا ڪاريه لاءِ ڪيترائي سوکڙيون داداجن کي ڀيٽ ڪيون. ڪن ٻالڪين ماس آهار کان ٻري رهڻ جا پرتگيا پتر پڻ ڀيٽ ڪيا. داداجن ڪين مٺو اُپديش ڏيندي چيو ته ڏيڻ آهي جيون ۾ ٻچائڻ. ڏيڻ سکو. دادل شاهه بِوو ور چيو ”ڏيو، ڏيو.“ مهاڀارت ۾ اڪيل آهي ته هڪ ڏينهن ڪرڻ سنان ٿي ڪيو. اُن وقت سندس ڏائي هٿ ۾ سون جي وٽيءَ ۾ تيل هو، جو ساڄي هٿ سان وٺي سرير تي لڳائيائين. اوڏيءَ مهل اِڪ غريب ماڻهو اچي ٿو ٻاڏائي ته مان، منهنجي زال ۽ ٻار، ٽن ڏينهن کان بکيا آهيون، ڪجهه ڏيو. ڪرڻ کي جا ڏائي هٿ ۾ سوني وٽي هئي، سا هن ماڻهوءَ ڏانهن اُڇلائي چوي ٿو ته ان سان ڪجهه خريد ڪري وڃي ڪجهه وٺي کاءُ. اُن وقت ڪيس ڪو چوي ٿو ته ڪرڻ، ڏائي هٿ سان دان نه ڏبو آهي. ڪرڻ چوي ٿو ”دان يڪدم ڏيڻ کپي، متان پوءِ من ڦري نه وڃي.“ انڪري ڏيندا رهو. ڏيڻ ۾ئي آنند آهي.

٣١ جولاءِ ميران گرلس ڪاليج ۾ دادا جشن جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ڪاليج جي ٻالڪن داداجن کي تلڪ لڳائي آرتي ڪئي ۽ دکين جي شيوا لاءِ ڪيترائون ئي ڀيٽائون داداجن جي چرنن ۾ رکيون. داداجن ڪين ڪيترائون مٺيون يادگيريون ٻڌائيندي چيو ته پيار، ڏيا، پوترتا، سادگي، سرڻ، شيوا، سنهه ۾ منهنجي جيون ٻڌو.

١ آگسٽ ميران سنڌي اسڪول دادا جشن جو جنمدن

شانتيءَ جي جيون ۾ پيار جو چشمو ڦٽو. شانت ۾ وڌي پنهنجي پريتم کي پيار ۾ پڪاريندي هئي ۽ جڏهن شانت مان ٻاهر ايندي هئي ته پيار ۾ دکين غريبن جي سيوا ڪندي هئي. وٽس ايندا هئا دکي دردي. وٽس ايندڙ هيون غريب گهرجائو پيار. هڪ هڪ سان پيار ۾ ملندي هئي. پيار جي صورت هئي. اسين به جيڪر جيون ۾ پيار جي ساکي ڏيون.

٢ جولاءِ گرو پورنما جي پوتر ڏينهن صبح جو سوين پريمي دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ آيا. پياري دادا جشن جي آسيس ورتائون. شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن آئينده ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

بن ستگر ڪرپا ڪير ڇڙهي،
گرو ديا بن ڪين پڙهي،
ان گر ڪرپا تنهن ماڻڪ ملي،
تنهن نوري نماڻي قسمت کلي.

گرو جي آسيس کان سواءِ مڪش جي اُنتي ٿئي ٿي. وهنوار ۾ چاهي پرمارٿ ۾ واڌارو ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ڪرپا جي ضرورت آهي. روحاني رستو به اُن کي ملي ٿو جنهن تي ستگر مهر ڪري ٿو. جنهن تي گرو ديا درشٽي ڪري ٿو، تنهنجو نصيب کلي ٿو. مهنجا پيارا ڀائرو، پيارهون ڀينرون. اڄوڪو ڏينهن خاص گرو پوڄا جو ڏينهن آهي، جنهن کي وياس پوڄا جو ڏينهن به سڏيو ويندو آهي. پراچين ڪال کان وٺي هي ڏينهن شردا سان ملهايو وڃي ٿو. اوهين به جيڪر ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرط وٺي سندس آسيس پايو ۽ مانش جنم سڦل بڻايو. گرو ئي پرڀوءَ جي راهه ٻڌائي ٿو. گرو ئي اسانجا سڀئي پاپ نورس ڪري، سڌ مارگ ڏيکاري ٿو. مونجهارو مٽائي ٿو. نام جو مٽو ڏئي ڀوساگر مان پار لنگهائي ٿو.

آهن سڪل ڪاٺا. اهي سڀ اتي ئي رهجي ويندا. توهان ڀڳتيءَ جو خزانو هٿ ڪريو. رام رس پيئو. رام بنا ٻيو ڪجهه ڪين اٿوَ. ڪيترا سال ته جيون جا ائين ئي گذري ويا آهن. اڃا گهڻو وقت ائين گذاريندا؟ بنارس مان هڪ ياتري دادل شاهه سان ملڻ آيو ۽ ڪين چيائين "سائين، سال ٿيا اٿم. هت هت پيو ڀٽڪان، پر پرڀوءَ کي ڪين پاتو اٿم. اوهين مونکي ڪو رستو ٻڌايو." پيارو دادا کيس چوي ٿو "مون نڪي يوڳ، نڪي ڪي نيم پالن ڪيا آهن. هيءَ هڪ ڳالهه ڪئي اٿم، پنهنجي دل اداس رکي اٿم. تون به دل اداس رکه. پاڻ کي سمجهه ته تون هت ياتري آهين. پيو تون دل جي اندر پياس اُٿار پرڀوءَ لاءِ. ان پياس ۾ پڪار پرڀوءَ لاءِ، ڳوڙها ڳاڙ!" اسين به جيڪر پياري دادا جي اها سکيا هنڊايون، جيون سڦل بڻايون.

٣ آگسٽ صبوح جو داداجن لوناوالا روانا ٿيا. اُت ٽي ڏينهن سانت ۽ ايڪانت ۾ رهيا. روز شام جو ننڍڙو اُپديش ڏيندا هئا. ٦ آگسٽ داداجن پونا واپس وريا.

٩ آگسٽ دادا جشن شولاپور روانا ٿيا. سوَن پريمين داداجن جو شولاپورَ اسٽيشن تي سواگت ڪيو. رات جو گرونانڪ نگر جي پنچائتي هال ۾ دادا جشن اُپديش ڪيو. ١٠ آگسٽ صبوح جو دماني هال ۾ پريس ڪانفرنس ۾ داداجن پترڪارن سان ملاقات ڪئي. نماشام جو هتاتما سمرتي هال ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ١١ آگسٽ نوجيون سوسائٽيءَ ۾ داداجن اُپديش ڏنو. پياري ڪنهيالعل جانيءَ جي گهر گهرجائو غريب شاگردن کي داداجن نوٽبوڪ، ڪتاب ۽ ٽول ڏنا. شام جو داداجن روح رهاڻ ڪئي. ١١ آگسٽ رات جو داداجن سڪندرآباد روانا ٿيا.

١٢ آگسٽ صبوح جو داداجن سڪندرآباد ۾ پهتا. اُن ڏينهن شام جو ڀيڻ اروڙا پاوناڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي

ملهايو. داداجن پالڪن بالڪن کي چيو ته روز ماتا پتا جي آسيس وٺو. اُنهن جي آسيس توهان کي چمڪائيندي. ابراهيم لنڪن چوندو هو تہ، هن پدويءَ ئي کيس سندس ماتا ئي پهچايو آهه.

نماشام جو داداجن شري لوڪمانيه تلڪ ۽ جمشيد نسروانجيءَ کي شردانجلي ارپڻ ڪئي.

۲ آگسٽ صبوح جو ۱۰ بجي دادا جشن ميران هال ۾ آيو. هوَن ٿيڪي بعد دادا سفيد پوش پيرن کي ڪپڙو، اناج جا پاڪيٽ ۽ روڪ خرچي ڏني. منجهند جو ۱ بجي ساڳي هال ۾ داداجن روح رهاڻ ڪندي، پنهنجا ڪيترا آزمودا ٻڌائيندي، پونئن جي سونهپ ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته توهان داس کي ڪيڏو نه قرب ڏنو آهي. ڀيٽائون ڏنيون آهن. دادل شاهه جي هڪ نوڪر سان ڪيڏي نه لائقي ڏيکاري آهه. ان لاءِ مان توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. اوهان جون ڏنل ڀيٽائون پياري دادا گنگارام کي ڏيان ٿو ته انهن سان پياري دادل شاهه جي جنمدن ڳوٺڙيءَ جي سروعاس ڪئي وڃي.

اڄ مون پڇڙان پوڄه ماتا پتا جو ويچار ڪيو، جن مون کي هي مانش جنم ڏنو ۽ پوءِ گرديو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ويچار ڪيم. ڪيئن نه پياري دادا داس کي پنهنجي ٻاجهه، ٻانهن ۾ جهٽي ورتو. گروءَ جي ڪرپا کان سواءِ ڪنهن ٻ پار نه پئو. منهنجي گرديو مون کي اونداهه مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آندو. مان هڪ ڏاڻ مسڪين آهيان، خاڪ آهيان. مونکي پياس آهه ته سندن جو خدمتگار ٿي رهان. توهان وٽ اڄ پياري دادل شاهه جا اکر چوڻي ٿو وڃان ته سڪل ڪانا نه چباڙيو، پر ڪمند جي رس پيئو. دنيا جو مان شان، پئسو پدارٿ ڪنو ڪريو ڇڏيو، اهي

آهي، پر هن وقت پڙهڻ ۾ لڳل آهي. ڪهڙو نه درياچاري پاڻي هجي، پر جي اُن کي پيار ڏيندا ته هو پوتر نرمل ٿي پوندو. ڪو چوي ٿو ته: مان پيار ڏيان ٿو، پر موٽ ۾ پيار نٿو ملي. ان جو ڪو خيال نه ڪريو. توهين پيار ڏيندا ڪريو. شوخ چيتن جانورن به سنتن اڳيان سر جهڪايو آهي. سنتن جي نهار ۾ اهڙو پيار آهي، جنهنجي پوڙ جانورن کي به پوي ٿي. ان ڪري توهين سڀني کي پيار ڏيو!

نماشام جو داداجن صوفي در تي پروچن ڪندي چيو ته، سچو صوفي سو، جنهن اندر صاف ڪيو آهي. سڀ ۾ هڪ دلبر جو ديدار ڪيو آهي. اندر مان غير ڪيي هڪ ۽ حق کي پسيو آهي. درويش سمن چوي ٿو:

سائي صورت عين کي، سائي صورت غين،
سمن نقطا دور ڪر، رهي عين کا عين.

١٩ آگسٽ صبوح جو دادا جشن آدرش وديالي ۾ پڌاريو ۽ اُت بالڪين کي اُپديش ڪندي چيائين ته پنهنجا وچار نرمل رکو. وچار ئي من کي ٺاهين ٿا. توهين پنهنجي قسمت پاڻ ٺاهيندڙ آهيو. سانيو وچار وري ڪندا ته، اونڇين ٿي پوندا. جنهنجا شب وچار آهن، سوئي انسان سکي آهي.

١٩ آگسٽ پيارو دادا جشن مدراس مان بنگلور روانا ٿيا.

٢٠ آگسٽ پوڄيه دادا جشن بنگلور ۾ پڌاريا. ٢١ آگسٽ نماشام جو دادا امر جي آستان تي پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته توهين سڀاڳا آهيو جو توهان کي دادا امر جو سنگ مليو آهي. هي پيارو ڪيئن نه ٻارن جي شيوا وڏو ڪري. توهين پڻ سندس ڪم ۾ مددگار ٿي رهجو. اڄ صبوح جو جيٽن اٿيس ته هي اکر اندر ۾ آيا: "جاڳ جاڳ، من نيند نه ڪريئي، اب تو روشن هو ڀاري." شل سڀاڳ ٿيون. اسين نڪ ۾ ستل آهيون. سڀپرڪ،

داداجن چيو ته، ڪم ڪريو، ٻڌ چيو ته اسين اوزار آهيون.
مائڪروفون تي ڳالهائون ٿا، ٻڌ مائڪروفون ۾ شڪتي ڪونهي
ڳالهائيندڙ واڻي واليءَ کي ڏيئي ڇڏيو ته توهانجي سنڀال لهندو.

١٣ آگسٽ تماشام جو حيدرآباد سنڌي ائسوسئيشن جي
هال ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪيو ۽ ١٤ آگسٽ پرڀات اروڻا جي
گهر روح رهاڻ ڪري مدراس لاءِ روانا ٿيا. ١٥ آگسٽ صبوح جو
داداجن مدراس پهتا. پرڀ سنتا رهيجا ساڌو واسواڻي مشن لاءِ
نئين عمارت ٺهرائي داداجن کي ارپڻ ڪئي. داداجن شام جو
أن عمارت جو مهورت ڪندي چيو "هي پريو، هي مڪان نئي
شل ٿمهنجي مهر جو آستان. جت سڀئو ڇمڪي ٿمهنجي نام
سمرڻ ۽ شيوا جي جوت. هي ستسنگ سڀن لاءِ کليل آهي.
پريمين، ستسنگ آهه اسانجي روح جي روٽي. هن ستسنگ ۾
اچي پنهنجي سرت شبد ۾ لڳائڻ جي ڪوشش ڪريو. ٿي سگهيو
ته هت نديڙي هوميوپٿي اسپتال کوليو ۽ دکين دريدرن جي
شيوا ڪريو.

١٦ آگسٽ صبوح جو دادا جشن سنڌي ماڊل اسڪول
جي ڪامپيوٽر سيڪشن جو مهورت ڪندي ودياٿين کي چيو
ته هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو، همدرد ٿيو. ١٧ آگسٽ داداجن
انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو. ١٨ آگسٽ صبوح جو داداجن سنڌي
هندو منڊل ۾ پروچن ڪندي چيو ته جيوَن اٿو پيار. هڪ ٻئي
کي پيار ڏيو. پيار بنا جيوَن آهه ويران. پرڀوءَ کي پيار ڪريو.
هڪ ڏينهن مون پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ سان گڏ پنڌ پئي
ڪيو. رستي تي هڪ پٿر پيو هو. مون پير هڻي أن کي پري
ڪيو. پياري دادا چيو "پيارا ٻالڪ، هن پٿر کي به پيار سان
هٿ پاسيرو رکين ها. ان ۾ پڻ پرڀو ڀاڳ آهي. تو هن کي لت ڇو
هنئين؟" توهان مان هڪ هڪ جي اندر پيار جي شڪتي اڪل

اجاهـــن ڳالهين ۾ اٽڪي پيا آهيون. ماکيءَ تي مکڙ ويهي ٿي. چوي ٿي، تمام سڀال سان ماکي چوسيندي آهيان، پر جيئن ماکـــي چکي ٿـي، تيئن وڃي پيئي وڌيڪ اٽڪندي. اُڏي ٿي ڦٿڪي ڦٿڪي ساهه ڇڏي ٿي. ڀنور ڪنول جي گل جـــي اندر واس وٺندي وٺندي ايـــڏو ته مگن ٿي وڃي ٿو جو سنڌيا ويل ڪنول جون پنکڙيون بند ٿي وڃن ٿيون ۽ ويچارو ڪنول گل اندر ڦاسي پراڻ ڏئي ٿو! منهنجا پيارا يارو، پيارليون ڀينرون. اسان مان ته هڪ هڪ جي اها حالت اٿوَ. ڪيئن دنيا جــي رسن ۾ رات ڏينهن اموليه، جيون برباد ڪريون ٿا. پوءِ ڪيئن نـه ڪال اچي ٿـو ڪڙڪي. انڪري موهه چڪر ۾ نه ڦاسو. دنيوي رسن جي پـويان پنهنجا اموليه سواس نه وڃايو. مڇلي ڪيئن نه پاڻيءَ ۾ ٽپا ڏيئي خوش پيئي ٿئي. اوچتو ڪنڍيءَ ۾ اٽو اٽڪيل ڏسي ٿي، يڪدم وڃي ٿي اٽي کي چڪ هڻي. ڪنڊي جيئن ۾ اٽڪي ٿي پـوي ۽ اُڏي ٿي ڦٿڪي ساهه ڇڏي ٿـــي. اوهين جيڪر دنيوي رسن ۾ نه اٽڪي، پرڀوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو ۽ مانش جنم سڦل ڪريو.

٢٤ آگسٽ پرڀ لعلان جي گهر ستسنگ ٿيو. پوڄيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته پونا ۾ مهران پوميءَ جي ٻاهران بورڊ لڳل آهي. ان تي لکيل آهي، ڌرم بابت ٿورو ڳالهايو ۽ عمل وڌيڪ ڪريو. مـان ننڍڙو هوس. هڪ ڏينهن بزار ۾ گوڙ ڏسان ٿـــو. وڃي وڃي ڏسان ٿو ته ٻه ڌارمڪ ماڻهو پاڻ ۾ پيا وڙهن. هڪ چـوي ايڪو اونڪار جو اوت هن طرح آهي، ٻيو چوي ته ٻيءَ طرح آهي. ان ڳالهه تي هڪ ٻئي جي ڏاڙهيءَ پٽڻ لڳا. ڏسي دنگ رهجي ويس! اهو ڌرم ڪٿي آهي. هڪ پرامي برهمو مندر ۾ ڏاڍا مٺا ڀڄن ڳائيندو هو. هڪ ڏينهن هي راڳيندڙ اچي ڪـاوڙ ۾ ڇٽڪيو. ڪاوڙ ڪندي ٻئي کي لپاٽ هڻي

اچي اسانکي سڃاڻي ڪن ٿا. ٿوري سواد ۽ مزي پٺيان پيا وقت ڳنوايون. جو جاڳي ٿو، اُن کي پورڻ پوي ٿي. اجائي حرص پٺيان ڀڄي ڪچرو پيا ڪٺو ڪريون. دل جي درپڻ کي جهڪو صاف ڪندا رهون. اها جاڳرتا شل اچي جو پاڻ پڇاڻيون، دل درپڻ ۾ دلبر جو ديدار پسون.

٢٢ آگسٽ صبوح جو پوڄه، داداجن لعل باغ ۾ گهمڻ ويا. جت پرڪرتيءَ جا من موهيندڙ نظارا پسندي ٻارن سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون. شام جو هام واڌوا جي گهر ۾ ڪيترائي ڀوامي اچي ڪٺا ٿيا. داداجن پوني جي سنگت کي فون تي اُپديش ڏيندي چيو ته ٻرڀوءَ کي پاڻ جو سولو رستو آهي سيني کي پيار ڏيون، مدد ڪريون. ويچارن، وچنن ۾ ڪنهن کي به نه رنجايون ۽ هر حالت ۾ سنتوش ۾ رهون. هڪ راجا پالڪيءَ کان بيٺو هو. ڏٺائين ته هڪ ورکه هيٺ هڪ فقير هٿ ڪولي اُن مان سڪل ماني کڻي پاڻيءَ ۾ ٻوڙي پيو کائي. کائي پاڻي پي سمهي پيو. ڪيس ننڊ اچي وئي. راجا سوچڻ لڳو ته فقير ڪيڏي نه آنند ۾ آهي. مونکي هيڏا سک، نرم بسترا آهن ته به ننڊ پوري ڪونه ٿي اچي. راجا صبوح جو فقير کي گهرايو ۽ هن کان حال احوال پڇائين. فقير وراڻيو: ”ڏاڍو آنند ۾ آهيان. شري ڪرشن جي ڪرپا آهي. شڪر آ مالڪ جو شڪر.“ اسين به شري ڪرشن کان سدس ڪرپا گهرون ۽ هر حال ۾ شڪر شڪر ڪريون.

٢٣ آگسٽ بئنگلور جي نارائڻداس هندوجا هال ۾ ستسنگ ٿيو. ڀڄن پڙهڻ ڪکي رئدا واسواڻي شري نوري گرلٽ مان وچن وراڻو، اُن بعد پوڄه. دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته ڪڏهن توهان پاڻ کان پڇيو آهي، ته هي سنسار ڇا آهي؟ هيءَ دنيا ڪيڏي نه وشال آهي. ٻرڀوءَ جي انمت سرشٽي آهي! اسين

سچو وقت پيو پڪاري "مون وٽ آءُ، مون وٽ آءُ."

پرڀوءَ سان ڳالهائڻ جي عادت پاڻ ۾ رکون. هر روز ڪوشش ڪري ساڳئي وقت، ساڳيءَ جڳهه تي وڃي سانت ۾ ويهون. اها اسانجي روزاني مالڪ سان ملاقات ٿيڻ گهرجي. اسين ٻين ڪيترن سان اجايون ملاقاتون رکون ٿا، پر هيءَ جا مکيه ملاقات پرڀوءَ سان رکڻ گهرجي، اُن بابت ور ور ويچار ڪريون ٿا ته، پوءِ ڪنداسين، پوءِ ڪنداسين. ائين پوءِ پوءِ ڪري وار اڇا ٿي وڃن ٿا. منهن ۾ گهنج اچي پون ٿا. منهنجا پيارا، انڪري سٺڪم ڪرڻ ۾ سستي نه ڪريو.

١٦ سيپٽمبر صبوح جو ١١ بجي پهچي، دادا جشن الهاسنگهاڻي جي جئه هند اڪيڊمي اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال ڪي. ايم. ڪنڌناڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اُن اسڪول جو نالو "ڪشمي ٻائي سيتلداس پنواڻي" رکڻ جي رسم ادا ڪندي وديارٿين کي چيو ته، پياري دادا جي سکيا آهي "سيوا". سيوا ڪريو ڏکين ٻکين، پکين پسن جي، وڏن جي. پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو نه ڪو آدرش سامهون رکو ته ڪڇ نه ڪڇ ڪر جائيندگي. توهين سچائيءَ ۽ سيوا دوارا هن نگر کي سهڻو ۽ صاف بڻائي سگهو ٿا.

١٧ سيپٽمبر دادا جن نج ٿانڙ ڪار ۾ اپديش ڏنو. ١٩ سيپٽمبر صبوح جو دادا جن گرمندر شيام نواس ۾ پروچن ڪيو ۽ شام جو پونا واپس وريا. ٢٥ سيپٽمبر صبوح جو مهران پوميءَ ۾ دادا جشن اسڪول جي نئين "ڪلياڻداس ورياڻي بلاڪ" جو مهورت ڪندي شري ڪلياڻداس جي سپترن گوبند، رام ۽ پريم کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هن پيارن پوج پتا جي پوتر يادگيريءَ ۾ هي بلاڪ مهران اسڪول لاءِ ٺهرائي اُتم سيوا ڪئي آهي. مايا اُها سڦلي آهي، جا پروپڪار جي ڪم ۾ خرچ ڪئي وڃي ٿي.

ڪيائين. مان نه وائڙو ٿي ويس. منهنجا پيارا ڀائرو، پيارليون ڀيڻرون. منهنجي ويچار ۽ وهنوار ۾ ٻرابر، ديا سنيهه ۽ همدرديءَ جي ساک، ڏيو. ڌرم صرف پستڪن جي ڳالهه ڪين آهه. ڌرم جي مول سڌانتن کي ڌارڻ ڪريو.

دادا امر ٻالڪن ٻالڪين لاءِ گيتا ڪلاس هلائيندو آهه ٢٥ آگسٽ صبوح جو ٻوڄه، داداجن گيتا ڪلاس جي ٻالڪن سان مليا ۽ کين ڪلاس هلائيندي ڪيترون سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون. نماشام جو پنڄ سپدا سدارنگاڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي.

٢٦ آگسٽ شام جو رامڪرشن آشرم ۾ ٻوڄه، دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پرڀو اسان کان پري ڪين آهه، تمام نزديڪ آهه. آءُ سان اهڙيءَ طرح ڳالهايو، جيئن هن وقت توهين مون سان ڳالهائي رهيا آهيو. پرڀو هرهنڌ حاضر ناظر آهي. اهو ڪو ڪونو، اها ڪا ڪنڊ ڪين آهه، جت پرڀو نه هجي. اکيون ٻوٽي دنيا کي وساري پرڀوءَ جو ويچار ڪريو. اُن ئي وقت پيارو پرڀو اسان جي اڳيان بيٺو آهه. پرڀوءَ وٽهي اُن سان اسين پيار ۾، ڀڳتيءَ ۾، پنهنجائپ ۾ ڳالهيون ڪريون. اندر جو حال اوريون. شروعات ۾ اسين سندس جواب ٻڌي ڪين سگهنداسين. پر پڪ ڄاڻو ته اسانجو اِڪ اِڪ اکر هو ٻڌي رهيو آهه. شروعات ۾ اسين ڪيس ڏسي ڪين سگهنداسين، پر خاطري ڪريو ته هو اسان کي ڏسي رهيو آهه. پرڀوءَ جو آواز سنهڙو، ڪومل، مگر نيڙو آهه. اسين سنسار جي گوڙ شور ۾ وچال آهيون، انڪري اهو سنهڙو مرليءَ جو آواز ٻڌي نٿا سگهون. جيئن هن وقت ٻاهر بئنڊ وڄڻ شروع ٿئي ته توهين منهنجو آواز هت ٻڌي نه سگهندا. اسانجي اندر ۾ ڪيترو نه گوڙ آهه. ترشنائن جا طوفان آهن. وڪارن جا واڪا آهن. جڏهن ڪري اهو مٺو آواز

پيارو دادا هڪ ڀڪاري! ڪهڙي نه عجيب تصوير! جيئن
پياري دادا جو جنمدن نزديڪ پيو اچي، مان پيو سمجهان ته
پيارو دادا خالي جهولي کڻي اسانجي دلين جا دروازا پيو کڙڪائي
۽ پڪاري "مونکي ڏيو، مونکي ڏيو، پنهنجي دل، ته مان اُن کي
نئون ڪريان!" پيارو دادا چاهي ٿو ته اسانجون دليون نيون ٿين،
صاف ٿين. هن وقت اسانجون دليون آهن ميريون، گندگيءَ سان
ڀريون. هن وقت اسانجي دلين ۾ آهن وڪار، ترشنائن جا طوفان.

پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون. پياري دادا کي سندس جنمدن تي اسين
سوکڙيون پيش ڪريون ٿا. کيس کپي هڪ سوغات. دل جي سوغات
اوهان مان هڪ هڪ جي دل. اهي دليون کڻي اچو ته اُنهن ۾ پيارو
دادا اونهو پريم ڀري ۽ پيار ۽ دکين دکين لاءِ همدردي. جنهن دل
جي اندر آهه پيار، اها دل آهه شاد، آباد، آزاد. اُن دل جي
آهه هڪ ئي پڪار. شل گم ٿي وڃان! تنهنجي رحم ۾ گم ٿي
وڃان. تنهنجي پيار ۾ گم ٿي وڃان. تنهنجي نهار ۾ گم ٿي وڃان.
جو پيار جي ندي ۾ گم ٿي وڃي ٿو، ڀاڳ وڃائي ٿو، پريوءَ
کي پائي ٿو. اُن جو سفر سڦلو ٿئي ٿو.

۴ آڪٽوبر پوڄيه داداجن احمدآباد ۾ پڌاريا. ۵ آڪٽوبر
پوڄيه داداجن ٽائون هال ۾ وياکيان ڪندي چيو ته اسان مان
هڪ هڪ جو روز جنمدن آهه. جيئن سورج اڀري ٿو ۽ چوي ٿو
نوان ٿيو، نوان ٿيو. تيئن پيارو پريو به اسانکي وجهه ڏئي ٿو ته
نوان ٿيون، توجهون پراپت ڪريون. بيشڪ جنمدن اهو آهه،
جنهن ڏينهن اسان نوان ٿيون ٿا. ماتا اسانکي جنم ڏئي ٿي.
ماتا جي گرڀ جي اونده، مان نڪري اسين وڃي مايا جي گرڀ
۾ پئون ٿا. اُت اگهور اونده ۾ رهون ٿا. اسانجو سچو جنم تڏهن
ٿئي ٿو، جڏهن اسين مايا جي گرڀ مان آزاد ٿيون. انڪري
اسانجي پراچين رشين وري وري پڪاريو:

۱ آڪٽوبر رات جو پوڄيه دادا جشن سنگت سميت ٻڙودا
۾ پهتا. ۲ آڪٽوبر صبوح جو ٻهاري سندري ارجن گيانچندائيءَ
جي گهر دادا جن سورداس ٻالڪن کي يونيفارمس ڏنيون.
کين کادو کارائي نـول ڏيندي ٻهار ڏنا. نماشام جو دادا جن
گانڌي گره. هال ۾ ورڪيان ڏيندي چيو ته. اڄ ڀارت جي مهان
وڀوتي مهاتما گانڌيءَ جو جنمدن آهي. جنهن ڀارت جي آزادي،
مانوتا ماتر جي ڪلياڻ لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪيو. اڄ ديش کي
اهڙن نشناوان نشڪام نيتائن جي ضرورت آهي. چت شانتيءَ
لاءِ ڪنهن نه ڪنهن سٽپرڪه سان ناتو جوڙيو ۽ من کي وس ۾ رکو.
دکين جي سيوا ڪريو ته. توهان کي آنند جو انڀو ٿيندو، جنهن
کي سڪي ڪرڻ سان توهان کي سک ملندو.

۳ آڪٽوبر صبوح جو دادا جن ساڌو واسواڻي ودياپوڻ
۾ پهتا. ڀيڻ سندري گيانچندائيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو.
دادا جن وديارٿين کي پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون
جا ڪٿرائي پورڻادائڪ پرسنگ ٻڌايا. شام جو شري لڌارام هائي
اسڪول جي هال ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ۱۰۶ جنمدن اُتسو
ملهايو ويو. شروع ۾ شري ليلارام ڀرسواڻي ۽ شري پرتاب
رامچنداڻيءَ دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني ۽ بعد ۾ پوڄيه دادا
جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته هڪ
ڏينهن جي يادگيري اچي ٿي ته منجهند جي وقت، ٽيءَ اُس ۾
پيارو دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪري ٿو.
سندس هٿن ۾ هڪ وڏي خالي جهولي آهه. جدا جدا گهرن
ڏي هلي ٿو ۽ پڪاري ٿو "مان منگتو بکاري، مونکي ڏيو،
ڪجهه ڏيو." ڀائر ڀينر ڪئين نه اُمنگه وچان پياري دادا کي
ڏين ٿا. جيڪس جيڪي ملي ٿو، سو سڀ ڪئين نه. غريبن دکين
۾ ورهائي ٿو.

٦ آڪٽوبر پوڄيه دادا جشن پرووچن ڪندي چيو ته روز پرڀوءَ کي ڀياس مان پڪاريون ته پرڀو ڪر اسان کي صاف. جڏهن انتهڪرڻ جو شيشو صاف ٿئي ٿو، تڏهن ئي پنهنجي روپ جي پروڙ پوي ٿي. هڪ غريب ماڻهو، هڪ بستيءَ ۾ رهندو هو. اُن بستيءَ ۾ ڏاڍي گندگي هوندي هئي. هُو من ۾ ويچار ڪيو ڪري ته هن بستيءَ ۾ ڪيئن صفائي ٿيندي! ڪيس ويچار اچي ٿو ته هن ملڪ جو بادشاهه روز هاٿيءَ تي چڙهي شهر جو ديدار ڪرڻ ويندو آهي. مان ڇونه ڪيس پنهنجي اڳڻ ۾ پير گهمائڻ لاءِ وينتي ڪريان. جيڪڏهن راجا منهنجي اڳڻ ۾ اچڻ قبول ڪندو ته بستي صاف ٿي ويندي. اهو شخص روز وڃي راجا جي واٽ وٺي بيهندو هو ۽ جڏهن راجا اتان لنگهندو هو ته هُو ڪيس پرڻام ڪندو هو. هڪ ڏينهن راجا هن کان پڇي ٿو "پيارا، تون روز هيٺ اچي بيهين ٿو، توکي ڇا کپي؟" اهو مسڪين شخص عرض ڪري ٿو "راجن، منهنجي ڀياس آهه ته اوهان منهنجي اڳڻ ۾ پيرا گهمايو." راجا هڪدم سندس عرض قبول ڪيو ۽ چيائينس ته ٻن ڏينهن کان پوءِ تنهنجي جهوپڙيءَ ۾ اچبو. اها خبر اُن بستيءَ جي لوڪن ۽ سرڪاري ڪرمچارين کي پيئي. بس پوءِ ته اُن بستيءَ جي اهڙي ته صفائي ڪيائون جو اُن بستيءَ جي رونق ئي نياري ٿي پيئي. اسانجي من روپي بستيءَ ۾ پڻ ڪيڏو نه وڪارن جو ڪچرو آهي، ڪيڏي نه گندگي آهي، پر جي ستگرو اچي ته اندر صاف ٿي پوي. اسين به اُن مسڪين جيان روز پرڀوءَ کي ڀياس ۾ پڪاريون. ڪڏهن نه ڪڏهن سڀاڳي ڏينهن پرڀو ڀياسين جي پڪار اونائيندو ۽ اسان جو دل روپي دربار صاف ٿيندو.

٨ آڪٽوبر پوڄيه دادا جشن دهليءَ ۾ پڌاريا.

٩ آڪٽوبر شام جو انڊيا انٽرنيشنل هال دهليءَ ۾ پوڄيه

”ٿيسو مٿا جيوتڙ گهرجي“.

پرڀو، اونده انڌڪار مان ڪڍي اسانکي جوتيءَ ۾ آڻ. جڏهن جوت ۾ اسانجو نواس ٿئي ٿو، تڏهن بيشڪ اسانجو سچو جنمدن آهي.

منهنجا پيارا ڀائرو، ڀيڻرون ڀينرون. اوهين ته جيڪر نوان ٿيو. گهڻن ڪفتن خيالن ۾ ڦاٿل ڪين نه اٽڪيو. فرض پالن ڪريو. دکين دردين جي سيوا ڪريو ۽ باقي وقت اندر گهڙڻ جي ڪوشش ڪريو. اندر اندر دل وچ مندر. شانت ٿي شانتي ۾ دل جي اونهائيءَ ۾ محبوب جو مکڙو ڏسي پوءِ ٻاهر به ان جانب جو جلوو جمال ڏسو.

۵ آڪٽوبر سردارنگر ۾ سادو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن ۽ ڀاڪيان ڪندي چيو ته پياري دادا وري وري اسانکي سيکاريو ته ڪريا هڪ ڪرتار آهي. انسان هڪ اوزار آهي. اگر انسان ڀانور نه ڪري، نماڻو نوڪر ٿي وهنوار ڪري. نمرتا ۾ ئي ڪيس نور ملندو. روحاني روشني ملندي جا روشني ڪيس هن سنسار ساگر مان پار پهچائيندي. جي آتمڪ اُنتي ڪرڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو، معصوم ٿيو، جيئن ٻار معصوم ٿين ٿا. جيڪڏهن توهان ايشور جي دربار ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻار ٿيو.

ٻالڪ ٿي تون اندر آءُ،
تنهن سدا ٿيو نمڻ وڌاءِ!
نوري نماڻي سترگر دربار،
آهي ٻال مندر ٿيءُ تون ٻار.

هن موقعي تي سادو واسواڻي مشن طرفان ڪيڏو ڀوش ڀڄن ڪيو ڪئي پوڄيه دادا جن هٿان اناج، وستر ۽ روڪ سهائتا ڏياري وئي.

مٿو آهي، ۽ توهان اُن مٿر کي وساري ڇڏيو آهي.

منهنجا پيارا ڀائرو، ڀيارون ڀيڻرون. اُن پريوءَ سان کو نہ کو سنبنڌ جوڙي ڪيس سڪ جا سڏڙا ڪريون. پوءِ ٻيهر پڪار ڪريون تہ اچي اسانجي سنڀال ۽ رکشا ڪندو.

١٠ آڪٽوبر دهليءَ جي سنڌو ڀون ۾ داداجن وياکيان ڏنو. ١٢ آڪٽوبر داداجن ائيبرول آر. ايڇ. ٺهليالٽيءَ جي بنگلي تي روح رهاڻ ڪئي. ١٣ آڪٽوبر دهليءَ جي ستسنگ آستان تي دادل شاهہ جو ١٠٦ جنمدن اتسو ملهايو ويو. دادا جشن دادل شاهہ کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو دادا ساڌو واسواڻي مسڪينن محتاجن جو مددگار هو. هڪ ڏينهن پياري دادا کي اسٽيشن تي وڃڻو هو. اڃا ڀوڄن کائڻ ويٺو ئي تہ ٻاهران آواز آيو "مان ٽن ڏينهن کان بکايل آهيان. آهي ڪو جو بکئي کي کارائي؟" پياري دادا اتي ڀوڄن واري ٿالهي کڻي اُن پياري بکايل کي کارائي ۽ ڪيس روڪ پئسا بہ ڏنا. پاڻ دادا بکئي پيٽ مسافريءَ تي نڪتو. پياري دادا ٻڌايو تہ سچي سيوا اها آهي، جو جنهنجي توهين سيوا ڪريو، سو توهانجا شڪرانا نہ مڃي، پر توهين اُنجا شڪرانا مڃيو، جو توهان کي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. پيارا ڀائرو ۽ ڀيارون ڀيڻرون. دکين بکين جي سار لهو تہ پريو توهان جي سار لهندو.

١٤ آڪٽوبر داداجن فڪي آبزرور ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ساڌو واسواڻي مشن کي اسڪول لاءِ مليل پلاٽ تي ١٥ آڪٽوبر داداجن وياکيان ڪندي سيواڌارين کي ڌنيواد ڏني. ١٥ آڪٽوبر رات جو داداجن لکنوءَ ۾ پڌاريا. ١٦ آڪٽوبر صبوح جو بابا ٺاڪرداس اسڪول جي وديارٿين کي هنديءَ ۾ اُپديش ڏنائون ۽ نماشام جو مندر ۾ داداجن پروچن ڪيو. ١٨ آڪٽوبر سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جشن

دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته ٻار کي ٻالڪ وانگر پرڀوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. پرڀوءَ کي هميشه پاڻ سان گڏ سمجهو، ڇو ته مان اڪيلو ڪين آهيان. منهنجو مٺو محبوب مالڪ مون سان ساڻ آهي. پوءِ مان چنتا ڇو ڪريان. پرڀوءَ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. پرڀو چوي ٿو ته توهين جيڪو به ناتو مون سان جوڙيو، اُن ئي طرح مان توهان وٽ ايندس. جيڪڏهن چاهيو ٿا ته پرڀوءَ سان پتا جو ناتو جوڙيون ته ور ور پڪاريو "تون منهنجو پتا آهين، مان تنهنجو ٻالڪ آهيان". جي ماتا جو ناتو جوڙڻ چاهيو ٿا ته پرڀوءَ کي اميءَ وانگر پڪاريو. جيئن ٻالڪ اميءَ کي پڪاريندو آهي. ماتا جي ناتي ۾ وڌيڪ نرمائي ۽ پيار آهي. ماتا وٽ اسين بنا هٻڪ وڃي سگهون ٿا. پتا وٽ وڃڻ ۾ ڪڏهن ڊپ لڳندو آهي. جي چاهيو ته پرڀوءَ سان سکا سنبنڌ جوڙي سگهو ٿا. شري ڪرشن کي پنهنجو مترُ بڻايو. جيڪڏهن ڪو مترُ اوهان سان ملڻ اچي ته سياوڪ توهان ٻيو ڪم پاسيرو ڪري اُن متر سان ڳالهائيندا، اندر جو احوال اوريندا. پرڀوءَ سان به ائين ڪريو. ڪجهه وقت دنيوي ڪم پاسيرا ڪري پرڀوءَ سان ايڪانت ۾ اندر جو حال اوريو. پرڀو سڀني مترن جو متر آهي.

اِڪ دفعي پياري دادا سادو واسوانيءَ کان پڇيائون ته اوهين جيون جي ڪهڙن دورن مان لنگهيا آهيو. اڪيلائون ۽ لنگهڻون ڏٺيون آهن مصيبتن کي منهن ڏنو اٿوَ، تنهن هوندي به اوهان جي منهن تي سدائين مشڪ هوندي آهي. اُن جو ڪارڻ ڪهڙو؟ پياري دادا چيو "مونکي اِڪ متر آهي. ڏينهن جو منهنجي سنڀال لهندو آهي ۽ رات جي انڌاري ۾ به پنهنجون ٻانهون کولي مونکي پنهنجي ڇاتيءَ چنبڙائيندو آهي. هر هنڌ هر وقت هو منهنجي رکيا ڪندو آهي. پيارا، توهان جو ٻڌ اهو

ڪريو. روز گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا پرڀوءَ کي ضرور ياد ڪريو ۽ وڏن جي عزت ڪريو. ننڍن ٻچن کي پيار ڪريو.

٣ نومبر صبوح جو ساڌو واسواڻي باغ سنڌونگر ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٦ جنمدن پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ملهايو ويو. داداجن دادل شاهه جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته روز سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪريو. سادگيءَ ۾ رهو. پنهنجا وچار نرمل رکو. نام سمرن ڪريو ۽ پرڀوءَ جا پگل روپ اٿو دکي درديه انهن جي سيوا ڪريو. پيارو دادا به ڪهڙن نه انهن ٻچن نيڻن ۾ پنهنجي جيون ٻڌي ٿو ۽ شيام سندر جو درشن پائي ٿو. ديس پرديس وڃي سنتن کي سجاڳ ڪري ٿو. دکي لوڪن کي نام جو امرت پيئاري ٿو. توهين به جيڪر ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرک جو سنگ ڪري نام امرت پيئو ۽ مانڪ هيرا سڦل ڪريو.

هن موقعي تي دهال آشا داداجن جو سواگت ڪندي ڪيو ته هن نگر ۾ جلد ئي جلد اچي پياسن جي پياس پوري ڪريو. ٻاءِ هري ٺهلراماڻيءَ ساڌو واسواڻي مشن جي سيوا ڪارڻ جو ذڪر ڪيو. پوءِ داداجن جي هٿان ڪن سفيد پوش پيڙتن کي روڪڙ، اناج ۽ چادرون ڏياريون ويون. ڀيڻ مايا وامچند چيو ته دادا جشن جي آسيس سان الهاسنگر سينٽر اڃا وڌيڪ سيوا جا ڪارج ڪندو.

٤ نومبر شام جو جمنا هندوجا سنسڪرت ڪينڊر ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. ان موقعي تي داداجن پروچن ڪندي چيو:

ساڌ کي مهما ويد نه جانهه.

گر وجن فرمائين ٿا ته سنت جي مهما ويد به ڳائي نٿا سگهن.

سنت دادو چوي ٿو:

اُپديش ڪندي چيو تہ سائينءَ ۾ صدق رکو. پرڀو هڪ ڪي روزي رسائي ٿو. ڌڻيءَ جي دڳہ دائما آهي. انڪري انهي پهر مايا جي چڪر ۾ نہ رهو. ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي ڪجهہ وقت بچائي نام سمرڻ ڪريو ۽ دکين دريدرن جي شيوا ڪريو. پياري نانڪرام داداجن جي شڪرادائي ڪئي.

١٩ آڪٽوبر داداجن ڪانپور ۾ پڌاريا. داداجن سنت ڪنوررام ڪالونيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ وياکيان ڏنو ۽ اڄپت هال ۾ انگريزيءَ ۾ "تون ڪو ناهين اڪيلو" وشيہ تي اُپديش ڏيندي چيو تہ توهين اڪيلا ڪين آهيو. ڪروڪيتر جي ميدان ۾ جڏهن ارجن شوڪ اوستا ۾ پنهنجا شستر ڦٽا ڪري ٿو، اُن وقت شري ڪرشن کيس چوي ٿو "اي ارجن، تون اڪيلو ڪين آهين، مان توسان آهيان." شري ڪرشن هن وقت بہ پيو اسانکي پڪاري "توهين اڪيلا ڪين آهيو." هر حال ۾ پرڀوءَ کي ياد ڪريو. هوُ سدائين توهان سان ساٿ آهي.

ڪانپور مان داداجن آگري ۾ آيا. داداجن ٻہ ڏينهن اُتي جدا جدا آستانن تي پروچن ڏنا. ٢٤ آڪٽوبر داداجن ڀوپال ۾ پڌاريا. ٢٥ آڪٽوبر پريس ڪانفرنس ۾ داداجن پترڪارن سان مليا ۽ کين ساڌو واسواڻي مشن جي ڪارين کان واقف ڪيائون ٢٦ آڪٽوبر صبوح جو داداجن اندرام تي. شهاڻي اسڪول جي وديارٿين کي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون. نماشام جو ٻراٽرهہ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. داداجن وياکيان ڪندي چيو تہ جاڳو، جاڳو. ڪنهن وقت بہ ڪال جو سڏ ٿئي. اُن کان اڳ تياري ڪريو. نام جپيو ۽ دکين دريدرن جي شيوا ڪريو. ٢٧ آڪٽوبر صبوح جو داداجن ساڌو واسواڻي ڪاليج ۾ پڌاريا. پياري مولچند مدواڻيءَ داداجن جو سواڳت ڪيو. پوءِ داداجن وديارٿين کي چيو تہ پڙهڻ سان گڏ روز ڪو نہ ڪو ننڍو وڏو شيوا جو ڪم

۽ پرڀوءَ جا پنگل روپ، دکي دريدر، بکي ٻسون، انهن جي سيوا ڪريو.

5 نومبر داداجن اندرا گوبند واسواڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ستسنگ ڪندي چيو:

بني بنائي بن رهي، اور ڪڇ بنٽي ناهه،
تلسي انسا جان ڪر، مگهن رهو من ماهه.

جيءُ ڪيترا نه انسنا ڪري ٿو، پر پرڀوءَ اڳ، انسي سڀ ڪجهه ٺاهي ڇڏيو آهه. اُن ۾ ڪا ڦيرڦار ڪين ٿيندي. انڪري منش کي پرڀوءَ جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي. جيڪي ٿيو آهي، جيڪي ٿيندو ۽ جيڪي ٿي رهيو آهي، ان ۾ اسانجو ڀلو آهه. اهڙي ڀاونا رکڻ سان اسين سکي زندگي گذاري سگهون ٿا. منهنجا پيارا ٻالڙو ۽ ٻچڙون. نام کي نه وساريون. پنهنجي واڳ واليءَ جي حوالي ڪريون، ان ۾ ئي اسانجو ڀلو آهه.

6 نومبر شام جو ٻولاماتشري گره ۾ دادل شاهه جو جنمڏڻ اتسو ملهايو ويو. پهرين دادا گنگارام ساجنداس ۽ دادا هوتچند آڏواڻي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وڌي. ان بعد پوجيه دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو ته دادل شاهه روحاني ديس جو راڻو هو. آيو ٻاڻي ويس فقيري لوڪن جي همت ڪارڻ. پيارو دادا وڏو فيلسوف هو، مهان ودوان هو. شاعر هو، ليکڪ هو. يگ پرش هو. هزارن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيائين. سندس سکيا سرل، سمرڻ ۽ سيوا. منهنجا پيارا، اوهان به نام کي نه وساريو. جڏهن وساريو نام تڏهن پت وڃائي پنهنجي. ٻيو دکين دريدرن، بکين پسن جي سيوا ڪريو. پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏيو.

موهن چاٻڙيا دادل شاهه جي جيون جا ڪي درشيه منچ تي سهڻي نموني پيش ڪيا.

جي سؤ چنڊا اڀري، سورج ڪوٽ ملاءِ،
دادوءَ گرو گوبند بن، ته ٻي لهر نه جاءِ.

جي سون چندرما ۽ ڪروڙين سج اڀرن، تڏهن به اندر جي اوندهه گرو ۽ پريم جي ڪرپا کان سواءِ دور نٿي ٿئي.

سمنڊ ۾ برف جي ڇپ، مٿان ننڍي ٿيندي آهي، پر اندر ڏاڍي اونهي ۽ وڏي هوندي آهي. مٿان ننڍڙي لڳندي آهي، ليڪن اسين سمنڊ جو پاڻيءَ وارو روپ ڏسون ٿا، پر اندر ڏاڍا اونهان آهن. پيارو دادا به سادگيءَ جي صورت هو، نمرتا جي مورت هو. پر مهان ودوان هو. فيلسوف هو. آتمڪ گيان جو اکٽ ڀنڊار هو. دکين دکيارن جو دوست هو. پکين پسن جو مِتر هو. پيارو دادا ننڍي هوندي کان نرالو ٻالڪ هو. پڙهڻ ۾ پروڻ هو پر سندس اندر ۾ اونهي اڪير. وڏو ٿيو ته، وڏو امتحان پاس ڪري وڏن ڪاليجن جو پرنسپال ٿيو، پر سندس دل ۾ آهه پياس پرڀوءَ لاءِ. پيارو دادا فقيري اختيار ڪرڻ چاهي ٿو پر سندس ماتا انجام وٺي ٿي ته جيسين هوءَ جيئري آهي، تيسين هو فقيري اختيار ڪين ڪري. ڪجهه سالن بعد جڏهن ٿي پياري دادا جي پوڄيه ماتا پرلوڪ پڌاري ٿي، تڏهن پيارو دادا پرنسپال جي پد جي استعيفا لکي موڪلي ٿو. پيارو دادا ڏوٽي چولو ۽ پير ۾ سليپر پائي ڪڏهن نه ديس پرديس ڦري ٿو ۽ اوڏن کي هڪ ئي پيغام ڏئي ٿو: "اي لوڪو، ستل آهيو. پنهنجن حرص حواس ۾ پنهنجو جنم پيا وڃايو. ڪال جو گهنٽ لڳندو اُن وقت روئندا رهندا. انڪري پيارا جاڳو، جاڳو ۽ پريم کي پڪاريندا ڪريو "پريو، مونکي ڪڏهن ٿو ملين. اڪ ٿو ئي ٿو ملين."
اها پڪار دل اندر اُٿاريو. ڀل پئسو ڪمايو، پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر دل اندر اُداس رهو. سمجهو ته هت مسافر آهيون. اِن ڪري پريم کي پياس ۾ پڪاريو، اڪير ۾ اُن لاءِ نهاريو

ڪجهه ڪيئن. جن جي جيون جو مکيه آواز آهي: ”مٺن قرباني، مٺن قرباني.“

اوهان سڀني جي چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو، آسيس پدان ٿو. شال اوهان سڀني لـي ستگروءَ جي آسيس چمڪي، چمڪي، چمڪندي رهي.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن سنبنڌ ۾ ٢١ نومبر ميران ڪاليج ۾ اتسو ملهايو ويو. ڪاليج جي بالڪين شيوا ڪارڻ لاءِ دادا جشن کي ڪيترائون ئي سوکڙيون پيش ڪيون ۽ ڪاليج ۾ غريب ٻارن کي گهرائي پياري دادا جشن کان کين ڪمبل ڏياريا. ان موقعي تي پياري دادا جشن، دادل شاهه جي جيون تي روشني وجهندي، بالڪين کي چيو ته اڄ اوهان غريب گهرجائو ٻارن کي ڪمبل ڏئي دادل شاهه جي دل وڻان ڪم ڪيو آهي، ان لاءِ اوهانکي ڌنيواد آهي.

٢٢ نومبر ميران اسڪولن طرفان دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو ويو. داداجن دادل شاهه جي بال جيون تي روشني وجهندي وديارٿين جي رهنمائي ڪئي. ٢٣ نومبر دادل شاهه جي رٿ ياترا ڪڍي وئي. پيارو دادا جشن ۽ ٻيا پريمي دادل شاهه جي رٿ کي اتساهه ۽ امنگ سان ڪاهي رهيا هئا. داداجن جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جو پيغام پڙهي ٻڌايو. ٢٤ نومبر بالڪين ’دادا ليلا‘ رنگ منچ تي پيش ڪئي. داداجن ٻارن وانگر وديارٿين کي ڌنيواد ڏيندي اتساهت ڪيو.

٢٥ نومبر صبوح جو هون يگيه ۽ شاسترن جي پاٺ بعد دادا جشن، دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄين ويچار ڪيو ويو آهي ته ٢٥ نومبر سڄيءَ دنيا ۾ ”وشو ڏينهن“ ڪري ملهايو وڃي. پيارو دادا پيار ۽ ديا جو اوتار هو. سندس پيار ۾ اسين به جيڪر اها قرباني ڪريون. اسين هتي جا ستسنگي

٧ نومبر ايم. سي. گها هال ۾ داداجن ڪن پرشنن جي شنڪائن جو سماڌان ڪيو. ٨ نومبر صبوح جو ڪار ۾ داداجن پياري رام ميرچنداڻيءَ جي گهر جو مهورت ڪيو. رات جو داداجن پونا واپس وريا.

يوا ورش جي سنبنڌ ۾ جنتا جنارڌن پريشد جي سهاري، سوامي ٽيئونرام آشرم سنتنگر ۾ پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اپستٿيءَ ۾ سنڌي نوجوان سميلن سڏايو ويو. ان سميلن لاءِ پوڄيه دادا جشن واسوانيءَ سنديش ڏيندي چيو ته هن وقت اسان جي اڳيان وڏو ڪارڄ آهي نئين سنڌي پرڪت ٺاهڻ، نئون ديس، نئون ڀارت ٺاهڻ. اهي ڪم ڪير ڪندا؟ اهي، جي هن وقت نوجوان آهن. نوجوان آئيندهه جا اڏيندڙ، ڀوشيه جا ٿنڀا آهن.

منهنجا پيارا نوجوانو، ڀوشيه جو آواز اوهان کي سڏي رهيو آهي. آئيندو اوهان کي پڪاري رهيو آهي. اوهين اهو سڏ اپنائيندا؟ اوهين سنڌي نوجوان ان ڪارڄ ۾ پنهنجو يوگدان ڏيندا؟ يا ننڍڙن ۽ خسيس ڳالهين پٺيان پيا ڊوڙون پائيندا ۽ پنهنجو وقت ۽ شڪتيون وڃائيندا؟

اٿو، جاڳو، سنڌي نوجوانو. سنڌي قوم جا، ڀارت ديس جا آلمڪ سپاهي بڻو. ان کي برهمچاري ٿي رهو. قوم جي اميد آهي لمسوان ۾. ڀارت جي اميد آهي درويشن ۽ فقيرن ۾. اهڙن ۾، جي پنهنجو سڀ ڪجهه قوم واسطي، ڀارت ماتا واسطي قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهن.

اڄ ڪلهه ڪيترن کي ماڻهن جي واهه واهه کپي. ڪيترن کي مشهوريءَ جو شوق آهي. عهدو اقبال ڪيترن کي ڇڪي ٿو. لوڪ سڀا جي ڪرسين جي ڪن کي ڪشش ٿئي ٿي. قوم ۽ ديس کي هن وقت اهڙن نوجوانن جي ضرورت آهي، جنکي کپي

ٻڌي سگهون. پياري دادا چيو تہ ٻيءَ دواران توهين مونکي ٻڌي سگهندا. ٻيءَ آهه بخشش، جا گروءَ جي ڪرپا دواران ملي ٿي. گرو شِشيہ جي من ۾ ٻيءَ جي جوت جڳائي ٿو. سچو ڀڳت گروءَ جو اوزار ٿئي ٿو. اوزار ٿيڻ لاءِ چار ڳالهيون ضروري آهن: (١) جو گروءَ جو اوزار ٿيڻ چاهي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ هُو پنهنجي جيون نرمل رکي، پوتر رکي. اسين پاڻ کي ڪيترن نہ عيش عشرت، اندرين جي ڀوڳن ۾ اُڇلايون ٿا اسين اندرين جا غلام آهيون. ٿوري مزي، سواد ڪاڻ پاڻ کي دنيا جي دَر ڏي وڪڻون ٿا. پنهنجي آتمڪ شڪتي وڃايون ٿا. اسين جيڪر پنهنجين اکين تي ۽ زبان تي ضابطو رکون ۽ پنهنجا ويچار نرمل پوتر رکون.

(٢) جو اوزار ٿيڻ چاهي، اُن لاءِ ضروري آهي تہ هُو چپ ميڙي سگهي. جو روحاني راهہ ۾ هلڻ چاهي، اُن لئہ ضروري آهي تہ هُو ڪونہ ڪو ڳولهي، جنهن جي ڇٽي ۾ هلي. ائين ڪرڻ سان انسان نماڻو ٿئي ٿو.

(٣) اوزار ٿيڻ لئہ ٽين ڳالهہ ضروري آهي تہ جيڪي اسانکي آهي، اُهو ونڊيون، ورهايون. جيڪي اسان کي آهي، سو اسانجو ڪين آهي. پرڀوءَ اسان کي ڏنو آهي، ان واسطي تہ اسين ٻين سان ونڊيون ورهايون. هڪ ڏينهن پيارو دادا رات جي وقت حلوائيءَ جي دڪان تان پنجاہ پڙا، پوڙيون ۽ دال ۽ ڀوڄيءَ جا وٺي فقيرن ۾ ورهائي ٿو. فقير بکايل، يڪدم پڙا کولي کائين ٿا. هڪ ٻار آهي، جو ائين نٿو ڪري. پيارو دادا اُن کان پڇي ٿو: ”تون ڪونہ ٿو کائين، سبب ڪهڙو؟“ هي غريب ٻار دادا کي چوي ٿو: ”مان بکايل آهيان، پر مان کائيندس ڪونہ. ڇو جو مونکي هڪ ڀاءُ آهي، جو معذور آهي. اُهو هٿ ڪونہ اچي سگهندو آهي، اُن سان ونڊي کائيندس.“ اِهو جواب ٻڌي پيارو دادا خوش ٿئي

سدا لاءِ هنسڪ کاڌي کان پري رهون ۽ ٻين کي به اهڙي پرتگيا ڏيون ته ٢٥ نومبر هر سال ڪو به هنسڪ کاڌو استعمال نه ڪري.

نماشام جي اُتسوَ ۾ پوڄيه دادا جشن ۽ دادا گنگارام ساجنداس سورهن لکن جي ڳوٺري پوڄيه دادل شاهه جي چرڻن ۾ ڀيٽ رکي. پياري دادا جشن پوڄيه دادل شاهه جي جيون تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏيندي چيو ته اڄ جيئن اوهان پياري دادا کي ڳوٺڙي ڀيٽ ارپڻ ڪئي، اُن وقت مون پاڻ کان پڇيو ته پياري دادا کي ڇا کپي؟ ان سوال جو جواب مونکي هي آهي، ”پياري دادا کي کپي جيون، زندگيءَ جي ڀيٽ.“ پيارو دادا اسان مان هڪ هڪ کان گهري ٿو اسانجي دل اسانجي زندگي، اسانجي جيون. جيئن اسانجي جيون کي نئون ڪري. پيارو دادا ادرشٽ روپ ۾ پنهنجا ڪم پاڻ پيو هلائي. پياري دادا کي اوزار کپن. جدا جدا هنڌن تي، جدا جدا شهرن ۾ پياري دادا کي اوزار کپن. جيئن پنهنجو اهم ڪارج، انهن اوزارن دوارا هلائي سگهي.

هڪ موقعي تي پيارو دادا ڪراچيءَ ۾ رام باغ ۾ پروچن ڪري رهيو هو ته اوچتو لائوڊ اسپيڪر بند ٿي ويو. مجمعو وڏو هو. پياري دادا جو سهڻو آواز ٻڌڻ ۾ ڪين ٿي آيو. ميٽنگ پوري ٿي ته هڪ ڀاءُ پياري دادا کي چيو ته اڄ اسين اوهانجو آواز پوريءَ ريت ٻڌي ڪين سگهياسين. صرف توهان کي ويٺي ڏٺوسين. پياري دادا چيو ته ”مون ته ويٺي ڳالهايو، پر ڪيترن ڪين ٻڌو، ڇو جو لائوڊ اسپيڪر ڪم نٿي ڪيو. جڏهن مان هليو ويندس پوءِ به — مان ڳالهائيندس پيو، پر توهان مان گهڻا مونکي ٻڌي ڪين سگهندا.“

اسان پياري دادا کان پڇيو ته ڇا ڪريون جو اوهان کي سڌو

ڪنهيالعل جانيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ستسنگ ڪيو. ۲۸ ڊسمبر صبوح جو اُن گهر ۾ ئي شيوا جو ڪارڄ ڪرم رکيو ويو. داداجن سورداس ٻالڪ، ٻالڪن ۽ رمائڻ هوم جي ٻالڪن کي ٽول ۽ ڪپڙا ڏنا ۽ اُن کان وڌيڪ پنهنجي دل جو پيار ڏنو. رات جو گرونانڪ نگر جي هال ۾ پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته اوهان کي ڌنيواد آهي، جو ڪالهه اوهان هت شولاپور ۾ ڪوس گهر بند ڪرايا. پياري دادا ساڌو واسوانيءَ شڪارپور ۾ ڪوس گهر بند ڪرائڻ جو يتن ڪيو ٿي، پر اُن وقت آزاديءَ جي هلچل هئي، جنهنڪري مهاتما گانڌيءَ دادل شاهه کي تار ڪئي ته اها هلچل هن وقت بند رکو. واڄ ملندو ته مان اهو ڪم ڪرائيندس. پر آزاديءَ جي حاصلات کان جلد ئي پوءِ گانڌيجي گولين جو شڪار ٿي ويو. اهي گگدام اٿوَ گوپال جا ٻال، انهن کي ڪهائي هرگز کاڌو نه کائو.

۲۹ ڊسمبر آرتوار صبوح جو شولاپور جي هتاتما سمرتي هال ۾ پوڄيه دادا جشن جو ڪارڄ ڪرم رکيو ويو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته، پڀو سدائين توهان سان آهي. توهين اڪيلا ڪين آهيو. هڪ ڀيرءَ ۾ پتا ٻاهر ٿي نڪتا. پتا چيو ته گراج کولي موٽر ٻاهر ڪيان. ٻالڪ ڊوڙي چيو ”پپا، گراج جو در مان ٿو کوليان.“ ٻالڪ در کولڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر در کولي ڪين سگهيو. نيٺ پتا کي چيائين ”مان در کولي نٿو سگهان“ سندس پتا هڪدم هٿ مٿي ڪيو ته در کلي پيو. پڀو به، توهان جي پرسان بيٺو آهي. جو ڪم توهين نٿا ڪري سگهو، سو پڀوءَ جي مدد وٺي ڪريو يا اُن کي پنهنجي واڳ سونپي ڇڏيو. پاڻ پڀوءَ کي ارپڻ ڪريو. ارپڻ ۾ ئي آنند اٿوَ. جو پاڻ ارپي ٿو تنهنجو اهنڪار، آپو ختم ٿي وڃي ٿو. پڀوءَ کي پنهنجي نزديڪ سمجهندا ته اشڀ ڪرمن کان به ڀاڄهي

ٿو ۽ هن ٻالڪ کي پنهنجن وٽان جو نوٽ ڏئي ٿو ۽ پيا ٻه ٽڙا ڪيس ڏئي ٿو.

(۴) جو اوزار ٿيڻ چاهي، سو هر حال ۾ مشڪندو رهي. تڪليف ۾، تنگيءَ ۾، ساک ۽ نندا ۾، نفعي ۽ نقصان ۾، هار ۽ جيت ۾، صحت ۽ بيماريءَ ۾ هو پيو مشڪي. هڪ ڏينهن پياري دادا کان پڇيوسين: "دادا، توهان کي ڪهڙو نه سُور آهي، تڏهن به توهين پيا مشڪيو. سبب ڪهڙو؟ پياري دادا چيو: "هڪ آهي جو هر حال ۾ پيو منهنجي رکيا ڪري. پيو مونکي پنهنجو پيار پيئاري. ان ڪري مان هميشه پيو مشڪان."

شل اسان مان ڪي، جي اجوڪي پوتر ڏينهن هت ڪٺا ٿيا آهيون، شل اسان مان ڪن جي دلين جي اندر پياس اُٿي ته اسين پياري دادا جا اوزار ٿيون. ان ڪري شل پنهنجي جيون ارپل رکون، جيو ميٺ سکون، ونڊيون ۽ ورهايون ۽ هر حال ۾ مشڪندا رهون ۽ هڪ سڀاڳي ڏينهڙي پياري دادا جا اوزار ٿي پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون."

وقت جي سڀاپتي چيف جسٽس چندروڪر تقرير ڪندي چيو ته ساڌو واسواڻي نه فقط سنڌين جو آهي، پر اسان سڀني جو آهي. ساڌو واسواڻيءَ، شري رامڪرشن پرمهنس ۽ سوامي وويڪانند سڀاڳي سکيا اچي ڏني ته پرڀو هر هڪ جي اندر ۾ براجمان آهي. ان کي پنهنجي اندر ۾ پرڪاش ڪريو. ساڌو واسواڻيءَ جي روحاني وارث سنت جشن واسواڻيءَ اڄ ڪهڙو نه سندر اُپديش اسانکي ڏنو آهي. سندس سکيائن کي اپنايون ته آتمڪ آنند پايون.

۲۶ نومبر پوڄيه دادا جن اونداوالا روانا ٿيا. اُتي پرڪرتيءَ جي گود ۾ ٽي ڏينهن شانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريائون.

۲۷ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ شولاپور روانا ٿيا. شام جو ٦ بجي، دادا جن شولاپور پهتا. رات جو پياري

هيڏي ملڪيت منهنجي پتا کي آهي، جو اڌو حصو مونکي ڏنو اٿائين. هي ڏاڍو خوش ٿيو. هي ٻئي شهر ۾ ويو، اُتي دوستن جي ٻري سنگت ۾ هن سڀ پيارو لکه لٽائي ڇڏيو. نوبت اها پهتي جو هي اهڙو مان فقير بڻجي پيو. لاچار هي هڪ ماڻهوءَ وٽ نوڪري ڪري ٿو، جو کيس سوئرن جي سنڀال سونپي ٿو. بانس پڌوءَ واري جاءِ ۾ رهي ٿو. جلد ئي تنگ ٿي پوي ٿو ۽ پنهنجي ڪيل غلطين تي پڇتاءُ ڪندي سوچي ٿو ته ڇونه پوڄ پتا وٽ وڃي نوڪري ڪريان ۽ معافي وٺان. هي پيارو همت ٻڌي پتا وٽ اچي ٿو ۽ سندس چرڻن تي ڪري معافي وٺي ٿو. پتا پٽ جا اهڙا حال ڏسي کيس گلي لڳائي ٿو ۽ چويس ٿو "بالڪ، هيءَ منهنجي ملڪيت جو حصو به تنهنجو آهي، خيال نه ڪر."

اسين به مايا جي چڪر ۾ اچي پرڀوءَ کان پري ٿي دکي ٿيون ٿا. جڏهن سچي نيت سان پڇتاءُ ڪري وري پرڀوءَ جي شرڻ وٺنداسين ته پرڀو اسانکي پاڻهه مان پنهنجو ڪندو.

۱ جنوري ۱۹۸٦ پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته نئين سال جو پيغام اٿو "پرڀوءَ ۾ صدق رکو." صدق وارو انسان سڦلتا پراپت ڪري ٿو، سکي گذاري ٿو. ولايت ۾ هڪ وڏو ودوان هڪ وڏي يونيورسٽيءَ جو پرزيڊنٽ هو. هڪ دفعي سندس جنم ڏينهن ملهايو ويو. اُن ڏينهن ڪن شاگردن هن کان پڇيو "سائين، توهان سدائين پيا مشڪو. ههڙو سارو ڪم توهانجي ڪلهن تي آهي، ته به پيا مشڪو! ان جو راز ڪهڙو آهي؟ تڏهن اُن ودوان ورائيو "منهنجي مشڪ جو راز اٿو پرڀوءَ ۾ صدق. پرڀو آهي منهنجي ماتا، جنني. انڪري مونکي ڪنهن به ڳالهه جي چنتا ڪانه ٿئي. مان پنهنجو ڪم ڪندو آهيان صدق ۽ سانت ۾.

مونکي هڪ پرڀوءَ جو پيارو مليو جو آسام ۾ هڪ آشرم

پاسيرو ٿي ويندا. توهان جي جيون نئين ٿي پوندي.

رات جو نوجوان سوسائٽي گرونانڪ دربار ۾ پوڄيه داداڄن پروچن ڪندي چيو ته پنهن جا اوگڻ نه ويچاريو، نه انهن جي پچار ڪريو. سدائين سٺا گڻ اپنايو. هڪ درويش پنهنجن ششن کي چيو ته "پيارا، توهين جهڙي سهيل آهن، تن جا پرئڪٽيڪٽ وڃي ٿا لاهيو." شش وائڙا ٿي ويا ٿا. چون ٿا "سائين، ڪوئي سمجهايو. اسان ته اهڙو ڪم نه ڪيو آهي." درويش چيو ته "پيارا، توهين پنهن جون ڏوهون ڏسي وڃي ٿا پنهن کي پڌايو، ائين نه ڪريو. انهن جو پيڪ پيڪيو، انهن کي پرڀو سان سمجهايو." پيارو دادا سادو واسواڻي پائين، گنهگارن کي به پيار ڪندو هو. پيار وارو انسان پنهن جي عيب جوئي نٿو ڪري. پرڀو اسان کي ڪڏهن نه پيڪي ٿو. اسين به پنهن کي پيڪيون ته پرڀو اسانکي پيڪيندو.

٣٠ ڊسمبر پوڄيه داداڄن سنگت سان گڏ شولاپور مان مدراس روانا ٿيا. ٣١ ڊسمبر داداڄن مدراس پهتا. ڪيترن پريمين سندن سواگت ڪيو. صبوح جو داداڄن سمنڊ جي ڪناري پڌ ڪرڻ ويا. نماشام جو پياري هيمديو جي گهر داداڄن اپديش ڪندي چيو ته مان جڏهن لفٽ ۾ چڙهيس ته لفٽ اندر لکيل هو 'Welcome Son'. اهي اکر پڙهي مونکي دادل شاهه جي پڌايل ڳالهه ياد اچي پئي. هڪ شاهوڪار کي ٻه پٽ هئا. پڙهي وڏا ٿيا. وڏو پٽ پتا کي چوي ٿو "پتاجي، مان هاڻ وڏو ٿيو آهيان، ڪيترائي سال توهانجي حڪم ۾ هليو آهيان، هاڻ چاهيان ٿو ته ٻاهر نڪران ۽ ڪجهه اڪيلي سر پنهنجو ڪم ڪريان." پتا گهڻو ئي سمجهايس، پر هي نه مڙيو. پتا سڄي ملڪيت جا ٽي حصا ڪيا. هڪ ننڍي پٽ لاءِ، ٻيو حصو پنهنجي لاءِ ۽ باقي ٽيون حصو وڏي پٽ کي ڏنائين. وڏو پٽ وائڙو ٿي ويو لــه

وڏوان واچ ۾ وقت ڏٺو ۽ مهاڻي کان وري پڇيائين "ٻڌار، تون وقت ڏسڻ ڄاڻين!" مهاڻي چيو "نہ". تڏهن وڏوان چيس تہ تو عمر جو ٻيو حصو بہ اجايو ويو. مهاڻو سانت ۾ رهيو. ٻيڙي هلائيندو هليو. اوچتو اچي طوفان لڳو. ٻيڙي لُڏڻ لڳي، ٻُڏڻ لڳي. مهاڻي اَن وڏوان کان پڇيو "تون ترڻ ڄاڻين؟" وڏوان چيو "نہ". مهاڻي چيس "تو تہ سڄي عمر اجائي وڃائي."

منهنجا پيارا ڀائرو، پيارڙيون ڀينرون. اسين بہ وچ سمنڊ ۾ آهيون. ترشنائن جا طوفان پيا لڳن. جيڪر ترڻ سکون. ڪنهن ڪامل ملاح کان سکيا وٺون، تڏهن ترڻ سگهنداسين. ٻاجهارو ٻاجهہ ٻيڙي جهلي بيٺو آهہ، اُن ٻيڙيءَ ۾ چڙهون. اها ٻيڙي اٿوَ ستسنگہ جي ٻيڙي. روز ستسنگہ ۾ اچو. اچي ستسنگہ جي ٻاجهہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهو. هڪ ڏينهن ٻاجهہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي پهچندا پورنبدر، جت پيارو بيٺو ٻانهن ٻجائي.

9 جنوري ميران گرلس ڪاليج طرفان دادا سادو واسوانيءَ جي پٽيہ تٿي ملهائي وئي. ڪاليج جي ٻالڪين دادل شاهہ جي جيون جون ڪي جهانڪيون منچ تي پيش ڪيون. دادا جشن پوڄيہ دادل شاهہ کي شردانجلي ڏيندي چيو تہ، پياري دادا وهہ سال اڳ ديهہ جو چولو ڇڏيو آهہ، پر هوُ زندہ شڪتي آهہ. ڪيتن نہ سندس سگندن پورب ۽ پشچم ۾ پکڙيل آهہ. پياري دادا کي ڪرامتون ڪين ڏيکاريون، پر پنهنجي پيار جي شڪتيءَ سان لکين لوڪن تي جادو لڳايو. ڪيتن نہ هن گدامڙيءَ جي وڻ هيٺ ويهي ٻرامڻن کي سکيا ڏني تہ پرارٿنا پوڄا ڪريو لڳائي. دکين دردمندن جي پيار ۾ سيوا ڪريو. اڪ اڪ پساون پراڻيءَ کي پنهنجو پيار ڏيو ۽ اُن جا مددگار بڻجو. ڪاليج جي ٻالڪين غريبن جي سيوا لاءِ دادا جشن کي ڪيتريون اُهي پيٽائون ڏنيون. پرنسپال رتنا واسوانيءَ داداجن جي

هلائيندو آهي. اُن ڪيترائي ڀيرا سي اچي پنهنجي روحاني اُڃ
ٻجهائيندا آهن. هڪ ڏينهن جيئن هو آيل ٽپال پڙهڻ لڳو ته
پهريون خط جو هن پڙهيو، اُن ۾ اُن آشرم جي جڳهه جي مالڪ
لکيو آهي ته آشرم جي جاءِ وڪڻڻي آهي، اُن ڪري جلدي
خالي ڪرايو. جيتوڻيڪ هن آشرم جي سنڀالڪ جو پريوءَ ۾
وشواس ته هو، پر تڏهن ته هي خط پڙهي هو ٿورو مايوس ٿي
ويو. وري ٻي ٽپال پڙهڻ شروع ڪيائين. جڏهن ٻياري پوئون
لفافو کوليو ته اُن ۾ پتر سان گڏ هڪ لک رپين جو ڊرافٽ پڻ
پيل هو. پتر ۾ لکيل هو ”توهانجو آشرم ۽ ڪارج ڏاڍو وڻيو.
مان هن پتر سان گڏ هڪ لک رپين جو ڊرافٽ موڪليان ٿو.
توهان انهن پئسن مان آشرم واري جاءِ خريد ڪندا.“ خط پڙهندي
هن ٻياري جي اکين مان خوشيءَ جا لڙڪ لڙي آيا ته پريو
ڪيئن نه سار لهي ٿو پرماتما ۾ سندس وشواس وڌيو.

سچ پچ پريو آهه اسانجي ماتا، اُنڪري اُن کي نه وساريو.
پل پل ائين سمجهو ته پريو واتو اسانجي رکشا ڪري. پريو آهه
دئيال، جو هر حالت ۾ آهه رکپال.

۲ جنوري ۱۹۸۶ آرتوار صبوح جو پوڄه. دادا جشن مدراس
جي راڌي شيام مندر ۾ پڌاريا. پياري جشن سواڳت پوڄه.
داداجن جو سواڳت ڪندي چيو ته اڄ اسانجا سوڀاڳيه آهن جو
اسانجو سونهارو سمت اسان وٽ پڌاريو آهه، اسان پياسي دلين
جي پياس پوري ڪرڻ. پوڄه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو
ته ستسنگ جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هي ڀوساگر پار ڪريو. هڪ
دفعي هڪ ودوان ٻيڙيءَ ۾ سفر ڪرڻ لڳي ويو. هٿ ۾ هڪ
ڪتاب هوس، جو والي پڙهيائين. وچ سفر ۾ ملاح کان پڇيائين
ته تون لکي پڙهي ڄاڻين؟ ملاح چيو ته اکر ڪين ڄاڻان. ودوان
چيس ”تو هڪ حصو عمر جو اجايو وڃايو. ڪجهه وقت بعد

سندس ڪُٻا سان ڪيڏا نه شيوا جا ڪارناما هٿ ٻوني ۾
۽ ٻين شهرن ۾ هلي رهيا آهن. هُو ادرشت نموني ٻيو آسيس
ڪري. اڄ به سندس وچن جادو لڳائين ٿا. اڇا ٿائين دادل شاهه
حاضران حضور آهي. سيلاني مان هڪ ماڻهو دادل شاهه جي درشن لاءِ
اچي ٿو، اچي سندس سمڪ وهي ٿو. هي ماڻهو چوي ٿو ته پياري
دادا جي مڪڙي جي جوت ٻيٺي چمڪي، پر سندس هلت
چلت رواجي انسان وانگر آهه. پيارو دادا لڪل ٿي رهيو.
ورسي اڪر جي سعدي آهه ورڪا. سنتن جي ورسين لي ديو
ديوتائون به اچن ٿا. سنتن جي ورسين جي مهما نياري آهي.
سنت پاڻ به اچي ٿا ورسين لي پهچن.

وئشاليءَ جي راجا کي هڪ پندرهن سالن جو سندر ٻالڪ هو.
هڪ رات جو ڌاڪو محلات ۾ گهڙي مال اسباب کڻن ٿا. ڌاڪن
جو سردار اُن ٻالڪ کي ڏسي، اُن کي به پاڻ سان کڻي وڃي ٿو.
صبوح جو راجا کي خبر پوي ٿي ته ڌاڪو سندس ٻالڪ کي به
کڻي ويا آهن. راجا ٻالڪ جي ڪافي ڳولها ڪرائي ٿو پر ٻالڪ
نٿو ملي. هڪڙو نئي ٻالڪ! راجا ڏاڍو دکي ٿئي ٿو، روئي ٿو.
پندرهن سالن کان پوءِ راجا جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ وڃي ٿو.
پريان هڪ سندر سڊول نوجوان ڏسي ٿو، اُن کان پڇي ٿو، تون
ڪير آهين؟

نوجوان چوي ٿو "مان ڌاڪو آهيان." راجا هن جي منهن
لي هڪ ٽڪ ڏسي ٿو. دل ۾ چوي ٿو ته هي نه، منهنجي پٽ
کي به هو. وري راجا پڇي ٿو "تنهنجو پتا ڪير؟" جوان جواب
ڏيندي چوي ٿو "اُهو به ڌاڪو آهه. ٻيو ٿي ويو آهه، ان ڪري
گهر ۾ ويٺو آهه." راجا چيس ته مونکي اُن وٽ وٺي هلندين؟
ٻئي اُن وٽ اچن ٿا. راجا اُن ٻڍڙي ڌاڪوءَ کان پڇي ٿو ته
هي نوجوان ڪير آهه؟ ورتل اوستا وارو ڌاڪو چوي ٿو "هي

شڪرادائي ڪئي.

١٠ جنوري صبوح جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادل شاهه جي ورسي ملهائي وئي. دادا جشن ٻالڪن کي اُپديش ڏيندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ڪيئن نه ميران وديا هلچل دواران ٻالڪن ٻالڪين ۾ پراڻما، پوترتا، ستيه، سيوا، سادگي، سڇائي، سنيم جا ٻج ڇٽيا. توهين به انهن آدرشن تي هلي جيون سڦل ڪريو. ١١ جنوري صبوح جو ميران انگلش پرائمري اسڪول جي ننڍڙن ٻالڪن پياري دادل شاهه جو ڏينهن ملهايو. ان موقعي تي انهن ننڍڙن ٻالڪن دادل شاهه جي جيون جا ڪي درشيه منچ تي پيش ڪيا. پوجيه دادا جشن ٻالڪن کي خوب ڪلا ڏيندي چيو ته سچ ڳالهايو، ڪاوڙ نه ڪريو ۽ سڀني سان ونڊي ورهائي کائو.

١٢ جنوري شام جو شانتي ڪنج ۾ دادل شاهه جو ورسي اُتسو ملهايو ويو. پوجيه دادا جشن اُت متو اُپديش ڏنو.

١٦ جنوري پرڀات جو پوجيه دادل شاهه جي سماڌي استان تان پرڀات ڦيري نڪتي. ڪيئن نه پيارو دادا جشن ۽ ساري سنگت دادا شام جو ڌنيون لڳائيندا هليا. صبوح جو ٨ بجي دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ ڪيرتن هون ٿيو. اُن بعد دادل شاهه جو اُپديش، ١٠ بجي ورسي اُتسو سمپند ۾ پوجيه دادا جشن، ساڌو واسواڻي مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام کٽيندڙن کي انعام ڏنا ۽ سفيد پوشن جي سيوا ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيستو هونچند آڏواڻيءَ، دادا گنگارام ۽ ڀائي آشا دادل شاهه جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

پوجيه دادا جشن شردانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا هو اسانجي ماءُ پتا. ڪيئن نه دادا اسانجي سنڀار لهندو هو، پيار ڏيندو هو. اڄ به هو لڪل نموني اسانجي پيو ديکڀال ڪري.

اُپديش ڪندي ودياريٿين کان پڇيو تہ توهان هاڻ درشن ڏٺو تہ ڪيئن نہ ڪاسائيءَ ٻڪريءَ کي (نقلي ٻڪري) ڪٺو ٿي. اُن جون دردي دانهون توهان ٻڌيون. ڇا هاڻ توهين ماس کائڻ ڇڏيندا؟ اٽڪل ٻن سوَ کن ودياريٿين هٿ مٿي کيا تہ هو ماس آهار کان پري رهندا. دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ مونکي خوشي آهہ جو توهان اڄ پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي چرڻن ۾ اها سندر سوکڙي پيش رکي آهہ. دادل شاهہ جي ٻالڪن ۾ وڏي اُميد هوندي هئي. چوندا هئا تہ ٻالڪ ديس کي اڏيندا ۽ آئيندهہ جا ابا ٿيندا. دادل شاهہ ٽن اکرن ۾ سکيا ڏني آهہ. جيڪو شاگرد اهي اکر ٻڌائيندو تنهنکي مان واچ ڏيندس. ڪيترن ئي ودياريٿين جدا جدا جواب ڏنا. ڪنهن چيو "سادگي، سمرن، سيوا." ڪنهن چيو "شيوا، ڀڳتي، سچائي." دادا جشن چيو تہ توهان سٺا ويچار ٻڌايا آهن، پر دادل شاهہ اهي اکر نہ چيا آهن. آخر هڪ ٻالڪ چيو "شيوا، شيوا، شيوا." دادا جشن چيو "برابر" داداجن هڪدم اُن ودياريٿيءَ کي واچ انعام طور ڏني. ان بعد داداجن کان سفيد پوش پيرن کي ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏياري وئي. پساغ هربخش پنجابيءَ داداجن جا آڀار مڃيا. رات جو گانڌي نگر جي ميدان تي پوجيہ داداجن پرورچن ڪيو.

1 فيبروري صبوح جو گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ پياري پرتاپ راءِ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو تہ روز ڪنهن نہ ڪنهن جي شيوا ضرور ڪريو. "جن سيويا تن پائيا مان". پسون پکي، اڪ اڪ ٻراٽيءَ ۾ ٻوٽو پيو وسي. اُنهن جي نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪريو. توهين مونکي رات جو اُن ڀيڻ وٽ وٺي هليا، جنهنجي جهوپڙي جلي وئي. ٿورا ڏينهن ٿيا تہ سندس پتي گذاري ويو. اُن ڀيڻ کي آئت جي ضرورت

منهنجو پٽ آهي." راجا ڊاڪوءَ کي چيو ته "مان ويشاليءَ جو راجا آهيان. هي جوان ڊاڪو منهنجو پٽ لڳي ٿو." پوءِ ڊاڪو چيو ته "توهين برابر آهيو. مان ئي هن ٻالڪ کي اوهانجي محلات مان چورائي کڻي آيو هوس." راجا کيس چيو ته، مان هاڻ وڏي عمر جو ٿيو آهيان. مونکي جيڪر منهنجو پٽ واپس ڪونه ته کيس تخت تي ويهاريان. ڊاڪو، جوان جي ٻانهن راجا کي واپس ڪري ٿو. راجا ڪيڏو نه خوش ٿئي ٿو.

اهو جوان ڊاڪوءَ جي سنگ ۾ هو ته به راجڪمار هــو، فقط سنگ دوش سبب ارٿات ڊاڪن جي سنگ ۾ راجڪمار پاڻ کي به ڊاڪو پئي سمجهيو. اسين به حقيقت ۾ راول ديس مان آيا آهيون. هت اچي چورن جي سنگ ۾ سڀ وساري ڇڏيو اٿئون. ڪسيءَ ۾ ڪريل آهيون. سنت اچي ٿا اسانکي سمجهائڻ ڪن ۽ چون ٿا "نجي پدارٿ وٺو ۽ ڪوڙي پرپنچ کان پاڻ آزاد ڪريو."

١٦ جنوري رات جو جاڳرتي ستسنگ ۾ پوڄيه داداجن پاڻ وينا ۽ سنگت کي آسيس ڪيائون. ١٧ جنوري داداجن دريدر نارائڻ جي سيوا ڪئي. لنگر جي پڻ سيوا ڪئي. شام جو داداجن سنگت سان گڏ ديپڪ ٻاري دادل شاهه جي پتلي وٽ هليا ۽ پرارٿنا ڪيائون. نماشام جي ستسنگ ۾ پڻ داداجن منو اپديش ڏنو.

٣١ جنوري صبح جو پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ ڪولهاپور روانا ٿيا. منجهند جو ڪولهاپور اسٽيشن تي سڄڻن شردالن داداجن جو سواگت ڪيو. شام جو گانڌي نگر جي سادو واسواڻي اسڪول جي ميدان تي دادا سادو واسواڻيءَ جو ١٠٦ جنم ڏن اتسو ملهايو ويو. وديارٿين دادل شاهه جي جيون جون کي جهانڪيون پيش ڪيون. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن

بادشاهہ کي سلام ڪري پنهنجي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيو. رستي تي من ۾ اِن رسوائي سوچيو ته هيترن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ وڃي رهيو آهيان. گهر جا ڀاتي، مٽ مائٽ ملندا، انهن کي هنن ٻن روپين مان ڇا ڏيندس. اهو رسوايو پنڌ ڪندي هڪ اهڙيءَ جڳهہ تي پهتو، جتي ڪيترائي قنداري ڏاڙهن جا ڀريل گاڏا بيٺا هئا، هن ويچار ڪيو، ڇو نه انهن ٻن روپين جا ڏاڙهون خريد ڪري اهي ڏاڙهون هلي گهر وارن ۽ مائٽن کي سوکڙيءَ طور ڏيان. هو هڪدم ٻن روپين جا قنداري ڏاڙهون وٺي هڙ ٻڌي پنهنجي ماڳ ڏانهن هليو. پنڌ ڪندي ڪندي هڪ اهڙي شهر ۾ اچي پهتو، جت راڻي بيمار هئي. حڪيمن راجا کي چيو ته راڻيءَ جي بيماريءَ جو هڪ ئي علاج آهي، قنداري ڏاڙهن جي رس. اُن شهر ۾ قنداري ڏاڙهون ڪين هئا. راجا ويچار ڪيو ته قندار يا ٻئي شهر ڏانهن ڏاڙهن لاءِ ماڻهو موڪلجي. ليڪن راڻيءَ جي ڪهڙي حالت ٿيندي! راجا هڪدم ڍنڍورو گهمايو ته جيڪو به قنداري ڏاڙهون ڏيندو، اُن کي هڪ ڏاڙهونءَ عيوض هڪ هزار روپيا ڏنا ويندا. رستي ويندي اُن رسوائي اهو ڍنڍورو ٻڌو ۽ هو سمورا ڏاڙهون کڻي راجا وٽ آيو. راجا قنداري ڏاڙهون ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ انهن ٽيهہ ڏاڙهن عيوض رسوائي کي ٽيهہ هزار روپيا ڏنائين. رسوايو ٽيهہ هزار وٺي پنهنجي ڳوٺ روانو ٿيو. هن انهن پيسن مان ڌيءَ جي شادي ڪرائي. مٽن مائٽن ۾ ڪجهہ پيسا ورهايا ۽ باقي پيسا هن پنهنجي پٽنيءَ کي ڏنا. ڏسو، پورهئي جي ڪمائيءَ وارا ٻن روپين ۾ ڪيڏي نه برڪت پيئي!

ٻارهو، توهان به حق حلال جي ڪمائيءَ مان گذران ڪريو. اُن ڪمائيءَ مان برڪت پوندي. پاپ کي مايا پراشچت ڪايا. توهان به نام کي نه وساريو.

۴ فيبروري پياري شيام رام واڌوا جي گهر پوڄيہ داداڄن

هئي، مدد جي درڪار هئي. اهڙيءَ طرح ٻين ٻين کي پڻ ڏکي هونديون، اُنهن کي به، سهانڀوتي ۽ سهائتا جي ضرورت هوندي. انهن کي مدد ڪريو، مصيبت جي بچاءُ ۾ ۽ روز ڪجهه وقت بچائي پرڀوءَ کي ياد ڪريو.

ان بعد داداجن پياري جي. سي. چانڊواڻيءَ جي گهر ۾ آيا. جت داداجن غريب اسڪولي ٻارن کي ٽول ڏنو ۽ روح رهاڻ ڪئي. ۱ فيبروري داداجن ڪولهاپور جي پريمين کان موڪلائي بنگلور روانا ٿيا. ۲ فيبروري صبوح جو داداجن بنگلور پهتا ۽ پياري شيام رام واڌوا جي گهر ۾ وشرام ڪيائون.

پوڄيه دادا جشن بنگلور ۾ "ساڌو واسواڻي هال سينٽر هال" جو بنيادي پٿر وجهندي چيو ته هن سينٽر دوارا ٻالڪن ۾ پياري دادا جي سکيائن جو سنچار ڪريو. ٻار سڌريا ته قوم سڌري. ٻار اوهانجي دولت آهن، انهن کي سٺي واتاورڻ ۾ پاليو.

۳ فيبروري بنگلور ۾ دادا امر جي آستان تي پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته، پورهئي جي ڪمائيءَ ۾ برڪت ٿئي ٿي. ان ڪري پورهئي کان عار نه ڪريو، پر پيار ڪريو. بادشاهه ناصرالدين پنهنجي کاڌي پيتي ۽ ٻين شخصي گهرجن لاءِ ملڪ جي خزاني مان ڪين کڻندو هو. هو پنهنجي هٿ سان قرآن شريف لکندو هو. اُن مان کيس جيڪا آمدني ٿيندي هئي، اُن مان پنهنجي گذران ڪندو هو. وٽس هڪ رسوئو ڪم ڪندو هو. رسوئي کي گهر مان لکجي آيو ته جلدي گهر واپس اچ. رسوئو بادشاهه کان موڪلائڻ ويو. بادشاهه کيس ٻه روپيا پنهنجي ڪمائيءَ مان ڏيندي چيو ته پيارا، تنهنجي پگهار ته چڱي رهيل آهي پر هن وقت مونکي پنهنجي ڪمائيءَ جا صرف ٻه روپيا آهن، سو تون پنهنجي گهر کڻي وڃ. رسوئو

٧ فيبروري ڀارتيءَ وديا ڀون ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته وڏا وڏا سائنسدان آئنسٽائين ۽ شروڊنجي جهڙا چئي رهيا آهن ته سائنس جي اڳيان هيٺئين وڏو سوال آهه ته انسان ڇا آهي؟ ان سوال جو پورو پورو جواب ويدانت ۾ ملي ٿو. وگيان ۽ ويدانت هيٺئين هڪ ٻئي جي نزديڪ اچي رهيا آهن. روز روز اسين ڪجهه وقت سانت جو اڀياس ڪريون. سانت ۾ واهي پاڻ کان پڇون ته مان ڪير آهيان؟ روز ڪنهن نه ڪنهن دکي درپدر، پکي پسوءَ جي سيوا ڪريو.

هڪ پرهيءَ دادا جن کان سوال پڇيو ته جوتش وديا ۾ اوهانجو وشواس ڪيتري قدر آهي؟ دادا جن چيو ته جوتش وديا ۾ ڪيتروئي سچ آهي پر اڄ ڪلهه سچا جوتشي ملڻ ڏکيا آهن. سڀني گرهن جو مالڪ پريو آهي. اُن جي جيڪو شرڻ وٺي ٿو، سو هر ڪا ڳالهه پريوءَ جو پرساد ڪري قبول ڪري ٿو. اُن کي گرهه هلاڪ ڪري نٿا سگهن.

٨ فيبروري پوجيه دادا جشن ٻنگلور ۾ دادا امر جي ٿاپا ڪيل اپاهجن جي گهر ۾ پڌاريا. پوجيه دادا جشن اتي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته هن سينٽر جو ڪم دادا امر جي آسيس هيٺ ڏن ٻه ڏن وڌندو رهي ٿو. هيءَ سنستا ٻنگلور ۾ سنڌين جو شان آهي. اپاهج ۽ لاچار ٻار ڀڳوان شري ڪرشن جو روپ آهن. انهن جي سيوا ڪرڻ آهي پريوءَ جي پوڄا. هڪ دفعي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ٻڌايو ته مان پريوءَ جي تلاش ۾ ڪيترن ئي مندرن، ٺڪاڻن، ديولن ۽ تيرٿ آستانن تي ويس، پر مونکي پريوءَ جو درشن اُت ڪين مليو. نيٺ هڪ ڏينهن مرليءَ جو آواز ٻڌم. جنهن پڪاريو ”پريو ته آهه اُت، جت غريبن، دکين، ديڻن ۽ پکين جي سيوا ٿئي ٿي پيار ۽ شرڌا ۾.“ مونکي خوشي آهي جو اهڙي سنستا جو اڳوان آهه دادا امر، جو اُن

روح رهاڻ ڪندي چيو ته پيارو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

نوري نمائي سنگر دربار،
آهي ٻال مندر، ٿيءُ تون ٻار.

پرڀوءَ وٽ ٻار ٿي اچون. جيئن ٻار ماتا پتا وٽ هوندو آهي ته ڪيس ڊپ نه ٿيندو آهي. هڪ ٽرين ٽنيل مان ٿي لنگهي. گاڏيءَ ۾ چڙهيل ٻارن وڏي گوڙ ڪيو ۽ ڊڄڻ لڳا. هڪ ٻالڪ ماٺ ڪري پي ڀرو ويٺو هو. جڏهن ٽنيل مان ٽرين لنگهي پورو ڪيو ته هن ٻار کان پڇيائون ته توکي ڊپ ڪونه لڳو؟ هن ٻالڪ چيو ڊپ ڇاجو! منهنجو بابا ويٺو ٽرين هلائي، ضرور سنڀالي هلائيندو هوندو، اهو منهنجي رکشا ڪندو. اسانجي زندگيءَ جي گاڏي پرڀو ويٺو هلائي. اسين سمرپت ڀاوَ سان اُن جي شرڻ وٺون، هوُ اسان جي قدم قدم تي سنڀال لهي ٿو.

۵ فيبروري صبوح جو بئنگلور جي مائونٽ ڪارميل ڪاليج ۾ جدا جدا قومن جي نوجوان ٻالڪين اڳيان پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ جي نوجوانن تي وڏي جوابداري آهي. ڪين نئون ڀارت ٺاهڻو آهي. ان ڪري ضروري آهي ته هو پنهنجي زندگي سندر آدرشن ۾ ٺاهن. پرڀوءَ پاسان ته زندگي ۽ زندگيءَ جون نعمتون آهن امانت دکي دنيا جي سيوا واسطي. اڄ ڌرم جي نالي ڇوڪراري تڪرار ۽ خونريزي ٿي رهي آهي. ڌرم آهي صلح، ڌرم آهي پيار. پرڀو هڪ آهي ڀڳتن جي خاطر پرڀو پين پين اوتار ڌارڻ ڪري ٿو. پنهنجي پنهنجي ڌرم ۾ صدق رکي پنهنجو پنهنجو ڪرتويه پالن ڪريو ۽ هڪ ٻئي کي پيار ڪريو. پيار، قرباني ۽ تياڳ دوارا ئي نئين ڀارت جو نرماڻ ٿي سگهندو. سوارٿ جو تياڳ ڪري ديش ۽ قوم جي اُنتيءَ لاءِ ڪوشش ڪريو. پنهنجي چرتر جي پوري سنڀال ڪريو. چرتروان انسان ئي ديش کي ٺاهي سگهندا.

پريشاني عجيب آهي. مان هن جي سنڀال لهندس. پتا، اُنهي بيسمت کي ٻالڪ جي ٻانهن ڏئي ٿو. هوءَ هن جي پرگهور لهي ٿي. هي نوجوان اڳتي هلي ڪيڏو نه اڀياس ڪري ٿو، وڌوان ٿي پوي ٿو. هن ڀارتيه سنسڪرتي ساهتيه جو اونهون اڀياس ڪيو. هن ديش وديش ۾ وڃي ڀارت جي رشين منين جو سنديش ڏنو. سندس تقريرون ڇا هي تقريرن ۾ عجيب تاثير هوندو هو. ٩٠ ورهين جي عمر ۾ هي پيارو ٻڍڙو جي ٻار ڏانهن رمندو رهيو. شل پرماتما ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٢٤ فيبروري پوڄيه دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. نماشام جو داداجن شيام نواس ۾ اُپديش ڪيو. ٢٥ فيبروري راشٽريه شيوا سمتيءَ جي سهاري چيمبور ڪالونيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ان سمتيءَ جي سهاري چيمبور ۾ انٽلڪ هاسپيٽل هلندڙ آهي. پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته توهين هن کي اسپتال ڪوٺيو ٿا، پر مان هن کي هڪ تيرٿ آستان ڪري ڪوٺيان ٿو. هڪ ڏينهن پياري دادا کان پڇيو ويو ته ”پيارا دادا، توهان کي پرڀوءَ جو درشن ڪڏهن مليو ۽ ڪٿ مليو؟“ پياري دادا چيو ”مان تلاش ۾ نڪتس ۽ پڇيم ته منهنجو محبوب ڪٿي؟ هيٺ هيٺ ويس. نديءَ جي ڪناري تي پهتيم. نيٺ دل اندر دلگير ٿي هڪ وڻ هيٺ وڃي ويٺس. اُتي هڪ سهڻو مٺو مرليءَ جهڙو آواز ٻڌم ”پريم ۽ شرڌا ۾ وڃي دکين جي شيوا ڪر.“ دکين جي شيوا ۾ مون پنهنجو محبوب ڳولهي لڌو.“ ڪوي ڪشنچند بيوس به پنهنجي ڪوتا ۾ چوي ٿو:

وڃڻ جي مٿرا ۽ گوڪل ناهه جمنا جي ڇپٽي،
شهر شيوا ۾ وڃي لڀ محبوب مرليڌر ڪٿي؟

منهنجا پيارا، توهين به جيڪو دان دکين جي شيوا ڪريو

شيوا جي آدرش جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني رهيو آهي.

٨ فيبروري صبوح جو پوڄيه داداڄن بنگلور جي سنڌي ڪالونيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو ته ٻالڪ کي پرڀوءَ جي حوالي ڪريو. پوءِ توهان کي ڀؤ ٿيو، چنتا ڪين ٿيندي. واليءَ ۾ وشواس رکو. صدق جي سخت ضرورت آهي. پوءِ پڻ ڀالو پاڻهي اوهانجا ڪم ڪندو. هڪ ڀيڻ پنهنجي ڌيءَ مڱائي. شاديءَ لاءِ خرچ کپندو هو. سنڌس پتيءَ چيو مون وٽ ته ايترو پئسو ڪين آهه جو ڪڪيءَ جي شاديءَ جو خرچ ڪري سگهان. سنڌس پتنيءَ جو پرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس هو، تنهن چيو ڳڻتي نه ڪريو. مون پرڀوءَ کي ارداس ڪئي آهه، اهو اچي ڪم راس ڪندو. پوري وقت تي اچي پئسا پهچندا." پتي حيرت ۾ پئجي ويو ته ائين ڪيئن ٿيندو!

پتيءَ وٽ پتر آيو ته توهانجو عزيز جو گذاري ويو، اُن پنهنجي وصيعت نامي ۾ ٥٠ هزار روپيا توهان جي نالي وصيعت ڪئي آهي. هن پتر سان گڏ پنجاهه هزارن جو چيڪ توهانجي نالي موڪلجي ٿو. پتر پڙهي ۽ چيڪ حاصل ڪري پتي دنگ رهجي ويو ۽ هڪدم پتنيءَ وٽ آيو. ٻنهي جي اکين ۾ شڪر-گذاريءَ جا آنسون هئا ته پرڀوءَ ڪيئن نه پوري وقت تي نياڻيءَ جي ڪارج لاءِ پئسا موڪليا آهن.

منهنجا پيارا، سائينءَ ۾ صدق رکي سمرڻ ڪريو ۽ پراڻي مالڪ جي روز شيوا ڪريو. توهانکي پرڀو اُنهه گهڙي ۾ ڳنڍيندو.

٢٠ فيبروري گروار شام جي ستسنگ ۾ پوڄيه داداڄن شري جي. ڪرشن مورتيءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته ڀارت جو پيارو، اسان سڀن جو پيارو چوٿون ڏينهن آمريڪا ۾ پرڀوءَ جي نام پڌاريو. ننڍو ٻار هو ته ائين پيسمت کيس ڏٺو. سنڌس پتا سان هنجو نالو هو. کيس چيائين "هي رواجي ٻار ناهي. هنجي

٢٨ فيبروري ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ پوڄيہ دادا جشن واٽومل ڪاليج آف اليڪٽرانڪس ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجيءَ جو اُد گهاٽن ڪندي چيو تہ: هي زمانو ڪمپيوٽر جو آهي. وگيان، ٽيڪنالاجيءَ ڪيڏي نہ ترقي ڪئي آهي. انسان فرش تان عرش تي پهتو آهي. وگيان ڪيڏا نہ سک سهنج ميسر ڪيا آهن، پر انسان اڃا پاڻ نٿو سڃاڻي. روز روز سانت ۾ ويهي پاڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. انسان کي جو مغز مليو آهي، سو بہ لکن ڪمپيوٽرس جي برابر آهي. اُن جو سدُپيوگ ڪريو. آڌياتمڪ اُنتيءَ کان سواءِ دنيوي ترقي اڌوري آهي. سچ جي پروڙ پايو، اُن لاءِ نام ڄپيو نام ڌيايو. دادا هولچند گوپالداس آڏواڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو ۽ پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ شڪرادائي ڪئي.

١ مارچ نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ پوڄيہ داداجن پروچن ڪندي چيو تہ پرڀوءَ کي سڪ جي سڏڪن سان پڪاريو ۽ چئو، موکي تہ کپين تون، توکان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين. هڪ ماتا ٻارن کي رانديڪا ڏيئي چوي ٿي تہ وڃي راند روند ڪريو. پر هڪ ٻالڪ آهي جو چوي ٿو: "ممي، موکي رانديڪا ڪين کپن، پر موکي تہ کپين تون." اسان مان گهڻا دنيوي رانديڪن، مال اسباب، عهدي اقبال ۽ مايا جي رانديڪن تي ريجهي مالڪ کي وساري ويٺا آهن. سياڻو سو، جو چوي ٿو "پڀو، موکي کپين اڪ تونهين تون." ايئن ور ور سڄڻ کي سنڀاريو، سڪڙن کي ساريو.

٢ مارچ صبح جو ١١ بجي پوڄيہ دادا جشن واسواڻي هري ڪيرتن دربار اُلهاسنگر ٣ ۾ پڌاريا. شروع ۾ ڀاءُ ريواچند ڪيسواڻيءَ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو تہ اسانجا سڀاڳيہ آهن جو هت داداجن پڌاريا آهن ۽ اسان کي امرت پيئاريندا. ديال آشا چيو تہ پيارو دادا دياءُ ۽ پريم جو اوتار آهي ۽ اسانجو روحاني راڻو آهي. ڀاءُ هري ٽهلراماڻيءَ سادو واسواڻي مشن طرفان هلندڙ

شرڌا سان. هڪ ڏينهن روزانو فقيرن کي پاروٺيون روٽيون ڏيندو هو. سندس نُهن کي اها ڳالهه نه وڻي. هڪ ڏينهن سندس سس وڃي ٿي پيڪن ۾. نُهن سهري کي پاروٺي روٽي ڏئي ٿي. سهرو عجب ۾ پئجي ويو ۽ دکي ٿي ويو. نُهن با ادب سهري کي چوي ٿي "مونکي اوهان لاءِ عزت ۽ پيار آهي. مون توهان کي انڪري پاروٺي روٽي ڏني، ڇو ته پرلوڪ ۾ به توهان کي پاروٺي روٽي ملندي. اوهين به ائين کي پاروٺي روٽي کارائي رهيا آهيو." نُهن جا لفظ ڪمس دل سان لڳي ويا. پوءِ هو چڱيءَ ريت ائين کي کارائيندو هو.

اوهين به جيڪو دکين ائين جي پريم سان خدمت ڪريو. جو ڀوڳيندا سو ئي لهندا. هڪ شاهوڪار رستي تان پئي لنگهيو ته پڪار ٻڌائين. هڪ غريب پئي پڪاريو "سيءَ ۾ پيو ڏڪان." اهو ڏينهن پنهنجي شال جو اڌ ٽڪر ڦاڙي ڏئي ٿو. رات جو اهو شاهوڪار سپني ۾ ڀڳوان شري ڪرشن کي ڏسي ٿو. شري ڪرشن کي اڌ شال پئي آهي. عجب ۾ هو پڇي ٿو "دياناٿ! توهان کي اڌ شال ڇو پاتي آهي؟" آواز اچي ٿو "پيارا، تو منهنجي پياري کي اڌ شال ڏني، اهائي هيءَ اڌ شال آهي." شاهوڪار پشيمان ٿئي ٿو. منهنجا پيارا، اوهين جيڪر پوريءَ ريت سيوا ڪريو. جيڪي ڪريو پريم ارپڻ. اڄ اسپتال جي ڪارڻ لاءِ دل کولي سيوادارين کي مدد ڪريو.

پوڄيه داداجن پهريان پاڻ پنج هزار رپيا اسپتال جي ڪارڻ لاءِ ڏنا ۽ پوءِ ٻين ڪيترن پريمين اسپتال جي ڪارڻ لاءِ داداجن کي پئسا ڏنا، جي بوقت داداجن گرداريلعل دسوجا کي ڏنا. پاڻ گرداريلعل چاهڙيا داداجن جي شڪرادائي ڪئي.

٢٧ فيبروري نماشام جو پوڄيه داداجن جنم ڀائي هندوجا سنسڪرت ڪمندر ۾ اپديش ڏنو.

ڳهرج ڪهڙي آهي؟ ان ڪري هر حال ۾ راضي رهو.

۴ مارچ پوڄيہ داداڄن پياري ڪنهيالعل نهالاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي.

۶ مارچ شام جو بڙودا جي ٽائون هال ۾ پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو تہ لوڪ پاڻ کي اڪيلو پيا سمجهن. هن بي سلامتيءَ واري دنيا ۾ رهي، اسانکي بالڪ وانگر ايشور ۾ اٽل وشواس هئڻ گهرجي تہ، اسين اڪيلا ڪين آهيون. پرماتما سديو اسان سان ساڻ آهي. ڀڳت پرهلاد، ننڍڙو بالڪ، پر هنجو پريوءَ ۾ ڪيڏو نہ وشواس هو. ڪيترن نہ پريو اچي سندس سار لهي ٿو، سندس رکشا ڪري ٿو. اوهين بہ جيڪر پياري پرهلاد وانگر پريوءَ ۾ پورڻ وشواس ڌاري سندس نام ڳايو، سندس ڌيان ڌاريو تہ توهانجي جيون نئين ٿي پوي.

شروع ۾ پياري پرتاب رامچنداڻيءَ داداڄن جو سواگت ڪيو ۽ بڙودا جي مئير ڊاڪٽر جتين موديءَ داداڄن جي ڏنل صلاحن لاءِ شڪرادائي ڪئي.

۷ مارچ شوواريءَ جي ڏينهن داداڄن روح رهاڻ ڪندي چيو تہ اڄ پولانات پنداريءَ جو ڏينهن آهي. ان جي مهما ڳايو. ”اوم نمه شوايه، اوم نمه شوايه“ جو منتر ور ور اچاريو. پوءِ سڀ ڳالهيون وساريو. توهانجي اندر جي شڪتي وڌندي ڪلندي.

ان ڏينهن اوچتو ساڌو واسواڻي اسڪول لاءِ پلاٽ جو سودو ڪيو ويو. ڀيڻ سندري ڪيانچنداڻيءَ داداڄن کي عرض ڪيو تہ اڄ پورو ڏينهن آهي، اڄ ئي اوهان پنهنجي شڀ هٿن سان بنيادي پٿر وجهو. پوڄيہ داداڄن سندريا جي سمئہ ورتل پلاٽ تي سنگت سان گڏ وڃي ۽ اسڪول جي عمارت جو بنيادي پٿر وڌائون.

شيوا ڪارن تي روشني وڌي.

پوڄيه داداڄن اپديش ڪندي چيو ته هيءَ منش جي ديهه ورو ور ڪين آئي ملي. هن هيرن جواهرن کان ملهائتي منش جيون جو سد اپيوگه ڪريو. نام سمرڻ ۽ دان پنج ڪرڻ ۾ دير نه ڪريو. گرو جن پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمائين ٿا ته:

ڪرنا هو تـو نا ڪيو، ٻڙهاپو لوپ کي قدم،
ڙانڪ سميو رم گيو، اب ڪيون رووت انڌ.

ائين نه ٿئي جو انت ڪال اچي ۽ پوءِ هٿ هٿڙا هڻون. ان ڪري تياري ڪريو. اندازو ڪيو اٿن ته روز اٽڪل هڪ لکه سٺ هزار ماڻهو مرن ٿا. اسان مان هڪ هڪ جو وارو اچڻو آهه. ڪال اچي، اُن کان اڳه سمر ٿاهيون. سچو سمر اٿوَ سٺ ڪرم، نام سمرڻ ۽ سيوا. سنت تلسيداس به پنهنجي باڻيءَ ۾ چوي ٿو:

تلسي اس سنسار ۾، ڪر ليجي دو ڪام،
ديني ڪو ٽڪرا ڀلا، ليني ڪو هرنام.

۳ مارچ پوڄيه دادا جشن ممبئيءَ کان سورت روانا ٿيا ۽ منجهند جو سورت ۾ پڌاريا. پياري جيوتداس داداڄن جو هارڌڪ سواگت ڪيو. شام جو داداڄن هٿان سفيد پوش ڀينرن کي اناج ۽ روڪ سهائتا ڏياري ويئي. رات جو ستسنگه جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداڄن اپديش ڪندي چيو ته جيڪي ٿئي، سو خوشيءَ سان قبول ڪريو. اسين پنهنجي ڪوشش ڪندا رهون، نتيجو هوندي به جيڪي ٿئي، پرڀوءَ جي اڇا ڪري قبول ڪريون. پاڻ کي دکي نه ڪريون. چئون "پرڀو، جيڪي تو ڪيو آهه، ان ۾ اسانجو ڀلو آهه."

جو تڌ ڀاوي سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار.

ڀڳوان اسانکي ڏئي ٿو، نه جيڪي اسين چاهيون ٿا، پر جنهنجي اسانکي ضرورت آهه. پرڀوءَ کي خبر آهه ته اسانجي

کي ياد ڪري پنهنجي اندر جي ننڍن اکہ کوليو.

١١ مارچ احمدآباد جي نئون هال ۾ انگريزيءَ ۾ ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. گجرات جو مک منتري امرسنگهہ چوڌري ان اُتسو جو سڀاپتي هو. پوڄيہ دادا جشن واکيان ڪندي چيو تہ سڀئي شاستر ان ڳالهين تي زور ڏين ٿا. ٻهران ڳالهہ تہ پنهنجي اندر وڃو، اندر نهاريو. پيتر جائو منهنجي پياري، پيتر جائو. سڀني سنتن جي سکيا آهہ "پاڻ سڃاڻو" پاڻ سڃاڻڻ واسطي ضروري آهي تہ پنهنجي اندر وڃو. اسين ٻاهر پيا ڏسون. اسانجون اندريون پيون ٻاهر ڏسن. ڪن پيا ٻاهر ٻڌن. اکيون پيون ٻاهر نهارين. رستا پئي دنيوي رستن لاءِ ترقي، پر انسان کي گهرجي تہ پنهنجي اندر وڃي من مندر ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي. اندر اٿؤ خاص خزانا. اندر اٿؤ اهو، جنهن جي تلاش ۾ توهين ڀٽڪيا آهيو. جنم جنم جو ڀٽڪڻ توهانجو بند ٿيندو ڪين. جنم مرڻ جي چڪر مان توهان کي ڇوٽڪارو ملندو ڪين، جيستائين اوهين اندر نہ ويا آهيو ۽ پنهنجي محبوب جو درشن ڪين ڪيو اٿوَ. ان ڪري پيارا، اندر وڃو.

اِي ڳالهہ پنهنجي جيون ڪريو آهوتي. سڀ ڪي سنسار ۾ پيو لڳيہ پري. اَن لڳيہ ۾ تون پنهنجي آهوتي ارپ. تون پنهنجي واسطي نہ جيءُ، پر جيءُ ٻين جي واسطي. پاڻ کي تڪليف ڏيئي بہ ٻين جي سيوا ڪر. تون پاڻ گهٽ کاءُ، جيئن ٻيا وڌيڪ کائي سگهن. تون ٻين جي سيوا ڪر، جيئن تون پوري پاڪ ۾ سيوا ڪندو رهندين تہ هڪ سڀاڳي ڏينهڙي توکي پروڙ پوندي تہ هي ٻيا توکان جدا ڪين آهن. ٻيا تنهنجي جيءَ جا ٽڪرا آهن. ٻيا نہ فقط انسان، پر پيارا پکي، پيارا پسون، انهن کي بہ تون پيار ڏي. انهن جي بہ تون سيوا ڪر.

١٢ مارچ احمدآباد جي گجر هال ۾ پوڄيہ دادا جشن سنڌيءَ

٨ مارچ صبوح جو بڙودا جي اپنگ گهر ۾ پوڄيه دادا جشن اپاهج ٻارن جي آپريشن ڪئمپ جو مهورت ڪندي چيو ته، پريو مندرن، مسجدن، ٽڪاڻن، ديولين ۽ وهارن کان وڌيڪ اُتي آهي، جتي غريبن دکين، نبلن انسانن جي شيوا شرڌا سان ڪئي وڃي ٿي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي چوندو هو ته غريبن جي شيوا آهي پربهوءَ جي پوڄا. مان هن آستان تي اچي ائين پيو سمجهان، ڄڻ مان هڪ پوتر آستان تي آيو آهيان. دادا جشن ساڌو واسواڻي وديا مندر طرفان اپاهج ٻارڙن کي پنهنجي هٿن سان آئيسڪريم ڏني ۽ راندين جو سامان پڻ ڏنو. اُن کان وڌيڪ دادا جشن کين پنهنجو پيار ڏنو.

شام جو سنت ڪنورام ڪالوني اڙودا ۾ پوڄه. دادا جشن پروچن ڪيو.

٩ مارچ منجهند جو پوڄيه داداجن احمدآباد ۾ پڌارڻا سردارنگر ۾ اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شري ساڌواڻي ۽ پياري نانڪ سنگهه پوڄيه دادا جشن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته هڪ ڏينهن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کان پڇيو سڀن ته اوهان هيترا پستڪ لکيا آهن، انهن جو تت سار ڇا آهي؟ پياري دادا چيو ته سڄي زندگيءَ جي ڳجهارت آهي. ٻن اکرن ۾ ”سمرن ۽ شيوا“ اوهان کي ڌنيواد آهي، جو ٻئي ڪارج ڪري رهيا آهيو. روز امرت ويلي اُٿي ستسنگ ڪريو ٿا ۽ دکين دکيارن جي شيوا پڻ ڪريو ٿا. توهين وديا جو مرڪز ٻڌي. هلائي رهيا آهيو. اهي ٻار آئينده جي اميد آهن. ڪالهه مهاشوراتريءَ جو ڏينهن هو. اسان ڪيئن نه ور ور پئي اُچاريو ”اوم نمهه شيوا“ ”اوم نمهه شواءِ“ اڄوڪو ڏينهن شو پاربتيءَ جي شاديءَ جو ڏينهن آهي. ڪيئن نه پاربتيءَ تپسيا ڪري شو سان شادي ڪئي. توهين ٻه شو

ڏنئين ٿي؟ پياري دادا چيو ”پرڀوءَ لاءِ پيار اُتاريو.“ پرڀوءَ لاءِ پيار ڪيئن اُٿي؟ اُن لاءِ ٿورو ڳالهايو، ٿورو کائو، اُسوري ننڊ ڪريو. اجايا لفظ ڳالهائڻ جو حساب ڏيڻو پوندو. سانت ۾ واڌهي پرڀوءَ جو چنتن ڪريو. خلق جي خدمت ڪريو پريم ۽ شرڌا سان.

۲۰ مارچ پياري دادا گنگارام ساجنداس جو جنمڏن ملهايو ويو. اُن موقعي تي پوڄيه دادا جشن چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ٻاڻيءَ ۾ هي اکر اچن ٿا ”هلڪا هلڪا ويا ٿري، ڳُوڙا ڳُوڙا پيا ڪري.“ پياري دادا جي ڪرپا سان دادا گنگارام هلڪو ٿيو آهي. وڏو وروڌ ڪنهن سان ڪونه اٿس. صبوح کان رات تائين ڪم ڪري ٿو، پر پياري دادا جي پيار ۾. سنگت ۾ صاحب جو درشن ڪندو آهي. جيوَ دَيا به ڪافي اٿس. ڪتن لئه پيار، ڪتن کي مانيون کارائيندو آهي. ٻالڪن ٻالڪين جي دلين ۾ ٻڪين پسن لئه پيار جاڳائيندو آهي. اسانجي سنستا جو ٿنڀو آهي. اسانکي به ڪشل آسيس ڪري ته اسين به سچا سيوڪ بڻجون.

۲۸ مارچ پوڄيه داداجن لوناوالا ۾ پڌاريا. اُت شام جو روح رهاڻ ڪندي داداجن چيو ته فقير معني ليکيا. شاهه لطيف چوي ٿو ته ”ٽڪيا سڀ ٽڪيام تو ريءَ ٽڪيو ناهه ڪي.“ هڪ درويش روحاني راهه ۾ وڪه وڌائڻ لاءِ گهر مان نڪري ٿو، پر پاڻ سان ٽي شيون کڻي ٿو: ڪنگو، ڪٽورو ۽ وهاڻو. جيئن هو پند ڪندو آيو، ڏٺائين ته هڪ ماڻهو نديءَ مان اشنان ڪري نڪتو ۽ پنهنجا وار پنهنجن هٿن جي آڱرين سان وڃي سنواريائين. هن درويش سوچيو ته مان وري پاڻ سان ڪنگو ڇو کڻان! مان به آئين وار سنواريندس، هن ڪنگو کڻي ڦٽو ڪيو. ٿورو اڳتي وڌيو، ڏٺائين ته هڪ شخص ٻڪ ۾ پاڻي ڀري ويٺو پيئي. يڪدم هن به ڪٽورو کڻي ڦٽي ڪري ڇڏيو. اڳتي هليو ڏٺائين ته هڪ ماڻهو ٻانهن کي وهاڻو ڪري ليٽيو پيو هو. هن درويش پنهنجي

۾ اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ سمت رامڪرشن جو جنمدن آهي. سوامي رامڪرشن ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماتا جي ڌيان ۾ لين ٿي ويندو هو. هو ماتا جي درشن لاءِ منتظر هوندو هو. ماتا جي مورتيءَ اڳيان ويهي جڏهن پياس ۾ پرارٿنا ڪندو هو، تڏهن سندس نيڻن مان نينهن جو نير ڇلڪندو هو. ڪيئن نہ هڪ ڏينهن ماتا کيس درشن ڏنئي، سندس پياس پوري ڪري ٿي. اسين بہ پرڀوءَ جي پياس ۾ ڳوڙها ڳاڙيون ٿا. ڪڏهن نہ ڪڏهن سڀاڳي ڏينهن پرڀو اچي اسان کي پنهنجو ديہ درشن ڏيندو.

١٣ مارچ صبوح جو ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي هاءِ اسڪول ۾ پوڄا داداجن وديارٿين کي ڪيترائي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو تہ ڏيو، ڏيو، ڏيندا رهو. اسان وٽ جيڪي ڪجهہ آهي، اهو پرڀوءَ جي بخشش آهي. عقل علم، پيسو پدارٿ، هنر ٻين ۾ ونڊيو. ونڊ ورهاءِ سکہ پاءِ. توهين ٻين کي سکي ڪندا تہ پرڀو توهان کي سکي ڪندو.

ساڌو واسواڻي مشن احمدآباد طرفان ٢٧٥ سفيد پوش پيڙن کي پوڄا دادا جشن هٿان سيڌو، ڪپڙو ۽ هرهڪ پٽ کي پنجاهہ روپيا روڪ سهائتا ڏني ويئي.

١٦ مارچ ساڌو واسواڻي مشن پونا جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ ستسنگ هال ۾ پوڄا دادا جشن جي حاضريءَ ۾ ٿي. مشن جي سيڪريٽريءَ ڊاڪٽر آنو رملواڻيءَ گذريل سال جي سيوا ڪارين جي رپورٽ پيش ڪئي. دادا گنگارام ساجنداس چيو تہ دادل شاهہ جي ديا سان اڳتي پڻ محبت جا مزور ٿي ڪم ڪندا رهون. پوڄا دادا جشن سيني ڪم ڪندڙن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ اسين سڀ دادل شاهہ جي در تي مزوري ڪندا رهون. جو بہ ڪم ڪريون، چئون "پرڀو، تو واسطي، تو واسطي." هڪ دفعي پياري دادا کان پڇوسين تہ ڇا ڪريون جو اسانجي جيون

پوءِ دادا جشن اُن اُتسوَ ۾ پڌاريا. شري ناري گوسهاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪندي چيو تہ، اسانجو سچو سونهون دادا جشن واسواڻي اڄ اسانکي آسيس ڪرڻ لاءِ نئين سال جو سنديش ڏيڻ لاءِ پڌاريا آهن. اِها اسانجي خوش نصيبي آهي. پوءِ داداجن وياکيان ڪندي چيو تہ، هيڙا ميلا ڏسي آنند اچي ٿو. مونکي ڪي چوندا آهن تہ سنڌي قوم خلاص ٿيندي پئي وڃي، پر مان چوان ٿو تہ سنڌي قوم زندهہ قوم آهي ۽ سدائين زندهہ رهندي. پيارو ناري گوسهاڻي سنڌي سنگت جي ڪيڏي نہ، سيوا پيو ڪري. هڪ سنت لوڪن جي ڪيڏي نہ سيوا ڪئي، پاڻ پيوءَ جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيائين. لوڪ هنجو ڪم سهي نہ سگهيا. هنجي خلاف اخبارن ۾ خوب ڇپيائون، پر هي سنت اڏول رهيو. توهين بہ نشڪام سيوا ڪريو، پيوءَ کي ارپڻ ڪريو. هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو، نفاق ناسازيءَ کي ڇڏي پريم جي جوت جڳايو.

هن موقعي تي مهاراشٽر جي منتري ڊاڪٽر سبرمنيم وياکيان ڪندي چيو تہ، دادا جشن سڄي انسان ذات ۽ پکين پسن جو سڄڻ آهي. سندس وياکيان ۾ عجيب ڪشش آهي. مون پوني ۾ سندس وياکيان ٻڌو، جڻ گنگا نديءَ ۾ اشنان پئي ڪيم. هن سنت جا وچن ٻڌي من سيتل ٿئي ٿو.

١٠ اپريل ڪوپرلاج بمبئيءَ ۾ سنڌي ڪلچرل اُتسو سيشن طرفان چيٽي چنڊ جو ميلو لڳايو ويو. شري ڪنهيالعل ڪنواڻيءَ پوءِ دادا جشن جو سواگت ڪيو. پوءِ داداجن سنگت کي آسيس ڪندي چيو تہ، اهڙا ميلا لڳائيندا رهو. سنڌيت جي جوت جڳائيندا رهو. هڪ پريس ڪانفرنس ۾ مونکان ڪيترا سوال پڇيائون. اُنهن سوالن مان هڪ سوال اِهو بہ پڇيائون تہ سنڌي قوم ۾ ٺڳي ۽ سمگلنگ جو ڪم گهڻو ٿو هلي، اُن بابت

وهاڻي جو به تياڳ ڪيو.

جيئن سنساري سفر ۾ جيترو سامان ٿاڪ سان گهٽ، اوترو سفر سهوليت ڀريو؛ تيئن روحاني راهه ۾ دنيوي آڌارن جو سهارو تياڳڻ گهرجي. ڀرمن جي ڦرنن، سنسن، چنتائن جو به تياڳ ڪرڻ گهرجي. هلڪا ٿينداسين ته جلدي پرڀوءَ جي ويجهو ٿينداسين.

شام جو داداجن ٻئي ڊئم ڏانهن پنڌ ويا ۽ موٽندي غريبن کي کاڌو کارايائون.

١٨ اپريل پوجيه داداجن بمبئي ۾ پڌاريا. دادا ڪولابا ۾ گيتانجلي ستسنگ هال ۾ آيا. اُتي پياري خوشبند شوداساڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. پوجيه داداجن مٺو اُپديش ڪندي چيو ته، مونکان ڪي پيارا سوال پڇندا آهن ته هيترا ستسنگ ڇاجي لاءِ کليا آهن؟ هڪ ستسنگ ڇونه گڏجي هلي. مان ڪين چوندو آهيان ته جيئن توهانجي شهر ۾ ڪيتريون اسپتالون آهن، مانسڪ بيمارن، وڪارن ۾ ورتل بيمارن لاءِ جدا جدا ستسنگ ضروري آهن

ستسنگ چونڪاري جو آستان آهي. سچو ستسنگ اهو آهي، جت پرڀوءَ جا گڻ ڳائين ٿا، جت نام جو سمرڻ ٿئي ٿو ۽ اهو نام اندر جي اونهائيءَ ۾ وڃي ٿو. اڄ ٿوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو "ڏوهه ٻين جا ڇو ٿو ويچارين؟" پيارا، تو ڪيترا نه ڏوهه ڪيا آهن. گروجن چون ٿا:

جيتا سمنڊ ساگر نير ڀريا، تيتي اوڳڻ هماري،
ديا ڪرو ڪڇ مهر اپائو، ڏبندي پٿر تاري.

منهنجا پيارا، اها پرارٿنا روز ڪندا رهو. پرڀو، مون گنهگار کي تون ڏي معافي، تار مونکي تار، پار اُڪار

٩ اپريل رات جو ووڊ هائوس جمخانا بمبئي ۾ انٽرنيشنل سنڌي پنچائت فيڊريشن طرفان چيٽي چنڊ جو اُتسو ملهايو ويو

سڄاڻ مليو. دادل شاهه جي سنگ ۾ ڪيس روحاني رنگ لڳو. سندس جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي سڳنڌ هئي. ڪنهنجو به دک سهي نه سگهندي هئي. ٻين جو دک دور ڪرڻ جو يتن ڪندي هئي. ٻارڙن سان به ڏاڍو پريم هوس. اسين به جيڪو پيارو شانتيءَ وانگر سمرڻ ۽ سيوا جا گڻ اپنائي مانش جنم سڦل ڪريون.

٢٤ مئي شام جو پوڄه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ جو وچار آهه "الاهه توکي آلس آهه اکين ۾" سستيءَ ۾ نه رهو، پر سڄاڳ ٿيو. هڪ مالهيءَ کي وڏو باغ هو. ڪيس پلش جي هڪ مگهه ملي. تنهن ۾ مگهه وجهڻ سان پاڻکي سکي سمجهيائين. مالهيءَ کي خبر پوي ٿي ته پرڀات جو سندس باغ ۾ ستگر پاڻ پڌرا ٿيڻ اچي ٿو. مالهي من ۾ چوي ٿو ته سڀاڻ سوير اٿي وڃي ستگرن جو درشن ڪندس. ڪيس سوير سڄاڳ ٿئي ٿي، پر پلش جي گرمائش ۾ چوي ٿو ته ٿورا منٽ اچا سمهي پوءِ ٿو اٿان. ڪيس جهوٽو اچي وڃي ٿو. وقت گذري وڃي ٿو. چوي ٿو ته چڱو، وري سڀاڻي سوير اٿي ويندس. ائين سستي ڪندي ڪيترا سال گذري ٿا وڃن، ڪال جو ڪال اچي ٿو ڪڙڪي ڪنڌ ٿي. اسانجي به اهڙي حالت آهه. سنڪرمن ڪرڻ ۾ سستي نه ڪريو. سڄاڳ ٿيو. هڪ ماڻهو وڻ جي ٽاريءَ تي ويٺو آهه. وڻ هيٺان هڪ کوهه آهه. سوچي ٿو ته جيڪڏهن ٽاري ٽٽي پوندي ته وڃي سڌو کوهه ۾ ڪرندس. مٿي نهاري ٿو ته ٻه ڪوئا آهن جي ويٺا سندس ڏار کي ڪٽين. هڪ ڪارو ڪوئو ۽ ٻيو اڇو ڪوئو. اهي ڪوئا آهن رات ۽ ڏينهن. ان وچار ۾ ويٺو آهه ته مٿان ماکيءَ جي لار وهي ٿي جا سڌو سندس وات ۾ پوي ٿي. بس، ماکيءَ جي رس ۾ هن کان سڀ ڪجهه وسري وڃي ٿو. ائين ڪال اچي مٿس ڪڙڪي ٿو. اسانجي به اها حالت آهه. دنيا جي رسن ۾ پريو پلجي ويو آهه. موت ڀلجي

پنهنجو رايو ڏنو. مون کين چيو ته ٻه ماڻهو تاج محل ڏسڻ ويا. هڪ چيو ته کهڙو نه سندر آهي. ٻئي ڏٺو ته وڻ جا کيترائي پن ڪريا پئي ۽ ڪريل هئا. چيائين "ڪيڏي نه گندگي آهي." هر ڪنهن جو نظريو پنهنجو پنهنجو آهي. سنڌين جا ته سيوا جا ڪم ڪيا آهن. بمبئيءَ ۾ جسلوڪ ۽ هندوجا هاسپيٽل، انڌور ۾ ٽي. چوئٿرام اسپتال. هتي هيترا ڪاليج اسڪول، ٻيا انيڪ سيوا جا ڪارج ڪيا آهن ۽ ڪن پيا. سنڌين ڀارت ۾ ڇا نه ڪيو آهي!

منهنجا پيارا ٻارو، پياريون ٻيٽرون. اڄوڪي ڏينهن کو نه ڪو شڀ ارادو ڪريو. چئو هن سال هڪ ٻري عادت ڇڏينداسون، هڪ گڻ گرهڻ ڪنداسون. ٻين جا اوگڻ نه ڏسنداسون. دوش دشٽيءَ کان پري رهو. پنهنجي وڏيرن تي ڪڙي نظر رکو. شڀ ويچار ڌاريو.

١٤ اپريل پياري ڀاڀي پوڄيه ڪرشنا ديوي واسواڻيءَ جو سمرتي دوس هو. پياري داداجن چيو ته پياري ڀاڀيءَ ننڍي هوندي اسان ۾ سچائي، سادگي، سيوا، سمرڻ، سنيهه جا ٻج ڇٽيا. آمريڪا جو پريزيڊنٽ ابراهيم لنڪن ور ور چوندو هو ته مان جيڪي آهيان، سو سڀ پنهنجي ماتا جي ڪري آهيان. ماتائون ڇا نه ڪري سگهن! اڄ پياري ڀاڀيءَ جي چرڻن ۾ سر جهڪائي آسيس مڱان ٿو. مون تي سندس وڏو قرض آهي.

٢٥ اپريل ميران يوميءَ ۾ پياري دادي شانتيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. صبوح جو ميران اسڪول جي وديارٿين پياري دادي شانتيءَ جي جيون جي آڌار تي ننڍا ناٽڪ ڪري ڏيکاريا. شام جي ستسنگ ۾ شري نوري گرنت جي پوڄا صاحب بعد پوڄيه دادا جشن پياري شانتيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري شانتيءَ جو پيارو کلهو جو ڪمس دادل شاهه، جهڙو سنس

اٿم. منهنجا پيارا ڀائرو، ڀينرون. ڏيڻ نه ته ڏکوئڻ نه. سڀني سان مٺو ورتاءُ ڪريو.

١١ جون شري گرو ارجن ديو جن جي شهيدي ڏينهن سڀني ۾ پوڄا، دادا جشن مهران پوڄيءَ ۾ ڪوڙهين ڪي هڪ هڪ چادر، انب ۽ خرچي ڏيندي پنهنجو پيار ڏنو. نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄا، دادا جن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته گرو جن ڀڳتيءَ جا ڀنڊار هئا. سندن شري سکمني صاحب گيان جو ساگر آهي. ان ۾ انيڪ وچن روپي هيرا موتي آهن. شري سکمني صاحب جو پاٺ ڪرڻ سان ئي من کي شانتي اچي ٿي. نت نيم ان پاٺيءَ جو ابياس ڪريو.

١٤ جون نماشام جو پوڄا، دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته پڀو جيڪي ڪري، سو واهه واهه. هنجي ڏنل ڏک ۾ به اسانجو سک سمايل آهي. گرو جن به پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا، جو تتي پاوان، سائي ڀلي ڪار. رب جي رضا تي راضي رهو. سامي صاحب به چوي ٿو:

سدا ڪر شڪر، سامي در دوستن جي،
پاوان ملي مليدو پاوان سڪو ٽڪر،
ٽور انهيءَ ۾ ٽر، نه خاصو خلوتدار ٿئين.

پڀو پنهنجي مهر ۾ ڪڏهن سوادي طعام پيو کارائي ته وري ڪڏهن موج ۾ سڪا روٽلا پيو کارائي. ٻنهي حالتن ۾ شڪر ۾ رهو. پڀوءَ جي رحم جي راند عجيب آهي. هڪ دفعي پياري دادا شڪر لفظ جي معنيٰ ٻڌائيندي چيو ته 'ش' معنيٰ شيام، شاهه، پرماتما. 'ڪ' معنيٰ ڪري، جيڪي پرماتما ڪري. 'ر' معنيٰ راضي رهه. ارٿات پڀو جيڪي ڪري اُن تي راضي رهه. سدائين سچو پاسو ڏسو، اسين الٽو پاسو ڏسي هڪدم دکي ٿيون ٿا.

ويو آهي. ڄاڻو، ڪال اچي، اُن ڪان اڳ سڄاڻ ٿي سٽ ڪري
ڪريو. سڀني ڪرمن ۾ اُتم ڪرم اُٿو نام سمرڻ. نام کي ياد ڪيو.
هڪ ڀيري داداجن ڪان پڇيو ته من جي چنچلتا ڪيئن دور
ڪريون، جيئن من نام ۾ لڳي. داداجن اُن جي سمجهاڻي ڏيندي
چيو ته ابياس ۽ وئراڳ دوارا من جي چنچلتا دور ٿيندي. ننڍي
هوندي ڪيئن نه ماسٽر صاحب ڪوڙا ياد ڪرائيندو هو. پوءِ اسين
ور ور ڪوڙا اُچاريندا هئاسين. ماسٽر صاحب مٿان ۾ ويٺو هوندو
هو. انهن ڪوڙا ياد ٿي ويا ۽ اڄ ڏينهن تائين ڪوڙا ياد آهن. انهن
اوهين نه ابياس ڪي نه ڇڏيو. ڪونه ڪو منتر ڪٺي ور ور اُچاريو.
من لڳي نه لڳي، پر اُچاريندا رهو. ڪڏهن نه ڪڏهن سڀاڳي
ڏينهن من اسٿر ٿيندو.

پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد ۾ ۴ جون ميران
اسڪول آرنڀ ڪيو هو. اهو ڏينهن هر سال ملهايو ويندو آهي.
۴ جون پرڀات جو ستسنگ ٿيو ۽ صبوح جو وديارٿين شيوا ڪئي.
ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن چيو ته اڄ يادگيري اچيم ٿي ته
ڪيئن نه دادا گنگارام، دادل شاهه جي چرنن ۾ ويٺو آهي ۽
سندس اکيون آليون. پياري دادا ڪان اسڪول کولڻ جي موڪل
وٺي ٿو. اڄ به اُن ميران وديا هلچل جو هي پيارو ديس پرديس
پيغام پهچائي ٿو. پياري دادا جي کيسي ۾ هڪ ٽڪو پيو هو،
اُن ٽڪي مان هي ميران اسڪول کولي ٿو. اڄ ميران اسڪول
ڪيڏي نه اوچ تي آهي! پياري دادل شاهه اڪ ٿي آواز اُٿاريو،
نوان ٿيو. نوان ٿيو. مٺا ٿيو، سڀن سان مٺو ورتاءُ ڪريو. هڪ
راهگير ڪان هڪ فقير بخشش گهري ٿو. راهگير کيسي ۾ هٿ
وجهي ٿو ته ڏسي ته کيسي ۾ ڪجهه ڪين آهي. فقير کي چوي
ٿو "پيارا ڀاءُ، معاف ڪجو، جو ڪجھ ڪونه آهم." فقير چوي ٿو
ته تو موڪلي محبت سان پيارا ڀاءُ ڪري سڏيو، اهو ئي ڪافي

بند رکيا آهن. ڪيترا نه پاپ اکين دوارا ٿين ٿا. هڪ دفعي پياري دادا مونکي چيو ته بند ڪرڻ وقت ته هيڏانهن هوڏانهن نه نهارج، پر ٻين جي آڱرين ڏي نهاريندو ڪج. ڪو سندر روپ ڏسون ٿا ته اکين ۾ شيطان اچي لهي ٿو. ۽ ڪن: ڪن سان اسين ڪيترين گلا پرنندا ٻڌون ٿا. مک سان ڪيڏا نه پاپ ڪريون ٿا. ڪوڙ ڳالهايون ٿا، کهرو ڳالهايون ٿا، پرنندا ڪريون ٿا. ڪڏهن اهڙا اکر زبان سان چئون ٿا جو ٻئي جي دل ڦٽي ڇڏيون ٿا. زبان جي رس واسطي اسين ڇا ڇا نه ٿا ڪريون! ويچارن گگدامن کي کهائي ڪائون ٿا. باقي ٻه لڪل اندريون. اسانجون اندريون ڪيترين نه ٻيون ٻاهر پٽڪن.

ميري پياري پيتر جائو، پيتر جائو. اندر اندر، دل وچ مندر. اسين جيڪر ٻاهرمکي نه ٿيون، پر اندر وڃي اسرار پسڻ جي ڪوشش ڪريون. ڀڳوان شري ڪرشن ٻه چوي ٿو ته پيارا، ٻهرين دروازا بند ڪر، پوءِ من اسٿر ٿيندو. هيئنڙو تنهنجو من چنچل آهي، ان کي ايڪاگر ڪر. سواسن کي صاف ڪر، اندر کي اوجر ڪر ته توکي ساکي چيتن جي پروڙ پوي. من کي صاف ڪرڻ لاءِ ڪي ساڌن آهن. ڪو ٻه وڪار اچي ته، پاڻ کي ٿڦڙ هڻو. ڏسو ڪيئن نه وڪار هليو ٿو وڃي. پيارو دادا پاڻ سان لٺ رکندو هو. توهين ٻه جيڪر ائين ڪريو ته، وڪار ويجهو ڪين ايندو.

٢٧ جولاءِ ڇنڇر شام جو پوڄيه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته سنت تلسيداس چوي ٿو:

ٻئي ٻدائي ٻن رهي، اور ڪڇ ٻني ناهه،
تلسي ائسا جان ڪر، مگهن رهو من ماهه.

جيڪو ٿيڻو آهي، سو ٿيندو. اهو اڳيئي لکجي ويو آهي. آدم صرف آدم ڪري. سنساري آدم ٻه ڪري ته آلمڪ آدم ٻه

سنتياڻي رابيا بستي تان ٻڌي لڳهي، مٿان هڪ وڏو پٿر ڪري پيو. جنهن ڪري سندس هڪ هٿ ڀڄي پيو. اُن وقت به هيءَ پياري ٻڍي چوي "شڪر، شڪر" هن ڪان پڇيو ته ڇا ته تنهنجو هٿ ڀڄي ويو آهي. تڏهن به پيئي شڪر شڪر ڪرين! رابيا وراڻيو "شڪر، پيارا شڪر. جو، رب جو رحم، جو ٻئي هٿ کي چوٽ ڪانه رسي آهي.

٢٨ جون نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اسان مان اڪ اڪ جي اندر پيو نور چمڪي. ان لاءِ هردوار يا ڪئلاش پربت تي ڪين وڃڻو آهي، پر اندر کي صاف ڪرڻو آهي. شاهه لطيف چوي ٿو:

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، اجا پنا پڙهندين ڪيترا!

هڪ ڏينهن مون هڪ ڪتاب ورتي پئي پڙهيو. مونکي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شونق هوندو هو. پياري دادا مونکي سڏايو. مون چيو: اچان ٿو. چيم، باقي چار پيج آهن، پورو ڪري وچان ٿو. وري دادا سڏايو. چيم، باقي ٻه پيج آهن. پياري دادا وري سڏايو. ويس. پياري دادا پڇيو ته ڇا ورتي ڪئي؟ مون چيو "دادا، ڪتاب ورتي پڙهيم، چيم پورو ڪري اچان ٿو." پياري دادا مشڪيو ۽ چيو "پيارا، دل جو ڪتاب ڪافي آ، دل ۾ پريتم لاءِ پيار اُتار."

پرڀوءَ لاءِ پيار ڪيئن اچي؟ اندر صاف رکون ته پريتم جو پرڪاش ٿئي. هن شريرَ کي نوَ دواري نگر سڏين ٿا. هن شرير کي نوَ دروازا آهن. ڪوبه دروازو کليل هوندو ته شيطان اندر گهڙي ايندو. اڳي سنت ۾ حويليون هونديون هيون. انهن کي ٻاهر هڪ وڏو دروازو هوندو هو، جيئن ڪو چور اندر نه اچي سگهي. اسانجي چوگرد ئي دشمن پيا ڦرن. ان ڪري هن شرير جا دروازا

هلي واند ڪرڻ. مونيس ته ٽنهي ته پيارو نهيل رکيو آهي. منهنجي امي ڪيڏي نه مهربان، جو منجهيل پيارو سلجهائي رکيائين. پيارو به اسانجي امي آهي نه. ان جي چرنن ۾ دک درد، مشڪل پيش ڪيون. پاڻيهي اهو دک درد دور ڪندو. ان ڪري صدق جا سپاهي ٿيو. پيار ۾ پورڻ وشواس رکي پوءِ شرڌا سان پرارٿنا ڪريو.

پوڄيه دادا جشن جي جنمدن سمبنڌ ۾ ٢٨ جولاءِ هاسٽل جي ٻالڪين اُتسو جو آيوجن ڪيو. دادا جشن ڪين ڪيترين ئي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون. ٢٩ جولاءِ سينٽ ميران، گرلس ڪاليج ۾ اُتسو ٿيو. ڪاليج جي ٻالڪين وڏڪ منترن سان دادا جشن جي آجيان ڪئي، شبه منگل ڪامنائون پرگهٽ ڪيون ۽ داداجن کي غريب گهرجائن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪيتريون سوکڙيون پيش ڪيون. ان موقعي تي دادا جشن پوڇڻ ڪندي چيو ته اڄ مان اوهان وٽ هڪ سوال کڻي آيو آهيان. هڪ هڪ کان پڇڻ ٿو چاهيان "تون ڪير آهين؟" شري سڌمي صاحب ۾ چيل آهي:

ڪهون مها ڪروڌ ڪرال، ڪهون سرب ڪي هوت روال!

تنهان مان هڪ هڪ، هڪ ناهي. اوهان مان هڪ هڪ ۾ ڪيترين ئي شخصيتون آهن. هڪ ماڻهو عليءَ وٽ آيو ۽ چيائينس ته علي، مان اڄ رات تو وٽ ٿو گذاريان. عليءَ چيس "مان حاضر آهيان. توکي ڪو به ڪم پوي ته علي علي ڪري سڏج. هي ماڻهو رات جو آرامي ٿيو. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ ڪيس ٿيل کپندو هو، سو "علي، علي" ڪري سڏ ڪيائين. علي آيو، پر ڏاڍو جوش ۾ چيائينس "هيڏي مهل اڌ رات جو مونکي ڇو سڏ ڪيئه؟" صبوح جو عليءَ کهڙو نه مٺو ڳالهايو، پر رات جو ساڳيو ماڻهو ڪاوڙ ۾ پرجي ويو. وري صبوح جو عليءَ مٺي انداز سان ڳالهايو. اسانجي اندر ۾ به ڪيترا روپ سمايل آهن.

ڪري. آنڪ أدم آهه، نام سمرڻ، پرارٿنا ڪرڻ، پرمارٿي منش
ساڌنا جي جيون رهي ٿو. ڪنهن اِڪ هي وچار ته رام نام ڪيئن
پراپت ڪريان. گرهستيءَ کي ڪيترين ڳالهين جو خيال ڪرڻو
پوي ٿو، پر جيڪي سندس قسمت ۾ لکيل هوندو، سو کيس
ملندو. ان لاءِ ٻاهرين پرشارٿ به ضروري آهي. هڪ ڀيڻ جنهن
پنهنجي ڌيءَ مڱائي. ڪنهن ٢٥ هزار رپيا ڏيڻا هئا. سندس پٽ
سرڪاري ملازم هو، سو چوي ٿو ته ٢٥ هزار ڪٿان آڻيندس؟
پنهنجيءَ ڀيڻ کي چيو ته مان ٻابا کي تار ڪئي آهي، هو پوري
وقت تي پئسا موڪليندو. اُن ڀيڻ جو ٻوٻوءَ ۾ پورو وشواس هو.
پٽ پيو ڪلپي تـــه، سندس سهرو تـــه، گــنــدو ڪري ويو آهـــي،
اهو ڪٿان پئسا موڪليندو! پنهنجي نت نيم پٽ ٻوٻوءَ کي پرارٿنا
ڪندي هئي. شاديءَ ۾ باقي ٿورا ڏينهن پيا هئا. پٽ آفيس
۾ ويٺو آهي. ڪنهن تار اچي ٿي. تار کولي پڙهي عجب ۾ پوي
ٿو. لکيل آهي ته ”توهان جو فلاڻو عزيز گذاري ويـــو آهي، تو لاءِ
هڪ لک رپيا وصيت نامي ۾ ڇڏي ويو آهي.“ تار پڙهي سندس
دل ڀرجي آئي. گهر ۾ آيو، اچي اهو ذڪر پنهنجيءَ سان ڪيائين.
پنهنجيءَ جي اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا آنسون هئا ته ٻوٻو، جو آهي
اسان سڀني جي ماتا پتا، سو ڪيئن نه وقت سر پيو سار لهي.

منهنجا پيارا، ڪو به مسئلو اچي ته ٻوٻوءَ کي پرارٿنا ڪريو.
ٻوٻو ئي الجهيل ڳالهين کي سلجهائيندو. ڪو به مسئلو اچي ٿو
ته اُن جو حل اڳواٽ ئي ٿيو پيو آهي. توهان مان ڪن جاميٽري
پڙهي هوندي. ڏسندا ته پڇاڙيءَ ۾ اُن جو جواب لکيو پيو آهي.
مان اسڪولي شاگرد هوس. مونکي سنڌي پڙهڻ جو شوق لڳو.
پشم جو ٻارو کڻي پڙهڻ شروع ڪيم ته وچ ۾ ٻارو منجهي پيو.
ٻاري کي جيئن لاهيان پيو، تيئن وڌيڪ ڳنڍيون پوڙها
ٿيندو. نيٺ ٻاپيءَ کي ٻارو ڏنم ته پشم سلجهائي ڏني. مان واس

ڏنو. داداڄن سفيدپوشن جي شيوا ڪئي. منجهند جو ڪيترن ئي غريبن داداڄن کان جمڻ جا ڪيڪ ڪٽايا. پوءِ داداڄن روح رهاڻ ڪندي سنگت جي سونهن ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ شري واڳهه، دادا هوتچند آڏواڻيءَ پياري دادا جشن کي جمڻ مبارڪون ڏيندي سندن گڻن جو ورڻن ڪيو. دادا گنگارام ساجنداس ٣٨٩٧٩٠ روپين جي جمڻ ڳوٿري پوءِ دادا جشن کي پيش ڪئي. پوءِ دادا جشن وري اها ڳوٿري دادل شاهه جي چرڻن ۾ پيش ڪندي چيو ته ان رقم سان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جمڻ ڳوٿريءَ جي شروعات ڪئي وڃي. اهي پيغامون سڀ پياري دادا جون ئي آهن. داس کي ڪير سڃاڻي. گوڏيو دادل شاهه جي ئي ڪرپا آهي.

اڄ سڄو ڏينهن پاڻ کي اهي اکر پئي چيا اٿم، جن اکرن جو ورو ذڪر اڄ منجهند جو مون توهان سان ڪيو.

”آخر مليو نه جي رب، ته سڀ مليو ته ڇا ٿيو؟“

سڀ ڪجهه مليو، مان شان وڏائي، دنيا جو عيش عشرت، اندوان جو آرام، پيسو، پئسو پدارٿ، لکه ڪروڙ، سنسٿائون ٺهيون، اسپتالون ٺهيون، اسڪول ۽ ڪاليج کليا، پر جي رب نه مليو ته ڪجهه ڪين مليو!

اهي اکر اڄ وري پاڻ کي پئي چيا اٿم. مانڪه جنم اسانکي ان واسطي مليو ته پنهنجي رب، پنهنجي پريتم کي پايون، جنهن کان اسين وڇڙيل آهيون. پر ڏسو، اهو مانڪه جنم اسين ڪهڙن ڳالهين پٺيان پيا ڦٽو ڪريون. پاڇن پٺيان پيا ڀوڙون پايون ۽ خوش پيا ٿيون. همت ڪريون ٿا فقط پاڇا. اسانکي خوشي پئي ٿئي. پر جنهن ڪرتوءَ لاءِ اسين آيا آهيون، اهو اسين وساري ٿا ڇڏيون. اهو ڪرتوءَ ڪهڙو؟

”آخر مليو نه جي رب، ته سڀ مليو ته ڇا ٿيو؟“

سڄو وقت وڻهارن جي چرڻ ڀرڻ ۾ پئي ٿي. ڏهه منٽ به ويچار هڪ هنڌ ٽڪاءُ نٿا ڪائين. ان ڪري ابياس جي ڏاڍي ضرورت آهي.

پيارا بالڪو، توهين به ابياس ڏانهن توجه ڏيو. پنهنجي جيون ۾ سادگي، سيوا، سنيهه، ستيه، سمرڻ سدگڻن جي ساکي ڏيو. پياري دادل شاهه جو سپنو ساڪار ڪيو. توهان مان ڪن هڪ هفتو وڌيڪ تي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو. ان لاءِ مان توهان جو شڪرگذار آهيان. مونکي وڌيڪ خوشي ٿيندي ۽ توهان جو آڀاري رهندس جيڪڏهن جيون ڀر هميشه کاڌي کان پري رهڻ جو سنڪلپ ڪريو.

٣٠ جولاءِ انگلش ميڊيم هاءِ اسڪول جي ودياريين دادا جشن جو جنم ڏينهن ملهايو. دادا جشن هڪ هڪ بالڪيءَ کي ڪيڏو نــه پيار سان آسيس ڏني. دادا گنگارام ساجنداس پوڄيه دادا جشن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ان موقعي تي دادا جشن واکيان ڪندي چيو ته پرارٿنا ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهي. توهين به هيڪر روز صبوح شام پرارٿنا ڪريو. شرڌا ۽ وشواس سان پرارٿنا ڪريو. ”شرڌاوان لڀتي گيانم“ شرڌا وارو ئي گيان پراپت ڪري ٿو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي.

ان بعد سينٽ ميران سنڌي ماڊل اسڪول جي ودياريين دادا جو جنم ڏينهن ملهايو. ٻارن ۾ ڪيڏو نه اتساهه هو. دادا جشن بالڪن بالڪين کي نصيحت آميز ڳالهيون ٻڌايون. ٣١ جولاءِ ميران انگلش پرائمري سيڪشن جي بالڪين ننڍڙا ننڍڙا ناٽڪ پيش ڪيا. دادا جشن بالڪين کـــي انعام ڏيندي ڪي سکيا ڏائڪ ڳالهيون ٻڌايون.

٢ آگسٽ صبوح جو پوڄيه دادا جشن، دادل شاهه جـــي ڪٽيا ۾ آيا. دادل شاهه کي پرڻام ڪري آيل پريمين کي پنهنجي نينهن ڀري نگاهه سان نهال ڪيائون. ميران هال ۾ هون ٿيو.

اسان وٽ آيو. وري وري هڪ ئي ڳالھه چيائين: - ”بابا، پيارا وڏو. هڪ ڀيري سان پيار جو ورتاءُ ڪريو ۽ پيار جي هڪ نشاني آھه ڪميا. تو مونکي تڪليف پهچائي آهي ڇا؟ تو مون بابت ڪجھه گھٽ وڌ ڳالهايو آهي ڇا؟ تو مونکي exploit ڪيو آهي ڇا؟ تو منهنجو ٻي جاءِ فائدو ورتو آهي ڇا؟ منهنجا پيارا، تون ۽ مان جدا ڪين آهيون. ٻئي پياري دادا جي در جا نوڪر آهيون. تون مون کان معافي نہ گھر. مان توکي اڳيئي معافي ڏئي ڇڏيان ٿو. هڪ ڀيري سان مٺو ڳالهايون.

پياري دادا چيو: دل جا دروازا کوليو. انڪري ئي ڳالھين جو ذڪر پياري دادا ڪيو. (۱) جيون ۾ پوترتا جو انگ کوليو. ترشنائن جو زور ڀڃڻ جي ڪوشش ڪريو. وري وري پياري بابا ۽ وٽ وڃو، وڃي پڪاريو: ”بابا، مان بيوس آهيان. جڏهن اپوترتا جي لھر چڙھي ٿي، مونکي گھلي وڃي ٿي. اُن وقت مان هڪ ڪاني وانگر لڙهي وڃان ٿو. مون تي تون آسيس ڪر.“ اھڙيون پراٿنائون وري وري ڪريو، جي اسين چاهيون تہ اسان جا پير پوترتا جي راھ ۾ پختا رهن. اسين ستسنگ ۾ اچي اُپديش ٻڌون ٿا. شاستر پڙهون ٿا، سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪريون ٿا، ورت ۽ نيم پالن ڪريون ٿا، پر اسين آهيون اُن مٽڪيءَ وانگر، جنهن ۾ سوراخ آهن. جيڪا ڪمائي ڪريون ٿا، سوراخن مان وهي وڃي ٿي. اسين ساڳئي جا ساڳيا. ڪيترا مونکي ملن، چون: ”اسين ستسنگ ۾ ويهن سالن کان آيا آهيون، اسين ساڳئي جا ساڳيا.“ بيشڪ، ساڳئي جا ساڳيا، ڇوتہ اسانجي جيون اِها پوتر نہ ٿي آھه. انڪري پنهنجن وڪارن جي سنڀال ڪريو. پيارو دادا چوندو هو: پاڻ سان ڏاچڻي رکو. ڪنهن وقت ۾ اپوترتا جو وڪار اچي، اها ڏاچڻي کڻي پنهنجي ٻانهن ۾

سوال اُٿي ٿو تہ ڪيئن اسين پنهنجي پرڀوءَ، پنهنجي رب کي پايون؟ پيارو دادا هڪ هنڌ چوي ٿو تہ جي توهين چاهيو تہ توهانجي مانک پاترا سڦل ٿئي تہ هيءَ هڪ ڳالھہ ڪريو:- ”دل ڪا دوار کول.“ جو دل جو دوار کولي ٿو، اُن کي دلبر جو ديدار ملي ٿو. هن وقت اسان اندرين ۽ من جا دوار کوليا آهن. انڪري اسانجي جيون ۾ ڀوڳ ۽ وچاڙل آهي. ڀوڳ جو نتيجو روڳ ٿئي ٿو. سواد ۽ مزن پٺيان پيا ڊوڙون پيا هون. سواد جي ڪري اسين پرواهہ نٿا ڪريون. ٻين پراڻين ماترن کي تڪليف ڏيون ٿا. سندن حياتي کسيون ٿا، زبان جي سواد واسطي، جو سواد ڪن پلڪ آهي. ڪيترو وقت اهو سواد هلي ٿو؟ اُن لاءِ اسين هزارن لکن جي تعداد ۾ جانورن کي ڪوس گهرن ۾ موڪليون ٿا.

اهي اندريون ۽ من جا دوار بند ڪريو، جي توهين چاهيو تہ دل جو دوار کلي. اسانجي من جا دوار ٻہ کليل آهن. انڪري اسين پنهنجي ايمان ۽ اهنڪار ۾ رهون ٿا. انڪري اسانکي ضد آهي. فلاڻي سان مان ڳالهائيندس ڪين. فلاڻي کي مان ملندس ڪين. فلاڻي کي مان پنهنجي گهر ۾ ڪوٺيندس ڪين. فلاڻي جي موٽر ۾ مان چڙهندس ڪين. ڪهڙي اسان جي حالت آهي؟ ستسنگ ۾ اسين روز روز اچون ٿا، پر اسانجي حالت دکدائڪ آهي. پياري دادا اچي اسانکي سڏايو آهي. اُن دکدائڪ حالت کان توهين ڇٽو، مٿي چڙهو. دل جو دوار کوليو. انڪري پيار، پريم ۾ وڌو. مهنجي اکين ۾ اهو سپنو آهي تہ هي ستسنگ ٿي پوي اِڪ پريم جو ساگر، پريم جو درياهہ، جنهن ۾ اسان مان هڪ هڪ ٻڏي وڃي. موکي خبر ڪين، ڇو تہ مان هيئنر اچي ڪنڌيءَ تي پهتو آهيان. جنهن وقت بہ موکي سڏ ٿئي، اُن وقت ياد ڪري ڇڏجو تہ هي پياري دادا جو داس

پرڀوءَ جو نام، گروءَ جو نام. انڪري نام ڳايون. پرڀات ڪال جو وجهہ نہ وڃايون. روز روز پيارو پرڀو اسانکي اهو وجهہ ڏئي ٿو. اُن وقت عجيب ورکا ٿئي ٿي. صبوح جو سويل اُٿي نام جو ابياس ڪريون. پياري پرڀوءَ سان گفتگو ڪريون، پياري گرديو سان اندر جو احوال اوريون. نام جو ابياس ڪريون ۽ نہ وساريون تہ نام جا پڳل روپ، دکي دريدر دين، غريب مسڪين، پسون ۽ پکي، تن جي نمرت ۽ شردا ۾ سيوا ڪريون. تن جي چرنن ۾ سر جهڪايون. تن جي آسيس پايون. پنهنجو مانس جنم سڦل ڪريون.

٦ آگسٽ نماشام جو نئشنل ڪاليج باندرا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شروع ۾ پرنسيپال ايم. جي. هگورانيءَ پوجيہ دادا جشن جو سواگت ڪيو. پيٽر رتنا واسوانيءَ نوري گرنٿ مان وچن ورتو. ان بعد پوجيہ داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ جيون ۾ ستيہ جي ساکي ڏيو. سچ تي صاحب راضي. هڪ جوان روز جهنگ ۾ ريون چارڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن اُن جهنگ مان عمر خليفو اچي لنگهيو. هن اُن جوان کي چيو تہ توُن جيڪر هڪ ريڍن مان هڪڙي رڍ مونکي ڏين. جوان چيو تہ ”سائين، هي ريون منهنجون ڪين آهن. مان پنهنجي مالڪ جي موڪل کان سواءِ رڍ ڪين ڏيندس!“ عمر خليفو وري کيس چيو تہ ”پيارا، تون پنهنجي مالڪ کي چئج تہ اِڪ رڍ مري وئي. توکي مان ان لاءِ سونيون مهرون ڏيان ٿو.“ جوان چيو تہ ”سائين، مان ائين ڪين ڪندس. ڀلي کڻي نہ ڏسي، پر ڏاڍي تہ هروقت، هر جاءِ ويٺو ڏسي.“ عمر خليفو جوان جو اهو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ کيس مالا مال ڪيائين. اسين بہ جيڪر ان ساڌن جو روز ابياس ڪريون تہ هر هنڌ، هر وقت، هڪ حاضران حضور پيو نهاري تہ اسان جي جيون نئين ٻڻجي پوي. اسين پاپ ڪرم

يا سرشٽيءَ جي پٺيان ڪنهن هلندي ڏٺيون. ڏسو، اوتارتا جو وچار آڏامي ويندو.

(٢) جيئن اسان جو انتهڪرڻ وڌيڪ صاف، پوتر ۽ نرمل ٿيندو، اسان جي اندر پياس اٿي ٿي. پياس پريوءَ واسطي، سڪ سچ واسطي. ڇا آهي جا اسان کي جانورن کان ٻيءَ طرح بڻائي ٿي؟ "ڪرتوت پسو ڪي مانس ذات": ڏسڻ ۾ اسين ماڻهو آهيون، پر ڪرتوت اسانجا پسن وانگر آهن جڏهن پياس اٿي ٿي، اسين انسان ٿيون ٿا. پياس، سڪ ڪيئن اٿي؟ پياس پريوءَ جي بخشش آهه. انڪري پياري پريوءَ کي وري وري پڪاريون: "اسانکي سڪ جي، پريم پيار جي بخشش ڏي ته اسان جو جيون سڦل ٿئي." وري وري ماڻهن کي ورتي ڪندو آهيان ته، نديڙيون نديڙيون پرارٿنائون ڪريو. پرارٿنا دوارا اسانکي سڀ ڪجهه پراپت ٿئي ٿو.

(٣) پياري دادا چيو: "ڪرم گهٽائي سگها، پر ڪمن جو ڪم آهه شرن وٺڻ. شري ڪرشن گيتا ۾ ارجن سان گهڻين ڳالهين جو ذڪر ڪري ٿو، پرش ۽ پرڪرتيءَ بابت، ٽن گڻن بابت، سوڌرم ۽ لوڪ سنگره بابت، گيان ۽ وگيان بابت، ڪرم ۽ اڪرم بابت، شرڌا، تپسيا بابت. پڇاڙيءَ ۾، ١٨ ادهياءَ ۾، شري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو:- "ارجن، اچ ته توکي آتمڪ زندگيءَ جو ڀيد ٻڌايان:-

ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ، ارجن، تون منهنجي شرن آءُ،

ته پاپن جا بندن سڀئي آءُ توڙيان، اچي مڪتي پاءِ.

شرن ۾ اچون. شرن ۾ اچڻ ڇا آهي؟ شرن ۾ اچون، ان ڪري گروءَ جا چرن پڪڙيون. گروءَ جي سکيا نه، فقط ٻاهران ڪن سان سڻون، پر وڌيڪ ان جو وچار ڪريون، ڌيان ڪريون. اها سکيا پنهنجي جيون ۾ پرڪاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. شرن ۾ اچون، پوءِ اسانکي پروڙ پوندي ته زندگيءَ جي ڀاڙ آهه.

اجايا انسنا نہ ڪريون ۽ آئينده جي بہ چنتا فڪر نہ ڪريون.
هميشه جيڪي ڪريون سنڀالي ڪريون. زال مڙس ٻئي پنڌ ويا.
هڪ ٻئي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندي چيائون تہ، اڄ هلي هڪ
پل تان لنگهڻو آهي. اها پل زبون حالت ۾ آهي. زال مرد کي
چيو تہ جي توهان ڪري پوان ۽ مري وڃان تہ منهنجي ٻارن
جي سنڀال ڪير ڪندو؟" مرد چيو "پياري، جي توهان ڪري
پوان ۽ ٽنگہ جو هڏو ڀڄي پوئي تہ مونکي ۽ ٻارن کي ڪير رڌي
کارائيندو؟" ائين چوندا اچي پل وٽ پهچن ٿا. ڏسن ٿا تہ
پراڻي پل ڪونهي، پر نئين پل ٺهي پئي آهي. ائين ڪيترا نہ
اجايا دکن جا هار پائي پيا گهمن.

٩ آگسٽ صبوح جوڪي. سي. لاڪاليج ۾ ٻنٽ لعلواڻيءَ
سوالن جوابن جي ميٽنگ رکي. پوءِ داداجن پهريل سوالن جا
جواب ڏيندي ڪيترن جي نہ سونهپ ڪئي.

١٠ آگسٽ صبوح جو پوءِ دادا جشن سنڌونگر ۾ پڌاريا.
پهرين ڀاءُ وڃي دوتيرام منگتاڻيءَ جي گهر ۾ آيا. اتان ئي هري
ڪيرتن دربار ۾ آيا. دهال آشا داداجن جو سواگت ڪندي ڀڄن
ڳايو. ڀاءُ ريواچند ڪمسواڻيءَ پڻ داداجن جي آجيان ڪئي ۽
ڀاءُ هري ٺهلراماڻيءَ ساڌو واسواڻي مشن جي ڪارج تي روشني
وڌي. پوءِ داداجن پروچن ڪندي چيو تہ سدا سٽپرڪہ اچن
ٿا اسان کي سجاڳ ڪرڻ. اسين ڪيڏو نہ گهري ننڊ ۾ سمهيا
پيا آهيون. پرڀوءَ جي پياس وارو انسان سجاڳ رهي ٿو. شري
گرو نانڪ ديو پنجويهہ سال رٽن ڪيو. ڪٿ ڪٿ نہ ويا.
هزارين لوڪن کي مليا. گروجن چيو تہ فقط چار سچا پريمي مليا،
جن جي اندر پرڀوءَ لاءِ اڪير ۽ ڀڳتي هئي. منهنجا پيارا،
توهين بہ جيڪر سدا پرڀوءَ جي يادگيري دلين اندر رکو. جوت
جي سنتان ٿيو، ڀڳتيءَ ۾ وڌو.

ڪان، اسٽيشن ڪان هڪدم ٻري ئي وڃون.

۷ آگسٽ نماشام جو ڪي. سي. ڪاليج ميٽنگ ۾ پوڄيه دادا جن "تون ڪو ناهين اڪيلو" وشيه تي پرڀاوت ڪندڙ پروچن ڏنو.

۸ آگسٽ نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ روح رهاڻ ستسنگ ٿيو. پوڄيه دادا جن روح رهاڻ ڪندي چيو ته سنتن جي واڻي آهه اِڪ ساگر. اُن مان ڪو نه ڪو وچن کڻو. جيئن ته

دلن دور ڪر پنڌان، گهٽ گهٽ ذات انات،
شوق تنهنجي آئو، نانڪ کي پرڀ ساٿ.

اِن وچن تي ويچار ڪريو، توهانکي عجيب آنند پراپت ٿيندو. اڄ جيئن پرڀات جو منهنجي اِڪ ڪلي، ڪهڙو نه مٺو سونو مونکي آيو:

بيتي کو ڇيڙو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ،
ورتمان ۾ ورت لو، تا ڪيٽي نر دوکه.

جيڪي گذري ويو آهه، تنهنجي چنتا نه ڪريو. هڪ ڀيڻ مونکي ملي. چيائين، ڇهه مهينا گذري ويا آهن، منهنجو پتي گذاري ويو آهه. سڄو وقت ويٺي روئان. ڇوان هيئن ڪريان ها يا هونئن ڪريان ها ته، منهنجو پتي بچي وڃي ها. مون سمجهائس "پياري ڀيڻ، انهن ويچارن مان ڪجهه نه ورندو. تنهن کان ته پتيءَ جي گڻن جو ويچار ڪري پرڀوءَ کي اُن لاءِ پرارٿنا ڪر. اُن ۾ تنهنجو ڀلو آهه. هڪ ماڻهوءَ پنجاهه هزار روپيا زندگي ۾ ڪمائي پالو. ٻيو ور ور ڦوڙها ڦاڙي. ليڪن لاڙڪ مان ڇا ورندو، اُن کان ته، وري همت رکي ٻيو ڪو ڌندو ڪر، جنهن مان ڪمائي سگهين. هيءَ دنيا اِڪ اسڪول آهه. جنهن ۾ سبق سکڻ آيا آهيون. جيڪي ٿي ويو آهه، اُن مان ٻه ڪجهه پراپت ڪريون. موجوده حالتن ۾ وڌيڪ سارو ڪم ڪريون،

ڪمس نہ ڪريو، اُن تي ڪهل ڪريو. سٺ ٻولن جي من ۾ ڪيڏي نہ ديا ڀاونا ٿئي ٿي. مهاتما پيارا، اوهين بہ جيون ۾ ديا ۽ پريم جي جوت جڳايو.

٢٧ آگسٽ جنماشٽميءَ جي پوتر ڏينهن ميران پوميءَ ۾ پوڄيہ دادا جشن سفيد پوش پيڙون کي سهائتا ڏني. نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيہ داداجن پروچن ڪندي چيو تہ، اڄ کهڙو نہ مهاپوتر ڏينهن آهي. پنج هزار ورهيہ اڳ، اڄوڪي ڏينهن شري ڪرشڻ ڀڳوان هن پرٿويءَ تي اوتاريو. کهڙي رحم ليلا اچي لڳايائين. سندس ياد ۾ کهڙو نہ جادو سمايل آهي. سندس ناءِ جپڻ سان کهڙي نہ عجيب شڪتي ملي ٿي. اڄوڪي ڏينهن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد ۾ سڪي ستسنگ کوليو. ان دوران سڀن کي شري ڪرشن جي چرڻن ۾ جهڪيو. اوهين بہ جيڪر شري ڪرشن سان پريم جو ناتو جوڙيو تہ جيون سڦل ٿي پوندي.

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جنمدن جي موقعي تي پوڄيہ دادا جشن ميران هال ۾ شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ مهاتما گانڌي جڏهن پنهنجي سرڪ چولي ۾ هو، اُن کان وڌيڪ هن وقت شڪتيشالي آهي. جيئن جيئن وقت ويندو گذرندو، تيئن هن سنت پرش جو روحاني اثر ويندو وڌندو. گانڌيجيءَ جو زور ڌرم کان مٿي روحانيت تي هو، ڇو تہ ڌرم جي نالي ۾ ڪيتريون نہ جنگيون لڳيون ٿيون. رتوڇاڻ ٿئي ٿي. سندس وشواس هو تہ واڄٽيءَ جي پيران شيوا جا مرڪز هئڻ کپن. هن وري وري آواز اٿاريو تہ سائنس ۽ روحانيت جو پاڻ ۾ ميلاپ هئڻ گهرجي. پوءِ انسان ذات جي ڪيڏي نہ شيوا ٿي سگهي ٿي.

مهاتما گانڌي هڪ چمڪندڙ مثال هو. گيتا جي استر پڌيءَ وارو انسان هو. جنهن ڪوشش ڪئي تہ وچار، وچن ۽

١٦ آگسٽ شام جو پوڄيه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته ڀارت جي رشين منين، سنتن ستپرشن اها سکيا ڏني آهه ته "دَيا ڌرم ڪا مول هئه" ۽ "ستيم وَد، ڌرمم چَر" سچ ڳالهايو ۽ ڌرم کي جيون ۾ پرڪاش ڪريو. اسان مان ڪيترن جي عادت ٿي وئي آهه ته ٿوري ٿوري ڳالهه تي بنا مطلب ۽ بنا ڪوڙ ڳالهايون. ڪوڙ ڳالهائڻ سان آتمڪ شڪتي گهٽجي ٿي. ماستون ۽ مائٽن جو فرض آهه ته ٻارن کي سچ ڳالهائڻ جي سکيا ڏين. هڪ ماتا پنهنجي ٻالڪ کي چيو ته ڪوڙ ڳالهائڻ کان جيڪر تون مري وڃين ته بهتر. اهڙيون ماتائون وري ملنديون. پنهنجا پيارا ٻالڪو، پياريون ٻچڙيون. اوهين پنهنجي جيون ۾ ستيه ۽ دَيا جي ساکي ڏيو.

جارج واشنگٽن ۽ پيٽر مل ٻالپڻ ۾ گڏ پڙهيا هئا. پيٽر مل پرڀوءَ جو سيوڪ ٿي رهيو. آمريڪا ۾ هڪ پاڄي مائيڪل نالي ڪيترن ماڻهن کي ستايو هو. کيس ڦاسيءَ جي سزا جي فتوا ملي ٿي. ان ڳالهه جي پيٽر مل کي خبر پئي. هن سوچيو ته جيڪر مائيڪل کي معافي وٺي ڏيان، پر معافي کيس صرف پريزيڊنٽ واشنگٽن ڏئي سگهي ٿو. پيٽر مل پنهنجي ننڍپڻ جي دوست وٽ ڪهي ويو. واشنگٽن کيس ڏسي خوش ٿيو ۽ پڇيو ته، تون ڪيئن آيو آهين؟ پيٽر مل جنهن جي دل ۾ دَيا جي جوت جڳمڳ هئي، واشنگٽن کي چيو ته مائيڪل ڀلي گنهگار آهه، پر اوهين ڪرپا ڪري، کيس ڦاسيءَ جي سزا کان معاف ڪريو. واشنگٽن دوست جو چوڻ ڪيئن نه موٽائي؟ مائيڪل موت جي سزا کان بچي ويو.

سن ١٩٠٨ع ۾ مهاتما گانڌيءَ کي مارڻ جي ڪوشش ڪيائون. ماڻهن چيو ته جنهن ماڻهوءَ مارڻ جي ڪوشش لئي ڪئي اُن تي جيڪر ڪيس ڪريون. پر مهاتما گانڌيءَ چيو ته

موقعي تي پوڄيه دادا جشن پرووچن ڪندي چيو ته، هتن ستسنگن جي تمام گهڻي ضرورت آهي. جي مهني مهني هتي ستسنگ جو پربند ڪريو ته مان هڪ ڏينهن اچي توهان جي آسيس وٺان. اڄ گرو گوبند سنگهه جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهه. شري گرو گوبند سنگهه شڪتيءَ جو اوتار هو. گروجن اچي آواز اٿاريو ته، ٿي ٻڌا ٿيو. بهادر ٿيو. اڄ ڀارت کي اهڙن سورون جي ضرورت آهه.

٧ نومبر شڪروار شام جو ونگه ڀرون ٻمبئيءَ ۾ سادو واسواڻي مشن جي سهاري دادا سادو واسواڻيءَ جو ١٠٧ جنمدن آنسو ملهايو ويو. شروع ۾ شري پرشوتم جلوٽا سادو واسواڻيءَ جا ڀڄن مڌر سر ۾ ڳايا. پوڄيه دادا جشن سادو واسواڻيءَ کي ڀشپانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا واسواڻي جوڳي جادوگر هو. جنهن پنهنجي سکيا دوارا ستن کي سڄاڳ ڪيو. پياري دادا دکي لوڪن جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي! سڄي سڦلتا اُن کي ملي ٿي جو ٻاڻ کي تڪليف ۾ وجهي به ٻين جي سيوا ڪري ٿو. اسين ٻاڻکي تڪليف ڏيڻ کان پيا نٿا ون. جيڪي ڀريوءَ اسان کي ڏنو آهي، اهو ٻين کي ڏيندا رهون. جي ٻيو ڪجهه ڪين آهه ته مٺي مشڪ ڏيون، پيار ڏيون. پيارو دادا هو پريم ۽ دئا جو اوتار. اوهين به نه صرف مانو ماتر کي، پر پکين پسن کي پيار ڏيو. اُنهن تي دئا ڪريو ته پرماتما توهان تي دئا درشٽي ڪندو. جيون ۾ جيڪڏهن سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو.

٨ نومبر چنڊيگڙهه صبوح جو راٽري ڪلب ۾ دادا جن پترڪارن کي ٢٥ نومبر ”وشو ڏينهن“ جي اهميت تي ڳالهائيندي ٻڌايو ته سادو واسواڻيءَ ديش وديش ۾ ڪيئن نه جيو دئا جي جوت جڳائي. سڄي دنيا ۾ لکن ڳگداڻن جو ڪوس ٿئي ٿو. اوهان ڪڏهن ڪوس گهرن ۾ وڃي انهن ڳگداڻن جون ڪيڪرائون ٻڌو

وهنوار ۾ ڪيئن ايڪتا اچي. گانڌيءَ جو وشواس هو تہ انسان
تڏهن واڌارو ڪندو، جڏهن انسان جي اندر ايڪتا ايندي ۽
پنهنجو پاڻ سڃاڻندو. هن ور ور زور ڏنو تہ ذات پات جو ڀيد
پاڙ وڃڻ کپي. قوم جو نرماڻ تڏهن ٿيندو، جڏهن زندگي سڄي
۾ اهنسا ۾ بدل هوندي. وشو ۾ شانتي اچي، ان لاءِ ضروري آهي
تہ نئون آرٿڪ پلانيو ٺهي، جنهنجو بنياد هجي شانتي، نہ جنگ.
گانڌيجيءَ چاهيو ٿي تہ راجنيتي ۽ آرٿڪ سنستائون سيوا پاڙ ۾
وڃن ۽ غريبن ڏکين مسڪينن ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري سندن
سيوا ڪن.

۴ آڪٽوبر سسٽر فرانسز جي پوتر يادگيريءَ جي ڏينهن،
دادا جشن ڪيس شردانجلي ڏيندي چيو تہ سسٽر فرانسز جي دل
۾ ديا ڀاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي. اڄ دنيا کي ديا جي درڪار
آهي. ديا بنا منش بيڪار آهي. سسٽر فرانسز پکين پسن جي
ڪيڏي نہ خدمت ڪئي. جيون ۾ جيڪو ديا جي جوت جڳائيو.
مانش جيون سڦل بڻايو.

۱۲ آڪٽوبر وجيہ دشميءَ جي ڏينهن پوڄيہ داداجن اُپديش
ڪندي چيو تہ وجيہ دشمي آهي وجيہ جو ڏينهن. جنهن ڏينهن
دئوي شڪتين آسري شڪتين تي جيت پاتي. ڀڳوان شري
رام دراچارن جو سنهار ڪري، سچ جو جهنڊو جهلايو. هن
وقت ڀارت ڏکين حالتن مان لنگهي رهيو آهي. هن وقت ڀارت
کي کوج آهي تياڳي پُرشن جي، جي پنهنجي سمست جيون
دکي لوڪن جي سيوا ۾ خرچ ڪن.

۶ نومبر گروُوار شام جو جماڀائي هندوجا سانسڪرت
ڪيندر کار ٻمبئيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀائران پاءِ
لڇمڻداس چاپڙيا دادا جشن واسوانيءَ جو سواگت ڪيو ۽ ڀاءِ
ڀڳوان لوالٽيءَ مانس-آهار کان دور رهڻ لاءِ اپيل ڪئي. ان

جي اکين مان ڳوڙها پئي ڳڙيا. دادا کان پڇون ٿا "پيارا دادا، پرڀات جي پوتر سمي، اوهان جي اکين ۾ آنسون ڇو آهن؟" پياري دادا چيو ته هيءَ وقت پرڀوءَ جي سمرڻ جو آهي، پر ڪوس گهرن ۾ ڪيئن نه ڳگدامن کي ڪٺو پيو وڃي. اهي ڳگدام آهن گوبند جا ٻال. انهن معصومن جي ڪوس جو تصور ڪندي منهنجي دل ڀرجي اچي ٿي. سندن ڪيڪرائون منهنجي ڪنن ۾ پئي ٿيون.

پيارا، توهان به هڪ ڪاڻي جو ٿياءُ ڪيو. انهن ڳگدامن تي قياس ڪريو.

١٢ نومبر شام جو ٻاءُ ڪشور ۽ سندر ٽنڊاڻيءَ جي گهر جي ايوان ۾ دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو ويو. پوڄه دادا جن اپديش ڪندي چيو ته- پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ڪيئن نه اسان سڀني کي اچي سڃاڻ ڪيو. شش جڏهن سمپت پاڪ سان گروءَ جي شرڻ وٺي ٿو، تڏهن ٿي مٿس ڪر ڪرپا ٿئي ٿي. هڪ شش جو گرو ٻئي شهر ۾ رهندو هو. ڪو شخص اُن شهر ڏانهن وڃي رهيو هو. شش اُن شخص دوارا هڪ مٽرو گروءَ ڏانهن ڀيٽ ڪري موڪليو. اهو شخص عجب ۾ سوچڻ لڳو ته- گروءَ کي ڪي ملهائتيون شيون ڀيٽ ڪيون آهن، هن صرف گروءَ لاءِ مٽرو ڏنو آهي! اهو شخص اُن گروءَ جي چرڻن ۾ اُن شش جو ڏنل مٽرو ڀيٽ ڪري ٿو. گرو مٽرو ڏسي پرسن ٿئي ٿو ۽ کيس چوي ٿو ته پيارا، تون جڏهن واپس وڃين ته منهنجي شش کي هي "مٽر" پرساد طور ڏجانءِ. اُن شخص عجب کائيندي گروءَ کان پڇيو ته شش توهان لاءِ مٽرو ڏنو. اوهان اهو مٽرو سويڪار ڪري پرسن ٿيا ۽ موٽ ۾ وري اوهان هڪ "مٽر" اُن لاءِ ڏنو آهي. ان جو مطلب ڇا؟

اُن سنت چيو "پيارا، شش مٽرو موڪليو آهي، اُن جو

۽ توهان جي دلين ۾ ايندي اچي وڃي. همسڪ ڪاڏي سان صحبت ۾ رهي ٿي ۽ ٻڌي ۾ بهشت ٿئي ٿي. انهن ڳڳدامن تي دعا ڪري همسڪ ڪاڏي ڪان ٻري رهو. ٢٥ نومبر پياري ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن آهي. جڏهن پنهنجي جيون پراڻي ماڻ جي سيوا ۾ ارپڻ ڪئي. دادا چوندو هو ته توهان منهنجي جان وٺو، پر انهن پسن پکين کي ڪين ماريو. اوهان پنهنجين اخبارن دوارا اهڙو پرچار ڪيو جيئن پياري دادا جي جنمدن ٢٥ نومبر نه صرف ڀارت ۾، پر ساري دنيا ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو وڃي. سڀ ڪوس گهر ان ڏينهن بند ٿيڻ گهرجن.

٩ نومبر ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٧ جنمدن ساڌو واسواڻي باغ، سنڌونگر-١ ۾ ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه داداجن سنگت سان ان اتسو ۾ پڌاريا. شروع ۾ ڀڄن آشا داداجن جو سواگت ڪندي چيو ته دادا جيئن پريم ۽ ڪرونا جي مورتي آهن. ساڌو واسواڻيءَ جيان سندن جيون ۾ به ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سنگم آهي. ڀاڳ هوري نهلراماڻيءَ ۽ ڀاڳ ناري پوپٽاڻيءَ ٤٥ هزار روپين جي ٿيلهي داداجن جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪئي. داداجن ان ۾ پنج هزار وجهي پنجاهه هزار روپيا وري سيوا ڪارج لاءِ واپس ڏنا.

داداجن اپديش ڪندي چيو ته اڄ گوپ اشٽميءَ جو ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن جي يادگيري ڏياري ٿو. شري ڪرشن ڪيئن نه پيار گائين کي وڃي چاريندو هو. سندس مڌر مڌر مرليءَ جو آواز ٻڌي گائيون گوپيون گوال ڊوڙندا ايندا هئا. شري ڪرشن گائين کي ڪيڏو نه پيار ڪندو هو. اڄ سندس هن ڀونءِ ڀوميءَ تي روز هزارين گائيون قتل ڪسجي رهيا آهن! ڪيترا ئي جيو به روز قتلام ٿي رهيا آهن اهو ڏکاري ٿو ته اسانجي دل ۾ دعا ڪين آهي. دعا ئي ڌرم جو مول آهي. هڪ ڀيراس جو پياري داداجن

ڪڏهن ڪڏهن ماتا چوندي هيس، نوڪر کي سڏ ڪر. پيارو دادا چوندو هو ”امي، مان جـو تنهنجو چاڪر آهيان.“ اوهين ته جيڪر ماتا پتا جي آگيا ۾ رهي انهن جي آسيس وٺو، سندن سيوا ڪريو. انهن جي آسيس ۾ وڏي شڪتي اٿوَ.

تماشام جي ستسنگ ۾ ڀاءُ آلو ڀاڳواڻيءَ شانتي سيوا نڪيتن طرفان هلندڙ سيوا ڪارين تي روشني وڌي. پوءِ داداجن سيوا ڪارين لاءِ ڀاءُ آلو ڀاڳواڻي ۽ ٻين سيواڌارين کي ڌنيواد ڏني.

٢٣ نومبر آرتوار صبوح جو پوءِ دادا جشن اُپديش ڪندي دادا سـاڌو واسواڻيءَ جي جيون جا ڪي ورق ورايا. شام جو ٻـالڪن دادا ليلا جو ڪاريه ڪرم منچ تي پيش ڪيو. پـوءِ داداجن ٻـالڪن جي همت افزائي ڪئي.

٢٤ نومبر شام جو ٤ بجي ميران يوميءَ ٽان رٿ ياترا آرنڀ ٿي. پوءِ دادا جشن ۽ سوين ڀرامي رٿ کاهــي رهيا هئا ۽ هزارين ودياَرٿي ۽ ڀرامي ”جيءَ تون آئين دادل شاهه، اڱڻ اسان جي دادل شاهه“ جي ڌني لڳائي رهيا هئا. داداجن جدا جدا چونڪن تي اُپديش ڏنو.

٢٥ نـومبر صبوح جو ميران منڊپ ۾ هون يگيه، بعد پوءِ دادا جشن ساڌو واسواڻي مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام کٽيندڙ ودياَرٿين کي انعام عـطا ڪيا. ٻئرسٽر هولچند گوپالداس آڏواڻيءَ، ديال آشا، دادا گنگارام، دادي ستي ٽڏاڻي ۽ ٻين دادل شاهه کـي پشپانجلي ڏني. پوءِ دادا جشن سفيد پوش پريرن کي انــاج، وستر ۽ خـرچـي ڏني. تماشام جو داداجن دادل شاهه جي ڪمل چرڻن ۾ جيمڊن ڳوڙي پيت ڪئي.

پوءِ دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو ته اڄوڪي ڀـوڳو ڏينهن ڀرپات جي ڀردي ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ٿيو هو. پاڻ سان آنش کڻي آيا هو. تنهن هوندي سندن جي

اِت "مٺن ٿيو" ۽ مان کيس "مٺو" موڪليان ٿو. 'م' معنيٰ نہ ٿي، جڏهن پرڀوءَ جي راهہ ۾ تون اڳتي وڌيو آهين، تہ منهنجي شرط ورتي آهي، اُن تان ڪڏهن بہ هٽج نہ." اهو شخص اُن گروءَ جي اِها سمجهاڻي ٻڌي پرسن ٿيو ۽ اهو مٺو اڃا شش کي ڏنائين. شش گروءَ جي پرساد جي راز کي سمجهي ويو.

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. اوهان بہ پرڀوءَ جي راهہ ۾ ثابت قدم وڌنديون رهو. سمرپت ڀاڳ سان پرڀوءَ جي، گرديو جي شرط وٺو. ڪڏهن نہ ڪڏهن سچائي ڏينهن اوهان تي اُنهن جي رحمت ٿيندي.

٢١ نومبر مهران انگلش پرائمري اسڪول طرفان پوڄيہ دادا سائو واسوائيءَ جو جنم ڏينهن اُتسو ملهايو ويو. اسڪول جي ٻالڪن ۽ اڌياپڪائن ڪجهہ شيون دکين درپارن ۾ ورهائڻ لاءِ پوڄيہ دادا جشن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکيون. داداجن ٻالڪن کي دادل شاهہ جي جيون جون ڪي گهٽنائون ٻڌائيندي انگريزيءَ ۾ دادل شاهہ جي نديڻ بابت هيٺيون شعر ٻڌايو:

Dada was little child,
Truthful, brave, meak and mild,
Never did he tell a lie,
Never did he hurt a fly.

منهنجون ٻالڪون، اوهين بہ جيڪر دادا وانگر سچ ڳالهايو. ڪڏهن کي بہ نہ رنجايو.

٢٢ نومبر مهران انگلش اسڪول طرفان دادل شاهہ جو جنم ڏينهن اُتسو ملهايو ويو. پوڄيہ دادا جشن سائو واسوائيءَ جي جيون جو ورڻن ڪندي چيو تہ، پياري دادا جي دل ۾ ماتا لاءِ ڪيڏي نہ عزت ۽ پيار هو. ماتا جي آگيا ڪري پياري دادا وڏا عهدا ماڻيا. پاڻ پوڄيہ ماتا جي سيوا ڪندو هو.

گانڌي نگر جي شاهي ميدان تي پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. شروع ۾ ساڌو واسواڻي اسڪول ۽ هيمون ڪالاڻي اسڪول جي ڪن ودياٿين دادل شاهه جي جيون تي ڳالهايو. پياري هوبخش پدماڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسوڻي وديارٿي جيون ۾ نئي اِڪ آدرشي ۽ اُتم ودياٿي هو. ننڍي پڻ ۾ اُني سندس جيون ۾ پراڻتا، پوترتا، پريم ۽ ديا جا گڻ چمڪيا. توهين به پياري دادا جا گڻ اپنائي آدرشي وديارٿي بڻجو. پيارو دادا چوندو هو ته توهين ٻين سان اهڙي هلت هلو، جهڙي هلت توهان کي وڻي ته ٻيا توهان سان هلن. وڏن کي عزت ڏيو، هڪجيڏن سان پريم جو ورتاءُ ڪريو.

رات جو پڻ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو، جنهن پوڄيه دادا جشن امرت ورکا ڪئي.

۳ ڊسمبر پڻ موهني رمش جي گهر پوڄيه داداجن اڌ ڪلاڪ ڪن روح رهاڻ ڪئي. شام جو ڪولهاپور ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کي اِڪ اِڪ پراڻيءَ لاءِ پيار هو. جڏهن ڪاليج جو پرنسپال هو ته هر آرتوار تي پدمڊن پکيوان کي ٻڪ ٻاڻ سان گڏ ڪاڌي ڪاڻ جي ڪوٽ ڪندو هو. پدمڊن هٿن سان چانور ۽ ڀاڄيون رڌيندو هو. هڪ دفعي هڪ انگريز پياري دادا جي هاڪ ٻڌي ساڻس ملڻ آيو. پيارو دادا هڪ ننڍي ڪوٺيءَ ۾ رهندو هو. زمين تي فراسي پٽ ۽ اڳيان هڪ ننڍڙي صندليءَ تي ويهي لکندو هو. انگريز آچي ٿو، سمجهي ٿو ته پياري دادا جو گهر فرنيچر وغيره سان سينگاريل هوندو. هي پيارو دادا سان ملي ٿو ۽ ڪانئس پڇي ٿو ته توهانجو فرنيچر ڪٿي؟ پيارو دادا وري ڪانئس پڇي ٿو ته تمهنجو فرنيچر ڪٿي آهي؟ انگريز چوي ٿو ته منهنجو فرنيچر ته

فقيرن ۽ درويشن بابت ٻڌي ٿو ۽ چوي ٿو "مان به، اِڪ فقير آهيان، خدا جو فقير." وڏي وديا وٺي ٿو، هوشيار ٿئي ٿو، پروفيسر ٿئي ٿو. ولايت ۾ رشين جو پيغام کڻي وڃي ٿو. ڏاڙهون ڌونڌي ڇڏي ٿو. وديارٿين لاءِ آشرم کولي ٿو، نوجوانن کي پريم جي راهه ۾ ڇڪي ٿو. وڏن ڪاليجن جو پرنسپال ٿئي ٿو. پوءِ ڪن ۾ عهدي اقبال کسي نوڪر هٽي ٿو. مان شان وڏائيءَ کان منهن موڙي ٿو. پاڻ کي اڪائي ٿو، اِڪ فقير بڻجي ٿو.

لوڪن کي هٿ ڪاڙي، سمت پٽي فقير.

پيارو دادا ستسنگ کولي ٿو. اسڪول ڪاليج ۽ اسپتالون جاري ڪري ٿو. پياسي دلين کي پنهنجي پيار جو پاڻي پياري ٿو. پاپين گنهگارن کي به پيار ڏئي ٿو. ننڍڙن لاءِ به پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو. جي ساڌس پوريءَ رات ننڊ هلن تن تي به آسيس ڪري ٿو. بيمارن جون بيماريون ڇڏائي ٿو. ڪيترن جا بار پاڻ تي هموار ڪري ٿو. دکين دردن جي سنڀال لهي ٿو. سفيد پوش گهرجائن جا گهر ڀري ٿو. پکين پسن جي شيوا ڪري ٿو. گگدامن کي ڪاسائن جي بي رحميءَ کان بچائي ٿو. نام جو سنديش ديس پرديس پهچائي ٿو. لوڪ وٽس ڊوڙندا اچن ٿا ۽ چون ٿا "هي آهه اسانجي دلين جو شاهه، سچي پاتشاهه" پر پيارو دادا چوي ٿو "مان اوهان جهڙو آهيان. اوهانجو دادا آهيان." دادا سو، جو ڏئي پيار. دادا پيو ڏئي، پيو ڏئي، اڃا پيو اسانکي ڏئي. سندس ڀنڊار سدا ڀرپور آهن.

پياري دادا جي سکيا آهه ڏيو، ڏيو. پياري پريوءَ اوهان کي ڪيڏو نه ڏنو آهه. پريوءَ جي ڏني مان، پريوءَ جي پيار ۾ ڏيو، ڏيندا رهو. اوهان کي ڪوٽ ڪوڻ ٿيندي. اهو پيغام اڄ کڻي وڃو.

٢ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن ڪولهاپور ۾ پڌاريا. شام جو

اهو ٻڌي پوءِ ڪيترائي ڀاڳ سڏائين ٿا ۽ گرو تيغ بهادر کي مستانو ڪري سڏين ٿا. هڪ وڏو واپاري مکڻ شاهه پنهنجا ٻيڙا مال سان ڀرائي ڪٿي آيو ته اوچتو طوفان لڳو ۽ ٻيڙا ٻڏڻ تي هئا. تڏهن مکڻ شاهه پرارٿنا ڪئي ته "گرو مهاراج، منهنجا ٻيڙا بچاءِ. مان پنج سؤ سونيون مهرون شيوا لاءِ پيش ڪندس." واهگورو جي ڪرپا سان ٻيڙا ٻڏڻ کان بچي ويا ٿا. مکڻ شاهه ڳولا ڪئي ته سچو گرو ڪٿ آهي؟ ڪيس ويهه ڄڻا چون ٿا ته اسين گرو آهيون. مکڻ شاهه هڪ هڪ اڳيان پنج سونيون مهرون پيش رکي ٿو. اهي سڀ گرو سڏائيندڙ ڏاڍو خوش ٿين ٿا. مکڻ شاهه جي من ۾ ويچار اٿي ٿو ته هي سچا گرو نٿا لڳن. هي پيارو وري پڇا ڪري ٿو ته ڪيس خبر پوي ٿي ته بڪالي ۾ هڪ مست رهي ٿو. مکڻ شاهه اُت اچي ٿو ۽ سندس اڳيان پنج سونيون مهرون پيش رکي ٿو. تڏهن شري تيغ بهادر چوي، ٿو "تو ته پيارا، پنج سؤ مهرون باسيون هيون." اهو ٻڌي مکڻ شاهه دنگ رهجي ويو ۽ محسوس ڪيائين ته هيءُ ئي سچو گرو آهي. سندس چرڻن ۾ پنج سؤ مهرون پيش ڪري ٿو ۽ وڏي واڪي چوي ٿو "ملين گرو لڌا، ملين گرو لڌا."

شري گرو تيغ بهادر جن هندو ڌرم جي صدقي ڪيڏي نه قرباني ڪئي. سندن امرت مئه واڻي اڄ به اسانجي راهه روشن ڪري ٿي. منهنجا پيارا، گروجن جي ٻاڻيءَ جو ابياس ڪريو، توهان کي عجيب آنند پراپت ٿيندو.

٦ ڊسمبر پارٿنا وديا لون ۾ پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ پروچن ڪيو ۽ پوءِ ڪن شروتائن داداجن کان ڪي سوال پڇيا. داداجن کين سندن پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي مارگ درشن ڪيو. ٨ ڊسمبر پوڄيه داداجن رامڪرشن آشرم جي هال ۾ انگريزيءَ ۾ "شريمد ڀڳوت گيتا" جي سکيا باهت پروچن ڪيو.

منهنجي گهر ۾ آهي. انهن پيارو دادا کيس چيو ته "منهنجو ڦرنيچر به منهنجي نج گهر ۾ آهي. هت ته مان پرديسي آهيان. هتي جو سامان اُت نه کڻي سگهندس."

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀيڻرون. پياري دادا کي پنهنجو اصلي وطن ياد هو، پر اسين سڀ آهيون وسري ويا. مايا چڪر ۾ اسان کان پنهنجو نج ديس وسري ويو آهي. هن دنيا ۾ اسين ڪيڏا نه اتسنا ڪريون ٿا. ٿوري جيئڻ لاءِ ڪيڏا نه پاپ ڪوڙ ۽ ٺڳيون ڪريون ٿا. اسانکي جيڪي هت ڪرڻ گهرجي سو ڪرڻ ته ڀلجي وسري ويو آهي. توهانجا محل ماڙيون، بنگلا، سڀ پدارٿ اِت ئي پيا هوندا. نام خزانو ئي توهان سان هلندو. اُن ڪري نام کي نه وساريو ۽ نام جا پڳل روپ دکي دريدر انهن جي سيوا ڪريو.

۴ ڊسمبر صبوح جو داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته، دنيا درگذر آهي. کهڙا به دک سک اچن ته چئو، ڀلي، ٻي گذر جائيگا. ائين ڪرڻ سان توهين دک ۾ دکي ڪين ٿيندا ۽ مايا وي پدارٿن ۾ آسڪت نه رهندا. ڪيترن دکن جو ڪارڻ آهي آسڪتي. پڀوءَ سان پريت ڪريو، نه مايا ۾ آسڪتي. نام ڳايو، نام ڌيايو، پرم سک پايو.

۵ ڊسمبر ٻپهرجو دادا جشن بنگلور ۾ پڌاريا. نماشام جو دادا امر جي آستان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ٻهران دادا امر داداجن جي آجيان ڪئي. پوءِ داداجن پروچن ڪندي چيو ته هن ستسنگ مان عجيب لهرون پيدا ٿيون نڪرن. دادا امر محبت جي مورت ۽ سيوا جي صورت آهي. اڄ شري گرو تيغ بهادر جي شهيدي جو ڏينهن آهي. گرو هرڪشن صاحب اسڪول شرڌا جو ليپاڳ ٻڌي ڪيو. انهن سڀن هندن کان پڇيو ته سائين، توهان کان پوءِ ڪير گادي نشين آهي؟ گروجن چيو "بابا بڪالي".

اندر ويٺو آهه. انترجامي آهي. فقط اسين پنهنجي جيون سندس حوالي ڪريون. پاڻ ئي پيو سنڀاليندو. ڏڍ وشواس سان پريوءَ کي پڪاريو. هڪ بالڪيءَ جو جنم غريب گهر ۾ ٿيو. تمام ننڍي جـائي ۾ سندس هڪ ٽنگ پوري طرح نٿي هلي. ڪيس سڀني پيل بوٽ پاتائون، تڏهن هلي ٿي سگهي. سندس ماتا پرڀتاڻي هئي، تنهن چيس "ڪڪيءَ پريوءَ ۾ اٽل وشواس رک. جنهن پريوءَ هيءَ وشال سرشٽي بڻائي آهه، اُن کي پاڻ ارپڻ ڪر." اهي اکر هن بالڪيءَ جي دل اندر گهڙي ويا. چوي ٿي "مونکي پريوءَ جي شڪتي پڪ ڪرائيندي ۽ هڪ ڏينهن مان به رانديون ۾ ڊوڙ ۾ پهريون نمبر ايندس. سڀ هن تي کلن ٿا. جڏهن ڊوڙ پائي ٿي ته پوئين جو نمبر اچي ٿي. پر دلگير نٿي ٿئي. پڪو وشواس اٿس ته شام مون سان آهه. اِڪ ڏينهن مان اوس ڊوڙ ۾ کٽنديس. نيٺ هڪ ڏينهن هيءَ بالڪي ڊوڙ ۾ جيت حاصل ڪري ٿي، پهريون نمبر اچي ٿي. ڪيس ٽي سونا پدڪ انعام ملن ٿا. ان ڪري توهين به دلگير نه ٿيو، اڪير سان پڪاريو "شيام، مون گهر ڪڏهن ايندين؟" ضرور پريو اوهان جي اڱڻ ۾ ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ايندو. ان ڪري پريوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو ۽ پياس اٿارپو.

ڪئمبٽور جي پرامين ڪان مدنهند جو موڪلائي دادا جشن مدراس لاءِ روانا ٿيا ۽ ساڳي رات مدراس ۾ پڌارپيا. ڪيترن شردالن داداجن جو سواگت ڪيو. ۲۱ ڊسمبر صبوح جو سڌو سڌن ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شروع ۾ ڊاڪٽر خانچند داداجن جو سواگت ڪيو. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته هڪ کي پيار ڏيو. پيار اٿو پريو پاڻ.

۲۲ ڊسمبر دربار صاحب ۾ ستسنگ ٿيو. اُتي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ گرو گوبندسنگهه جي ڄم ڏينهن جي

١١ ڊسمبر شام جو نارائڻداس هندوڄا هال ۾ ٻال سينٽر جي ٻالڪن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جون جھلڪيون منچ تي پيش ڪيون. هن موقعي تي پوڄيه دادا جن ٻالڪن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته، ٻالڪن ڪيترن ئي ڪروڙامه درشيه پيش ڪيا. جيئن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ پکين پسن گگدامن تي ديا درشائي ڪئي، تيئن اسين ٻه انهن گگدامن کي کهڻ کان بچائي، جيون ۾ ديا ۽ پريم جي ساکي ڏيون. ديا ٻيا سڀ پوش ٻه ڪاسائي آهه.

١٣ ڊسمبر پوڄيه، دادا جن ڪريگمور ۾ پيداريا ۽ آئي پيرڻ لڪشميءَ جي بنگلي ۾ رهيا. ١٤ ڊسمبر اوٽيءَ مان ڪي پريمي اچي آيا. داداجن ان ڏينهن اپديش ڪندي چيو ته، همت ڪيڏي نه سانت آهه! منهنجي روح جي روئي. توهين ٻه روز ڪجهه وقت سانت ۾ ويهي پرڀوءَ جو سمرڻ ڪيو. ڪروڌ نه ڪريو. اُن مان ڪيترا نه نقصان آهن. جو ڪاوڙ ڪري ٿو اُن جو مڪه اپور ٿئي ٿو، خون خراب ٿئي ٿو. صحت تي اثر پوي ٿو. من اشانت رهي ٿو.

٢٠ ڊسمبر ڪئمبٽور جي شڪارپوري هال ۾ دادا جن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ ڪلهه وڏي ۾ بيماري آهه وهم جي بيماري. ڪئنسر جي بيماريءَ کان به خطرناڪ آهه. انڪري دلين اندر يادگيري آئاريو. اڄ صبوح جو جيئن مان اٿيس ته منهنجي دل اندر هي سوال آيو:

مون گهر ڪڏهن ايندين شيام، مون گهر ڪڏهن ايندين شيام.

توهين صبوح جو ننڊ مان اٿو ته ڪا نه ڪا گرباڻي، سمت باڻيءَ مان ست ڪڍو ۽ اُها ست ور ور اُچاريو. ائين ڪرڻ سان توهانجو انتهڪرڻ ويندو شڌ ٿيندو. گوپين جي اِها پڪار: ”شيام، مون گهر ڪڏهن ايندين؟“ شيام ته هڪ جي

راجا اهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. ٽنهي گڏين جي بناوت ساڳي، پوءِ انهن ملهه ۾ ايڏو تفاوت ڇو؟ اُن گڏين واري هڪ سيخ کڻي پهرين گڏيءَ جي ڪن ۾ وڌي ته يڪدم ٻئي ڪن مان نڪري آئي. ٻي گڏيءَ جي ڪن ۾ سيخ وڌائين ته وات مان نڪري آئي. ٽين گڏيءَ جي ڪن ۾ سيخ وڌائين ته سيخ ڪن مان وڃي سڌو سنڌس پيٽ ۾ پئجي. اُن گڏين واري چيو ته پهرين گڏي جيڪي ٻڌي سو ٻئي ڪن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي. ٻي گڏي جيڪي ٻڌي سو وري وات مان ڪڍي ڇڏي. ٽين گڏي جيڪو ٻڌي، اُن تي عمل ڪري ٿي. پيارا وديارٿيو، توهان ڪهڙي قسم جي گڏي ٿيڻ چاهيو ٿا؟ اُن وقت ڪيترن وديارٿين جواب ڏنو ته اسين ٽئين واري گڏي ٿيڻ چاهيون ٿا. دادا جن وديارٿين کي ٽول ۽ بال پينون ڏنيون.

٢٣ ڊسمبر ساڌو واسواڻي مشن جي سينٽر تي ستسنگ، جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پوڄيه دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته، پرڀوءَ کان ديا گهرو، مهر گهرو.

ستر ڪر ستار، آنءُ اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻ هار، ڏئي پاند پناهه جو.

ڇا ڪريون، جو اسانکي ڍڪڻ وارو اچي ڍڪي؟ ٻين کي ڍڪيو ته پرڀو اوهان کي به ڍڪيندو. اسين ٻين جا اوگڻ ڏسي اُنهن ۾ پنهنجو مرچ مصالحو گڏي وڃي ٿا ٻين کي ٻڌايون. ائين نه ڪريو. گڻ گراهي ٿيو. هڪ درويش پنهنجي شش کي چيو ”توهين سڀ ۾ ڍڪيل انسان جا وڃي ٿا پڙڪيت لاهيو.“ شش واڱڙا ٿي وڃن ٿا. هڪ ٻئي ڏي پيا نهارين ۽ چون ته اهڙو ڪم ڪنهن ڪيو آهه؟ هڪ شش گرديو کي چوي ٿو ته اهڙو ڪڏو ڪم ڪنهن ڪين ڪيو آهي. تڏهن درويش چوي ٿو ته ”توهين ٻين جا اوگڻ ڏسي اُن اوگڻ کي وڃي ٿا پکيڙيو ۽ اڳلي

شهيديءَ جو ڏينهن آهي، جن هندو ڌرم جي صدقي پراڻن جي آهوتي ڏني. اورنگزيب ڪيڏا نه ظلم ڪيا! زوريءَ هندن کي اسلام ۾ آڻڻ ۽ کين سزائون ڏيڻ. گرو تيغ بهادر جن ڪيئن نه شهيد ٿيا! اڄوڪي ڏينهن شري گرو گوبند سنگهه جي ٻن فرزندن کي ڀتين ۾ چڻيو ويو هو. جنهن وقت سندن هيٺيون ڌڙ پورجي ويو هو، تنهن وقت وڏي پٽ جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو هو. اُن وقت ظالم سمجهيو ته شايد هي ڊڄي ويو آهي. اُن کي چيو ويو ته هينئر به اسلام قبول ڪر ته توکي ٻاهر ڪڍي آزاد ڪريون. وڏو صاحبزادو چوي ٿو ته مونکي پٽ ۾ پورجڻ جو ڊپ ڪين آهي. مان ان ڪري ٿو روئان ته پهريان منهنجو ننڍو ڀاءُ پورجي ويندو ۽ پوءِ مان! مونکي جيڪر پهريان چڻيو، پوءِ منهنجي ننڍڙي ڀاءُ کي." ڌرم رکشا لاءِ ڪيئن نه ٻنهي صاحبزادن قرباني ڏني. اڄ ڀارت کي اهڙن قرباني ڪندڙن جي ضرورت آهي. اڄ اسانجي قوم خودغرضيءَ جي راهه ۾ هلي رهي آهي.

٢٢ ڊسمبر ٻارنهين وديا پون ۾ وديارٿين اڳيان ڳالهائيندي دادا جشن چيو ته سڻڻ، مڃڻ ۽ نڀائڻ، اهي ٽيئي ڳالهيون ضروري آهن. جيڪي پڙهو، ٻڌو، اُنهن تي ويچار ڪريو، چنتن ڪريو، عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. صرف پڙهڻ ۽ سڻڻ مان فائدو ڪين رسندو. شاهه لطيف چوي ٿو:

پڙهيو ته پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻ ڌوهه چڙهن، جيئن ورق ورائن وتا.

پڙهڻ، ڪڙهڻ ۽ لوڻ. لوڻ سان ئي اڀياس چنتن ڪيل ڳالهين جو ڀتن ڪرڻ سان ئي فائدو ٿيندو. هڪ راجا جي دربار ۾ هڪ ماڻهو ٽي گڏهون کڻي آيو. راجا ماڻهوءَ کان گڏهن جو ملهه پڇيو. گڏهن واري چيو ته پهرين گڏيءَ جو ملهه هڪ روپيو. ٻي گڏيءَ جو ملهه سؤ روپيا ۽ ٽين گڏيءَ جي قيمت لک روپيا.

هرنام سنڌو رس جن ناهہ پاتو،
جڳ ۾ جيئي تن جا آهہ جاتو،
تن هيٺو پاڳيو، جنم اجايو،
ٽومل اسان تن ڪين ڪمايو.

نصيحت وارا اهي آهن جن نام سان نيهن لڳايو آهہ. رام نام رس امرت آهي. دنيوي رس دکدائي ۽ نشور آهن. انڪري نام کي نہ وساريو. ڪوٽ ڪار ڪندي نام ڳايو. نام ڌيايو، پرم سکہ پايو.

٢٦ ڊسمبر داداجن شانتيڪيتن سوسائٽيءَ ۾ اپديش ڪيو. شام جو مدراس جي پريمين کان موڪلائي سڪندرآباد لاءِ روانا ٿيا. ٢٧ ڊسمبر صبوح جو داداجن سڪندرآباد ۾ پهتا ۽ ڀاءُ چندرو ڀاوناڻي ۽ ڀيڻ ارونا ڀاوناڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. ٢٧ ڊسمبر ڀيڻ اروڻا جي گهر گهرجائو ڀيڻرن، ٻيڙن ٻارن کي دادا جن هٿان کرچي، ڪپڙو، کاڌو ڏياريو ويو.

٢٧ ڊسمبر شام جو پوڄہ داداجن سنڌي ڪميونٽي هال ۾ پروچن ڏنو. ٢٨ ڊسمبر حيدرآباد جي سنڌي گرو سنگت سڀا جي هيوا هال ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. پوڄہ داداجن واکيان ڪندي چيو: مهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀيڻرون، پنهنجا پنهنجا فرض پاليندي پرڀوءَ جي ڪرپا ۾ ئي راضي رهو. جيڪي ٿئي تنهن کي صدق سان قبول ڪريو، شڪر ۾ رهو. پرڀوءَ وٽان آيل هر ڳالهہ ۾ پنهنجو ڀلو سمجهو. سامي صاحب پنهنجي سلوڪ ۾ چوي ٿو تہ جيڪي سائين ڪري سو واهہ واهہ. جي هو کائڻ لاءِ طرحين طرحين جا طعام ڏي تنهن جو بہ شڪر ڪر، جي هو سڪي روٽي ٽڪر ڏي تنهن ۾ بہ خوش ٿي کائج. ان شڪر جي راهہ ۾ هلڻ سان ڪڏهن نہ ڪڏهن پيارا تون پرڀوءَ جو درشن ڪندين. هڪ هڪ سنڀوڪہ پرڀوءَ جو

جو ٻيڪيل پڙدو نه کوليو. انهن نه ڪيو. پرڀوءَ کي ور ور پرارٿنا ڪيائون:

جيتا سمندر ساگر نير ڀريا، تيتي اوگڻ هماري،
دَيا ڪرو ڪڇ مهر اُپائو، ڏبندي پٿر تاري.

سنت رامڪرشن جي ڌرمپتني شاردا ماتا جيءَ کي ڪيڏي نه چت شانتي هئي. هن چيو ته ڪنهن جا به اوگڻ نه ڏسو، پر سڀن جا گڻ ڏسو. هڪ هڪ ۾ ڪو نه ڪو گڻ آهي. دوش درشٽيءَ کان پري رهو. جي توهان انهن جا عيب ڏسندا ته پرماتما توهان جا اوگڻ ڏسندو.

24 ڊسمبر دادا جشن ايڊمراج ڪاليج ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

25 ڊسمبر راتي شيام مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شروع ۾ مندر جي سنستاپڪ پياري جشن سوراج پوجيه دادا جشن جو سواگت ڪيو. دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ شري ايشا جو جنمدن آهي. سڀني سنتن ۾ اِڪ جوتي پئي ٻري. شري ايشا چيو ”اي لوڪو، توهان دنيا جي سنگ ۾ رهي ڏکي ٿا گذاريو. مان توهان جي روح جو ڊاڪٽر آهيان. اچو، اچو. اچي سک جي دوا وٺو. هن دنيا ۾ ٻاري آهيو، اهو ڌڙانو همت ڪريو. جو توهان کي سک ڌام ۾ ڪٺي اچي.“ پياري جشن کي ڌنيواد آهي جنهن هي سندر مندر ٺهرايو آهي. هت نت نيم ڪٿا ٿي پرڀو سان پرڀوءَ جا گيت ڳايو. نام جپو ۽ نام جپايو. پنهنجي راتڪا کي به ڌنيواد آهي، جا سنتن سيوڪن جي ٻاٽي مٽر سوڙ ۾ ڏائي ڏائي، توهان کي آتمڪ آنند وٺائي ٿي. ٻالي توهان دنيا جا ڪم ڪاريو ڪريو، پر اُن ڪم اَنو نام سمرڻ. پيارو دادا واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

ستسنگ ڪيو. ٣١ ڊسمبر صبوح جو پوڻي داداجن شولاپور ۾ پڌاريا. اُت صبوح جو داداجن انگريزيءَ ۾ واکيان ڏنو.

٣١ ڊسمبر رات جو پياري ڪنعيي جانيءَ جي گهر شولاپور ۾ پوڻي داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته هيءَ دنيا ڪيت آهي، جيڪي پوکيندا سوئي لڻندا. ان ڪري ست ڪرمن جا ساٿ پوکيو. هڪ دفعي ڌرتراشٽر ڀڳوان شري ڪرشن کان پڇيو ته هن ڪهڙو ڪرم ڪيو جو کيس سورداس ٿيڻو پيو. شري ڪرشڻ کيس چيو ته ”پيارا، تون هاڻي ڌيان ڪري ڏس ته، توکي پنهنجي پوروَ جنمن جي پروڙ پوندي.“ ڌرتراشٽر ڌيان ڪري ڏسي ٿو ته کيس پروڙ پوي ٿي ته اڳين جنمن ۾ هي هڪ راجا هو. هي شڪار ڪرڻ ويو ٿو، هڪ هنس پکيءَ کي ڏسي ٿو ۽ اُن هنس پکيءَ جي چوڌاري هڪ سؤ ٻچا ڪيڏي رهيا آهن. هي راجا پنهنجن نوڪرن کي حڪم ڪري ٿو ته انهن هنس جي ٻچن کي ماريو ۽ ان هنس جون اکيون ڪڍو. سندس آگيا جو پالن ڪيو وڃي ٿو. اهو نظارو ڏسندي سندس ڌيان ٽٽي ٿو ۽ هـــي محسوس ڪري ٿو ته هن اڳئين جنم ۾ هڪ سؤ هنس جي ٻچن کي مارائي ۽ هنس جون اکيون ڪڍائي ڪڏو ڪرم ڪيو آهي، اُن سبب ئي هي سورداس ٿيو ۽ سندس سؤ پٽ ئي مهاڀارت جي يڌ ۾ مارجي ويا.

منهنجا پيارا، اوهين به جيڪي ڪرم ڪريو، سوچ ويچار ڪري ڪريو. نه صرف ڪرم جو، پر بري ويچار جو ڦل به ڀوڳڻو پوي ٿو. ان ڪري اوهانجو ويچار وهنوار ۽ آهار ٺيڪ ٺيڪ هئڻ گهرجن.

١ جنوري ١٩٨٧ داداجن گرونانڪ نگر جي ستسنگ هال ۾ پروچن ڪندي چيو ته اڄ نئون سال شروع ٿيو. نئين سال ۾ ڪو نه ڪو نئون ارادو ڪريو، انجام ڪريو ته اسان ۾ جيڪي

ڀاڻو مٺو ڪري سٺو آهي. شري گرو ارجن ديو جن ڪيترو نه سٺو سمجهايائون :

تيرا ڀاڻا مٺا لاڳي

پريو اسانکي پيار ڪري ٿو، هو دانا آهي، بينا آهي. جيڪي ٺيڪ آهي سو ٿو ڏئي پيو، جيڪي ٺيڪ آهي سو ٿيندو. ايشا ڪي جڏهن سواميءَ ٻي سوال ڪن ٿا، سندس سوال ۾ ڪليون نوڪون ٿيون، ان ڪان اڳ پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو ته ٻچاء، پر الٽي وري ٻاڻ کي چوي ٿو "نه، نه! جيڪي پرماتما ڪرائي ٿو اُن ۾ ئي منهنجو ڀلو آهي. پريوءَ جي پيارن ۾ چار ڳالهيون آهن. صبر، شڪر، ڌيرج، ڌيان. پريوءَ جو پيارو جيون جي لاهين چاڙهين ۾ صبر نٿو وڃائي. مان سورداسن جي اسڪول ۾ ويس. اتي هڪ سؤ ويهه سورداس هئا. مون انهن کان پڇيو ته توهان کي دل ٿيندي هوندي ته توهانکي جيڪر نيتر هجن ته دنيا جو ديدار ڪري سگهو. ١١٩ ڄڻن هٿ مٿي ڪڍي چيو "ها". باقي هڪ ڄڻي هٿ نه ڪيو. مون ان کان پڇيو "پيارا، تون دنيا جو ديدار ڪرڻ نٿو چاهين ڇا؟ هن پياري جواب ڏنو "نه". پريوءَ جي ڪرپا ۾ ئي راضي رهڻو آهي. پوءِ دک ڇا جو؟ جيڪي پريو ڏئي، جيڪي پريو ڪري ڪرائي ٿو اُن ۾ ڀلو آهي. پوءِ ڪڏهن دک ڪڏهن سک، هر حالت ۾ چئو شڪر! شڪر!

٢٩ ڊسمبر گجراتي هال ۾ انگريزيءَ ۾ روح رهاڻ ستسنگ. ٿيو جنهن ۾ دادا جشن چيو ته پنهنجي آتم سروپ کي سڃاڻو. منش ديه جو اهو ئي مول مقصد آهي. اسين ٻاهرين گيان جي پراپتيءَ لاءِ ڪيترو نه يتن ڪريون ٿا پر آتمڪ گيان لاءِ ڪوشش ڪين ٿا ڪريون. انڪري پنهنجي آتم سروپ جي ڄاڻ رکو، جنهن آتم کي ڄاتو تنهن پرماتما کي پاتو. پاڻ سڃاڻو! پاڻ پڇاڻو!

٣٠ ڊسمبر داداجن پونا اروڻا پاوناڻيءَ جي گهر روح رهاڻ

سڀني کي ڏي سک سڀني ڳاءِ
سواد ساڃا سهج ڏيون پاءِ
جلدي آءُ ڏيون نوري نماڻي،
ڏي سڀني ٻر ڏيءُ قرباني.

١٢ جنوري مهراڻ انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادل شاهه جي ورسي ملهائي ويئي. ان موقعي تي پياري داداجن چيو ته سچ ڳالهائڻ ۽ سڀني کي پيار ڏيو. پيار سان توهان ڏاڍين کي به پنهنجو بڻائي سگهو ٿا. هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو. ٻڪين پسن کي پيار ڏيو.

١٤ جنوري مهراڻ سنڌي اسڪول طرفان دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ورسي اتسو ملهايو ويو. پوجيه دادا جشن وديارٿين کي دادل شاهه جي جيون جون ڪي پرڀاودائڪ گهٽنائون ٻڌايون.

١٥ جنوري صبوح جو مهراڻ ڪاليج طرفان ٻوميءَ ۾ اتسو جو آيوجن ڪيو ويو. پياري داداجن اپديش ڪندي چيو ته منهنجون ٻالڪيون، سڀني کي شڀ وچارن جون لهرون موڪليو. اهي لهرون اوهان وٽ موٽي اينديون ۽ اوهانجي آئينده کي ٺاهينديون. دوست چاهي دشمن کي شڀ وچارن جون لهرون موڪليو.

نماشام جي سٽسنگ ۾ پوجيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته ڪي سال اڳ هڪ ڀاءُ پياري دادا وٽ آيو ۽ چيائين: ڇهه پيرا دنيا جو چڪر هڻي آيو آهيان، هاڻ ستين چڪر تي ٿو نڪران. توهان کان آسيس وٺڻ آيو آهيان. پياري دادا چيس ”توني شل اهڙي آسيس ڏئي جو اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪرين“ ٻاهر ڀٽڪياسين ته ڇا مليو. شل اندر وڃون. جي اندر وڃڻ نه سکياسين ته هي مانک جنم اسانجو اجايو ويو. ٻاهر ته جانور به پيا گهمن.

اوڳڻ آهن. خراب عادتون آهن، تن مان هن سال هڪ ٻري عادت کي ڇڏيندا سين. اوهين به جيڪر هر سال ڪو نه ڪو اوڳڻ تياڳيو ته جيڪر اوهان جي جيون نئين ئي ٿئي. روز ڪجهه نه ڪجهه وقت ستسنگ، سمرڻ سيوا ۾ صرف ڪريو.

٢ جنوري پوڄيه دادا جن ميران ڀومي پونا ۾ واپس وريا.

٩ جنوري شانتي ڪنج جي ميدان تي دادل شاهه جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄيه دادا جن پروچن ڪندي چيو ته سنتن جي ورسين تي مهر جو مينهن ٿو وسي. سنتن جي آسيس ڪانون کي هنس بڻائي ڇڏي ٿي. سنت شڪتيءَ جا انسان ٿين ٿا. پيارو دادا چاليهن ورهين جي عمر ۾ فقير اٿجي ٿو ۽ پوءِ ديس پرديس ۾ وڃي سنتن کي سڃاڻپ ڪري ٿو. پياري دادا جي آواز ۾ جادوءَ جو اثر هو. هن ور ور اسانکي بيدار ڪندي چيو ته مانک جنم جو قدر ڪيو. پراڻين ڪيترا نه امولهه سواس وڃائي ڇڏيا/ وڃايون ٿا. سواس نام سمرڻ ۾ صرف ڪريو.

١٠ جنوري شام جو روح رهاڻ ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جن پروچن ڪندي چيو ته سڪ رکي سنتن در اچو. پوءِ ڪان سڪ جي بخشش گهرون. اسين سنتن کان گهرون ٿا پير، گهرون، دنيوي پدارٿ. ڪرم جي قانون موجب اسانکي سڀ ڪجهه ملي ٿو. شري گرو ارجن ديو جي دربار ۾ ٻه ڳائيندڙ هئا. ڏاڍو سٺو ڳائيندا هئا. اوچتو ڪنهن ايمان ٿڙي ٿو. هو هڪ ڏينهن چون ٿا ته گروجن جو ناماچار اسانجي ڳائڻ ڪري ئي ٿيو آهي. اوچتو ئي سندن ڳائڻ مان رس نڪري وڃي ٿو. پوءِ ڏاڍو پڇتاءُ ڪن ٿا. وري ڪنهن ڳائڻ جي ڏاس موٽي ملي ٿي. سنتن جي در تي ايمان ڇڏي، سڪ ۽ شردا سان اچو. پيارو دادا 'گيتا مٿيءَ' ۾ چوي ٿو:

پنهنجي پريتم کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪريون، ان ڪري ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريون. پريوءَ کي پياس ۾ پڪاريون:
"توکي شال وڻان، جڳ رسي ته ڀل رسي، تون نه رسين رام."
وچار نه ڪريون ته لوڪ اسان بابت ڇا سمجهندا، پر پنهنجي اڳيان اهو آدرش رکون ته هڪ هڪ وچار، هڪ هڪ وچن، هڪ هڪ ڪرم، هڪ هڪ ڀاونا ۾ رب کي راضي رکون. پران کي پرچاءِ مٿان ارپڻ ڪجي وڃن.

۱۷ جنوري صبوح جو هون لڳي بعد پوڄيه دادا جشن سورداس کي ڪمبل ۽ خرچي ڏني. منجهند جو لنگر ۾ دادا جن پاڻ سنگت ۾ ونڊي ورهائيندي آسيس ڏني. نماشام جو دادا جن سنگت سان گڏ سادو واسواڻي چونڪ تي دادل شاهه جي پتلي اڳيان ديپڪ جڳائي پرارٿنا ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ دادل شاهه جو مٺو اپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو. ان بعد پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته پياري دادا جي امولڪ واڻيءَ جو ابياس ڪريو. جيئن جيئن توهين ان جو ابياس ڪندا، تيئن توهانجي دل ۾ پريوءَ لاءِ وڌيڪ پياس پيدا ٿيندي. دنيوي پياس ڪڏهن پوري ڪين ٿيندي. دنيوي شيون ته روحاني راهه ۾ رنڊڪ آهن.

سنڌ ۾ منهنجي مامي سئينما جي مشين ورتي. دل ٿيس ته پهرين گهر ۾ هلائي پنهنجي ٻڍڙي نانيءَ کي ڏيکاريان. گهر ۾ پڙدو لڳائي ٿو. بتيون وسائي مشين هلائي ٿو. سئينما جون تصويرون شروع ٿين ٿيون. هڪ هنڌ اچي ٿو ته هڪ لچ ڪنهن هڪ ڇوڪريءَ کي ڀڄائي ٿو. نانيءَ کي جوش آيو، سو ڊوڙي ڇوڪريءَ کي بچائڻ ٿي چاهيائين. ڊوڙندي کي زور سان مڪ هڻي پڙدو ڦاڙي وڌائين. وچاري مامي مشين بند ڪري بجلي ٻاري. اسان اُن وقت ان ڳالهه تي ڪيڏو نه کلياسين، پر توهين

ٻچڙ جاڳو، مٺڙي پياري ٻچڙ جاڳو.

١٦ جنوري دادل شاهه جي مهاڳيءَ سنبنڌ ۾ پرڀات جو ميدان ٿو ميءَ ڪان پرڀات ڦيري نڪتي. جنهن ۾ پيارو دادا جشن ۽ ساري سنگت ڌني لڳائيندا هليا. ٨ بجي دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ هون پهتا، ۽ ڪيرتن ٿيو. صبوح جو پوڄا دادا جشن سفيد پوش پيرن ڀائرن کي ڪمبل ڏنا. شام جي ستسنگ ۾ پوڄا دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جا داس ٿي ۽ توهان مان ڪيترن تي ڪيڏا نه احسان! ڪيڏي نه ڪرپا! پيارو دادا هو پريم ۽ دَيا جو ساگر. هڪ هڪ کي پيار ڏنائين، نام جو امرت پيارايائين. پيارو دادا وڏو ودوان هو، فيلسوف هو. اعليٰ تعليمدان هو. شاعرن جو سرتاج هو، روحاني راڻو هو، پر سدا سد نماڻو هو. هزارن لوڪن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيائين. جنهن دَيا جي جوت جڳائي پڪين پسن کي بچايائين. پياري دادا جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون.

اڄ مون دل جي اندر وري هي اکر پئي اچارا آهن: ”پرين کي پرچاءِ مٺان رٺائي رهجي وڃن“ اسان کي مانک جنم مليو آهه. ان واسطي ته پرڀوءَ کي ياد ڪريون ۽ هڪ هڪ پراڻي مانڊ کي پيار ڏيون. پيار ۾ سڀني جي سيوا ڪريون. پر اسانجي حالت ڪهڙي آهي؟ اسين پنهنجن ڪمن ڪارڻ ۾ پرڀوءَ کي وساري ويٺا آهيون ۽ هڪ ٻئي کي پيار نه ٿا ڏيون. ڪيترا پيرا اسانجي دلين اندر ٻين واسطي حسد، ريس، تڪرار جا ويچار اچن ٿا. اسين عيش عشرت پويان پنهنجي شڪتي وڃايون ٿا. مان شان وڏائيءَ جي پاڇن پٺيان ڊوڙون پايون ٿا. پنهنجي پريتم کي پرچائڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. انهن نه ٿئي جو انتڪال اچي ڪڙڪي ۽ اسانجو پريتم، پرڀو اسان سان رٺل ئي رهجي وڃي ۽ رڳو کي پرچاءِ، مٺان رٺائي رهجي وڃن. روز روز شال

ٻين سان ڪوئي ڏايو سٺو ليکو لکي ٿو. اهو شرف نه ٻين کي ملندو، پر لکندڙ کي ملندو. اِڪ پريم شڪتي آهي جا ڪم ڪرائي ٿي. ڪن کي وري نِرت جو بہ ايمان رهي ٿو ته مان هڻڻ نمرتا وارو آهيان. ٻيو ايماني آهي گيان مارگ وارو، سمجهي ٿو ته ڌرم سڀ، جڳت مٿيا. ڪڏهن گيانوان بہ ودوتا جي چڪر ۾ اٽڪي پوي ٿو. ان ڪري ڀڳتي مارگ، پريم مارگ، سهج مارگ آهہ پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ. ڀڳتيءَ ۾ ڀڳل مشڪ چوي ٿو:

پرڀو، مان جيسو تيسو تيرو.

پريمي هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪري ٿو. اوهين بہ جيڪر هلندي چلندي، سمهندي، ڪم ڪار ڪندي، پياري پرڀوءَ کي ياد ڪريو. صبوح جو اٿڻ سان ڪو نہ ڪو گرباڻيءَ مان، سنت ٻاڻيءَ مان سولو ٽڪڙو ورو ورو اچاريو. پنج ڏهہ منٽ سانت ۾ وهي ان منتر جي اونهائيءَ ۾ وڃو. ٻاهران من ڀرڀر ٽڪندو، پر اڀياس سان آهستي من استر ٿيندو. پرڀوءَ لاءِ پياس ڌاريو. پرڀو پاڻ اچي ٿو پياسي دلين کي ترپت ڪرڻ.

۸ فيبروري پوجيہ دادا جشن واسواڻي شوڀنتي چانديٻائي هيمٿمل منسکاڻي ڪاليج الهاسنگر-۳ ۾ پڌاريا. پرسنسو هولچند گوپالداس آڏواڻي ۽ پرنسپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ سندن سواگت ڪندي چيو ته اڄ اسانجا سڀاڳيہ آهن جو سونهارو سنت، مهان ودوان، هن ودياء مندر ۾ اسانجي راهہ روشن ڪرڻ لاءِ پڌاريو آهي. پرنسپال ڪي. ايم. نارنجا ڪاليج جي ڪاميابين تي چٽي روشني وڌي.

پوجيہ دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته سچي وديا دل دماغ ۽ هٿ کولي ٿي. اوهين وديارٿي آهيو، جي اميد آهيو، انڪري انهن ٽنهي جو استعمال ڪري ڀارت کي نئون بڻايو. سچي وديا اٺ شيوا ۾ نمرتا. ڀلي اوهان ڪيترا بہ پستڪ پڙهو، پر جيستين

ناني‌ءَ وانگر نہ آهيو. هي سڀ انهن ٻارن جو ڪيل. ڏکن ۾ اِڪ
الڪ جو احسان ٿيو. اها پروڙ پئي تہ هي سڀ انهيءَ بازيگر جي
بازي. ٻارن ٻولي نہ ٻوڙيو. هڪ پريو آهي سچو، ٻيو سڀ آهي
اَنتِ. اُن واليءَ کي نہ وساريو. پريوءَ کي پريم سان پڪاريو.

٦ فيبروري پوڄيہ داداجن ٻمبئيءَ ۾ پڌاريا. نماشام جو
آرتي ڪئي. انڪيمنيءَ ۾ پوڄيہ داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو
تہ هن سنسار ۾ ڀانت ڀانت جا لوڪ آهن. ڪي سکي ڪي ڏکي.
ڪي ترشنائن جي زنجيرن ۾ ٻڌا پيا آهن. ٻن قسمن جا
انسان آهن، هڪڙا سنساري ٻيا پرمارٿي. سنساري جيئن
ڪڻڪ لاءِ دنيا جي جار ۾ ڦاٿا پيا آهن. مکي کي ماکيءَ لئي
وهڻ سان ميٺاج اچي ٿو، پر پوءِ اُن ميٺاج ۾ سڀئي انگ ٻوڙي
ٿي، اُن کوي نڪري نٿي سگهي. ڀونرو ڪمل جي گل اندر
واس وٺڻ ۾ اهڙو تہ مشغول ٿي وڃي ٿو جو سنڌيا جو ڪمل جون
پنکڙيون بند ٿي وڃن ٿيون ۽ ڀونرو اندر ئي اندر ڦٿڪي مري
وڃي ٿو. ليڪن دنيوي ماڻهو بہ سنساري وشن ۾ انڪي ڦاسي
پون ٿا. ترشنائن جي پٺيان ڊوڙي ڊوڙي ٿڪي دم ڏين ٿا.
پرمارٿي جيو ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ ئي جيون گذارين ٿا. ڪين
ٻين جي ڀلائي ڪندي آنند جو انڀوُ ٿئي ٿو. منهنجا پيارا
ٻالڪو، پيارا ٻچڙو. جي اوهين سکي ٿيڻ چاهيو ٿا تہ پرمارٿي
ٿي رهو. وهنوار ۾ رهي بہ پرمارٿ جا ڪارج ڪريو.

٧ فيبروري شام جو جمنا هندوجا سنسڪرت ڪندر ۾
پوڄيہ داداجن پروچن ڪندي چيو:

پريو نہ پوڇي ذات پات،
پريو پوڇي پريم کي بات.

پريوءَ کي پائڻ جا ڪيترائي مارگ آهن. ڪرم مارگ، گيان
مارگ ۽ ڀڳتي مارگ. ڪرم مارگ ۾ "اهم پاڻ" لکل رهي ٿو.

سڦل ڪرڻو ۽ سدائين نام ڳائڻو، نام ڏيڻو.

پوءِ داداجن ۱۱ فيبروري سورت ۾ پياري جيوٽلعل جي ٺهرايل جشن فلب مارڪيٽ جو مهورت ڪيو. اُن بعد داداجن او پنٽل ٻئنڪ جي برانچ جو مهورت ڪيو. منجهند جو هڪ بجي داداجن بڙودا ۾ پياري گوئي ملاڻيءَ جي فئڪٽريءَ جو مهورت ڪندي چيو ته شل هن فئڪٽريءَ تي مالڪ جي مهر ٿئي. منهنجا پيارا، ٻين جا مددگار ٿيو. ڪو به تڪليف ۾ ڏسو ته اُن جي مدد ڪريو. سچائيءَ سان وهنوار ڪريو. پنهنجي ڏنڌي ۾ مکيه ڀائيوار پڀوءَ کي ڪريو. مان هڪ شاهوڪار جي آفيس ۾ ويس. پاسي کان هڪ خالي ڪرسي رکي هئي. پڇيومانس ته ڪنهن لاءِ هيءَ ڪرسي رکي آهي؟ چيائين پنهنجي وڏي ڀائيوار لاءِ ڪرسي خالي رکي اٿم. مون پڀوءَ کي پنهنجو وڏو ڀائيوار ڪيو آهي، انڪري مونکي جي ڪا تڪليف يا ڪو مسئلو پيش ايندو آهي ته منهنجو وڏو ڀائيوار پڀو سڀ دقتون دور ڪري ڇڏيندو آهي.

اوهين به جيڪر پڀوءَ کي ڀائيوار بڻايو. سچ جو وهنوار ڪريو ۽ اها پڀوءَ جي پتي پراپڪار جي ڪارن ۾ خرچ ڪريو. بروقت ٿي پياري گوئي ملاڻيءَ پڌرائي ڪئي ته هو ڪمائيءَ جو ڏهون حصو دان ۾ سڦل ڪندو.

۱۲ فيبروري بڙودا جي وارشا ڪالونيءَ جي ميدان تي پوءِ داداجن اُپديش ڪندي چيو ته پڀوءَ جي ملڻ لاءِ پياس رکو. صبوح جو جيئن اُٿو، ٽيئن ڪونه ڪو سُٺو سنت ٻاڻيءَ مان ڪڍو. وري وري اهو اُچاريو. ڪم ڪار ڪريو، ڪلاڪ اڌ ڪان پوءِ وري هڪ ٻه مت اهو سوٽو اُچاريو. جڏهن توهانجي زندگي پوري ٿيندي، تڏهن پوتامپل ڪانڌو. پوءِ پڇتائڻو پوندو ته ڪيئن نه پاڄن پنيان زندگي برباد ڪئي. مهليءَ کي جل لاءِ ڪيڏي

توهان ۾ سيوا ۽ نمرتا جا گڻ ڪيئن آهن، تيئن توهانجي وديا اڌوري آهي. سنسڪرت ۾ چوندا آهن:

"وديا ددالي ونيم"

جيئن وديا ۾ وڌو تيئن وڌيڪ نماڻا ٿيو. پيارو دادا ساڌو واسواڻي ڪيڏو نه وڏو ودوان هو. پر سدائين نماڻو، حليمائيءَ جي راهه تي هليو. پياري دادا ميران وديا هلچل هلائي، جنهنجا آدرش هئا پراتنا، پوترتا، سيوا، نمرتا، سادگي، ديا ۽ پريم. توهين انهن آدرشن کي اپنايو. پياري دادا هولچند آڏواڻي ۽ پرنسپال ڪنڊناڻيءَ کي ڌنيواد آهه جن بمبئيءَ ۽ سنڌونگر ۾ ڪيترائي وديا مندر کولي هزارن شاگردن جي راهه روشن ڪئي آهه.

١٠ فيبروري صبوح جو دادا جن بمبئيءَ مان سورت لاءِ روانا ٿيا. منجهند جو ٣ بجي سورت اسٽيشن تي ڀاءِ جيوتداس ۽ ٻين ڪيترن ڀائيرن دادا جن جو سواگت ڪيو. شام جو رامنگر ڪالونيءَ ۾ پوڄيه دادا جن پروچن ڪندي چيو ته اڄ مان اوهان وٽ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام کڻي آيو آهيان. دادل شاهه ساري جيون ڏيندو رهيو ۽ چوائين ته ڏيو، ڏيو، ڏيندا رهو. توهين پنهنجي ڪمائيءَ جو حصو ڪڍو. اهو دکين بکين جي خدمت ۾ خرچ ڪريو. هڪ فقير هوندو هو، جنهنکي سڪا ٽڪر ملندا هئا. انهن مان ٻه هڪ حصو ڪڍي ڪنهن نه ڪنهن غريب کي کارائيندو هو. جيڪڏهن ڪنهن کو غريب نه ملندو هو ته هڪ حصو ڪتي کي کارائيندو هو. فقير کان ڪنهن پڇيو ته ائين ڇو ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين ته "جيئن ٻئي جنم ۾ مونکي کاڌو نصيب ٿئي."

جيڪي دان اڄ سنت ڪرم ڪرڻو هجي، سو ترت ڪجي. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون. ڏنو ٻيو آهي، ڏيڻ ۾ دير نه ڪجي. سائينءَ جي ڏنل امانت دکين دردين، ٻکين ٻين جي سيوا ۾

نه مري وڃن ها.“ منهنجا پيارا ٻارو ۽ ڀينرون. ننڍڙن ٻالڪن کي سچي وديا ڏيو ته اهي جڏهن مائون ٿينديون ته پنهنجي اولاد کي سچ جي راهه ٻڌائينديون. مهاتما گانڌيءَ راجا هرشچندر جو ناٽڪ ڏٺو. سندس دل اندر اهو آواز گونجي ويو ته سچ جي راهه آهي پرڀوءَ جي راهه. مهاتما گانڌيءَ هڪ دفعي ڪيس هلايو. جج مهاتما کي ٻڌي چيو ته مان ان اصيل جي فائدي ۾ فتوا ڏيندس. شام جو مهاتما کي خبر پيئي ته سندس اصيل ڪوڙ ڳالهايو آهي ۽ جج جي فتوا سندس فائدي ۾ آهي. ٻاپوءَ کي ڏايو خيال ٿي پوي ٿو. هو هڪدم اُن جج جي گهر اچي ٿو. ان وقت اهو جج فتوا لکي رهيو هو. مهاتما جج صاحب کي چوي ٿو ته صبوح جو مون جيڪي ڪورٽ ۾ چيو سو سچ ڪين آهي. اها پروڙ پوءِ پئي ته منهنجي اصيل مون سان ڪوڙ ڳالهايو آهي. انڪري صبوح جو ڏنل منهنجي رد قد کي اوهان اهميت نه ڏيئي پنهنجو نرڻو ڏجو.“ اها خبر جڏهن لوڪن کي پوي ٿي، تڏهن ڪي لوڪ مهاتما تي کلن ٿا ۽ چون ٿا ته توهان وٽ ڪهڙو اصيل ايندو. ڪورٽ نه ڪوڙ. مهاتما گانڌيءَ وڪالت ڪندي پنهنجي جيون ۾ سچ جي ساکي ڏئي ٿو. ڀل توهان کي ڪهڙا به پرلوڀن ملن، پر سچ جي راهه کي نه ڇڏجو. سچ ئي صاحب راضي. اوهان به پنهنجي جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو.

ٻڙودي ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪارڻن جي جوت جڳائڻ لاءِ ساڌو واسواڻي مشن طرفان شاهي ڀلات ورتو ويو. ١٥ فيبروري صبوح جو اٺين يومي پوڄا جو ڪارڻ ڪرم رکيو ويو. پيڙ سندري گيانچنداڻي مشن جي ڪارڻ تي روشني وجهندي پوڄيه دادا جشن جو سواگت ڪيو. داداجن يومي پوڄا ڪرائي ۽ منو اُپديش ڏيندي چيو ته اوهان کي ڌنيواد آهي جو اوهين پياري دادا جو ڪارڻ ڪري رهيا آهيو. پيارو دادا زندهه آهي،

ٽِڪ هوندي آهي. اهڙي ٽِڪ ڀڃڻ لاءِ رکو. هڪ ڏينهن پياري دادا واسواڻيءَ ڪڏ ٿي پٽي بند ڪيو. هيٺ نهاري چيائين "قيدي، قيدي." مان وائڙو ٿي ويس. مون چيو "دادا، هي ته قيدي ناهن." دادا چيو "بالڪ، هي سڀ لوڪ اجائن جا قيدي اٿيئي. جيئن مڇي ورڇاري ڄاريءَ ۾ ڦاسي پيا ڏئي، پر نڪري ٿي ڪيڏيءَ ۾ اٿو اٽڪيو پيو آهي. اچا ڪٿس ٿي ته اٿو ڪاوان جيئن ئي هوءَ وات کولي ٿي ته کنڊيءَ ۾ اٽڪي پوي ٿي. مکڙ ماکيءَ ٿي واهي اُن ۾ اٽڪي پوي ٿي. انسانجي به ساڳي حالت آهي. دنيوي پدارٿن ۾ اٽڪي ڦٽڪي پراڻ ڏيون ٿا. اِن ڪري سوامي سچا نند تيو. سنساري وسن ۾ نه رچجهي، نام سان نينهن جو ناتو جوڙيو، پرڀوءَ لاءِ پياس ڌاريو.

١٣ فيبروري پرڀات. داداجن گانڌي گرهه ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته سچو خزانو آهي نام جي يادگيري. اهو خزانو ڪڏهن ڪٽي ڪين ٿو. نام پدارٿ ڪٺو ڪريو. جيڪي ڏئي، سو قبول ڪريو. سدائين پالڪي پرڀوءَ جي حاضريءَ ۾ سمجهو. دکين دکين جا مددگار بڻجو. ائين ڪرڻ سان اوهين پرڀوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌي سگهندا.

١٤ فيبروري داداجن باغ ۾ پنڌ ڪرڻ هليا. اُتي قدرت جي گود ۾ داداجن ساڌو واسواڻي اسڪول جي وديارٿين ۽ اڌياپڪن سان مليا. ڪن پنهنجي آسيس ۽ پيار ڏنائون. ڪن پنهنجي آسيس ۽ پيار ڏنائون، ڪن ٿول به ڏنائون. شام جو داداجن اوجن گهانچندانيءَ جي اڱڻ ۾ روح رهاڻ ڪندي چيو ته روشن انسان کهڙو نه سندر سونهن ڏنو آهي "سچم وِد، ڌرم چل" سچ ڳالهائي ڌرم جي راهه ۾ وک وڌايو. سچ ۽ پوڙا ڪان سواءِ نوجوان پراپت نٿي ٿئي. هڪ بالڪ ڪوڙ ڳالهايو. سندس ماتا ڪيس سڏي چيو "منهنجا بالڪ، تو ڪوڙ ڳالهايو، انهن ڪان

گرديو سائو واسوانيءَ جو جنهن ملهائي رهيا آهيو، ان لاءِ مان
اوهانجو شڪرگذار آهيان. ننڍپڻ ۾ ئي پياري دادا جي دل هئي
ته فقير ٿيان، پر ماتا کين موڪل ڪين ڏني. ماتا جي سرڳواس
ٿيڻ بعد پياري دادا پرنسيپال جو پد ٺڪرائي فقيري اختيار ڪئي،
لوڪن جي سيوا واسطي. پياري دادا ميران اسڪول کولي وديارٿين
۾ پراڻيا ۽ پوترتا، سيوا ستيه ۽ سادگيءَ جا ٻج ڇٽيا. اوهين به
پياري دادا جي آدرش کي اپنايو. اوهين ڀارت جي آئيندهه
جي اميد آهيو.

١٩ فيبروري صبوح جو گيسٽ هائوس ۾ آيل پريمين سان
داداجن روح رهاڻ ڪندي سندن مارڳ درشن ڪيو. شام جو
انگريڪلچرل ڪاليج ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڪندي چيو
ته توهان مان هڪ هڪ سک چاهي ٿو. شري گرو ارجن ديو صاحب
سکمنيءَ ۾ فرمائين ٿا "سگل سرشٽ ڪو راجا دکيا." ڀڳسو ڀڳوت
سچو سک نٿو ڏي. عيش عشرت ۾ به آنند ڪين آهي. آنند آهي
نام سمرڻ ۽ نشڪام سيوا ڪرڻ ۾. ان ڪري پرڀوءَ کي نه وساريو
۽ پرڀوءَ جي سنتان دکي دريدر، پکي پسون ٿن جي سيوا ڪريو.

٢٠ فيبروري پوڄيه داداجن جهوناڳڙهه مان جيتپور ۾ آيا.
اتي سنت ڪنور رام هال ۾ داداجن پروچن ڪندي چيو:

سک سپنا، دک ٻدٻدا، دونون هين مهمان،
اس ڪو آدر ديجيئي، جو ڀيجي ڀڳوان.

منهنجا پيارا، سک ڏسي خوش نه ٿيو ۽ دک ۾ گهٻرايو ڪين.
سک ته سپني سمان ڪڻ ڀنگر آهي ۽ دک به مهمان وانگر ٿوري
وقت لاءِ اچي ٿو. پرڀو غم ڏئي يا خوشي ڏئي، هر حالت ۾
شڪر شڪر ڪريو. جدا جدا شهرن ۾ پياري دادا سائو واسوانيءَ
جا پتلا لڳل آهن. ان جي چئني پاسن، ڇئن ٻولين ۾ سونهري
اکرن ۾ چار منتر لکيل آهن. سنڌيءَ ۾ هڪ پاسي لکيل آهه.

اسان کان پري ڪين آهي، وٽس پنهنجا ڪم پاڻ ڪري.

۱۶ فيبروري داداجن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. شام جو پوڄا داداجن جي حاضريءَ ۾ پترڪارن جي گڏجاڻي ٿي. ان موقعي تي داداجن ساڌو واسواڻي مشن جي ڪارج تي روشني وڌي. هڪ پترڪار پڇيو ته اوهانجو آدرش ڪهڙو آهي؟ داداجن چيو ته غريبن جي شيوا، آتما جي اُنتي ۽ سچي وديا. ٻئي پترڪار پڇيو ته اوهان پئسو ڪٿان آڻيندا آهيو؟ پوڄيه داداجن چيو ته پرڀو پريمين جي ڀنڊاري مان پئسا موڪليندا آهن. ٽئين پترڪار پڇيو ته توهانکي گهڻا شش آهن؟ داداجن وراڻيو ته پيارا، مان پاڻ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو شش آهيان.

اُن رات جو سنڌي ڪالونيءَ جي ميدان تي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ڀاءُ ٻاشارام گوگيا ۽ ڊاڪٽر رام چند گودواڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن پروچن ڪندي چيو ته مان اوهانجي هن نگر ۾ ٻه ڏينهن رهان ٿو ۽ اوهان ٻنهي ڏينهن ماس آهار کان پري رهڻ جو اُم ڪاريه ڪيو آهي، ان لاءِ سڀني کي ڌنيواد آهي. سچو ڌرم آهي جيئن تي دَيا ڪرڻ. اوهان جيئن تي دَيا ڪندا ته پرڀو اوهان تي مهر جي ورکا ڪندو.

سوراشٽر ۾ سوڪ سبب راجڪوٽ ۾ ساڌو واسواڻي مشن طرفان سنڌرش نگر ۾ عام ماڻهن لاءِ ۽ چوپائي مال جي سهوليت لاءِ پاڻيءَ جا ٽانڪا ڏهرايا ويا. ۱۷ فيبروري داداجن اُلي هلي پاڻيءَ جي هڪ وڏي ٽانڪي جو مهورت ڪيو. اُن بعد داداجن ساڌو واسواڻي اسڪول ۾ پڌاريا. ٻالڪن ۽ ٻالڪين سان مليا ۽ کين آشيس ڪيائون. شام جو داداجن انگريزيءَ ۾ اُپديش ڪيو.

۱۸ فيبروري منجهند جو پوڄا. داداجن جهوناڳڙهه جي سوامي ليلا شاهه اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال هيمنت ڪمار داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن پروچن ڪندي چيو ته اڄ اوهين منهنجي

ڊاڪٽر گرمک لڪاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪيائون. ۲۷ فيبروري ٻوپهر داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو.

۲۸ فيبروري جڏهن ٻريءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ٻوپهر داداجن اُپديش ڪندي چيو ته. اڄ سنت دادو دئيال جو جنمدن آهي. هن جو ٻهراون گڻ هو پيار. هن سڀني کي پنهنجو پيار ڏنو ۽ پيار دواران ڪيترن کي اُن ٻرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيائين. هڪ ڏينهن سندس آشرم ۾ هڪ چور اچي ٿيو. هو چوري ڪري وڃڻ لي آهي ته آشرم نواسي جاڳي پيا ۽ چور کي پڪڙڻ لاءِ ڊڪرن لڳا. دادو دئيال چوڻ لڳو "پيارا، توهين چور کي نه پڪڙيو. مان وڃي ان کي پڪڙيانس." جهڙو سندس نالو دادو دئيال، تهڙو ئي هو هيءُ سد ڪرپال. هي چور وٽ اچي ٿو ۽ چوڻس ٿو "پيارا ڀاءُ، تون هتان ڀڄي وڃ، نه ته منهنجا ماڻهو توکي جهل ۾ وجهائيندا." چور ڀڄي وڃي ٿو، پر هنجي دل اندر دادو دئيال جا هي اکر "منهنجا پيارا ڀاءُ" گهڙي وڃن ٿا. ٻئي ڏينهن اهو چور هن سنت جي ستسنگ ۾ اچي سر جهڪائي ٿو. دادو دئيال جي سنگ ۾ اُن چور جي جيون نئين ٿي پوي ٿي. اڳتي هلي اهو چور ساڌ ٿي پوي ٿو. سنت پيار دواران ڪيڏو نه مانسڪ پرورتن آڻين ٿا. سنت ونوڀا ڀاوي جي پڪار تي ڪيترن ئي رهزن ڊاڪو اچي سندس شرن پون ٿا ۽ سنت ونوڀا ڀاوي کين پيار ڏيئي پنهنجو بڻائي ٿو. سندن جيون کي موڙ ڏئي ٿو.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارون ڀينرون. اوهين ٻه جيڪر ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش جي شرڻ وٺو. اهو اوهان کي نجيون جي راهه ٻڌائيندو. توهانجي جيون نئين ٿي پوندي.

ڌوليءَ ۾ شانتي نڪيتن پلاٽ، جتي ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول جي عمارت ٺهي رهي آهي، اتي ۱ مارچ

”اي دل، نه ڪر فڪر، ڪر شڪر، ڪر شڪر“ دادل شاهه ڀٽائيءَ جا ڇهه سال ٻستري تي هئا. تڏهن به سدائين سندن مُنهن تي مشڪ هوندي هئي ۽ ڇپن سان شڪر، شڪر، چوندا هئا. شڪر لفظ ٽن اکرن جو ٺهيل آهي. ش معنيٰ شاهه، ڪ معنيٰ ڪري ۽ ر معنيٰ راضي. يعني، جو آهه شاهن جو شاهه، جيڪي ڪري، اُن تي راضي رهڻ.

٢٠ فيبروري ٻوجهه دادا جن احمدآباد ۾ پڌاريا. نماشام جو ٻياري ٽانڪسگهه جي جاءِ تي دادا جن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ گروجن جا مٺا وچن ياد ڪري وڃو:

تن آڳي اوداس هماري، جيءَ ڀڳت سڀ تيرا،
ڪهه ٽانڪ سڀ تيري وڏيائي، ڪوئي نانءُ نه جاني ميرا.

ٻيءَ ڏينهن روز اها ٻرارٿنا ڪندا رهو. يعني، جيڪي آهه سو سڀ تنهنجو، منهنجو ڪجهه ڪين. سڀ تنهنجي ئي مهانتا آهه. جيڪي ڪم ڪار ڪريان، تو واسطي، تو واسطي.

٢٢ فيبروري صبوح جو سردارنگر ۾ ساڌو واسواڻي مشن جي اسڪول جي پلاٽ تي ٻوجهه دادا جن پڌاريا. شري هيرانند ساڌواڻي ۽ ڪاڪي هرگنداس سندن سواگت ڪيو ۽ سندن شبوا ڪارين تي روشني وڌي. دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته سردارنگر کي مان جيڪر ’ست نام نگر‘ ڪري سڏيان. هن نگر ۾ نام جي ڌوم مچايو. نام کان سواءِ جيون ويران آهه. نام ڌيايو، نام ڳايو، ٻوم سکه پايو.

٢٣ فيبروري صبوح جو دادا جن ساڌو واسواڻي اسڪول جي ٻالڪن ۽ ٻالڪين کي آسيس ڪندي سکيا ڏانءُ ڳالهيون ٻڌايون.

٢٤ فيبروري دادا جن دهليءَ ۾ پڌاريا. صبوح جو دادا جن ٻياري ڪمٽي داواڻيءَ جي ٽئين گهر جو مهورت ڪيو. شام جو

جڏا جواب ٻڌايائين تہ دادا جشن چيو تہ دادل شاهہ ٻوڙ تي لکيو "پوترتا زندگيءَ جو چت آهي." پوءِ توهان مان گهڻا اهو پوترتا جو آدرش اپنائڻ رکندا؟ اوهين ٻہ پياري دادل شاهہ جا آدرش پوترتا ۽ پراڻتا، سڀيهہ سيوا سادگي سچيہ جا گڻ اپنايو.

هڪ دفعي ڏيـاريءَ جي ڏينهن جڏهن پيارو دادا سادو واسواڻي اڃا ٻالڪ هو، سندن ماتا کين نئون وڳو پاتو. ٻالڪ دادا جيئن ئي نوان ڪپڙا پهري ٻاهر نڪتو تہ هڪ مائيءَ پنهنجي ڪڍ تان گندو پاڻي ڪڍي اڇلايو ۽ ٻالڪ دادا جا نوان ڪپڙا گندي پاڻي پوڻ سبب خراب ٿي پيا. هو گهر واپس آيو ۽ اچي رنو. امڙ چيس "ٻـالڪ، تون روءُ نہ، مان توکي ٻيا نوان ڪپڙا وٺي ڏيندي س." تڏهن ٻالڪ دادا چيو "امي، مان ڪپڙن جي ڪري ڪين ٿو روئان، پر روئـان ٿو تہ پڀو مونکي گندن وچارن کان شل ٻري رکـي، جيئن منهنجو اندر صاف رهي." ور ور پڀوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ "پڀو، تون معاف ڪر، اندر صاف ڪر."

نماشام جو اُن اسڪول جي ميدان تي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. ڀارت پيٺ رتنا واسواڻيءَ شري نوري گرنت مان وچن ورتو. پوءِ راجستان وڌان سڀا جي ڊپٽي اسپيڪر پاءُ ڪشن موٽواڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اُت متو اُپديش ڪيو.

٥ مارچ پوڄيہ داداجن اجمير ۾ پڌاريا. شام جو شاهي ميدان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيہ داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ مان توهان وٽ هڪ سوال کڻي آيو آهيان. هيءَ زندگي جا اسانکي امانت طور ملي آهہ، انجو مطلب ڪهڙو؟ صبوح کان رات تائين ڪشمڪش ڪريون ٿا، ڪڏا نہ عجيب سپنا لهون ٿا. اُنجو سبب ڪهڙو؟ اسانکي اڃا سچي سک جي پراپتي ڪين ٿي آهي. انسان ڄائو، وڏو ٿيو، شادي ڪيائين، ٻار ڄڻيائين، پوءِ گذاري ويو. اهڙي حياتي تہ حيوان بہ گذارين

ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. پوءِ داداجن اُپديش ڏيندي
چيو تہ اڄ سنت رامڪرشن جو جنمڏينهن آهي. سنت رامڪرشن
ڪڏهن ڪاميءَ تي جيت پاتي. هو پئسي کي ڇهندو بہ ڪين
هو. هو مايا کان پري رهڻ چاهيندو هو. هڪ ڏينهن ڪن پريمين
سندس بستري هيٺان، سندس بي‌خبري ڪري پئسا رکي ڇڏيا.
سوامي رامڪرشن جيئن بستري تي ليٽيو تہ هو ”ڏانگا، ڏانگا“
چوندي اٿيو. بستري هيٺان پيل پئسا کيس ڏانگن وانگر لڳا.
جڻ اهي پئسا کيس ٻاهر جو تہ ڏنگي رهيا هئا. هن هڪدم اهي
پئسا ڪڍي ٻاهر رکيا. هو سچ پچ تياڳ جي مورتي هو. توهان
بہ مايا ۾ آسڪتي نہ رکي، مايا ٻاهر ڪڍي، دکين ٻکين جي
خدمت ۾ خرچ ڪيو.

٣ مارچ پوءِ داداجن جئپور ۾ پڌاريا. تماشام جو داداجن
ويدانت هال ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏيندي سون جي سونهپ
ڪئي.

٤ مارچ صبوح جو پوءِ دادا جشن جئپور ۾ ميران ٻون،
ساڌو واسواڻي اسڪول ۾ پڌاريا. پياري لعل جئسنگهاڻيءَ داداجن
جو سواگت ڪيو. داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ، توهانجي
اسڪول جو انتظام ڏسي خوشي ٿي آهي. ١٩٣٣ع ۾ دادل شاهہ
حيدرآباد ۾ ميران اسڪول شروع ڪيو. تڏهن پياري دادا ساڌو
واسواڻيءَ چيو تہ تون ڀارت اُٿندو جڏهن گهرن ۽ اسڪولن ۾
ٻالڪين کي سٺي چرتر سنسڪارن جي وديا ملندي. ٻالڪون ٿي
ماتائون بڻبيون. جي انهن جو چرتر سٺو هوندو تہ پنهنجي ٻارن
جي دلين ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج ڇٽيندئون. هڪ ڏينهن پيارو
دادا هڪ ڪلاس ۾ ويو ۽ بورڊ تي پنج لفظ لکيائين. توهان
مان ڪير ٻڌائي سگهندو تہ اهي پنج لفظ ڪهڙا هئا؟ جيڪو
وديارٿي ٻڌائيندو، اُن کي انعام ملندو. جدا جدا وديارٿين جدا

داداڄن سڀني کان موڪلائي وديارٿين جي لاءِ رکيل خاص ڪاريه ڪرم ۾ شريڪ ٿيا. اُتي ٻين اسڪولن جا وديارٿي گڏ ٿيا هئا. پهريان دادا ديپچند ٻيلاٽيءَ داداڄن جو سواگت ڪيو. پوءِ، داداڄن وياکيان ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هڪ مٽيءَ جي مڪان ۾ جنم ورتو ۽ پوءِ ڪيئن نه وڏو ٿي چوڌاري ڀرپور جو پيغام پکيڙيائين. ننڍڙو شاگرد هو ته سندس هم ڪلاسي شاگردن کيس چيو ته اچي اسان سان وانڊ ڪر. ٻالڪ دادا ڪين چيو ته اچو، مان توهان کي هڪ نئين وانڊ سيکاريان. توهان کي روز پئسو پئسو خرچي ملندي آهي. هفتي ۾ هڪ ڏينهن جي خرچي بچائي، اهي پئسا گڏ ڪري اٽو خريد ڪريون. مان اميءَ کي چوندس ته اُن اٽي مان مانيون پچائي ڏي ۽ پوءِ اُهي مانيون هلي سوڌاسن، لولن لنگڙن ۽ غريبن کي کارائيندا سين. اهو ٻڌي ٻيا ٻالڪ عجب ۾ پون ٿا، پر دادا جي صحبت ۾ هو اهو شيوا جو ڪم شروع ڪن ٿا. پوني ۾ اسانجي اسڪول ۾ ”شرڌانجلي پس“ آهي، جنهن ۾ ميران اسڪول جا وديارٿي ۽ اڌياپڪ کاڌو کڻي وڃي غريب بستين ۾ کارائيندا آهن. اپاهجن جي شيوا ڪندا آهن. منهنجا پيارا ٻالڪو، پياريون ٻالڪيون. اوهين به روز ڪونه ڪو شيوا جو ڪم ڪريو. اهو ڏينهن اجايو سمجهو، جنهن ڏينهن اوهان ڪنهن پياسيءَ جي پياس پوري نه ڪئي، ڪنهن بکايل جي بک دور ڪين ڪئي. شيوا ڪريو ۽ سڀن سان مٺو ڳالهايو.

شام جو داداڄن انگريزيءَ ۾ اُپديش ڪندي چيو ته ڪڏهن به گندن وچارن ۾ وقت نه وڃايو. من کي صاف رکو. ڪنهن لاءِ رِس، حسد، وير وروڌ، ڌڪار جو ويچار نه رکندا جي رکندا ته توهان وٽ ڌڪار موٽي ايندو. سڀني سان پيار ڪريو. سٺو ارادو ڪريو.

٧ مارچ صبوح جو داداڄن اجمير جي پريمين کان موڪلائي چتوڙ ۾ آيا. اُتي داداڄن سنگت سان گڏجي ميران مندر ۾

ٿا. انت ڪال ۾ پرڀوءَ در ڪهڙو جواب ڏيندا سين؟ انڪري مانک جنم ۾ نام جو خزانو هٿ ڪريو، جو هن لوڪ ۾ بہ ڪم اچي، پرلوڪ ۾ بہ ڪم اچي.

ستسنگ کان پوءِ پوڄيہ داداجن هالاڻي دربار جي سنت گووندداس سان ملڻ ويا. ٻئي سنت هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي مليا. سنت سوامي گووندداس داداجن کي وري سپاڻي اچڻ لاءِ پڻ چيو.

پوڄيہ داداجن ٦ مارچ صبوح جو هالاڻي دربار ۾ پڌاريا. داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ سنت سوامي گووندداس جن هن ورڌ اوستا ۾ بہ ڪيئن نہ پيا هزارن جي راهہ روشن ڪن. سادگيءَ جي صورت ۽ محبت جي مورت آهن. اڄ باباجن جو درشن ڪري مونکي ڪيڏي نہ خوشي ٿي آهي. اوهين سڀاڳا آهيو جو هڙو سترپرش اوهانجي اجهور نگر ۾ رهي ٿو. اوهين بہ جيڪر نام سان نيهن لڳايو. نام کان سواءِ اُوَ سڀ ڪوڙ ئي ڪوڙ. جيئن وساريو نام، تن پت وڃائي پنهنجي.

شري گرو امرداس صاحب روز رات جو پنهنجي چوٽي، چٽ جي ڪڙي سان ٻڌي ڀڳوت ڀڄن ڪندا هئا تہ جيئن ننڊ نہ اچي. گروجن جڏهن کان گاديءَ تي براجمان ٿيا، تڏهن بہ اهڙي جيان روز چوٽي ڪڙي سان ٻڌي، ڀڄن ڪندا هئا. هڪ ڏينهن ڀراهمڻ ڪين وينتي ڪئي تہ سائين، هاڻي اوهين پورڻ گرو آهيو، منزل تي پهچي ويا آهيو، پوءِ سڄي رات ائين شرير کي ڇو ڪشٽ ڏيو. گروجن چيو تہ، جڏهن نام جي سمرڻ جي پرتاپ، هن پد تي پهچايو آهي، اُن سمرڻ کي ڪيئن ڇڏيون. ڀراهمڻو، سنت پرک هڪ پل بہ سمرڻ کان سواءِ نہ وڃائن. سواس سواس سان سمرن ڪن ٿا. اوهين بہ هڙن سنتن جو سنگ ڪمائي پنهنجا سواس سمرڻ ۾ سڦلا ڪريو.

جي سڀ دادل شاهه جي ڪمن ۾ خرچ ڪري ٿو. سنڌ جو سنت ڪوي سامي صاحب چوي ٿو:

شيوا مڌ ڀاڳن جن، لڌو لعل اڻ ملهه،
سي سامي سڪ سڄيءَ سان، سدا شيوا ڪن،
لنئون، مڪان، موچڙا، سيئي سهن،
رتا رنگ رهن، انهيءَ ڀر عجيب جي.

ڀاري دادا گنگارام ڀي، سڀني مشڪلاتن کي منهن ڏيئي پنهنجي جيون دادل شاهه جي ڪمل قدمن ۾ ارپڻ ڪئي آهه. ڪمس اِڪ ئي لگن لڳل آهه ته ڪيئن پنهنجي گروءَ دادل شاهه جو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايان. دادل شاهه جي سکيا جا ٻج ٻالڪن ٻالڪين جي ڪچڙين دلين ۾ ڇٽيان. وري وري دادل شاهه سڀني ۾ ايندو اٿس. سنستا جو چيئرمن آهه، پر ڪيڏو نه نماڻو، نيمهن وارو آهه!

29 مارچ صبوح جو پوڄيه دادا جن سنگت سان گڏ پوني مان بمبئيءَ روانا ٿيا. 11 بجي گيتانجلي ڪولابا ستسنگ ۾ دادا جن پرارٿنا ڪئي. 30 مارچ رات جو بمبئيءَ ۾ سنڌو ڪلچرل انسوسيئشن جي سهاري ڪوپراج ۾ ۽ ٻيو انٽرنيشنل سنڌ پنچايت فيڊريشن جي سهاري رنگ ڀون ۾ چيٽي چنڊ جو اتسو ملهايو ويو. دادا جن ڀرين ڪوپراج واري اتسو ۾ وياکيان ڪندي چيو ته مان هيت آيس ته ڪنهن ڀاري ڪلام پئي ڳايو "پاڻ جهلي مونکي تاريندا." اهو درڍ وشواس رکجو ته پاڻ ٻڙيو جهلي اسانکي پار لنگهائيندو. سنڌ ۾ چيٽي چنڊ ڏينهن ستسنگ ٿيندا هئا، نم جا پتا ۽ مصري ورهائيندا هئا. نم جي پتن کائڻ سان رت صاف ٿئي ٿو. ان جي اندروني معنيٰ آهي ته دک سک جي آزمودن ۾ راضي رهو. ڀرپان سنڌي پار جي، مڙئي مٺائي. دادل شاهه اِڪ منتر ڏنو آهه "قبول، قبول. جهڪي ٿيو، جيڪي

پڌاريا. مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ ڀڳتياڻي ميران جون سندر ۽ موهيندڙ مورتون براجمان هيون. سڀني گڏجي ڀڄن ڪيرتن ڪيو. پوءِ داداجن ۽ مگن ٿي ويا ۽ پوءِ سندن مکاروند مان هيٺيون گيت نڪتو:

اڄ ڏٺو سين ميران مندر، درشن ميران جو مليو،
سانڀيل سڪ سالن جي، ڀخت منهنجو آهه کليو.
ڪرشن قدمن ميران وٺي، گيت گوبند جا ڳايو ڳايو،
سانوري کي رنگ راچي، رام رتن مڻ پايو پايو.
معصوم مکڙو ميران جو، نيڻن منجهه نوراني نور ۽
سمت روح جا چرن چماسين، ناهه پري ظاهر ظهور.
مالا منهنجي جنمي جپجل، ور ور توکي پڪاريو آهه،
سهڻي صورت موهني مورت، نيڻن ور ور نهاريو آهه.
ڇا نه سنڌو تو ڪرشن ڪاڻ، ٿالي ۾ تون هٿين راڻي،
سدا ڪار وچان ڀلهار تو ٿان، تو در 'انجلي' آهه وڪاڻي.

شام جو پياري ايسرداس اوڌوداس جي آستان تي داداجن جو اپديش ڏنو. اُتان داداجن سنگت سان گڏ اڌيپور روانا ٿيا ۽ رات جو اڌيپور پهتا.

٨ مارچ صبوح جو اڌيپور جي جهوليلال هال ۾ ستسنگ جو ڪاربه ڪرم رکيو ويو. اُتي داداجن اپديش ڪندي چيو ته خوشي اٿم جو اوهان هت 'ساڌو واسواڻي فنڊ' دواران دکين دردمندن جي سيوا جو ڪاربه ڪري رهيا آهيو.

٢٠ مارچ دادا گنگارام ساجنداس جي جنمڏين سمبند ۾ نماشام جي ستسنگ ۾ پوءِ دادا جشن چيو ته دادا گنگارام هڪ نشڪام صدقي سچو سپاهي آهه. سنستا جو ٿنڀو آهه. دادل شاهه ۾ اٽل وشواس اٿس ۽ نه ڪرڻ جهڙا ڪم ڀي ڪري ايندو آهه. پرڀوءَ ڪيس پنهنجي ڀنڊار مان عجيب شڪتيون ڏنيون آهن،

جڪڙيا پيا آهيون. هڪ ٻالڪ ڏاڍو اُداس گذارڻ لڳو. سندس پتا پڇيو تہ تون اُداس ڇو آهين؟ ٻالڪ وراڻيو "بابا، منهنجي دوست کي سائيڪل آهي ۽ مونکي بہ جيڪر اهڙي سائيڪل وٺي ڏيو." سندس پتا کيس سائيڪل وٺي ڏني. ٻالڪ ڏاڍو ٿيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اهو ٻالڪ وري غمگين ڏسڻ ۾ آيو. پتا پڇيس "پيارا، تون غمگين ڇو آهين؟" ٻالڪ چيو تہ "منهنجي دوست موٽر سائيڪل ورتي آهي. مان سائيڪل هلائي ٿڪجي ٿو پوان. مونکي بہ جيڪر موٽر سائيڪل وٺي ڏيو." اِها اُنَ ترشنا، جا جيوَ کي دکي ڪري ٿي. انڪري توهان کي جيڪي سهج سڀاءَ ملي، تنهن تي راضي رهو. پرڀوءَ ۾ اٽل وشواس رکو. جيئن ٻالڪ جو ماتا ۾ صدق رهي ٿو. هو آئينده جو ڪو بہ خيال نٿو ڪري. هو سمجهي ٿو تہ منهنجي امي پاڻيهي منهنجي گهرجن جو خيال ڪندي. تيئن اسان بہ پرڀوءَ ۾ صدق رکون. پرڀو اسانجي ماتا آهي، پتا آهي. هو اسان مان هڪ هڪ جي ڪنڌي نہ سنڀال ڪري ٿو. جيڪي هو ڪري ٿو، تنهن ۾ اسانجي ڀلائي آهي.

جو تنهن ڀاوي، سائي ڀلي ڪار.

٢ اپريل صبوح جو پوڄا. داداجن سڀئا سنڌو پون شانتاڪروز ۾ آيا، جتي سنڌين جو پيارو پروفيسر رام پنجواڻي چر نندرا ۾ سمهيو پيو هو. ڪيرتن ۽ شري نوري گرنٿ جي وچن کان پوءِ داداجن هرڌانجلي ڏيندي چيو تہ اسانجي دلين جو محبوب منٺار هليو ويو! سندس دل درويشاڻي، سندس دل ۾ هئي فقيرن جي ٻاڻي. ڪري پنهنجي ماترا پوري، پريو آيو آهہ تو وٽ، رک تون کيس پنهنجي رحم ۾.

٧ اپريل رام نوميءَ جو ڏينهن پوڄيو، دادا جشن جي پوڄا، پتا شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي پڻ تٿيءَ جو ٻيو ڏينهن هو.

ٿي پيو، جهڙي ٿيندو، تنهن ۾ ڀلو آهي. وري وري اُچاريو،
”پاڻ جهلي موکي ٿا پائيندا.“ ڪل مالڪ کي نه وساريو، سندس
مهر منگو ۽ دکين ڏکيارن جي سيوا ڪريو.

پوڄيه دادا جن رنگ. ٽون ۾ پڌاريا. شري ناري گرسهاڻيءَ
دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن واڪيان ڪندي چيو ته سڀ
ڪير ۾ ڪيٽ ٿي ٽئون پارٽ ٻڌايو. توهين پارٽ جا آهيو ۽ پارٽ
توهانجو آهي. ٽيهن سال جون توهان کي واڌايون. اڄ کان نوان
ٿيو. پنهنجي صحت جي سنڀال ڪريو. فقط پيسي ڪمائڻ ۾
رڌل نه رهو. صحت لاءِ ڪسرت به ڪريو. سادگيءَ سان هلو،
اجايا اڻ ڳڻيا خرچ نه ڪريو. پنهنجي مادر ڀاشا سنڌيءَ کي نه
وساريو. ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکاريو. هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو.
مٺو معنيٰ مطلب. پياري ناري گرسهاڻيءَ ۽ سندس سائين کي
ڌنيواد آهي جن هي اتسو ملهايو آهي. پيارو ناري گرسهاڻي سنڌي
پنگت جو هڪ هيرو آهي. ڪيڏي نه لگن سان سيوا ڪري ٿو.
شل مٺس ۽ اوهان سڀن تي ٻري ۽ پياري دادا جي آسيس
چمڪندي رهي.

دادا جن جي واڪيان کان پوءِ مهاراشٽر جي گورنر ٺڪرار
ڪندي چيو ته شري جي. پي. واسوانيءَ هاڻي جيڪي سندر
صلاحون ڏنيون، انهن تي عمل ڪريون ته جيون سڦل ٿيندي.

٣١ مارچ نماشام جو پوڄيه دادا جن آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾
پوڄن ڏنو.

١ اپريل شام جو ڪي. سي. ڪاليج ٻمبئيءَ ۾ پوڄيه
دادا جن واڪيان ڪندي ڀارت پروفيسر رام پنجوانيءَ کي
شردانجلي ڏني. پوءِ دادا جن چيو ته هر هڪ جيو سک چاهي ٿو.
لوڪ سمجهن ٿا ته پيسي سان سک ملي ٿو. اهو ڪين آهي،
ڪروڙپتي به دکي آهن. اسين توشمائين اچائن جي زندگيون ۾

هڪڙو راجا هو جو سڀني درويش فقيرن کي کاڌو وغيره ڏيندو هو. راجا جو نالو هو دولترام. هڪ فقير راجا وٽ نه ويندو هو، چوندو هو ته جيڪي نه ڪري دولا، سوئي ڪري مـولا. مطلب جو ڏيندڙ ڏاتار آهي، پوءِ ڇو راجا جي پرواهه ڪريان.

منگ اُنهيءَ کان منگتا.

هڪ ڏينهن اُن راجا هڪ هندواڻي کي ٽورو چيري اُن ۾ گيهون وجهي ڇڏيون. ونس هڪڙو فقير آيو. راجا اُهو هندوانو اُن فقير کي ڏنو. فقير کي هندوانو نه وڻيو، سو سانت ئي سانت ۾ هندوانو ڪٺي شهر جي ٻاهـر آيو ۽ اُهو هندوانو ڪٺي اُن فقير وٽ آيو جو راجا وٽ ڪين ايندو هو ۽ چوندو هو ته "جيڪي نه ڪري دولا سو ڪري مولا." اُن فقير چيس ته اڄ تون موڪو پيو لڳين، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ فقير وراڻيو ته "راجا اڄ صرف هي هندوانو ڏنو آهـي، روڪ ڪجهه به ڪين ڏنائين، انڪري اُداس آهيان." بي پرواهه فقير چيس "پيارا، توکي روڪ کپي نه؟ اُهو هندوانو هڪ روپئي وڪڻدين؟" اُن فقير هڪدم هـا ڪري، اُهو هندوانو پئي فقير کي ڏنو ۽ روپيو وٺي ڏاڍو خوش ٿي رمندو رهيو. هيڏانهن جڏهن بي پرواهه فقير اُهو هندوانو خريد ڪيو، اُن جيئن ئي هندواڻي کي چيريو ته اُن مان سونيون گيهون نڪري آيون. هـي فقير لاطمع هو. هن اُهي گيهون ڪٺي وڏو ڀنڊارو لڳايو. هندوانو ڏيندڙ فقير ونس اچـي پڇي ٿو ته هيڏو خـزانـو ڪٿان آندو اٿيئي، جو هيڏو وڏو ڀنڊارو لڳايو اٿيئي؟ تڏهن اُهو توڪلي فقير کيس ٻڌائي ٿو ته جهڪو هندوانو تون ڏيئي وئين، اُن مـان سونيون گيهون نڪتيون. جيڪي ڪري مولا سو نـه ڪري دولا.

۱ مٿي پوڄيه دادا جن ٻنگلور ۾ پڌاريا. شام جـو ستسنگ جو ڪارڻ، ڪـرم دادا امر جي آستان تي رکيو ويو. پوءِ دادا

پياري دادا جشن ٻوجهه پتاڄڻ جي جيون جو ورڻن ڪندي ٻڌايو ته ٻوجهه پتاڄڻ ته رمشت انسان هئا. هو نٽي تڏيءَ جو خيال نه ڪري، خلق جي خدمت ڪندا هئا. ڀڳت جن هئا. هڪ دفعي هڪ اشتهار پڙهيائون ته جيڪو فلاڻو پستڪ پڙهندو، سو ڀؤ ساگر مان پار پوندو. ڪتاب گهرايائون. ڀهرين صفحي تي لکيل هو ته جيڪو هي سڄو ڪتاب، جو خالي پنن سان آهي، انتي هي منتر "هري رام هري رام، رام رام هري هري. هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري." لکندو، پڙهندو، سو ڀؤ ساگر مان پار پوندو. ٻوءِ پتاڄڻ اهو منتر ويهي هزارين دفعا لکيو ۽ اچاريو. ٻوجهه پتاڄڻ ودوان هئا. ڪيترا نه پستڪ لکي سون جي سونهپ ڪيائون. شل سندن آسيس اسان تي چمڪندي رهي.

١٤ اپريل ٻوجهه دادا جشن جي ماتا ڪرشنا ديويءَ جي پڻهه تٿي هئي. پياري دادا پاپيءَ جو ذڪر ڪندي چيو ته پياري اميءَ ڪيئن نه نيڪيءَ ۾ اسان ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج ڇٽيا ۽ ڀاڳ ماستري ڪري ڪيئن نه اسانجي پالنا ڪندي هئي. ڀڳتياڻي هئي. نت نيم پڙهندي گرن جي ٻاڻي هئي. سندس انيڪ يادگيريون دل تي لڳي اچن ٿيون. ماتا پتا ۽ گروءَ جو احسان اسين ڪڏهن به لاهي نٿا سگهون. انهن جي جيتري سيوا ڪري سگهون، اوتري ٿوري. شرڌا سان سيوا ڪريو. سندن چرنن ۾ سرڳ آهي. سندن آسيس ڪٿو.

١٥ اپريل ٻوجهه داداڄن ٻوني مان ڪرڪمور لاءِ روانا ٿيا. اتي داداڄن پندرهن ڏينهن کن ايڪانت ۾ قدرت جي گود ۾ گذاريا. صبوح ۽ شام باغ ۾ پنڌ ڪرڻ ويندا هئا. ٢٩ اپريل شام جو داداڄن ٻروچن ڪندي چيو ته ٻراٻو جهڪي ڏئي، تڏهن تي راهي رهو دنيوي ماڻهن جو سهارو ڇڏي پرڀوءَ جو سهارو وٺو.

ٿي. اڄوڪي ڏينهن گروءَ جي سڪيا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني. اوهين جنهنجي تلاش ۾ آهيو، اهو اوهانجي اندر ويٺو آهي. گروءَ جي سيوا ڪري آسيس پايو. گروءَ جا احسان ميڙيو.

تنهنجا ٿورا لک هزارين، انجلي ٿوڙ نباهيان.

گروءَ منهنجي ڪيڏي نه رکيا پئي ڪئي آهي. گروءَ کان نام جو دان منگو. دنيوي ڳالهيون گروءَ کان نه گهرو. گرو اسانکي نئون جنم ڏئي ٿو. مايا جي گرپ ۾ اوندهه ۾ هئاسون. اتان نڪري مايا جي چڪر ۾ ڦاٿاسين. گرو انهن بندنن کان آزاد ڪري نئون جنم ڏئي ٿو. گرو اسانجي "مان مان"، اسانجو آپو ڪڍي ٿو. ٿوري گرنٿ مان ڪڍيو نه مٺو وچن آيو:

اڄ رات آئيو، سڄڻ جو نياپو،

خودي ڇوڙ پيارا، ڪپ هي ٿون آپو.

گرو اسانجو ايمان ڪپڻ چاهي ٿو. مٽيءَ جي ڪٽي جيترو ۾ اسانجو ملهه ڪين آهي. مان شاگرد هوس نه هڪ مائٽ اسان جي گهر ايندو هو. چوندو هو نه مونکي ڪيڏيون نه جڳهيون آهن. ٻهري پيري اها ڳالهه ڪندو هو. هڪ ڏينهن منهنجي اڳيان اٽلس نقشو رکيو هو. منهنجو اهو مائٽ به اوچتو آيو. چيومانس، اڻ ۾ پنهنجي جڳهه ڏيکار. اصل ڳولهي نه سگهيو. پوءِ مون چيو ته هيڏي وڏي دنيا ۾ اسين ڪيڏا نه ننڍڙا آهيون! پوءِ اسين ڇا لاءِ ٿا ايمان ڪريون. منهنجا پيارا، ڪنهن نه ڪنهن سٽپرڪ جي اوٽ وٺو جو اوهان کي نام جي نؤڪا ۾ چاڙهي ڀؤساگر جي پيڙ مان پار لنگهائي.

١٣ جولاءِ صبوح جو پوجيه داداجن سنگت سان بمبئي روانا ٿيا. پهرين داداجن ڪولابا گيتانجلي سٽسنگ ۾ ويا. پياري خوبچند شوداسانيءَ جي سپتر کي شرڌانجلي ڏنائون. اتان پوئي ڀڳوانداس مسند جي آستان تي آيا. ڪيتري سنگت ويٺي هئي.

امر پوڄيه داداڄن جو سواگت ڪيو. اُن بعد پوڄيه داداڄن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ اڪٽ نيم جو پورو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن ماڻهو خوب دان پن ڪندا آهن. اوهان پرڀوءَ جي ڏني مان ڌيا ڌرم پن دان ڪيو. دکين ٻکين، پسن پکين جي خدمت ۽ ماڻا سڦل ڪيو. اڄوڪي ڏينهن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوڄيه ماتا پرلوڪ پڌاري ۽ اُن ڏينهن کان دادا فقيري اختيار ڪئي، ڇاڪاڻ ته سندن ماتا داداڄن کان انجام ورتو هو ته سندس جيئري فقير نه ٿيان. اڄوڪي ڏينهن تي پياري دادا دنيوي عهدي اقبال جو تياڳ ڪري روحاني راهه ۾ اڳتي قدم وڌايو، اسان سڀني کي جاڳايو. پرڀوءَ جو پيغام سڻايو. ۴ مئي شام جو پڻ دادا امر جي آستان تي پوڄيه داداڄن اُپديش ڪيو.

پيارو ڀاءُ شري موهن چاٻڙيا دگهندا سبب پرلوڪ پڌاريو. پوڄيه دادا جشن کيس شردانجلي ڏيندي چيو ته پيارو موهن اوچتو ئي اوچتو هليا موڪلائي پنهنجي ياترا پوري ڪري اُن ڌام ڏي پڌاريو، جتي اسان سڀني هڪ ڏينهن هلڻو آهي. پيار وارو هو، قرب وارو هو، محبتي انسان هو. پياري پرڀوءَ کيس ڪيترائي ئي ڏاتيون بخشيون، اُهي سڀ هن پياري پرڀوءَ جي سيوا ۾ خرچ ڪيون. سندي قوم لاءِ سندس دل اندر درد هو. سندي ٻوليءَ لاءِ کيس عجيب پيار هو. سندس آواز ۾ شڪتي هئي. ڪيترائي دلين تي پنهنجي ڇاپ هڻي رب جي راهه ڏانهن رمندو رهيو. شل جت هجي، پياري پرڀوءَ جي ڪمل قدمن جي نزديڪ رهي.

۱۱ جولاءِ گرو پورڻما جي پوتر ڏينهن صبوح جو دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ ڪيترن ئي پريمين نمسڪار تي دادل شاهه جي مورتيءَ اڳيان ناريل ڀيٽ رکيا ۽ پوڄيه دادا جشن کان آسيس ورتي. نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه داداڄن اُپديش ڪندي چيو

جي پياس توهانجي دلين ۾ ناهي ته پريوءَ کي پياس لاءِ پڪاريو ته توهان کي اها بخشش ڪري. جلال دين رومي مثنوي لکي آهي جنهن ۾ ڪيترائي آکاڻيون ڏنل آهن. هڪ آکاڻي آهه ستن ماڙن جي. هڪ بادشاهه کي ستن ماڙن وارو محل هو. ڍنڍورو گهمايائين ته، راجا پنهنجو خزانو ستن ماڙن تي وڇارائي ڇڏي ٿو. جنهن کي جيترو کپي سو کڻي وڃي. غريب، شاهوڪار، هر قسم جا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. پهرين ماڙيءَ تي ڪوڏيون پيل هيون. ڪن ماڻهن جو ڪوڏيون ڏٺيون، ڳوٿريون ڀري ڪوڏيون کڻي ويا. اڳي ڪوڏين جو به ملهه هوندو هو. ڪي ماڻهو ٻيءَ ماڙيءَ تي ويا. ڏٺائون ته ٽامي جا پئسا پيا آهن، اهي ٽامي جي پئسن سان ڳوٿريون ڀري ويا. ڪي وري ٽئين ماڙي تي ويا، ڏٺائون ته چانديءَ جا سڪا پيا آهن، انهن چانديءَ جي سڪن سان ڳوٿريون ڀريائون. ڪي وري چوٿين ماڙي تي ويا، اتي وري سون جـون گنيون پيئون هيون، انهن وري سون جي گنين سان ڳوٿريون ڀريائون. ڪي وري پنجين ماڙي تي ويا، اتي موتي پيا هئا، انهن موتين سان ڳوٿريون ڀريائون. ٿورا ماڻهو ڇهين ماڙي تي ويا، اتي ڏٺائون ته هيرا جواهر پيا آهن. اهي شخص هيرن جواهرن سان ڳوٿريون ڀري روانا ٿيا. هڪڙو پيارو ستين ماڙي تي ويو، اتي راجا پاڻ براجمان هو. اهو شخص راجا کي ڏسي پرسن ٿيو ۽ راجا به کيس ڀاڪر پاتو. راجا چيس، "پيارا، تون منهنجو، مان تنهنجو، هي سڀ ڪجهه تنهنجو!" اسانجو پيارو شيام سندر به ستين ڪلان متي ويٺو آهه، اسان مان گهڻا ماياوي پدارٿن عهدن پٺيان پيا جيون برباد ڪن. ايڪڙ ٻيڪڙ پريمي منزل تي وڃي محبوب جو مکڙو پسن ٿا.

منهنجا پيارا ڀائرو، پيالون پيئون. پريوءَ لاءِ پياس رکو ۽ اُن پياس ۾ وڌو ته، هڪ سڀاڳي ڏينهن شري شيام سندر

داداجن نئين ڄڻو اُپديش ڪندي چيو تہ، اڄ اوهين هڪ ستپرش ڀائي ڀڳوانداس جي ورسي ملهائي رهيا آهيو. ورسين لئي فرشتا ادرشٽ نموني اچي آسيس ڪن ٿا. ڀائي ڀڳوانداس ڀڳت هو. سد سد نماڻو هو. روحاني راڻو هو. ڪين ڪيڏي نہ گرو واڻي ياد هئي ۽ اها واڻي مڌر سر سان اُچاريندو هو تہ ٻڌل دليون شانت ٿي وينديون هيون.

١٤ جولاءِ آر. ڪي. انڪيٽيءَ ۾ ستسنگ، جو آيوجن ڪيو ويو. پروفيسر هوتچند آڏواڻيءَ داداجن جي آجيان ڪئي. ان بعد پوڄيہ داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ سنت جي هڪ لاڪيٽي لعل ساڌو هيرانند جي ورسيءَ جو ڏينهن آهہ. ساڌو هيرانند سچو هيرو هو. ڪيئن نہ هن پياري نہ صرف سنڌي سماج جي، پر انسان ذات جي خدمت ڪئي. ڪيئن نہ پليگ. جي وقت هن رات ڏينهن بيمارن جي سيوا ڪئي. هي پيارو سماج سڌارڪ هو، نشڪام سيوڪ هو، تعليمدان هو، اخبار نويس هو. هزارن دلين جو محبوب هو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ٻہ اُستاد ٿي رهيو. اعليٰ آدرشي انسان هو، سادگي ۽ نمرتا جي مورت هو. شل اسين بہ سنڌس سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيون. آڪاهتي پرلوار ۾ سنڌس جنم ٿيو هو، پر هي پيارو آپو ملائي سيوا ڪري ٿو. جيون جي ٿوري عرصي ۾ ساڌو هيرانند ڪيڏا نہ پرُاپڪار جا ڪارج ڪري ٿو. اوهين بہ جيڪر لوڪ سيوا جا ڪارج ڪري جيون سڦل ڪريو.

١٥ جولاءِ شام جو نرگڻ بالڪ ستسنگ، منڊل ڪار بمبئيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پنڊت شانتي چيلارام پوڄيہ دادا جن جو سواگت ڪيو. پوڄيہ داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ ٻالڪو ڪي ٻاس مان پڪاريو "شيام لنهڙي درشن ڏين، ڪيئن جيئان، مان ڪيئن جيئان؟" سڪ ۾ ساڻيءَ ڪي سڏڙا ڪريو.

ٿي سڪيادائڪ ڳالھيون ٻڌائيندي چيو تہ هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. ڪنھن سان بہ ڪوڙو نہ ڳالھايو. ماتا پتا اُستاد ۽ وڏن جي آڳيا ۾ رهي، روز ڪو نہ ڪو سيوا جو ڪم ڪريو. ٢٩ جولاءِ صبوح جو مهران گرلس ڪاليج ۾ دادا جشن جو جنمدن اتسو ملهايو ويو. ڪاليج جي ٻالڪين سکياداائڪ ناٽڪ ڪري ڏيکاريو ۽ داداجن کي جنمدن سمبنڌ ۾ واڌايون ڏنيون.

ٻوجهہ دادا جشن وڌايون ڪندي چيو تہ اوهان اڄ داس جو جنمدن ملهايو ٿيون. داس تہ ڪجهہ ڪين آهہ، اها سڀ ڪرپا گوروئَ دادل شاهہ جي آهہ. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ٻن لفظن ۾ ڪهڙي نہ سنڌر سکيا ڏني. اُهي ٻہ لفظ آهن: ”Thank you!“ توهين جيڪر ٻيون ڪائڻ کان اڳ پرڀوءَ کي چئو ”شڪرانا، شڪرانا“. پرڀوءَ جي ڪيڏي نہ مهرباني آهہ، جو اسانجي هر وقت سار لهي ٿو. روز کاڌي کائڻ کان اڳ اُن مهروان مالڪ جا شڪرانا مڃيو ۽ پرڀوءَ کي چئو ”پرڀو، کاڌي کائڻ کان پوءِ مونکي جيڪا شڪتي ملي، سو مان تنهنجي ٿي سيوا ۾ لڳايان.“ ائين ڪرڻ سان توهان جي جيون ۾ ڦيرواڇي ويندو. هڪ ماتا پنهنجي ٻالڪيءَ کي پرارٿنا ڪرڻ سيکاري. ٻالڪي کاڌي کائڻ کان اڳ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندي هئي. هڪ ڏينهن هڪ پاءُ ڪيترن ٻڍڙن کي ٻاهر وٽ ڪوٺ ڪئي تہ اچي ڀوڄن ورتايو. ڀوڄن کائڻ لاءِ سڀ ڪرسين تي ويھجي ويا. اُن ٻالڪيءَ جي ماتا کي پڻ ڪرسي ملي. جنهن وقت سڀن کاڌو کائڻ شروع ٿي ڪيو، تڏهن اُن ٻالڪيءَ هڪدم چيو ”اي، امي. هي پرڀوءَ جي پرارٿنا ڪٿا ڪن ڇا؟ ماتا ڪسي اڄ اچي وئي. مهمان نواز چيو ”ٻالڪي، تون پرارٿنا شروع ڪر تہ اسين سڀ توسان گڏجي پرارٿنا ڪريون ٿا. ٻالڪي اکيون ٻوري، هٿ جوڙي پرارٿنا ڪرڻ لڳي:

اوهان کي به اچي گلي لڳائيندو.

١٦ جولاءِ شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته ڪرمن جو حساب هر ڪنهن کي چڪائڻو آهي، ڪي هن جنم جا ڪرم ته ڪي سنچت ڪرم. انهيءَ ڪري سدائين شُڀ ڪرم ڪريو. شُڀ وچار ڪريو. هڪ ماڻهوءَ لکيو ته مان سڀني سان چڱو هلان، محبتي ۽ محبتي آهيان. آمريڪا ۾ دڪان آهي. ڏينهن ڏٺي جو ٻه ماڻهو منهنجي دڪان تي آيا. هڪ موني کي پستول ڏيکاري جهليو ۽ ٻيو ماڻهو تجوڙيءَ ۾ رکيل ماليا ڪڍي ويو. پاسي ۾ ٻيا به دڪان آهن، انهن کي نه ڦريائون، صرف موني کي ڦري فرار ٿي ويا. مون ڪهڙو گناهه ڪيو؟ هڪ ڀيڻ جا روز شرڌا سان ڀڳوت گيتا ۽ ٻين سنتن جي واڻيءَ جو پاٺ نت نيم ڪندي آهي. سندس گهوٽ کي اڌرنگ ٿي پيو. سندس ٻالڪ واڻ ٿي نه ڪائي. ڊاڪٽرن چيو ته هو چوڪر جي ٻاگهه ٿي فڪرن ڪائين ٿيندي، اها ڀيڻ ڏاڍي نراس ٿي پيئي. منهنجا پيارا، هي جنم جنم جا ڪرم آهن، انهن جو ڦل هر ڪنهن کي ڀوڳڻو آهي. ان ڪري جي ڪو دک اچي، ڪا تڪليف اچي ته گهٻرايو نه، خوشيءَ سان ڀوڳي شڪر شڪر ڪريو، ته ته من جو بوجهه وڌي ويندو. منهنجي ڪيل ڪرمن جو ليکو ته هر ڪنهن کي چڪائڻو آهي. ان ڪري ڀرڀو جيڪي ڪري سو واهه واهه ڪري قبول ڪريو.

٢٧ جولاءِ صبوح جو ستسنگ هال ۾ ميران انگلش ميڊيم پرائمري اسڪول طرفان پوڄيه دادا جشن جو جنمدن ملهايو ويو. دادا جشن ٻارن سان ٻارن وانگر ڳالهائڻ ۽ کلڻ لڳو. ڪين خوب ٽهڪ ڏيارائين. ٻارن داداجن کي جنمدن مبارڪون ڏنيون.

٢٨ جولاءِ صبوح جو ميران انگلش ميڊيم هاءِ اسڪول طرفان الٽو ٿيو. پوڄيه داداجن وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي ڪهڙايون

هڪ جو شڪرگذار آهيان. اوهان پياري دادا جي صدقي داس کي ڪيڏو نه قرب ۽ پيٽائون پيا ڏيو. اوهانجي ڏنل پيٽائن سان اڄ پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي جنمڏن ڳوڙي شروع ڪجي ٿي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون. جنمڏن ڀلي ملهايون، پر اُن ڏينهن سڄي سال ۾ ڪيل ڪمن جو پورالميل ڪريون ته، اسان پنهنجا امولڪ سواس اجايا ڪمن ۾ ته ڪين وڃايا آهن.

جب ڪلي آئي بزار، تبو سودا نا ڪيا،
جب هوُئي هٽ لاڙ، تبو سودا ياد پيا.

اسان ساري جيون ڪهڙن ڪمن ۾ وڃائي آهي، پاڻ کان پڇون؟ وقت وڃي پيو گذرندو. سمي اهو سڦلو، جو سمرڻ ۽ سيوا ۾ گذاريون ٿا. گروجن چون ٿا "ابرٿ وهلا سچ ناءِ وڃائي وچار." پرڀات جو اٿي پربوءَ جو نام جپيو، ڀڳوت مهما ڳايو. پر اسان مان ڪيترا اهڙا آهن جي اهو امولڪ وقت سستيءَ سبب سمهيا رهن ٿا. شري گرو نانڪ صاحب جي ستسنگ ۾ هڪ ننڍڙو ٻالڪ روز ايندو هو. هڪ ڏينهن گروجن هن ٻالڪ کان پڇين ته "ٻالڪ، تون نت نيم نمب ڦٽائي سويل ستسنگ ۾ ڇو ٿو اچين؟ پيا ٻالڪ پيا راند روند ڪن ۽ تون ستسنگ ۾ اچين." ٻالڪ وراڻيو "گرو مهاراج، منهنجي امڙ باهه ٻاري. اُن ۾ ٿلهيون ۽ سنهيون ڪاٺيون وڌائين. مون ڏٺو، سنهيون ڪاٺيون جلد جلي ويئون ۽ ٿلهيون آهستي ٻري رهيون هيون. ان وقت منهنجي من ۾ خيال پيدا ٿيو ته ڪال روپي قاصد به الائي ڪڏهن ٿو اچي. عمر جي بقاءَ ڪين آهي. متان مون کي به ننڍپڻ ۾ ڪال جو سڏ ٿئي. انڪري ننڍپڻ ۾ ئي ستسنگ جو لاڀ وٺي جيون سڦل ڪريان. ان ڪري مان روز ستسنگ ۾ ايندو آهيان ۽ نام جپيندو آهيان." گروجن چيو "ٻالڪ، تون ٻڍڙوان آهين. تون ته ٻڍڙن جهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. تون

God is great and God is good,
Let us thank him for our food!

سڀني هٿ جوڙي ٻالڪيءَ سان گڏجي پرارٿنا ڪئي.
ٻالڪو، روز روز ائين ڪرڻ سان توهانجي جيون ۾ تبديلي ايندي.
پرڀوءَ کي نه وساريو. هر وقت اُن جا شڪرانا مڃيو.

٣٠ جولاءِ صبوح جو ميران سنڌي اسڪول طوفان پوڄيه
دادا جشن جو جنمدن اُتسؤ ملهايو ويو. پوڄيه داداجن وديارٿين
کي چيو ته، سدائين مشڪندا رهو. مشڪندڙ ماڻهو سڀني کي پيارو
لڳي ٿو. توهين مشڪ دواران ڪنهن دکيءَ جو دک به گهٽائي
سگهو ٿا. اُداس چهرن ۾ خوشيءَ جي لهر پيدا ڪري سگهو ٿا.
پيارو دادا ساڌو واسواڻي ڪيئن نه پنهنجي مشڪ ڀري نگاهن
سان نهاري پيار ڪندو هو. توهين سڀني کي پيار ڏيو. همدردي
ڏيو. جيون ۾ دنيا جي جوت جڳايو.

١ آگسٽ نماشام جي سٽسنگ ۾ پوڄيه داداجن شري
لوڪمانيه تلڪ کي شرڌانجلي ڏيندي سندس گڻن جو ورڻن ڪيو.

٢ آگسٽ صبوح جو پوڄيه داداجن دادل شاهه جي ڪٽيا
۾ آيا. ڪيترن ئي شرڌالن کين پرڻام ڪندي آشيس ورتي.
صبوح جو ١٠ بجي ميران هال ۾ پوڄيه داداجن جي جنمدن
سنبنڌ ۾ هون يگيه ٿيو. داداجن هون يگيه ۾ آهوتي ورتي. اُن
بعد گهرجائو وديارٿين کي ڪپڙو ۽ خرچي ڏني. منجهند جو ميران
هال ۾ سوَن ڀيڻين داداجن جي جنمدن سنبنڌ ۾ واڌايون
ڏنيون، ڪيڪ ڪٽيا. پوڄيه داداجن سڀني کي پنهنجي نيڻن
ڀريل نگاهن سان نهال ڪندي روح رهاڻ ڪئي.

نماشام جي سٽسنگ ۾ دادا گنگارام، دادا هولچند آڏواڻي
۽ ٻين پوڄيه دادا جشن کي مبارڪون ڏيندي پشپانجلي ڏني.
پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته مان اوهان سان هڪ

ڌرمشالائون ٺهرايون. ڇوٽون چوي ٿو ته مان خوب ورت نيم ۽ ساڌنائون ڪيون. ائين هرڪنهن پنهنجي پنهنجي ڪيل شيءِ ڪارڻ جو ذڪر ڪيو، پر سڀ جو دروازو ڪين کليو. پڇاڻ هڪ غريبڙو بيٺو هو، جو نه آيو. هن سوچيو ته هن هيڏا وڏا ڪم ڪيا آهن، تن کي اندر اچڻ نه مليو ته مون مسڪين کي اندر وڃڻ ڪيئن ملندو؟ اوچتو اُت ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ ٻاهر نڪري اچي اُن مسڪين کي گلي لڳائي ٿو. اهو مسڪين ڪيڏو نه پرسن ٿئي ٿو. اهو مسڪين روز هڪ سورداس مهاتما جي سيوا ڪندو هو. ڪيس نيم سان ڪاٺ و پيٺو پهچائيندو هو. ڀڳوان در اُن مسڪين جي اها نشڪام سيوا قبول پئي. منهنجا پيارا، اوهين پڻ ننڍڙا ننڍڙا سيوا جا ڪم ڪريو، پر نشڪام ڀاونا ۽ شرڌا سان ڪريو. ڀڳوان وٽ اوهانجا اهي سڀ ڪم ضرور قبول پوندا.

اڄ سوامي شوانند جي جنم شتابدي آهي. سندن آشرم رشيڪيش ۾ جنم شتابدي ملهائي پئي وڃي. هي پيارو ڊاڪٽري پڙهي سينگاپور ۾ وڃي ڊاڪٽريءَ جو ڪم ڪري ٿو. اُت به هو غريبن جي سيوا ڪندو هو. هڪ سنياسي ڪيس ڪي ڪتاب ڏئي ٿو. ڪتاب پڙهڻ سان سندس من ۾ ويراڳ ورتي پيدا ٿئي ٿي ۽ پاڻ کان ور ور سوال پڇي ٿو "پيارا، ڪهڙي ڪم لاءِ تون جڳت ۾ آيو آهين؟"

سندس من جو لاڙو ڀڳوان طرف ٿئي ٿو. هي ستپرڪ ڪيئن ته هردوار رشيڪيش ۾ اچي ساڌنا ڪري ٿو. ساڌنا ڪندي ڪندي پاڻ سچو سنت ٿي پوي ٿو. روحاني راهه ۾ سڀن جي سونهپ ڪري ٿو. ڊوائين لائيف برپا ڪري ڪيترا نه پرمارٿ جا ڪم ڪري ٿو. گيان جي جوت جڳائي ٿو. سندس تپسوي تياڳي جيون اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي.

ٻار نه، ٻڍڙو آهين." اڳتي هلي اهو ٻالڪ ٻابا ٻڍي جي نالي سان پرسڌ ٿيو. منهنجا پيارا پاٺڪو ۽ پياريون ڀيڻون. توهين ٻه هينئر کان ئي نام جپيندا رهو. ڀلي پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريو، پر نام نه وساريو. نام جو خزانو ڪٺو ڪندا رهو. اهو خزانو ئي توهان کي ڪم ايندو. پتو ناهي ڪڏهن ۽ ڪنهن کي ڪال جو سڏ ٿئي. ان جي سڏ کان اڳ ئي نام پدارٿ ڪٺو ڪريو. نام ڌيايو نام ڳايو.

٣ سيپٽمبر ڪڪي رتنا واسواڻيءَ جي جنمدن سنٻنڌ ۾ نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن ڀيڻ رتنا جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته ڪيئن نه ڪيس ستسنگ جي اون رهندي آهي. لٽيءَ ڍڪيءَ جو خيال نه ڪندي آهي. پوري وقت تي اچي ستسنگ ڪندي آهي. سندس آواز ۾ ڪيڏو نه رس آهي، مٺاج آهي. ڪيڏي نه سوز مان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي باڻي پڙهندي آهي. ڪڏهن به اجايو وقت ڪين وڃائيندي آهي. سڄو وقت ڪو نه ڪو ڪم ڪندي آهي. اُپديش لکندي آهي. پنهنجي ساري جيون پياري دادا جي ڪمل چرڻن ۾ ارپڻ ڪئي اٿس. شل پرڀوءَ جي ۽ پياري دادا جي مٿس وڌيڪ آسيس هجي ۽ چمڪندي رهي.

٦ سيپٽمبر پوڄيه داداجن لوناوالا روانا ٿيا. اُت داداجن ٻه ڏينهن سانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريا. ٨ سيپٽمبر ٻمبئيءَ ۾ پڌاريا. نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ پوڄيه دادا جشن منو اُپديش ڪندي چيو ته سرڳ جي دروازي وٽ ڪيترائي اچي ڪٺا ٿيا. فرشتي کي هڪ هڪ چوي ٿو ته اندر وڃڻ ڏي. فرشتو هڪ هڪ کان پڇي ٿو ته تو ڪهڙو سڪرت جو ڪم ڪيو آهي؟ هڪ چوي ٿو ته مان گيتا ۽ اپنشدن تي ٽيڪائون لکيون. ٻيو چوي ٿو ته مان وڏا مندر ٺهرايا ڪيا. ٽيون چوي ٿو ته مان

موٽي وطن جي ٽڪيٽ وٺي آيا آهيون. انڪري ڪجهه سوچ ويچار ڪري ٻڌايوءِ جي، ته وطن جي يادگيري رکون. سڄو ڏينهن سرپو جي سنڀال ۾ نه وڃايون. کائون پيئون، پر اندر ۾ يار جي يادگيري رکون. الپ ماڳه تان پند ڪريون. ٿورو کائون، ٿورو ڳالهايون ۽ ٿوري ننڊ ڪريون. سمرڻ ۽ سيوا ۾ سواس سڦلا ڪريون.

٢٣ سيپٽمبر پاڙيه وديا ڀون جي ڪمپائونڊ ۾ ٻوجهه، داداجن وياکيان ڪيو.

٢٤ سيپٽمبر صبوح جو ٻوجهه داداجن ساڌو واسواڻي وديا مندر ۾ پڌاريا. اسڪول جي ٻالڪن ٻالڪين نرتيه ۽ ڀڄا اسم پيش ڪيا. داداجن ٻالڪن کي ڪيتريون سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائيندي خوب کلايو. ان بعد داداجن هري شيوا گرلس اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال ٽلسي نوتاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. ٻو ڀه داداجن وياکيان ڪندي چيو ته ٻالڪيون، روز ڪونه ڪو شيوا جو ڪم ڪريو، ڪنهن دکيءَ جي دل وٺو. هڪ مندر جي مهنت کي سپنو آيو. سپني ۾ شري ڪرشن چوڻس ٿو ته مندر جي فلاڻي ڪنڊ ۾ هڪ سوني ٿالهي، جنهن تي مهنجو ۽ راڌا جو چتر چٽيل آهي، رکان ٿو. تنهنجي شهر ۾ جيڪو مهنجو سڀ پوڄاري هجي سو کڻي. صبوح جو پوڄاري جيئن ننڊ مان اٿي ٿو ته مندر جي ڪنڊ ۾ سوني ٿالهي ڏسي ٿو ۽ کيس سپني ۾ شري ڪرشن جا چيل وچن ياد اچن ٿا. هي ساري شهر ۾ ڍنڍورو گهمائي ٿو ته مندر جي ڪنڊ ۾ سوني ٿالهي پيئي آهي، جو ڀڳوان شري ڪرشن جو پڪو پريمي پوڄاري هجي، سو اها سوني ٿالهي کڻي وڃي. ڍنڍورو ٻڌي ڪيترائي پوڄاري ۽ سنت مندر ۾ اچن ٿا. جيئن ئي هو هٿ ۾ ٿالهي کڻن ٿا ته اها ٿالهي باهه جهڙي گرم لڳي ٿي ۽ هڪدم ڪاري ٿي وڃي ٿي. هڪ هڪ جڻو ٿالهي کڻي وري اُن کي هڪدم اُتي ئي ڦٽو ڪري ٿو.

٩ سيپٽمبر شام جو ڪي. سي. ڪاليج ٻمبئي ۾ پوڄه دادا جن ”غمگيني ۽ ڪان مٿي ڪيئن چڙهجي“ وشيه تي انگريزي ۾ وياکيان ڏيندي چيو ته هڪ هڪ جي جيون ۾ لاهيون چاڙهيون اچن ٿيون، انڪري من غمگين ٿي ٿو. توهان پنهنجو دک دور ڪريو ته توهانجو دک دور ٿي ويندو. هرحالت ۾ شڪر ڪريو ۽ من کي سمجهايو ته اهو به گذر جائيگا.

١٠ سيپٽمبر ٽماشام جو نيج ٿانوَ ڪار ۾ پوڄه، دادا جن اُپديش ڪيو

٢١ سيپٽمبر شام جو پوڄه، دادا جن پڙودا ۾ پڌاريا. ٽماشام جو شيواڌارين جي ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيا ۽ اُنهن کي وڌيڪ شيوا ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪيائون.

٢٢ سيپٽمبر شام جو ڪنور رام ڪالوني ۽ جي ميدان تي سٽسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀاءُ پرتاب رامچنداڻي ۽ ڀاءُ لالا دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته مان توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان، جو گذريل سال پياري دادا ساڌو واسواڻي ۽ جو جنمدن اوهان ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو. هن سال پڻ وڌيڪ لگن سان ويشنو ڏينهن ملهائڻ جو پڻ ڪندا. انسان آهه پکيئڙو. پر انسان اها ڳالهه وساري ڇڏي آهه. مايا جي سنگ ۾ رهي انسان پيو سمجهي ته مان هن ڌرتيءَ جو ڪيئون آهيان. مهنجا پيارا، توهان ڪيئون ڪين آهيو، پر توهان ته هنس پکي آهيو. ڏٺو اٿو ته ٻار جمڻ سان ’اوُنان، اوُنان‘ ڪري ٿو. پر ’اوُنان‘ ڪونه ٿو ڪري. چوي ٿو ’اوُهان!‘ مان اُتي جو آهيان. سڀ ڪنڊواسي نرنڪار. هن مايا منڊل ۾ اچي اسين ڇپرن جي سنگ ۾ رهون ٿا. ڇپرو ڏينهن جو ڏسي ڪونه سگهي، رات جو ڏسي. سنه. نئين ڇا آهه؟ ڏينهن جي پرو ڙ نڌا پايون. اسين سدار ڪين آهيون. اسين ته دواري نگر ۾ رهيل آهيون.

جي سوني ٽالهي ملندي.

٢٥ سيپٽمبر پوڄيه دادا جن احمدآباد ۾ پڌاريا. تماشام جو اُپديش ڪيائون. ٢٦ سيپٽمبر شام جو دادا جن ٿـائـون هال ۾ انگريزيءَ ۾ "موت کان پوءِ ڇا" وشيه تي وياکيان ڏنو.

٢٧ سيپٽمبر سودار نگر ۾ پياري دادا پروچن ڪندي چيو ته اڄ مان پاڻ سان هي وڇار کڻي آيو آهيان "مايا کي مستي چوڻ چوڙ" اسان مان هڪ هڪ کي ڪا نه ڪا مستي آهي. ڪنهن کي پنهنجي ڪل جي مستي آهي ته ڪنهن کي عهدي اقبال جي. ڪنهن کي مايا جي مستي آهي ته ڪنهنکي ڏاپائيءَ جي. اسين پنهنجن ٽڻن جا پتلا آهيون. پوءِ اها مستي ڇا جي. پيارا، نام جي مستي وٺو. نام خماري نانڪا چڙهي رهي دن رات.

ابراهيم بلخ جو بادشاهه هو. هڪ ڏينهن سندس سِتل روح سجاڳ ٿيو ٿو. هي پيارو محلات جا سڀ سک، ڇڏي سچي سک جي تلاش ۾ نڪري ٿو. تلاش ڪندي هي پيارو ان پياس ۾ پـاوت ۾ اچي ٿـو، جتي کيس هڪ ڪامل مرشد ملي وڃي ٿو. اُن جي قدمن ۾ سر جهڪائي روحاني فيض حاصل ڪري ٿو ۽ آخر هڪ سڀاڳي ڏينهن ابراهيم پاڻ به درويش ٿي پوي ٿو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

لالي ميري لعل کي، جت ديکون تت لعل،
لالي ديکن مئن گئي، تو مئن ڀي هو گئي لعل.

پيارا، توهان به ڪنهن نه ڪنهن سٽپرک جو سنگ ڪريو جو توهان کي روحاني راهه ڏيکاري. هڪ ڏينهن ابراهيم پنهنجن مريدن کي چوي ٿو ته جيڪڏهن ڏاٽيءَ در قبول پوڻ چاهيو ٿا ته مايا کي مستي ڇوڙو. رب جي رضا تي هلڻ سکو. جيڪي پريو ڪري سو قبول ڪريو. مالڪ جي مستيءَ ۾ مخمور رهو ته

هڪ ٻالڪيءَ جو جنمدن هو. تنهن جي موسم هئڻ سبب سندس ڀاءُ کيس هڪ گرم ڪوٽ سبائي سوکڙي ڪري ڏئي ٿو. ٻئي ڏينهن اها ٻالڪي اهو گرم ڪوٽ پائي جيئن اسڪول پئي وڃي ته رستي تي هڪ گڏهه ڪيڪرائون ڪري رهيو هو. گڏهه جون دانهون ٻڌي ٻالڪيءَ جي دل ۾ ديا پيدا ٿئي ٿي ۽ هوءَ گڏهه جي ويجهو اچي ٿي. ڏسي ٿي ته گڏهه ٿڌ سبب ڏڪي رهيو آهي ۽ سندس پٺيءَ تي ڦٽ آهن، اُن ڦٽ تي ڪانءُ پيو ٺونگا هڻي. اُن ٻالڪيءَ هڪدم ڪانءُ کي اُتان اُڏايو ۽ اسڪول طرف هلڻ لڳي. وري ڪانءُ ٺونگا هڻڻ لڳو ۽ گڏهه ڪيڪرائون ڪرڻ لڳو. ٻالڪي گڏهه جي ڪيڪرات ٻڌي واپس وري آئي ۽ هن پنهنجو نئون گرم ڪوٽ گڏهه جي مٿان وڌو. ڪانءُ اُڏامي ويو. ٻالڪي اسڪول مان پڙهي جيئن گهر ۾ آئي ته سندس ساهيڙيون چيس ته تون روز شري ڪرشن کي ياد ڪندي آهين. پاسي واري مندر ۾ هڪ سوني ٿالهي پيئي آهي، اها اُن کي ملندي جيڪو ڪرشن ڀڳت هوندو. اها معصوم ٻالڪي جيئن ته ساهيڙين سان اُن مندر ۾ اچي ٿي، جت ڪيترائي پوڄاري بيٺا آهن، جن جي هٿ ۾ کڻڻ سان ٿالهي گرم ۽ ڪاري ٿي وئي هئي. هيءَ ٻالڪي شري ڪرشن جي پوڄاري جيئن اها سوني ٿالهي کڻي ٿي ته اُن ۾ ڪابه تبديلي ڪانه ٿي ٿئي. اهو ڪوتڪ ڏسي مهنت عجب ۾ پئجي ويو. مهنت ٻالڪيءَ کي چوي ٿو "ٻالڪي، تون ڪيڏي نه ڀاڳوان آهين جو ڀڳوان شري ڪرشن تولي پرسن ٿيو آهي ۽ اها سوني ٿالهي سندس سوکڙي ٿوکي ملي ٿي." سڄي مندر ۾ ٻالڪيءَ جي واهه واهه ٿئي ٿي. پيارا ٻالڪو، اُن ٻالڪيءَ پنهنجي سک جو خيال نه ڪري هڪ گڏهه کي سکي ڪيو. اوهين به ٻين کي سکي ڪريو ته توهان تي ڀڳوان پرسن ٿيندو. اوهان مان هڪ کي ٻرپوءَ جي ڪريا

ڪرايو شرڌا ۽ پريم وچان. داداڄن جي پريرڻا سان آلي راڄڪوٽ ۾ ڏکين جي شيوا جو ڪيندر کوليو ويو. داداڄن پهرين پاڻ ان ڪارڻ لاءِ سهائتا ڪئي ۽ پوءِ ڪيترن ئي پريمين پڻ چندا چاڙهيا.

راڄ جو گائڪواڙي ميدان تي پياري داداڄن جو ڪارڻ ڪوم رکيو ويو. پهرين پهڻ رکندا واسواڻيءَ شري گرو گرنٿ صاحب مان وچن ورتو. نام ڪيرتن بعد داداڄن پروچن ڪندي چيو:

اي دل، فڪر مت ڪر، تيرا خدا ٻي هي،
مشڪل پڙا تو ڪيا هوا، مشڪل ڪشا ٻي هي.

منهنجا پيارا، مشڪلاتون اچن ته دلگير نه ٿيو. مشڪلاتون دور ڪندڙ آهي داتار. مهاتما گانڌي ٻالڪ هو ته ڏاڍو ڊڄڻو هو. رات جي وقت ٻاهر ڪين نڪرندو هو. هڪ ڏينهن سندس ماتا کيس چيو ته "موهن، تون ڊڄين ڇو ٿو! توسان رام سدائين ساڻ آهي." پوءِ ڪين نه مهاتما گانڌيءَ جي اندر اهو صدق جمي ٿو وڃي. پوءِ هو هميشه چوندو هو ته رام مونسان ساڻ آهي. ٻالڪ موهن شري رام جي سهاري ڪنڌو ته نرڀيڪ ٻڻجي پيو. توهان به پرڀوءَ ۾ وشواس رکي نرڀيئه ٿي نام سمرڻ ڪريو ته توهان جا دک، درد، ڪشٽ ڪليش پاڻيهي دور ٿي ويندا.

هڪ دفعي ايشا جو شش پيٽر شري ايشا کي چوي ٿو ته "اوهين پاڻيءَ مٿان پنڌ ڪري سگهو ٿا، پر مان نٿو ڪري سگهان، ائين ڇو؟ جهڙو شرير توهان کي آهي اهڙو مونکي آهي." شري ايشا کيس چوي ٿو "سڀاڻي صبوح جو تون مون سان هلجانءِ. مان پاڻيءَ تي پنڌ ڪندس تون به منهنجي پٺيان ڪندو اچج." ٻئي ڏينهن صبوح جو ٻئي پنڌ ڪندا پيا هلن ته اوچتو وچ سمنڊ ۾ هڪ وڏي چولي اچي ٿي. پيٽر وٺي ٿو واڪا ڪري. شري ايشا پيٽر کان پڇي ٿو ته واڪا ڇو ٿو ڪرين؟ پيٽر ورائيو "سائين، ڇٽي چولي پئي آئي، ان ڪري مان ڊڄي ويس ۽ واڪا ڪيم."

توهان روح جي راحت محسوس ڪندا.

پيارا، پرڀو انترجامي آهي. اهڙو ڪو ويچار ۽ ورتاءُ نه ڪريو جو پرڀوءَ کي پسند نه هجي. ڌرمراءِ حساب ڪتاب وٺي اُن کان اڳ، ٿي پنهنجو حساب ڪتاب ٺاهي ڇڏيو. توهان به مايا جي مستي ڇڏي اکيون کوليو، سجاڳ ٿي سمرڻ ڪريو.

خوشي اٿم جو توهان اڄ هتي پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو ۱۰۸ جنمدن ملهائي رهيا آهيو. دادا جي سکيا اٿوَ ٻن لفظن ۾، سمرڻ ۽ سيوا. خوب نام جپيو ۽ دکين دردين، پکين پسن جي سيوا ڪريو. ڪاڪي هرگنداس توهان کي اپيل ڪئي ته ۲۵ نومبر ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو، پر مان توهان کي اپيل ڪريان ٿو ته هميشه لاءِ ويشنو ٿي رهو. ڪيترن نه پرپاٽ جي پڙدي ۾ ويچارن گڳدامن کي ڪهن ٿا. اهي گڳدام ڪيترن نه ڪيڪرانون ڪن ٿا. ڪوس گهرن ۾ وڃي انهن جون ڪيڪرانون ٻڌو ته توهان جي دل ٻاجهه ڀري. انهن گڳدامن تي دَيا ڪريو. پياري دادا جنهن دَيا جي جوت جڳائي. توهان به پياري دادا جي سکيائن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏئي مانش جنم سڦل بڻايو.

سادو واسواڻي مشن احمدآباد جي چيئرمن سردار نانڪ سنگهه داداجن جي شڪرادائي ڪئي.

۲۸ سيپٽمبر داداجن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. ڊاڪٽر گودواڻي، پياري ڀاشارام گوگيا ۽ ٻين پريمين داداجن جو سواگت ڪيو. سوڪ اسٿتيءَ سبب هزارن ڳائيون دربدر آهن، انهن جي سيوا لاءِ سادو واسواڻي مشن راجڪوٽ جي سيوڪن جي ميٽنگ بوچه داداجن جي زير صدارت ٿي. دادا اُتي چيو ته گڳدام اٿوَ گوبند جا ٻار، انهن جي نرمل نيڻن پرڀل نيڻن ڏانهن نهاريو. شري ڪرشن ڀڳوان انهن جي اکين ۾ پيو چمڪي. انهن ڳائن جي سيوا

جو چٽ آهي. ڀارت ۾ سچائي ڀريل هئي. هڪ ماڻهوءَ زمين
وڪي. جڏهن زمين ورتي، تڏهن زمين جي هيٺان کوٽائي ٿي
ڪئي تہ اُتان هڪ سون سان ڀريل ديگ نڪتي. زمين وٺندڙ چيو
تہ اها منهنجي ديگ نہ چئبي. وري وڪڻندڙ چيو تہ مون تہ زمين
وڪي، اُن ڪري ان ديگ تي منهنجو حق ڪين آهي. آخر اها
ڳالهہ وڃي قاضيءَ سان ڪيائون. قاضيءَ اُنهن مان پهرين هڪڙي
شخص کان پڇيو تہ توکي اولاد ڪهڙي آهي؟ اُن وراڻيو تہ هڪ
ڌيءَ آهي. ٻئي شخص کان پڇيائين تہ توکي ڪهڙي اولاد آهي؟
اُن چيو تہ مونکي هڪ پٽ آهي. قاضيءَ چيو تہ ٻنهي جــي
شادي ڪرايو ۽ اها سون سان ڀريل ديگ اُنهن کي ڏيئي ڇڏيو.
اڳ ماڻهن ۾ ڪيڏي سچائي هئي، پر اڄ ڪلهہ ڪوڙ ڳالهائيندي
زبان ڪنڊي نہ هري ويئي آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ سان آتمڪ ٻل
گهٽجي ٿو. ٻالڪيون، اوهان ستيہ، سنيهہ، سيوا، سمرڻ جي
ساکي ڏيو.

پوڄيہ داداجن سنگت سان سوامي ليلاشاهہ جي سماڌي
آستان تي ويا. اُتي پرنام ڪري مهلا منڊل جي شيوا ڪارڻ ۾
شريڪ ٿيا. ڀيڻ نرملا گجواڻي اهو ڪارڻ سنڀاليندي آهي. داداجن
سادو واسواڻي مهلا منڊل طرفان سفيد پوش ڀيڻن کي هڪ هڪ
سَو روپيا سهائتا طور ڏنا. نماشام جو پريو درشن هال ۾ پوڄيہ
داداجن پروچن ڪيو.

۴ آڪٽوبر دهليءَ ۾ وشو پسون دوس جــي سمبنڌ ۾
ڪانفرنس ڪوٺائي ويئي. پوڄيہ دادا جشن ان ڪانفرنس ۾
شريڪ ٿيا. پوڄيہ داداجن کي ڪبوترن جا ٻہ پڃرا ڏنائون تہ
پڃرن جون دروازن کولي ڪبوترن کي اڏائين. داداجن پڃرن کي
کوليو مس تہ ڪبوتر آڪاس ڏانهن اڏاڻا. سڀني تاڙيون وڄايون.
داداجن وياکيان ڪندي چيو تہ سڀني ڌرمن جي مول مراد آهي

شري ايشا چيس ”پيارا، تو چيو ته ڌڻيءَ ۾ صدق آهي، پوءِ تنهنجو صدق ڇو لڏي ويو؟ اهو آهه. تو ۾ ۽ مون ۾ فرق. مون کي اٽل وشواس آهه، ته، هر حالت ۾ منهنجو ڪرپال واهگرو آهه. هو منهنجي رکيا پيو ڪري.“ توهان به اهڙو پورن صدق سائينءَ ۾ رکو. ستگروءَ ۾ وشواس رکو ته، هو توهانجي رکيا ڪندا.

٢٩ سيپٽمبر صبوح جو داداجن راجڪوٽ مان گانڌيڌام روانا ٿيا. رستي تي پونمن جي آگرهه تي موروي شهر ۾ داداجن ننڍڙو اُپديش ڪندي اُنان جي سنڌين کي اپيل ڪئي ته سنڌي ٻولي نه وسارجو. پنهنجي ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکاريندا ڪريو. جيئن هر روز پنهنجو ڌنڌو ڌاڙي ڪريو ٿا، تيئن هر روز پوڄاءَ کي ٻه پل ڪريو. سڀ ڪم الڳ نام سمرڻ ۽ سيوا. پنهنجي جيون ۾ انهن گڻن جي ساکي ڏيئي مانش جنم سڦل ڪريو.

٢٩ سيپٽمبر منجهند جو پوڄيه دادا جشن گانڌيڌام ۾ پڌاريا. تماشام جو ٽائون هال ۾ گانڌيڌام ميونسپل پرڌان شري ڏيرو ڀائي شاهه داداجن جو سواگت ڪيو. ٽرسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ چيو ته اڄ اسانجو سڀاڳيه آهي جو اسانجو سونهارو سمت دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام کڻي آيو آهي. سندس درشن ڪرڻ سان ٻه آنند اچي ٿو. پوڄيه داداجن مٺو اُپديش ڏيندي سڀن جي سونهپ ڪئي.

٣٠ سيپٽمبر صبوح جو داداجن مٺڙي ڪمبيا وديالي ۾ پڌاريا. پرنسپال مسي انداڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. دادا هوندراج دکايل مٺڙي وديا منڊل جي تعليمي سنسٿائن جو ذڪر ڪندي چيو ته اڄ اسان وٽ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو روحاني وارث پيارو پياءُ جشن پڌاريو آهي. هي پيارو اسانجو روحاني راڄو آهي ۽ سڀ سڌ تماڻو آهي. پوڄيه دادا جشن واکيان ڪندي چيو ته ٻالڪيون، جيون ۾ ٻوليا ۽ سچ جي ساکي ڏيو. ٻوليا جيون

ته پرڀو اڳ وڪيل، ڏاس ڏيال، اُن جي شرط ورتو. جيئن ماتا پتا ٻالڪ جي سار سنڀال لهن ٿا، تيئن پرڀو اسان مان هڪ هڪ جي سنڀال ڪري ٿو. صرف اُن ايڪ مالڪ ۾ پورڻ وشواس رکو. ڀڳت پرهلاد سنتن ۾ رهڻ جو آهي. هڪ ڀيري وقت ٻيتو آهي. ڪنڀر پنهنجا ٺلا ٺليون ٿانوَ ڀٺيءَ اندر رکي ٿو. هڪ مٽڪي اندر هڪ ٻليءَ ويم ڪيو هو ۽ اُن مٽڪي ۾ ٻلي ۽ سندس ٻچڙا ويٺا هئا. ڪنڀر کي اِن ڳالهه جي خبر ڪانه پيئي. هن اهو مٽڪو ٻين ٺڪرن ٿانوَن ۾ رکيو، پوءِ باهه ٻاريائين. باهه جي ٿو سبب ٻليءَ ۽ ٻچڙن 'مائو مياؤن' ڪئي. ڪنڀر وائڙو ٿي ويو. ڀٺيءَ ۾ تيز باهه ٿي ٻري. پرهلاد اُن ڪنڀر کان پڇي ٿو ته ڀٺي ڪڏهن کلندي؟ ڪنڀر، پرڀوءَ کي اُن ٻليءَ ۽ ٻچڙن جي رکيا لاءِ پرارٿنا ڪري ٿو. پنهنجي ڪيل غلطيءَ لاءِ معافي گهري ٿو. عجب اسرار! ٻن ڏينهن کان پوءِ ڀٺي کولي ٿو. ٻلي ۽ سندس ٻچڙا حيات آهن. ٻلي ٻچڙن سوڌي مٽڪي مان نڪري ٿي. پرهلاد اهو ڪؤتڪ ڏسي حيرت ۾ پوي ٿو. سوچي ٿو ته جڏهن پرڀوءَ جي پريت مان ٻليءَ ۽ سندس ٻچڙن جي رکيا ڪئي آهي، اهو پرڀو منهنجي به اوس رکيا ڪندو. ڀڳت پرهلاد جو به پرماتما ۾ پورڻ وشواس پيدا ٿئي ٿو. هو ٻالڪ رام نام اُچاريندي ڪيڏيون تڪليفون آسانيءَ سان سهي وڃي ٿو. سندس وار به ونگو نٿو ٿئي. پريمي، توهان به پرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو. نام ڏيائو، نام ڳايو. روز ڪنهن نه ڪنهن دکيءَ جي شيوا ڪريو. پکين پسن کي پيار ڏيو.

١١ آڪٽوبر پوڄيه داداجن آگري ۾ پڌاريا. نماشام جو داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته سنت چون ٿا:

ڪروڌ ٻيڙو دکدائي،
ٻهلي آگ لڳي من اندر، ٻاڇي اور جلائي،
جو جو اوگڻ اندر هووي، سو سو پرگهٽ ٿائي.

دنيا ۾ پيار. اڄ گھرن ۾ اشانتي، شهرن ۾ اشانتي، ديش ۾ اشانتي، ساري وشو ۾ اشانتيءَ جو واءُ منڊل آهي. پيائي جلائڻ، پرير ۾ دنيا جا ديپڪ جڳائو. جيئن ماڻهن لاءِ قاعدا قانون آهن، جيئن ماڻهوءَ جي هتيا ڪرڻ گناهه آهي، تيئن پکين پسن کي مارڻ به وڏو گناهه آهي. انهن پسن پکين جي رکشا لاءِ قانون هئڻ گھرجن.

۵ آڪٽوبر شام جو فڪي آڊيٽوريم دهليءَ ۾ پوڄيه داداجن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ دنيا کي پيار جي درڪار آهه. پيار دوارا بيمارن جو دک درد به گھٽجي ويندو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو.

٦ آڪٽوبر شام جو داداجن پاڻ ڪنهن ڏانوائيءَ جي گھر روح رهاڻ ڪندي سنگت جي سونهن ڪئي. ٧ آڪٽوبر سادو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول ۾ تعليمدانن جي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. پوڄيه داداجن به ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. ڪيترن ودوانن پنهنجا پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. پوڄيه داداجن وياکيان ڪندي آيل تعليمدانن جو مارگه درشن ڪيو.

پوڄيه داداجن اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ هڪ ننڍي اسپتال جو پڻ مهورت ڪيو. ٩ آڪٽوبر وشنو ڏيهن ملهائڻ جي سلسلي ۾ ميٽنگ ڪوٺائي وئي. پوڄيه داداجن شيواڌارين کي سمبودت ڪندي چيو ته اوهانکي ڌنيواد آهه. جو اوهين پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن وشنو ڏيهن ڪري ملهائڻ لاءِ پرشارٿ ڪري رهيا آهيو. پيارو دادا هو دنيا ۾ پريم جي مورت. پياري دادا جي جيوَ دنيا جو پيغام گھر گھر پهچايو، سڀني کي جاڳايو.

١٠ آڪٽوبر شام جو لعل سائين منڊر چڪ پوريءَ ۾ ستسنگ جو ڪاربه ڪرم رکيو ويو. پوڄيه داداجن وياکيان ڪندي چيو

ڪيو ويو. ٻوجھ داداڄن ٻروچڻ ڪندي چيو تہ اوهان هٿ ڳائڻ
جي ڪنڌي نہ شرڌا سان سيوا ڪريو ٿا، ڳائيون الوَ گوبند جون
پياريون، ان ڪري ڀڳوان کي چون گوپال. انهن جي سيوا اڙ
شري ڪرشن جي سيوا. سنسار ۾ رهندي ترشنائن جا ڦندي نہ ٿيو.
راجا ڀوڄ هڪ ڏينهن پنهنجي درٻارين کان پڇيو "وڏي ۾ وڏو
ڪهڙو ڪوهہ آهي، جنهن ۾ جي هڪواري انسان ڪري تہ سندس
نڪرڻ محال ٿيو پوي؟" راجا ڀوڄ هڪ پنڊت ڏانهن اشارو
ڪندي چيو تہ مان توکي گهڻيون ئي سوغاتون پڻ ڏنيون آهن،
هاڻ تون ٻڌاءِ تہ اهو ڪوهہ ڪهڙو آهي؟ جي هفتي اندر جواب نہ
ٻڌائيندين تہ توکي شهر نيڪالي ملندي. پنڊت گهر اچي ويچار ڪيو،
پر جواب نہ مليس. نيٺ جهنگ ۾ وڃي اُن سوال جي جواب لاءِ
سوچڻ لڳو. اُتي هڪ ريڍار مليس. ريڍار پڇيس: تون هيڏو
اُداس ڇو ٿو لڳين؟ پنڊت ورائيو تہ راجا ڀوڄ هڪ سوال پڇيو
آهي تہ وڏي ۾ وڏو اهو ڪهڙو ڪوهہ آهي، جنهن ۾ هڪواريءَ جيڪو
ڪري ٿو، اُن جو نڪرڻ دشوار آهي. ان سوال جو پورو جواب
سمجهہ ۾ نٿو اچي، انڪري منجهيل مايوس آهيان. ريڍار چيس
تہ تون مونکي پنهنجو گرو ڪر تہ توکي مان پارس ڏيندس. پنڊت
چيس تہ مان اوچ ذات وارو توکي گرو ڪيئن ڪندس؟ ائين
چئي وري دل ۾ سوچي ٿو تہ ڪيس ڪٿي گرو ڪريان ٿو، پارس
تہ ملي پوندو. ريڍار کي چوي ٿو مان توکي گرو ٿو ڪريان. ريڍار
چيس هاڻ تو وجهہ وڃايو. هاڻ توکي ٻيو وجهہ ڏيان ٿو. مان
رڍ جو کير جوٺو ڪري توکي ڏيان ٿو، اهو پيءُ تہ توکي پارس
ڏيندس. پنڊت چيو اصل نہ، ريڍار چيس تو ٻيو بہ وجهہ وڃايو.
ٽيون وجهہ ڏيانءِ ٿو. هاڻ مان رڍ جو کير ٿورو پيءِ، وري ڪتيءَ
کي چٽائي پوءِ توکي ڏيندس. تون اهو کير پيءُ تہ پارس ڏيندس،
پنڊت وري بہ نڪار ڪئي تہ مان پنڊت آهيان ائين ڪيئن

ڪروڌ ڏاڍو ڏکدائي آهي. جيڪو ڪروڌ ڪري ٿو، ٻاهران نه اُن
جي مَن کي باهه وانگر جلائي ٿو، پر ٻين کي به جلائي ٿو. ڪاوڙ ڪرڻ
سبب جيڪو ۽ ٻيا به جيڪي اوگڻ آهن سي ظاهر ٿين ٿا. منهنجا پيارا،
انڪري ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. پرميشور کي پرارٿنا ڪريو ته
اوهان کي ڪروڌ کان بچائي، سهنشيلتا بخشي. مٺو ڳالهائڻ ڪهڙين
نه دلين کي آنند ڏئي ٿو. ڳالهائڻ ۾ مٺا ٿيو. ساڳي زبان ڪڙو
ڳالهائي ٻين کي صدمو رسائي ٿي، ساڳي زبان مٺو ڳالهائي دلين
کي آنند ڏئي ٿي. انڪري سدائين مٺو ڳالهايو.

١٢ آڪٽوبر صبوح جو پوڄيه داداجن ڪي. جي. انٽر-
ميڊيئيٽ ڪاليج ۾ پڌاريا. هيڊمسٽرس سندن سواگت ڪيو.
هڪ ٻالڪيءَ داداجن کان پڇيو ته چاليهه سال آزادي ملئي ٿيا
آهن، پر اڃا لوڪن ۾ خوشحالي ڪونهي؟ داداجن چيو ته اسين
ايڪتا ۽ پريم ۾ نه وڌيا آهيون، انڪري ديش ۾ خوشحالي گهٽ
آهي. خوشحاليءَ جو بنياد آهي پريم جي ڀاڳيداري. ايڪتا ۽
الفت جي ٻاڪ ۾ وڌون ۽ اهو سنديش پکيڙيون ته زندگي ۽
زندگيءَ جون بخششون مليون آهن ته ٻين جي سيوا ڪريون.
ٻيءَ ٻالڪيءَ پڇيو ته استري جاتيءَ تي اڃا ڪيڏو نه اتياچار
ٿئي ٿو! پوڄيه داداجن چيو ته اوهين پاڻ تي اتياچار ڪرڻ نه
ڏيو، سجاڳ ٿيو. چئو جت ڏاتي ليتيءَ جي چڪتاڻ آهي، اُت
شادي نه ڪنديوسين. پنهنجي شڪتي کوليو. هڪ دفعي شاگردن
پياري دادا سادو واسواڻيءَ کان پڇيو ته اوهانجي سکيا ڇا آهي؟
دادل شاهه چيو "سيوا، سيوا." اوهين به روز سيوا ڪريو. هڪڙن
ٻين کي اَن پاڻي ڏيو. پنهنجن گهرن ۾ هڪ پاٽ پاڻيءَ لاءِ ۽
هڪ پاٽ اَن لاءِ رکو.

شام جو شري ڪرشن گئوشالا جي ميدان تي ستسنگ جو
آيوجن ڪيو ويو. جدا جدا سنستائن طرفان داداجن جو ستڪار

ماستر صاحب کيس ان سچائيءَ لاءِ ڌنيواد ڏني. پيارا وديارٿيو،
اوهان پڻ پنهنجي اڳيان سچ جو آدرش رکو. روز ڪنهن نه
ڪنهن جي سيوا ڪريو. پکين پسن کي به پيار ڏيو.

۲۸ آڪٽوبر پوڄيه داداجن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. داداجن ڪولابا
گيتانجلي نوري ستسنگ ۾ اپديش ڪندي چيو ته اڄ دادل شاهه
جي ۱۰۸ جنمدن ملهائڻ جو آرنڀ هت ٿئي ٿو. پيارو دادا سادو
واسواڻي روحاني روشني کڻي آيو. ديس پرديس وڃي لوڪن
کي سچائي ڪيائين. ڪين سچي وطن جي ياد گيري ڏياريائين.
پياري دادا ڪيترن نه ورور پياسي دل سان پريوءَ کي پڪاريو.

پيا سنگ. پنهنجي نه آهيان ونڳائي،

رکين رحم ۾ تون آءُ نوري نماڻي.

۲۹ آڪٽوبر جنما هندوجا هال جي ميدان تي ستسنگ
جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پياري لڇمڻداس چاٻڙيا دادا جشن
جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته اڄ توهين
پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو ۱۰۸ جنمدن ملهائي رهيا آهيو.
پيارو دادا هو روشنيءَ جو انسان. اگر تورا ڳالهائيندو هو، پر
اُنهن اکين ۾ آتش هوندي هئي. هڪ دفعي پياري دادا کان
پڇيوسين ته ڇا ڪريون جو روحاني راهه ۾ اڳتي وڌون؟ پياري
دادا چيو ته سڀن کي پيار ڏيو. دوست دشمن لاءِ دلين اندر
پيار رکو. ڌنڌو وهنوار پيار ۾ هلايو. نه وساريو ته پريو آهه پيار.
ڪو توهانجي برخلاف وڃي، يا توهان کي گهٽ وڌ ڳالهائي ته
اُن کي معافي ڏيئي ڇڏيو، ڪيس موٽ ۾ پيار ڏيو. ائين اوهان
روحاني راهه ۾ اڳتي وڌندا ته اوهانجي دلين اندر شانتي پيدا
ٿيندي. اجاين ڳالهين ۾ مالڪ جنم نه وڃايو، آتمڪ جوت جڳايو.

۳۰ آڪٽوبر رنگ ڀريون بمبئيءَ ۾ دادل شاهه جو جنمدن
ملهايو ويو. دادل شاهه جي جيون مان کي جهانڪيون رنگ منچ

ڪندس. ريڇار چيس تو اهو وچهڻ به وڃايو. وري آخران وچهڻ ڏيڻ ٿو. ڪير ٻهراڻ ڪٽيءَ کي ٻيٺاري ٻوءِ ٻرڻ، جا انسان جي ڪوبري ٻيٺي آهي، تنهن ۾ ڪير وچهي، اُن ۾ گند ڪچرو وچهي ٿو ڪي ڏيندس، اهو ٻيٺندين ته پارس ڏيندوسانءِ. ٻمبت دل ۾ سوچيو ته هاڻ ڪري اهو ڪير تو ٻيٺان. هت جهنگل ۾ مونکي ڪير تو ڏسي، پارس ملي پوندو، سدائين لاءِ ڏنوان ٿي پوندس. ٻمبت ريڇار سان ها ڪري ٿو. تڏهن ريڇار ڪيس سمجهائيندي چوي ٿو ته اهو اٿي ٺهڻجي سوال جو جواب: "لوڀ جي ترشنا وڏو ڪوهه آهي." ٻڌائيو، ٻمهڻجون ترشنائون گهٽايو، آنند پايو. ترشنائون ڪيڏو ته ٻڪائين ٿيون. ترشنڪوءَ وانگر لٽڪائين ٿيون. نام سمرڻ ۽ شيوا ۾ جيون سڦل ڪرايو.

۱۳ آڪٽوبر ٻوجهه. داداجن بوپال ۾ پڌاريا. نماشام جو داداجن اشراڳڙهه نوجوان سان اسڪول هال ۾ اپديش ڪيو.

۱۴ آڪٽوبر صبوح جو پوڄيه داداجن ساڌو واسواڻي اسڪول ۽ ساڌو واسواڻي ڪاليج جي ودياٿين کي سڪياداتڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو. ٻلي توهان امتحان لاءِ خوب پڙهو، تياري ڪريو، پر جيون جي امتحان لاءِ به تياري ڪريو. ماتا پتا جي روز آسيس وٺو. هڪ ڪاڌي کان پري رهو. مهاتما گانڌيءَ اهنسا ۽ سچ جي شڪتيءَ سان دنيا کي ڏوڏي ڇڏيو. پيارو دادا ساڌو واسواڻي جڏهن شاگرد هو ته امتحان ۾ ڪيس ۸۷ مارڪون مليون ۽ ڪلاس ۾ ٻهريون نمبر آيو. ٻئي شاگرد دڳاداس آڏواڻيءَ کي ۷۹ مارڪون مليون. دادل شاهه گهر اچي ٻمهڻجي ڪاپي ڏسي مارڪون ڳڻيون ته ۷۸ مارڪون هيون. پياري داداجن کي خيال ٿي پيو. هو هڪدم ٻمهڻجي استاد صاحب وٽ ڪاپي کڻي آيو ۽ ڪيس ٻڌاءئين ته ڳڻپ ۾ ڀُل ٿيل آهي. ۷۸ مارڪن بدران اوهان ۸۷ مارڪون ڏنيون آهن.

توهان کي ڌنيواد آهي جو اڄ توهين هت پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ملهائي رهيا آهيو. پياري دادا اڇي لوڪن کي جاڳايو. اوهين به جاڳو، جاڳو. اڃا ڪيترو وقت غفلت ۾ سمهندا. پنهنجا امولهه سواس سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو.

١٣ نومبر پوجيه دادا جن بمبئي ۾ پڌاريا. نماشام جو دادا جن ڪولابا گيتانجلي ٽووري ستسنگ ۾ ننڍڙو اپديش ڪندي چيو ته نووي گرنٿ مان اڄ ڪهڙو نه مٺو وچن آيو: "مٺي نهار، اُپ اٿئي نيلو. پيو چوي: آهين ڪين اڪيلو." پيارا، توهان اڪيلا ڪين آهيو. پاڻ کي اڪيلا ڪين سمجهو. رشيا ۾ ناستڪ اٿيا، مندر مڙهيون ديوليون ڊهرائي ڇڏيائون. چيائون، پريو ڪٿي آهي؟ هڪ ٻڍڙيءَ وٽ مالها سوري. هڪ ناستڪ اچي چيس ته امي، هيءَ مالها ڦٽي ڪر. پريو وري ڇا جو آهي. ٻڍڙيءَ چيس "پيارا، توهين ڇا ٿا ڪريو، پرميتما ساکي آهي. ڏس آسمان ۾ تارا پيا چمڪن، انهن کي ته ناس ڪري ڏيکاريو. هڪ هڪ تارو پرميه جي ساکي ڏئي ٿو." توهين مشڪلاتن وقت منجهي پئو ٿا. پريو سرو شڪتيوان آهي. اهوئي اوکيءَ مان سولي ڪري ٿو. سوريءَ مان ڪنڊو ڪري ٿو.

پريو ۽ گرو، هر حالت ۾ اسانجي رکيا ڪري ٿو، پر انهن ۾ اسانجو پورو پورو وشواس هئڻ گهرجي. اسين اڪيلا ڪين آهيون، اسانجو پريو سدائين اسان سان ساڻ آهي.

١٥ نومبر پولا مانشري هال بمبئيءَ ۾ سيني پراڻين جي رکشا لاءِ انٽر راشٽريه ڪانفرنس ٿي. پوجيه دادا جن ان موقعي تي دلسوز ويکيان ڪندي چيو ته پکي پسون به اسانجا ڀائر آهن. انهن کي ڪهڻ مهاپاپ آهي. هڪ ڏينهن ايندو جڏهن انهن کي ڪهڻ، خون ڪرڻ ليکيو ويندو. خونين کي خدا وٽ ته سزا اوس ملندي، پر هن لوڪ ۾ به ڪين ان جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. هڪ

لي پيش ڪيون ويئون. پوءِ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا هو نرمل نيڻن ۾ نيارو. نرمل پيار ڪيئن نه ڪيترن جي جيون ۾ خوشي ڏني آ. پيار ڪندڙن کي ٻيءَ ننڍڙن جيون ملي ٿي. ڪوبه تڪليف ۾ هجي ته ان جي مدد ڪريو. دادل شاهه جي رڳ رڳ ۾ پيار هو. ڪنهن دکيءَ، بکايل، اڄايل کي ڏسندو هو ته هڪدم هن کي پيار ڏئي سندس بک اڄ دور ڪندو هو. جنهن به دادل شاهه جي پيار جو پيالو پيتو ان کي نئون رنگ چڙهي ويندو هو. نه صرف انسان ذات، پر پکين پسن، پشوپکن کي به ڏاڍو پيار ڪندو هو. داداجن هزارن لوڪن کي پيار ڏياران پريم جي راهه ۾ چڪيو.

٣١ آڪٽوبر شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ ساڌو واسوائيءَ جو ١٠٨ جنمڏينهن اُتسو ملهايو ويو. پوءِ داداجن اُپديش ڪندي چيو ته ايندڙ ٢٥ نومبر پياري دادا ساڌو واسوائيءَ جو جنمڏينهن وڏي ڌوم ڌام سان ملهائجو. پنهنجن ويچارن ۽ وهنوار ۾ نرمل ٿي رهجو. پنهنجو سڀو وقت پيو اسان ڏي نهاري، انڪري ويچارن ۽ وچن جي سنڀال ڪجو. پيارو دادا ساڌو واسوائي پنهنجي ويچارن جي ڪڏي نه سنڀال ڪندو هو.

١ نومبر صبوح جو ١١ بجي ساڌو واسوائي باغ سنڌونگر-١ ۾ پوءِ دادا ساڌو واسوائيءَ جو جنمڏين اُتسو ملهايو ويو. شروع ۾ ديال آشا پوءِ دادا جشن واسوائيءَ جي آجيان ڪندي دادل شاهه جي مهما جو گيت ڳايو. ٻاءِ هري نهلداڻيءَ ۽ ٻاءِ ناري بونٽائيءَ داداجن جي جنمڏين جي ڳوٺڙي داداجن جي چرڻن ۾ ڀيٽ رکي. پوءِ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته خوشي آهي جو توهان سنڌونگر ۾ سنڌي ٻولي قائم رکندا پيا اچو. ٻولي اسان قوم جي ورثي جي پاڙ. جي ٻولي وئي ته ورثو ڪري پوندو. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي جيئرو رکندا اچجو.

ماسٽر صاحب کيس ان سچائيءَ لاءِ ڌنيواد ڏني. پيارا وديارٿيو،
اوهان ٻـه پنهنجي اڳيان سچ جو آدرش رکو. روز ڪنهن نه
ڪنهن جي سيوا ڪريو. پکين پسن کي به پيار ڏيو.

٢٨ آڪٽوبر پوڄيه دادا جن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. دادا جن ڪولابا
گيتانجلي نوري ستسنگ ۾ اپديش ڪندي چيو ته اڄ دادل شاهه
جي ١٠٨ جنمدن ملهائڻ جو آرنڀ هٿ ڪئي آ. پيارو دادا ساڌو
واسواڻي روحاني روشني کڻي آيو. ديس پرديس وڃي لوڪن
کي سجاڳ ڪيائين. ڪين سڄي وطن جي سادگيري ڏيکاريائين.
پياري دادا ڪيئن نه ور ور پياسي دل سان پڀوءَ کي پڪاريو.

ٻيا سنگ، پنهنجي نه آهيان وڳاڻي،
ڪين رحم ۾ تون آ، تو ري نماڻي.

٢٩ آڪٽوبر جنما هندوجا هال جي ميدان تي ستسنگ
جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پياري لڇمڻداس چاٻڙيا دادا جن
جو سواگت ڪيو. پوڄيه دادا جن پروچن ڪندي چيو ته اڄ توهين
پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٨ جنمدن ملهائي رهيا آهيو.
پيارو دادا هو روشنيءَ جو انسان. اکر ٿورا ڳالهائيندو هو، پر
انهن اکرن ۾ آتش هوندي هئي. هڪ دفعي پياري دادا کان
پڇيوسين ته ڇا ڪريون جو روحاني راهه ۾ اڳتي وڌون؟ پياري
دادا چيو ته سڀني کي پيار ڏيو. دوست دشمن لئه دلين اندر
پيار رکو. ڌنڌو وهنوار پيار ۾ هلايو. نه وساريو ته پڀو آهه پيار.
ڪو توهانجي برخلاف وڃي، ٻـا توهان کي گهٽ وڌ ڳالهائي ته
ان کي معافي ڏيئي ڇڏيو، ڪيس موٽ ۾ پيار ڏيو. ائين اوهان
روحاني راهه ۾ اڳتي وڌندا ته اوهانجي دلين اندر شانتي پيدا
ٿيندي. اڄاڻ ڳالهين ۾ مالڪ جنم نه وڃايو، آتمڪ جوت جڳايو.

٣٠ آڪٽوبر رنگ ڀون بمبئيءَ ۾ دادل شاهه جو جنمدن
ملهايو ويو. دادل شاهه جي جيون مان ڪي جهانڪيون رنگ منچ

دفعو جي توهين پاڻ ڏسو ته، ڪنهن وقت ڪيئن نه ٿا جانور پڪاريان! ڪيئن نه ٿيون سندن رت جون نديون وهن! نه توهان جي دلين ۾ سمات اڀرندو، ڪهڪاءُ ايندو.

هڪ ڏينهن رستي تان لنگهندي ڏٺم ته، هڪ ڪتي مٿان موٽر لنگهي ويئي هئي. ڪتي ڪيئن نه ڪيڪرانون پئي ڪيون. مون ڪتي کي کڻي پاسيرو ڪيو ۽ کيس پاڻي آڻي پياريم. ڪتو مرڻينگ حالت ۾ هو. اُن وقت اهڙي پيار مان نهاريائين، جڻ شڪرگذاري ٿي ڏيکاريائين. اُن رات مون ڏٺو ته، ڪيئن نه شري ڪرشن منهنجي اڳيان چپن تي مرلي چاڙهي وڄنو وڄائي.

منهنجا پيارا ٻارڙو ۽ ٻارڙيون ڀينرون. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هڪ هڪ پکيءَ پسوءَ کي ڪيڏو نه پيار ڏنو. هڪ هڪ پراڻي منهنجي جوت ۾ رهڻ چاهي ٿو، اُنهن کي به منهنجو منهنجو پريوار آهه. اُنهن پکين پسن کي پيار ڏيو، جيئن دِيا جي جوت جڳايو. ٻارن کي اها سکيا ڏيو. هنسا جي ڪاتي کان پري رهو. جهڙو جيئڻ جو توهان کي حق آهه، اهڙو حق پکين پسن کي به آهه. انهي جو حق نه ماريو.

۱۸ نومبر شام جو پياري ڪشور ۽ سندر ٻگومل ٿڌاڻيءَ جي گهر جي ٻاهر ميدان تي پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

سنتن قدمن صبوح ۽ شام،
شال سڻان مان پرڀن جو پيغام.

منهنجا پيارا، سنتن جي سنگ ۾ رهي پرڀوءَ جو پيغام سڻو. سنتن جي سيواءَ ۾ وڏو آنند آهه. سنتن جي يادگيري اسانجي دلين کي صاف ڪري ٿي. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ

توهان کي ڌنيواد آهي جو اڄ توهين هت پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جــو جنمدن ملهائي رهيا آهيو. پياري دادا اڇي لوڪن کـي جاڳايو. اوهين به جاڳو، جاڳو. اڃا ڪيترو وقت غفلت ۾ سمهندا، پنهنجا املهه سواس سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو.

١٣ نومبر پوڄيه دادا جن بمبئي ۾ پڌاريا. نماشام جو داداجن ڪولابا گيتانجلي نـوري ستسنگ ۾ نئيڙو اُپديش ڪندي چيو ته نوري گرنٿ مان اڄ ڪهڙو نه مٺو وچن آيو: "مٺي نهار، اُپي اتهئي نيلو. پيو چوي: آهين ڪين اڪيلو." پيارا، توهان اڪيلا ڪين آهيو. پاڻ کي اڪيلا ڪين سمجهو. رشيا ۾ ناستڪ اُٿيا، مندر مڙهيون ڊاهيون ڀڃرائي ڇڏيائون. چيائون، پرڀو ڪٿي آهي؟ هڪ ٻڍڙيءَ وٽ هئي مالها سوري. هڪ ناستڪ اچـي چيس ته اميءَ، هيءَ مالها ڦٽي ڪر. پرڀو وري ڇا جو آهي. ٻڍڙيءَ چيس "پيارا، توهين ڇا ٿا ڪريو، پرڀو-اتما ساکي آهي. ڏس آسمان ۾ تارا پيا چمڪن، انهن کي ته ناس ڪري ڏيکاريو. هڪ هڪ تارو پرڀوءَ جي ساکـي ڏئي ٿو." توهين مشڪلاتن وقت منجهي پئو ٿا. پرڀو سرو شڪتيوان آهي. اُهوئي اُوليءَ مان سولي ڪري ٿو. سوريءَ مان ڪنڊو ڪري ٿو.

پرڀو ۽ گرو، هر حالت ۾ اسانجي رکيا ڪري ٿو، پر اُنهن ۾ اسانجو پـورو پورو وشواس هئڻ گهرجي. اسين اڪيلا ڪين آهيون، اسانجو پرڀو سدائين اسان سان ساڻ آهي.

١٥ نومبر برلا ماتشري هال بمبئيءَ ۾ سنڌي پراڻين جـي رکشا لاءِ انٽر راشٽريه ڪانفرنس ٿي. پوڄيه داداجن ان موقعي تي دلسوز ويـاکيان ڪندي چيو ته پکي پسون به اسانجا ڀائر آهن. انهن کي ڪهڻ مهاپاپ آهي. هڪ ڏينهن ايندو جڏهن انهن کي ڪهڻ، خون ڪرڻ ليکيو ويندو. خونين کي خدا وٽ ته سزا اوس ملندي، پر هـن لوڪ ۾ به ڪين اُن جو نتيجو ڀوڳڻو پوندو. هڪ

ٿي پيش ڪيون ويئون. پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا هو نرمل نيڻهن ۾ نيارو. نرمل پيار ڪيئن نه ڪيترن جي جيون ۾ خوشي ڏني آ. پيار ڪندڙن کي هو نئين جيون ملي ٿي. ڪوبه تڪليف ۾ هجي ته ان جي مدد ڪريو. دادل شاهه جي رڳ رڳ ۾ پيار هو. ڪنهن دکئي، بکايل، اڃايل کي ڏسندو هو ته هڪدم هن کي پيار ڏئي سندس بک اڃ دور ڪندو هو. جنهن به دادل شاهه جي پيار جو پيالو پيتو ان کي نئون رنگ چڙهي ويندو هو. نه صرف انسان ذات، پر پکين پسن، پشپن پٽن کي به ڏاڍو پيار ڪندو هو. دادا جن هزارن لوڪن کي پيار دواران پريوه جي راهه ۾ ڇڪيو.

31 آڪٽوبر شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ سادو واسواڻيءَ جو 108 جنمڏن اتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جن اپديش ڪندي چيو ته اڄ ڏينهن 25 نومبر پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو جنمڏن ويشنو ڏينهن ڪري ملهائجو. پکين ويچارن ۽ وهنوار ۾ نرمل ٿي رهجو. پڙهو سڄو وقت پيو اسان ڏي نهاري، انڪري ويچارن ۽ وڻن جي سنڀال ڪجو. پيارو دادا سادو واسواڻي پکين ويچارن جي ڪيڏي نه سنڀال ڪندو هو.

1 نومبر صبوح جو 11 بجي سادو واسواڻي باغ سنڌونگر-1 ۾ پوڄيه دادا سادو واسواڻيءَ جو جنمڏن اتسو ملهايو ويو. شروع ۾ ديال آشا پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جي آجيان ڪندي دادل شاهه جي مهما جو گيت ڳايو. ڀاءُ هري نهالداڻيءَ ۽ ڀاءُ ناري پونياڻيءَ دادا جن جي جنمڏن جي خوشيءَ دادا جن جي چرڻن ۾ ڀيٽ رکي. پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته خوشي آهي جو توهان سنڌونگر ۾ سنڌي ٻولي قائم رکندا پيا اچو. ٻولي اتو قوم جي روح جي پراڻ. جي ٻولي وئي ته روح ڪري پوندو. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي جيئرو رکندا اچجو.

جي سنگ ۾ ڪيترن جي جيون نئين ٿي پيئي. سنت پارس آهن، اسين آهيون لوهه جا ٽڪرا. انهن جي سنگ ۾ اسين سون ٿي پيئون ٿا.

١٩ نومبر شام جو شانتي سيوا نڪيتن جو اُتسو ملهايو ويو. شروع ۾ پياري آتو رچنداڻيءَ سيوا ڪارڻ لئي روشني وجهندي ٻڌايو ته دادل شاهه جي ديا ۽ پوڄيه دادا جشن جي سونهپ سان ڪيئن دکين دردن جي خدمت ڪئي ويئي ٿي. پوڄيه داداجن مٺو اُپديش ڪندي چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن نڪتو:

سدا شال سائين، تون چرڻن وهارين،
وهاري ڏيئو ٻاجهه جو ٻاٽ ٻارين.

پرڀوءَ کي ور ور اها پرارٿنا ڪريون ته اسانکي پنهنجي ڪمل چرڻن ۾ رکن. پنهنجي ديا جي جوت اسانجي اندر ۾ جڳاءِ. شل سنتن وٽ نماڻا ٿي اچون ۽ نماڻائيءَ سان سنتن جا سيوڪ ٿيون. دادل شاهه ڪيڏو نه نماڻو هو، حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ پاڻ اخبار ڪڍندو هو. پنهنجي اخبار ۾ دادل شاهه ۽ ستسنگ جي برخلاف ليک وڌائين ۽ گهر گهر اهي اخبار پهچايائين. اها ڳالهه پياري دادل شاهه کي ٻڌائين ٿا. پر پيارو دادا ان ڳالهه جو ڪجهه به خيال نٿو ڪري. ڪجهه وقت بعد اهو اخبار نويس تڪليف ۾ اچي ٿو. دادل شاهه کي خبر پوي ٿي. دادل شاهه هنجي گهر هلي ٿو ۽ سندس آيل ڪشٽ دور ڪرڻ لاءِ يتن ڪري ٿو. پياري داداجن جو اهو وهنوار ڏسي اهو اخبار نويس دادل شاهه جي قدمن تي ڪري پوي ٿو ۽ پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙي ٿو. دادل شاهه کيس ٻاجهه ٻانهن ۾ ڪٺي ڀاڪر پائي ٿو. سنت ڪيڏا نه ديالو ٿين ٿا، ڪيپاوان ٿين ٿا. پيارا، توهان به ديا ۽ ڪيپا جا گڻ اپنايو، نام ڳايو نام ڌيايو.

دفعو جي ٻـوهين ڀـاڳ ڏٺو ته، ڪنهن وقت ڪيئن نه ٿا جانور ٻاڪاريون! ڪيئن نه ٿيون سندن رت جون نديون وهن! نه توهان جي دلين ۾ سمات اُڀرندو، ڪهڪاءُ ايندو.

هڪ ڏينهن رستي تان لنگهندي ڏٺم ته هڪ ڪتي مٿان موٽر لنگهي ويئي هئي. ڪتي ڪيئن نه ڪيڪراٽون پئي ڪيون. مون ڪتي کي کڻي پاسيرو ڪيو ۽ ڪيس پاڻي آڻي پياريم. ڪتو مرڻينگ حالت ۾ هو. اُن وقت اهڙي پيار مان نهاريائين، ڄڻ شڪرگذاري ٿي ڪيائين. اُن رات مون ڏٺو ته ڪيئن نه شري ڪرشن منهنجي اڳيان چپن تي مرلي چاڙهي وڄنو وڄائي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻيون ٻچڙيون. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هڪ هڪ ٻڪريءَ ٻِسونءَ کي ڪيڏو نه پيار ڏنو. هڪ هڪ پراڻي پنهنجي جوڻ ۾ رهڻ چاهي ٿو، انهن کي به پنهنجو پنهنجو پريوار آهي. انهن ٻڪين ٻسن کي پيار ڏيو، جيئن دنيا جي جوت جڳايو. ٻارن کي اها سکيا ڏيو. هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو. جهڙو جيئڻ جو توهان کي حق آهي، اهڙو حق ٻڪين ٻسن کي به آهي. ٻئي جو حق نه ماريو.

۱۸ نومبر شام جو پياري ڪشور ۽ سندر ٻگومل ٿڌاڻيءَ جي گهر جي ٻاهر ميدان ۾ ٻوڄهه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. ٻوڄهه دادا جنم اُپديش ڪندي چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

سڄڻ قدمن صبوح ۽ شام،

شال سڄڻ مان ٻولن جو پيغام.

منهنجا پيارا، سڄڻ جي سنگ ۾ رهي ٻولنءَ جو پيغام سٺو. سڄڻ جي سمرڻيءَ ۾ وڏو آنند آهي. سڄڻ جي ادڳري اسانجي دلين کي صاف ڪري ٿي. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ

هيون. پيارو دادا جشن دستور موجب ٻنا چمپل پيرن اگهاڙو رت ڪاهي رهيو هو. ڪنهن پريميءَ رستي تي داداجن کي ناريل پيش ڪيو. ناريل اچي سندن پير تي ڪريو ۽ رت وهڻ لڳو. داداجن کي عرض ڪيو ويو ته پير تي ڪجهه دوا لڳائي پوءِ اڳتي وڌو، مگر داداجن پنهنجي گردن جي رت کي ڪاهيندا رهيا. ٻه ڪلاڪ کن داداجن جي پير مان رت ڳڙندو رهيو، تو تڏهن ته پنهنجي پريتم جي رت ٻاڙا ۾ رکيا ڪين.

۲۵ نومبر صبوح جو دادا منڊپ ۾ دادل شاهه جي جنمدن سپتاهه ۾ پوڄا. دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي دل ۾ اُنهن لاءِ ڪيڏي همدردي هئي. درد هو. درد مندا دا درد. داداجن ڪنهن ٻه پراڻيءَ جو دک سهي ڪين سگهندا هئا. ٻاڻ وچي دکين پکين، پکين پسن جي سار لهندا هئا. توهين ٻه جيڪر نشڪام ڀاونا ۽ پريم سان دکين درد مندن جي سيوا ڪريو. توهان اڄ پياري دادا جو جنمدن وشنو ڏينهن ڪري ملهايو آهي. مان چاهيان ٿو ته توهين جيڪر ۳۶۵ ڏينهن ئي هنسا جي ڪاتي کان پري رهو ۽ انهن گگدامن جي آسيس پايو.

پشپانجليءَ جي ڪاري ڪرم کان پوءِ ڪيترن سفيد پوش پنهنجن کي چادرون، اناج، دال، کنڊ جا پاڪيٽ ۽ خرچي ڏني. منجهند جو داداجن دادا لنگر جو آرنڀ ڪيو. ڪيترن نه پنهنجي پوڄا هٿن سان داداجن ٻوندي پئي ورهائي!

نماشام جو پوڄه دادا جشن، پوڄ دادا گنگارام ۽ مشن جي ٻين ڪارڪرتائن دادل شاهه جي چرنن ۾ ۶۷۶۲۴۳۸ روپين جي ڳوٺڙي پيش رکي. وشنو ڏينهن جا لکين پرتگيا پتر پڻ دادل شاهه جي ڪمل قدمن ۾ پيش رکيا ويا. هن موقعي تي آمريڪا مان سوامي سچدانند پڌاريا. انهن دادل شاهه کي پشپانجلي ڏيندي

٢١ نومبر صبوح جو مهراڻ ڪاليج ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏڻ اُتسؤ ملهايو ويو. ڪاليج جي ٻالڪن دادل شاهه جي جيون جون ڪي جهلڪيون پيش ڪيون. پرنسيپال پرتما واسواڻيءَ دادا جشن جو سواگت ڪندي دادل شاهه جي ڪيل تعليمي خدمتن جو ذڪر ڪيو. پوڄيه داداجن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته، ڪيئن نه پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ سنڌ ۾ مهراڻ وديا هلچل دواران استري جاتيءَ جي اُٿان جو ڪارڻ ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ داداجن همت پونا ۾ پڻ وديا جي جوت جڳائي. هي مهراڻ ڪاليج به سندن پريرڻا سان کليو، جنهن ۾ سندن آدرش اپنايا ٿا وڃن. استري اولاد ۾ سچن گڻن جو ٻج ڇٽي ٿي ۽ اهو اولاد اڳتي هلي سچو ڀارت بڻائيندو. ڀارت جو شان بلند ڪندو. مهنجون ٻالڪيون، توهين پنهنجي جيون ۾ پوترتا پرارٿنا پريم جي ساکي ڏيو. نه صرف جيڪو توهان کي پيار ڪري اُن کي پيار ڏيو، پر جيڪي تڪليف ۾ آهن دکي آهن، اُنهن کي به آٿت ڏيو، پيار ڏيو. اُنهن جي ڪشٽ دور ڪرڻ ۾ جيڪڏهن ڪا مدد ڪري سگهو ته ڪيئن مدد ڪريو.

٢٣ نومبر شام جو مهراڻ ڀوميءَ ۾ مهراڻ اسڪول ۽ مهراڻ ڪاليج جي وديارٿين دادا ليلا جو ڪارڻ ڪرم منچ تي پيش ڪيو. جنهن ۾ دادل شاهه جي جيون جون ڪي سکيادائڪ جهلڪيون پيش ڪيون ويون. ٢٤ نومبر شام جو ٤ بجي مهراڻ ڀوميءَ مان رٿ ياترا شروع ٿي. رٿ تي دادل شاهه جي من موهيندڙ مورت رکي وئي. پيارو دادا جشن ۽ ٻيا پريمي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. هزارين پريمي ”جيءَ تون آهين دادل شاهه، نچ تون آهين دادل شاهه، اڳڻ اسانجي دادل شاهه“ جي آواز ۾ ڳائي رهيا هئا. جدا جدا ٽولن تي دادل شاهه جون جهلڪيون ڏيکاريل

وڪارن ۾ وڪڙيا پيا آهيون. مانڪ جيم جو سونو وجهه اجايو پيا وڃايون. هڪ ماڻهو چڪڻ ۾ ڦاسي پيو. جيئن پيو چڪڻ مان نڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تيئن وڃي پيو ڌٻڻ ۾ گپندو. ووئي پڪاري ٿو ته جيڪو هن ڌٻڻ مان مونکي ڪڍندو، تنهنجو داس ٿي رهندس. هڪ ماڻهو هن جي درد ڀري دانهن ٻڌي هن کي ٻاهر ڪڍي ٿو. ڪيس صاف ڪري نئون وڳو پائي ٿو. هي سندس احسان مڃيندي چوي ٿو: "سائين، هاڻ مان توهانجو غلام ٿي رهندس." ٻلوان شخص کيس چوي ٿو "غلاميءَ جي ڳپ مان توکي هيئر ٻاهر ڪڍيو اٿم. هاڻ وڃي تون نوجيون گذار." اسين به وڪارن جي ڌٻڻ ۾ ڳپيا پيا آهيون. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جهڙا مهاپرش اچي اسانکي اُن ڌٻڻ مان ڪڍي صاف ڪن ٿا، نوجيون جو دان ڏين ٿا. پياري دادا ڪيترن کي نئين نئون ٺاهيو. پياري دادا جي سنگ ۾ ڪيترن جي جيون نئين ٿي پلٽي. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀاڻيون ڀينرون. توهان کي ڌنيواد آهي جو توهين پياري دادل شاهه جو جيمدن ڪيڏي نه اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهائي رهيا آهيو. ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرڪ جو سنگ ڪمايو، پوءِ توهان نوان ٿي پوندا.

انگوليءَ مار هڪ وڏو ڌاڪو هو. چوندو هو ته هڪ هزار آڱرين جي مالها ٺاهي ڳچيءَ ۾ پائيندس. ٩٩٩ آڱريون ڪپيون هئائين. باقي کيس هڪ آڱر کپندي هئي، جو سندس مالها هڪ هزار آڱرين جي ٿئي. پاڻ کي چيائين ته جيڪڏهن اڄ ڪو گراهڪ نه مليو ته پنهنجي پيڙهي ماتا جي آڱر ڪپيندس. چونه اُن ڏينهن اُتان سنت گوتم اچي ٿو لنگهي. شري گوتم ٻڌ هن جي جيون ۾ ڦيرو آڻي ٿو چڏي ۽ سندس جيون نئين اُي پوي ٿي ۽ هو پوڄ ماتا جي آڱر ڪپڻ جي مهاپاپ کان بچي وڃي ٿو. توهين به جيڪر ڪنهن نه ڪنهن سنت جو سنگ ڪريو ته پاپ ڪرم کان

چيو ته "سادو واسوائي هڪ اعليٰ انسان هو. ورتمان زماني جو سنت فرانسز هو. سندس سکيا جي ساکي دادا جشن پنهنجي جيون ۾ ڏيکاري رهيو آهي."

پوجيه دادا جشن دادل شاهه جي جيون ۽ سکيائن تي روشني وجهندي چيو ته پيارو دادا هو آتش جو انسان، عشق جو اوتار. ڪيترن ئي اسانکي پنهنجي پريم جي ڏور ۾ ٻڌي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪايو. داداجن ديش وديش ۾ ڪيترا ئي دورا ڪيا ۽ ستسنگ کي سجاڳ ڪيو. سمرپڻ ۽ سيوا جو سنديش ڏنو. پياري دادا ڪيترا ئي عهدا ماڻيا، پر ڪڏهن به نماڻو ۽ نيمن وارو هو. اسين به سندس ٻڌايل راهه تي هلي مانش جنم سڦل ڪريون. منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. اسين پيا سمجهون ته اسين محدود جيو آهيون، ضعيف آهيون، پر اسان مان هر هڪ جي اندر ڪيتريون ئي لڪل شڪتيون آهن، جن جي اسانکي پوري ڄاڻ ڪانه آهي. اسان مان هر هڪ جي اندر شڪتين جا ڀنڊار آهن، جي اسان کوليا ڪين آهن. اهي شڪتيون اسين تڏهن کولي سگهنداسين، جڏهن اسين پنهنجي جيون جي واڳ پياري پرڀوءَ کي ڏينداسين. جڏهن پرڀوءَ جي شڪتي اسان پنهنجي جيون ۾ پرڪاش ڪريون ته ڪابه ڳالهه محال ڪانه آهي. توهان ۾ آتمڪ شڪتي آهي، اُن جي پروڙ پايو.

٣ ڊسمبر پوجيه دادا جشن سنگت سهت گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ پڌاريا. سوان وديارٿين ۽ پريمين داداجن جو سواگت ڪيو. راس جو ميدان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. گانڌي نگر جي جن پيارن ونشو ڏيهن جي سنبند ۾ سيوا ڪئي، انهن کي پوجيه داداجن هٿان پرسڪار ڏيارايا ويا. پوجيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته جيون جو پرم خزانو آهي پرڀوءَ جي يادگيري. اُن کري اسين سڀ ڳالهيون ڀلي وساريون پر نام نه وساريون. اسين

واقف ڪيو. ڪين سنڌ ۾ سکيائون ڏئي آئينده روشن ڪيو. ٻار اڄ قوم جو سچو خزانو. انهن کي مٺڙي ٻولي ۽ سيکاريو. هن آستان تي سڀ گڏجي خوب نام ڪيرتن ڪريو. پرڀوءَ جا گڻ ڳايو.

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون هت چاهي گهر ۾ پاٺ ۾ گڏجي نام ڪيرتن ڪريو. جيئن جيئن توهان دل جي اونهي اڪير وچان ڪيرتن ڪندا، توهان جو هردو، نرمل ٿيندو ويندو. پوءِ پاٺ کي پرڀوءَ جي نزديڪ سمجهندا. نام سان نينهن لڳايو ۽ دکين دردن جي سيوا ڪريو. ٢٣-٢٤ ڊسمبر شام جو هندوجا هال ۾ پوڄيه دادا جن روح رهاڻ ڪئي.

٢٥ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن مدراس ۾ پڌاريا. ٢٦ ڊسمبر ڪلپاڪ دربار ۾ پوڄيه دادا جن شري گرو گوبند سنگهه ۽ شري ايشا کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ٻئي مهان هستيون هيون. ٻنهي جي سکيا آهه خدا جي خوف ۾ رهو ۽ پنهنجي ڪرم ۾ ساوڌان رهو. سچ جي جوت جڳايو. ٢٧ ڊسمبر هندو مندر ۾ سادو واسواڻيءَ جو ١٠٨ جنمدن ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن دادا سادو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته پياري دادا جي اکڙين مان پرڀوءَ پئي نهاريو. پيارو دادا گياني هو، ڌياني هو. سچو سنت هو، فيلسوف هو. مسڪينن محتاجن جو مٽر هو، يتيمن پسن جو رکشڪ هو. منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. پيارو دادا جيت ويو، اُت اهو پيغام ڏنائين "جاڳو، جاڳو. موهه جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پرڀوءَ کي پاس ۾ پڪاريو." اوهين به جيڪر روز اندر جي اونهائيءَ مان پرڀوءَ کي پڪاريو. پريو اسان مان ڪيئن نه هڪ هڪ جي سار پيو لهي. اُن واليءَ کي نه وساريو ۽ دکي دردن، اڄ اُن گوبند جا ٻال، انهن جي سيوا ڪريو.

ٻڌي وڌندءِ نوان ٿي پوندءِ. جو ٿئون ٿئي ٿو سو ٻڌجي جيون ۾ سمرٿ سيوا ڀاڄ ۽ دنيا جي ساکي ڏئي ٿو.

٣ ڊسمبر صبوح جو پوڄيه داداجن پياري رميش لعل جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ڀاءُ هربخش پنجابيءَ داداجن جي شڪرادائي ڪئي.

۴ ڊسمبر پوڄيه داداجن بنگلور ۾ پڌاريا. نماشام جو دادا امر جي ستسنگ آستان تي پوڄيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته، هي سنسار آهه هڪ باغ. جنهن ۾ عجيب گل ڦل ڪيئن ته پيا ٿين، ٻهڪن ۽ وري مرجهائجن. هي باغ آهه ڪنهن جو باغ. اُن ۾ مالهي ٿي رهجو، نه مالڪ. ڪل مالڪ آهه پريو. جيڪي توهان کي ڏنل آهه، سو آهه امانت ايشور جي. جي پريو ڏئي تڏهن به واه واه، نه ڏئي تڏهن به واه واه. جي ڏيئي وري واپس وٺي تڏهن به واه واه. سدائين پريوءَ جي مهر لاءِ پياس مان پڪاريو.

۵ ڊسمبر پوڄيه داداجن ڪرنگهور روانا ٿيا. اُتي قدرت جي گود ۾ داداجن ڏهه ڏينهن ايڪانت ۽ شانتي ۾ گذاريا. منجهند جو ڪيرتن ٿيندو هو ۽ شام جو نام ڪيرتن کان پوءِ پوڄيه داداجن ڌيان ڀڳتي وشيه تي اپديش ڏيندا هئا. داداجن اُتي ڪن اسڪولن ۾ وڃي ۽ ٻالڪن ٻالڪين تي آشيش ڪندي کين ٽول ۽ خرچي ڏنائون. ۱۵ ڊسمبر پوڄ داداجن ڪرنگهور مان واپس بنگلور ۾ آيا. نماشام جو دادا امر جي ستسنگ آستان تي پوڄيه دادا جن پروچن ڪيو.

۲۰ ڊسمبر پوڄيه دادا جن ”ساڌو واسواڻي ٻال ڀون“ جو مهورت ڪندي پياري ڀڳوانداس سدارنگاڻي ۽ سندس پتنيءَ کي ڌنيواد ڏني، جن هي پوتر آستان ٺهرائي اُهو ڪارڄ ڪيو آهه. داداجن پروچن ڪندي چيو ته هن ڀون ۾ ٻالڪن ٻالڪين کي پياري دادا ساڌو واسواڻي ۽ ٻين سنتن ڀڳتن جي جيون کان

روڪجي؟ داداجن چيو ته بيمار، ڪروڌ اچي ٿو، جڏهن اسانجي اچا انوسار ڪو ڪم نٿو ٿئي. هڪ ڀاءُ پنهنجي زال کي چئي ويو ته اڄ منهنجي لاءِ ٻيڻبان جي ڀاڄي ناهي رکجي. سندس ڌرمپتنيءَ ائين نه ڪيو. ٻيڻبان بدران واڱڻ رڌي رکيائين. ڀاءُ آفيس مان موٽيو ته روٽي کائڻ وقت ٻيڻبان جي ڀاڄي نه ملئس. ڏاڍي ڪاوڙ لڳس. ائين روز به روز جي وهنوار ۾ اسانجا ڪي ڪم اُلٽا ٿين ٿا ته اسين ڪاوڙجي وڃون ٿا. ان ڪري ان ڪروڌ کي روڪڻ لاءِ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ اِڪ ساڌن ٻڌايو ته جيڪي ٿئي، سو قبول ڪريو خوشيءَ سان ته ڪروڌ ڪافور ٿي ويندو.

۳۰ ڊسمبر هندو منڊر ۾ پوجيه داداجن مٿو اُپديش ڏنو.

۱ جنوري ۱۹۸۸ پوجيه دادا جشن سنگت سهت شولاپور ۾ پڌاريا. ۲ جنوري گرو نانڪ هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوجيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته پرڀوءَ کي سدائين حاضر ناظر ڄاڻو. پاڻ کي نڪ ڏيارهو نه پريو ويٺو ڏسي. اسانجا وڪار، وچار، ڪم ڪاريون پريو ويٺو ڏسي. ان ڪري جيڪو به ڪم ڪار ڪريو، وچار ڪريو، سو ڏاڍي خبرداريءَ سان. پرڀوءَ کي پڪاريو ته توهانکي سمت جو دان ڏئي. ۳ جنوري پوجيه داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ۳ جنوري داداجن پونا مهران پوميءَ ۾ واپس وريا.

۷ جنوري مهران ڪاليج پونا جو سلورجبلي اُتسو ملهايو ويو. ڀارت جو پردان منتري شري راجيو گانڌي ان اُتسو جو مکيه مهمان هو. اُتسوَ جي شروعات ۾ پرنسپال ونڊا واسواڻيءَ چيو ته اسانجو روحاني رهبر ساڌو واسواڻي هن ڪاليج جو پوڄا ڪندڙ هو ۽ سندس آدرش انوسار ئي هي ڪاليج هلي رهيو آهي. ٻنهي نسٽر هولچند گوپالداس آڏواڻيءَ ۽ دادا گنگارام ساجنداس پردان منتريءَ جو سواگت ڪيو ۽ آڀار مڃيا.

٢٨ ڊسمبر پوڄيه داداجن واڌي شيام سندر ۾ پڌاريا. پياري ڀاءُ جشمل صوبراج داداجن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته جيئن هن مندر جي اندر گهڙيس ته پياري ڀيڻ وملا جشن جي صورت منهنجي اکين اڳيان ڦري ۽ مون چيو ته، پياري وملا وڏي قرب واري، نيڻهن ۾ نماري، تون ڪٿي؟ هن وقت هوءَ ڀيڻ شري شيام سندر جي چرڻن ۾ خوش آهه. شري گرو ارجن ديو مهاراج چون ٿا:

گر ڪي گرهه سيوڪ جو رهيءَ،
گر ڪي آگيا من مهه سهيءَ.

گروءَ جي حڪم ۾ هلو. جو گروءَ جي آگيا پالن ڪري ٿو، سو وڏ ڀاڳي آهه، اُنکي گروءَ جي آسيس ملي ٿي. گروءَ جو سچو سيوڪ سو آهه، جو گروءَ جي هرهڪ ڳالهه اکين تي رکي ٿو. اسين ته ڳالهيون مڃينداسون، جيڪي اسانکي وڻنديون. ٻين ڳالهين جي دل ۾ نه آڻي، نه قبول نه ڪنداسون. منهنجا پيارا، ائين نه ڪريو. آگياڪاري ٿيو ته گروءَ وٽان سچو خزانو ملندو.

٢٩ ڊسمبر منگل شام جو ساڌو واسواڻي سينٽر مدراس جي ڪمپائونڊ ۾ پوڄيه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته، جيڪڏهن ڪروڌ تي جيت پائڻ چاهيو ٿا ته روز ڪجهه وقت سانت ۾ ويهي پاڻ کي سمجهايو ته جيڪي ٿئي ٿو، سو پرڀوءَ جي حڪم سان ٿئي ٿو. ايشور جيڪي ڪري ٿو، اُن ۾ اسانجو ڀلو آهي. پوءِ اسانجي اندر ڪروڌ ڪين اُٿندو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هڪ موقعي تي هڪ لفظ جو منتر ڏنو "قبول". جو به ٿئي، چئو "قبول". ايشور اڇا اکين تي رکون ته سنتوش رهندو. پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو "پرڀو، پنهنجي پريم ڀاڄي ۾ رکجانءِ."

هڪ ڀاءُ پوڄيه داداجن کان پڇيو ته ڪروڌ کي ڪيئن

دادا ڪيئن نہ هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ڏنو. نہ صرف انسانن کي پر پکين پسن کي. ڏوهين گنهگارن کي بہ گلي لڳايو.

١٠ جنوري آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پوڄيہ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ دنيوي مزن کان پاڻ سنڀاليو. دنيا ۾ ڏاڍي ٺوڳبازي آهي. پرڀوءَ کي پڪاريو، پرڀو ان ٺوڳبازيءَ کان بچائي. پنهنجي چرنن لڳائي. هڪ سنتپرش ايڪانت استل تي آشرم ۾ رهندو هو. روز پرڀوءَ سان ڳالهيون ڪندو هو ۽ پوءِ اچي لوڪن سان ملندو هو. سندس ڪيترائي شش هئا جي ساڻس رهندا هئا. هي سنت ڪين ور ور چوندو هو تہ دنيا جي چشڪن کان پري رهجو. ڀوڳن ۾ روڳ سمايل آهي. آشرم کان ٿورو پرڀرو هڪ نماءُ لڳي ٿو. نماءَ جي هال کي ڪيترائي دروازا آهن. هڪ دروازي تي لکيل آهي تہ اچي شراب پيئو ۽ سچو مزو ماڻيو. ٻئي دروازي تي پوسٽر لڳل آهي تہ استري سنجوڳ ۾ ڪيڏو نہ رس ملي ٿو. ٽئين دروازي تي جوئا جو پوسٽر لڳل آهي، رميءَ راند ڪري پئسا ڪمايو. ائين ٻين دروازن تي بہ پوسٽر لڳل آهن. اُن سنت کي خبر پوي ٿي تہ هي خطرناڪ نماءُ کليو آهي جو لوڪن کي اوڙاهہ ڏانهن گهلي ويندو. سنت پنهنجن ششن کي چوي ٿو تہ انهيءَ نماءَ جي پاسي اصل نہ وڃجو، توهين ٻئي رستي کان وڃجو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ اُن سنت جو هڪ شش من ۾ سوچي ٿو تہ منهنجو من تي پورو ضابطو آهي. مون تي ڪنهن بہ خراب ڳالهہ جو اثر نہ ٿيندو. هي پيارو بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي نماءَ طرف وڃي ٿو. پهرين دروازي وارو چويس ٿو تہ اندر اچي شراب پيڪ پيءُ، مزو ماڻ. وري ٻئي دروازي وارو چويس ٿو تہ اندر اچي استريءَ سان ميلاپ ڪر. هي پيارو ٻنهي کي چوي ٿو تہ پيارا، مان اندر اينداس ڪين، پاڻ تي نيسترڻ اٿم. مان شراب ۽ استريءَ ٻنهي پنهنجي شڪتي ڪين

ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن واکيان ڪندي چيو ته،
پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کي درشن آهيو ته اسڪولن ۽ ڪاليجن
دوارا نه ڏني ٿي ۽ نوجوانن کي پورا والاورڻ ۾ سچي وديا ۽
سٺا سنسڪار وجهڻ سان انهن جو چرتر چمڪندو ۽ هو نيڪ
ناگرڪ ٿيندا. دادا ساڌو واسواڻي ميران وديا هلچل برپا ڪئي.
خاص ٻالڪن جي وديا ڏانهن وڌيڪ توجه ڏنو. چوندا آهي ٿي
آدرشي گهر ٺاهيندا هون. هت اسڪول ۽ ڪاليج جون ٻالڪيون
کين نه ڪاڏو پيار ڪري وڃي غريبن کي ڪارائي اڃن ٿيون. هت
کين دماغ دل ۽ هٿ جي سکيا ملي ٿي. سندن پڙهائيءَ جو
نتيجو به سٺو اچي ٿو.

پوڄيه داداجن قرب وچان شري راجيو گانڌيءَ کي شال
پائيندي پاڪر پاتو. شري راجيو گانڌي پوڄيه دادا جشن جي
واکيان کان ڏاڍو متاثر ٿيو. هن تقرير ڪندي چيو ته، ساڌو
واسواڻيءَ جو ڪارج ڏسي مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. شري
جي. پي. واسواڻيءَ جي رهبريءَ ۾ هت ڪارج هلي رهيا آهن
جو پاڻ مهان ودوان ۽ سنت آهي.

٩ جنوري شانتي ڪنج ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو
ورسي اتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن دادل شاه کي شرڌانجلي
ڏيندي چيو ته ٢٢ سال اڳ، پياري دادا سرير جو چولو لاٿو. ڪيو
۽ پوءِ ادرشت نموني توهان مان هڪ هڪ جي دل اندر گهڙي
ويو. سندس ڪومل نرمل هٿڙا ڪنڌي نه آسيس ڏيندا هئا!
پياري دادا جي سکيا هئي "دل جي دري کوليو" اڄ ڪلهه مغز
بيشڪ کليل آهن. سائنس واڌارو ڪيو آهي، پر عجب و غريب
ڳالهيون پيئون ٿين. هڪ ٻٽڻ دٻائڻ سان ملڪ تباه! انڪري
دل جي دري کوليو. جو دل جي دري کولي ٿو، سو هڪ هڪ
پراڻيءَ کي پيار ڏئي ٿو، سو سڀ ۾ سائينءَ کي ڏسي ٿو. پياري

ڏنائون. اُتان جي ڪيترن اخبار نويسن پياري دادا جي ساراهه جون سرڪيون لکيون. دادل شاهه اُنهن اخبارن جون ڪٽنگس پاڻ سان کڻي ڀارت ڏانهن روانو ٿيو هو. ساموئيلي جهاز ۾ ويٺو آهه. ڪيس ويچار اچي ٿو ته انهن اخبارن ۾ جا منهنجي ساراهه لکيل آهه، فوٽا ڇپيل آهن، اهي مون ۾ وڏائي اهنڪار پيدا ڪندا ته مان اهڙو عالم آهيان. داداجن هڪدم اُهي اخبارن جون ڪٽنگس ڪيڏي سمنڊ ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيون. پياري دادا ۾ ڪيڏي نه نمرتا هئي.

هڪ ڏنوان هڪ سنت کي چيو ته توهين روز منهنجي گهر وٽان لنگهو ٿا، روز هتان روٽي وٺي ويندا ڪريو. سنت اُئين ڪري ٿو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُن ڏنوان جي پتنيءَ کي اها ڳالهه نٿي وڻي. هوءَ پنهنجي پتيءَ کي ٻه ڪجهه چئي نٿي، صرف اندر ۾ پئي اجايا خار کائي. هڪ ڏينهن سندس پتي ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو هو. اُن ڏينهن جڏهن اهو سنت روٽي وٺڻ آيو ته اُن گهر ڌياڻيءَ ڪروڌ ۾ سندي سنت کي چيو ”مٺا، منهن ڪارو ٿيئي، روز روز مفت جي مانين لئي هري پيو آهين.“ اهو سنت اهي اکر ٻڌي نچي ٿو ۽ چوي ٿو ”منهنجي محبوب شري ڪرشن جو مکڙو ٻه ڪارو آهه ۽ مان ٻه اُن وانگر ڪارو ٿيندس.“ اها آهه سنتن جي نماڻائيءَ جي نشاني.

منهنجا پيارا ڀائرو، پيارين ڀينرون. جيڪڏهن اوهين ٻه روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو، ٻڙي ٿيو، سنڌي ٻڙي ٿيو نه انگريزي ٻڙي.

١٧ جنوري صبوح جو ميران ستسنگ هال ۾ هون لڳنه ٿيو. پوڄه. داداجن هون لڳن ۾ آهوتي وڌي ۽ شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ جو ڀوڳ پيو. ان بعد داداجن نه صرف فقيرن کي خرچي ڏني، پر وڻڪل پوڄارين کي پڻ خرچي ڏني. شام جو

گهرائيندس. انهن اهو شش پاڻ ٻڌائيندو آهي ۽ اُن دروازي وٽ اچي پهتو، جنهن تي ڪوبه پوسٽر لڳل ڪين هو. هو اُن دروازي اندر گهڙي ويو ته ڏٺائين ته ڪيترا لوڪ پاڻ ۾ پيا ڳالهائين. پرائي پچر ۽ اجايون سجايون ڳالهيون پيا ڪن. هي شش پاڻ به اُت ويهي رهيو. سنگ جو رنگ لڳس. انهن سان ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳو. وساري ويس ته مان ڪو سٽپرڪ جي آشرم مان آيو آهيان. انهن جي سنگ ۾ پوءِ ٻيون ٻڙيون ڳالهيون نه سگهيو. جيڪا ڪيس شڪتي ملي هئي سا به کوهجي ويس. مٺهڙا پيارا، انڪري دنيوي ڳالهين ۾ ڪوهجي پر پوءِ ڪي، ان جي نام کي نه وساريو. دنيوي مزن پٺيان سڪي سواس نه وڃايو. ڏرشنائون توهان کي موت جي ويجهو پهچون آڻين.

۱٦ جنوري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ورسي اُنسو سنبند ۾ ميران پوميءَ وڻان پرڀاس ڦيري نڪتي، جنهن ۾ پوڄيه داداجن پڻ شريڪ ٿيا. صبوح جو ۸ بجي دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ هون يگيه ۽ نام ڪيرتن ٿيو. اُس پڻ دادا پنهنجي نيڻن پُري نهار سان نهال ڪيو. صبوح جو ۱۰ بجي سمادي آستان لڳ مقابلي ۾ پوڄيه دادا جشن، ساڌو واسواڻي مضمون چٽاڀيٽيءَ ۾ انعام کٽيندڙ وديارٿين کي انعام ڏنا. ۱۱ بجي پوڄيه داداجن سفيد پوشن جي شيوا ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ پهرين ڊاڪٽر گرمک لکاڻي، پروفيسر هولچند گوپالداس آڏواڻي، دادا گنگارام ساڄنداس ۽ ديال آشا دادل شاهه کي شردانجلي ارپڻ ڪئي. دادل شاهه جو مٺو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو.

پوڄيه دادا جشن دادل شاهه کي شردانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي هو نمرتا ۽ دَيا جي مورت. وڏو ودوان هو، فيلسوف هو. مهان سنت ۽ ساهتيڪار هو. پر ڪڏهن نه نماڻو، اسانجي دلين جو راڄو. داداجن ولايت ويا. اُس وقتان

نارد مني هڪ جبل تي ويٺو آهي. شري ڪرشن ڪنس چوي ٿو
ته مونکي پياس لڳي آهي، پاڻي کپي. نارد پاڻي ڪڻڻ وڃي ٿو.
هيڏانهن هوڏانهن نهاري ڏسي ٿو ته پريان هڪ گهر آهي. اُن گهر
جو وڃي در کڙڪائي ٿو. هڪ سندر بالڪي اچي اُن در کولي.
نارد بالڪيءَ جي سندرتا ڏسي عجب ۾ پوي ٿو. ور ور پيو
اُن بالڪيءَ ڏي نهاري. هن کان شري ڪرشن لاءِ پاڻي ڪڻي
وڃڻ وسري وڃي ٿو. هي بالڪيءَ کي چوي ٿو ته تو مونکي
موهي ڇڏيو آهي. آخر ٻئي شادي ڪن ٿا، کين ٻار ٻه ٿين ٿا.
مايا ڪيڏي نه موهڻي، جو نارد کان پاڻي وسري وڃي ٿو! اسان
جي به اهڙي حالت آهي. مايا جي ڦن ڦن روپن ۾ پنهنجي مالڪ
کي وساري ويٺا آهيون. نارد جت رهي ٿو، اُت ڪا نگري
بيماري ڦهلجي ٿي. هي پنهنجي پتني ۽ ٻارن کي وٺي اُن شهر
کان ٻئي شهر وڃڻ لاءِ نڪري ٿو. رستي تي هڪ ندي پار ڪرڻ
وقت زبردست ڇولي سندس پتني ۽ ٻارن کي گهلي وڃي ٿي.
نارد ڏاڍو روئي ٿو. اُن وقت اِڪ آواز ٻڌي ٿو ”پاڻي، پاڻي.“
نارد آواز سڃاڻي ٿو ۽ کيس يادگيري پوي ٿي ته شري ڪرشن
مونکان پاڻي گهريو هو، مان پاڻي ڪڻڻ آيس پر هت اچي پاڻي
ڪڻي وڃڻ وسري ويو! هي پڇتائي ٿو.

اسين به وشين ڀوڳن جي چڪر ۾ پنهنجي مول مقصد کي
ڀلجي وڃون ٿا. مول اُپديش آهي پرڀوءَ جي يادگيري، نام سمرڻ،
منهنجا پيارا، ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو، پر واليءَ کي
نه وساريو.

ياد جنهن کي يار جي، ڪري يار به تن کي ياد.

پرڀوءَ کي پياس ۾ پڪاريو ”پرڀو، پنهنجي ٻاجهه ٻيڙيءَ
۾ چاڙهي، ڀوَساگر مان پار اُڪار.“ نانڪ ڀت سڀئي گهر جاءِ.
منهنجا محبوب ٻوءِ ائين نه چون ته ڪمنيءَ مان ڪجهه ڪين ٿيو.

٣٠-٥ ٻجي دادل شاهہ جي سماڌي استان تي دادا جشن پڌاريندا
ڪئي. شاسترن مان پاٺ ٿيو. پوءِ داداجن سنگت سان گڏ ديپڪ
ٻاري دادل شاهہ جي چونڪ وٽ هليا ۽ دادل شاهہ جي پتلي
جي چوڌاري ديپڪ رکيا. نماشام جي ستسنگ ۾ دادل شاهہ
جي اُپديش ڪان پوءِ پياري دادا جشن سنگت کي چيو تہ توهان
پياري دادل شاهہ جو گوتم گيتا بابت اُپديش ٻڌو. گوتم گيتا ۾
چئن يگين جو ورڻن ٿيل آهہ. ڀهراون يگيہ آهہ سڀن کي پيار
ڏيو. ٻيو يگيہ آهہ ديا ڪريو. ديا ڪندا تہ توهان تي بہ ديا
ٿيندي. ڪرم جو بہ اِهو قانون آهہ تہ جهڙي پوکيندا سوئي
لڻندا. ان ڪري پنهنجي جيون ۾ ديا جا ديپڪ جلايو.

٢٤ جنوري سادو واسواڻي مشن جي جنرل باڊيءَ جي
ميٽنگ پوڄيہ دادا جشن جي حاضريءَ ۾ ٿي. پياري آنوُ رملواڻيءَ
شيواڪارين جي رپورٽ پيش ڪئي. پوڄيہ داداجن آسيس
ڪندي چيو تہ سڀني ڪم ڪندڙن تي شل پرڀوءَ ۽ پياري دادا
جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي. دادا درشن جو ڪارڻ
اڃا پورو ڪين ٿيو آهہ. جھڪو پرنسپال رتنا واسواڻي اِهو ڪم
جلدي پورو ڪرائي. هڪ هڪ ڪم ڪندڙ ڪم ڪندو رهي،
پوءِ چاهي ڪم ننڍو هجي چاهي وڏو. سنستا جو ڪهڙو بہ
ڪم هجي ۽ جي ان ۾ توهانجي مدد جي ضرورت هجي تہ
توهين يڪدم ان کي مدد جو هٿ ڊگهيڙجو ۽ جو ڪم ڪريو،
ان ۾ پرڀوءَ جي يادگيري رکجو. آتمڪ اُنتيءَ لاءِ بہ يتن ڪريو.

٤ فيبروري نماشام جو ميران يوميءَ ۾ پوڄيہ دادا جشن
روح رهاڻ ڪندي چيو تہ "نانڪ پت سچي گهرجاءِ" شل پت
سان پنهنجي پريتم جي گهر هلي پهچون. رستو ڏاڍو اٽانگو آهہ.
اسان هن مايا منڊل ۾ اچي پنهنجو سچو، نج وطن وساري ويٺا
آهيون. پرڀوءَ کي وساري ويٺا آهيون. شري ڪرشن سان گڏ

تہ ڪوبہ ڪم ڪين ٿيندو. ان ڪري ڪرپا جي ڪڻي لئہ پياس مان پڪاريو.

٨ فيبروري تي پوڄيہ دادا جشن سينگاپور ۾ پڌاريا. ٩ فيبروري نماشام جو سنڌو هائوس ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پهريان ڪڪي رتنا واسواڻيءَ شري نوري گرنٿ مان وچن ورتو. اُن بعد پوڄيہ داداجن پروچن ڪندي چيو تہ پڻ جا مددگار ٿيو. ”پرأپڪارايہ اندم شريرم“ پيارا، هي شرير آهي پڻ جي ڀلي ڪرڻ لاءِ. توهين پڻ جو ڀلو ڪندا تہ پرڀو توهانجو ڀلو ڪندو. هڪ جهنگل ۾ هڪ يوگي تپسيا ۾ ويٺو هو. ڀرسان واري ملڪ جي راجا کي پياس ٿي تہ هاڻ راڄائي ڇڏي، وڃي پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ يتن ڪريان. راجا جهنگل ۾ وڃي اُن يوگيءَ کي چوي ٿو تہ مونهنجي دل اندر پياس اُٿي آهي تہ پرڀوءَ کي پايان، ان لاءِ ڪو ساڌن ٻڌايو. يوگيءَ راجا کي هڪ لٺ ڏيندي چيو تہ هيءَ لٺ زمين ۾ کوڙي، اُن جي ڀرسان ويهي پرڀوءَ جو ڌيان ڪر. اوستائين، جيستائين هن لٺ ۾ ساوا پن نڪرن.

راجا يوگيءَ جي آگيا انوسار لٺ زمين ۾ کوڙي وڃي پرڀوءَ جو ڌيان ڪري ٿو. راجا ڀڳوت ڀڄن ۾ ويٺو هو تہ هن دور ڀريو آواز ٻڌو، جو آواز مدد لاءِ پڪاري رهيو هو. راجا کي خيال ٿي پيو. سندس من ۾ اُن دکي شخص لاءِ همدردي پيدا ٿي، جنهن مدد لاءِ ٿي پڪاريو. راجا يوگيءَ کي چيو تہ مان هنجي مدد لاءِ وڃان؟ يوگيءَ چيس تہ نہ، سانت ۾ ويهي ڌيان ڪر. جيستائين لٺ ۾ پتا نڪرن. راجا وري وڃي ڌيان ۾ ويٺو. وري دور ڀريو آواز ٿيو. راجا کان رهيو نہ ٿيو. هو هڪدم اُٿي هليو. ڏٺائين تہ هڪ ماڻهوءَ جو اُٺ ڪري پيو آهي ۽ مري ويو آهي. اُٺ تي وکيل سامان هيٺ ڪريل آهي. ماڻهو پيو روئي تہ ڪيئن واپاريءَ جو سامان پهچائيندس. اُٺ تہ مونهنجو آڌار هو. هن ٿي

٦ فيبروري شام جو جمنا هندوڃا سنسڪرت ڪيندر ڪار ٻمبئيءَ ۾ سٽسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته اڄ صبوح جو مونکي شري سکمني صاحب جو ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

"دس بستولي پاڇيءَ پاوي،
ايڪ بست ڪارڻ ٻه ڪوت گنواوي."

جيڪي اسانکي آهه سو پرڀوءَ جو ڏنل آهه. آياسين هٿين خالي، ويندا سين هٿين خالي، هي هٿ ته هٿ ڇڏي ويندا سين. پرڀوءَ اسانکي ڇا نه ڏنو آهه. پوءِ پرڀوءَ جي ڏنل شين مان جي هڪ وسٽو نه موٽائي وٺي ته اسين ڪيڏو نه دکي ٿيون ٿا. جيڪي اسان وٽ آهي، سو پرڀوءَ جي بخشش آهه. ڪيڏو نه خزانو ڪيڏي نه وديا، ڪيڏيون نه سک سمپتيون پياري پرڀوءَ اسان کي ڏنيون آهن، تڏهن ٻه اسين دکي!

هڪ ماڻهو ڏٺم ته رستي تي ننڍڙو دڪان کولي ويٺو آهه. مونسان انگريزيءَ ۾ ڳالهائين. چيائين، ايم. اي. پڙهيل آهيان نوڪري نه ملي. اڄڪلهه لاءِ هي ڪم ڪري رهيو آهيان. ڏسو مزور ڪيڏو نه پيا ڳڻهن! ته به ڪين پورو پيو انو لٿو نٿو ملي. پرڀو اُنهن لاءِ ڇا نٿو ڪري سگهي! ڪرتار ڪرپا ڪري ته ان کي ٻاڻي ڇڏي. ڪم سان گڏ ادرشٽ ڪرپا جي ضرورت آهي. ڏسو، هڪ هاري آهه. ڏاڍي محنت ڪري ٿو. فصل پچي راس ٿئي ٿو. اوچتو ماڪڙ اچي پوي ٿي، سڄو فصل کائي وڃي ٿي. ان ڪري ادرشٽ آسيس جي ڏاڍي ضرورت آهي. مالڪ جي مهر کپي. هڪ شاهوڪار امرت ڌارا ٺاهيندو هو. اُت وڻي هلندو. وڏا ڀاڳيءَ جا تب پراڻ هئا چيائيس، انهن ۾ هڪ ڦڙو دوا جو پوندو ته امرت ڌارا ٺهي پوندي. ايئن اسانجي ڪمن جي اڌاري سبب هجي. اُدم ڪريون، پر ڪرتار جي ڪرپا جو ڦڙو ته ملڻو

جوڙيو. اُن سان ڪو نہ ڪو سنبنڌ رکو. هي سوٽر سنت ٻيڪا جي ٻاڻيءَ مان آهہ. ٻيڪا هڪ وڏو سنت ٿي گذريو آهہ، پاڻکي چوائيندو هو ’ٻيڪا ڀڪاري.‘ ننڍو هو تہ سندس پاسي ۾ ڪو موت ٿيو. هي وائڙو ٿي ويو تہ هي انسان ڪيڏانهن ويو؟ ٻارهن سالن جو هو تہ کيس مائٽن مڱايو ٿي، پر هن نہ مڃيو. سندس پياس هئي تہ پرڀوءَ کي پايان. گروءَ جي ڳولها ۾ نڪري ٿو، جو کيس پرڀوءَ جي پراپتيءَ جي راهہ ٻڌائي. ڪاشيءَ ۾ اچي ٿو پر اُتي کيس اهڙو ڪو سنت نظر نٿو اچي. کيس خبر پوي ٿي تہ پريان هڪ سنت ڳلال صاحب ستسنگ ڪندو آهہ. هي پيارو اُتي اچي ٿو ۽ سنت ڏانهن نهاري ٿو. سنت ڳلال صاحب پنهنجي نيڻهن ٻوي نهار سان کيس نهال ڪري ٿو. ٻيڪا کيڏي نہ شردا سان گرو ڳلال صاحب جي سيوا ڪري ٿو. گرو مٿس پرسن ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو ”پيارا، منهنجو ڪم هاڻ پورو ٿيو. هاڻ مان وڃان ٿو، تون ستسنگ هلائيندو ڪجِ. ٻيڪا ڀڪاري ٿي رهي ٿو. کيس پڪ آهہ پرڀوءَ جي درشن جي. هي سنت سڄاڻ ڪيڏي نہ ٻاڻي اُچاري ٿو. منهنجا پيارو ۽ پيارون. اوهين بہ پرڀوءَ لاءِ پياس رکو. ڪڏهن نہ ڪڏهن سنت ستپرش جي شرڻ وٺو، جو توهانکي پرڀوءَ جي راهہ ٻڌائي.

١١ فيبروري پوڄيہ دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو تہ اڄ دنيا کي پيار جي ضرورت آهہ. پيار دواران ڪيترن کي سکي ڪري سگهجي ٿو. هڪ ڊاڪٽر ڊاڪٽرن جي ميٽنگ ڪوٺائي ٿو ۽ کين چوي ٿو تہ بيمارن کي پيار ۽ همدرديءَ سان ملو تہ بيمار جلد شفاياب ٿيندو. اهو تجربو ڪيو وڃي ٿو. جو بيمار هونئن مهني ۾ ڇٽندو هو، سو هيٺئين پندرهن ڏينهن ۾ چڱو ڀلو ٿي پيو. پيار ڪندڙ صبر سکي ٿو. پيار وارو ڪم ڪندو پر ٿڪبو ڪين. توهين بہ پنهنجي جيون ۾ پيار جي ساکي

مال کڻي مزوري ڪري روزگار ڪيندو هوس. هاڻي مان ٻارن ٻچن کي ڪيئن کارائيندس! راجا کي خيال آيو. راجا هڪدم پنهنجي سوني منڊي لاهي اُن اوٺيءَ کي ڏني ته وڪڻي، وڃي ٻيو اُٺ خريد ڪري آءُ. پوءِ اُن تي سامان رکي اڳي جيان روزگار ڪندو ڪر. ان منڊيءَ مان جام پئسا ملندءِ، باقي پئسا پنهنجي تون گهر جي خرچ ۾ لڳائجانءِ. اوٺيءَ جي اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا آنسو هئا. راجا واپس وريو. ڏٺائين ته لت لئي ساوا پتا نڪتا پيا آهن. يوگيءَ کي وڃي ٻڌايائين. يوگي عجب ۾ پئجي ويو ۽ چيائين ته مون هيترا سال تپسيا ڪئي، پر تڏهن به ساوا پتا نه نڪتا آهن! راجا جي لت ۾ پتا نڪري به آيا!" راجا جي ڪمائي پرڀوءَ وٽ قبول پئي.

منهنجا پيارا ٻالڪو، ٻالڪيون پڙهندڙون. توهين به خوب نام چمڪيو، پر جڏهن ڪنهن دکيءَ کي مدد جي درڪار هجي ته اُن جي وقت سر وڃي مدد ڪريو ته توهان تي به جلدي پرڀوءَ جي مهر چمڪندي.

١٠ فيبروري ٻهار اسڪول ٻوگا ۾ پوڄه داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته پرڀات جو اُٿڻ سان ڪنهن نه ڪنهن سنت جي ٻاڻيءَ جو وچن ڪڍو. جو ور ور اُچاريو ۽ پوءِ پنهنجي ڪم لڳي چڙهو. وري ڏينهن جي ڪم ڪار، تنندي وهنوار ۾ ڪلاڪ ٻن کان پوءِ، منٽ ٻه اهو سوتر اُچاريو. ائين اڀياس ڪرڻ سان توهان جو انتهڪرڻ ويندو صاف شڌ ٿيندو. اڄ مولڪي هي وچار آهي:

'رام سمرن ڪر اي پرڀات، رام بنا ڪوئي ڪام نه آوي.'

رام سان پريت رکو، اُن کان سواءِ ٻيو ڪو مددگار نه ٿيندو. سڀ مال ملڪيت، مٽ سنٻنڌي، دنيا جو مان شان ڇڏي اُت هلڻو اٿو، جت رام کان سواءِ ٻيو ڪوئي مددگار نه ٿيندو. انڪري وهنوار ورتيءَ ۾ پورا رهي، پرڀوءَ سان پريم جو ناتو

اڄ جو وچار اٿو "مان وساريان ٿو نہ وسار." پرڀوءَ کي ياد ڪريو. ڪم ڪار ڪندي، ڪلاڪ ڪان پوءِ ٻہ منٽ اها پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو يا سمرن ڌيان ڪريو. توهان جو انتهڪرڻ وڌندو شڌ ٿيندو. ڌيان ڪرڻ ڪان اڳ پاڻ کي ڍلو ڪريو، پنهنجي سرير جي نسن ۽ عضون کي ڍلو ڪري پوءِ ڌيان ڪريو ۽ انهن سمجهو تہ ستگر ۽ پرڀوءَ جي چرنن ۾ ويٺا آهيو.

١٦ فيبروري مهاشوراتريءَ ڏينهن سنگاپور جي هندو هال ۾ ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. پهرين پنڊت رتنا واسواڻي، پروفيسر نرملا جوتواڻيءَ ۽ ٻين پنڊتن "اوم نمو شوايہ" جي ڌني لڳائي. شري نڌي. رامچند پوڄہ. دادا جشن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي سنگاپور ساڌو واسواڻي مشن طرفان دادا جشن جي سندر ٽيهن وچارن جو سنگره انگريزي ڀاشا ۾ I Love you شايع ڪيو ويو ۽ سڀني پريمين ۾ مفت ورهايو ويو.

پوڄيہ دادا جن وياکيان ڪندي چيو تہ هفتو سنگاپور ۾ رهيو آهيان. توهان مونکي ڪيڏو نہ پيار ڏنو آهہ. آڀاري آهيان. سڀان صبوح جو وڃان ٿو. پيو چوان: "واهہ واهہ، جت وهارين تون، فضل نوري نهارين تون. شڪر آهہ شڪر تنهنجو."

اڄ مهاشوراتريءَ جو پوتر ۽ اهميت وارو ڏينهن آهي. اڄ رات جو جاڳي جاڳي "اوم نمہ شوايہ" "اوم نمہ شوايہ" جو منتر اچاريو. توهان کي عجيب شڪتيءَ جو انڀوُ ٿيندو. ڀڳوان شنڪر کي سڏين ڀولاناٿ، جلدي راضي ٿيندو آهہ. ڏکڻ ڀارت ۾ هڪ راجا راڄ ڪندو هو. وٽس هڪ ڏينهن هڪ سنگيتڪار ڪيڻن پنهنجي ٽوليءَ سان گڏ ويٺا ٿي راڳ ڇيڙي ٿو. راجا هنجو راڳ ٻڌي مگن ٿي وڃي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي راجڌانيءَ ۾ رهائي ٿو. راجا پنهنجي نوڪرن کي چوي ٿو تہ هن پياري سنگيتڪار جي هرطرح پرگهور لهجو. ٿورن ڏينهن بعد هن سنگيتڪار جي

ڏٺو. دکين درلدرن، ڀڳين ڀسن ۽ گهر ۾ ٻارن جي شيوا ڪرڻو پيار ۾. پيار امرت ڌارا آهي جو پيار ڪندڙ کي به نئين جيون ڏئي ٿو ۽ جنهن کي پيار ڪريو ٿا، ان جي زندگيءَ ۾ به نئين بهار اچي ٿي.

سنگاپور شهر کان ٿورو ٻاهر پونگل رمڻڪ ۽ ايڪانت استل آهي، اتي ۱۳ ۽ ۱۴ فيبروري ساڌنا ڪئمپ لڳائي ويئي. پوجيه دادا جشن پهرين جوت جڳائي 'سنتان کي ڪارج' شبد چوائو ۽ دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو. ساڌنا ڪئمپ ۾ ڀاڳ وٺندڙ ڀيڻون ڀائرن پوجيه داداجن سان گڏجي سانت ايڪانت ۽ ڌيان ۾ ڪجهه وقت گذاريو. نماشام جو داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو:

مان وساريان تون نه وسار، مان نه نهاريان ته به تون نهار،
سڄڻ سپاجهل، پياس پڪار، هو ساگر ڀاري پار اُڪار.
زندگي نڌر جو آهه ٿوڻي ٿوڻي.

پريوءَ ڪسي پياس مان، دل جي اونهائيءَ مان پڪاريون، ان هڪ جوئي ڌيان ڪريون. ان هڪ کي ٿي سڀئي پراڻين ۾ پسون. شري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو "جيڪي ڪائين، هون ۾ وجهين، سو سڀ مونکي ارپڻ ڪر." جيڪي ڪريو، سو سڀ پيار ۾ ڪريو. هڪ دفعي پياري دادا ساڌو واسوانيءَ سان گڏ پنڌ پيئي ڪيم ته رستي تي هڪ پٿر پيو هو. مون پير هٽي پٿر کي پري ڪيو. پياري دادا چيو "پيارا، پٿر کي به پيار ۾ هٽي پري رک. پٿر ۾ به پريو اٿئي. هڪ ٻالڪيءَ پياري دادا کان پڇيو ته پريو پائڻ جو سولي ۾ سولو رستو ٻڌايو."

پياري دادا چيو ته سورج مکي گل واڳر ٿيو. جنهن پاسي سج اُڀري ان پاسي اهو گل نهاري. توهين به جيڪر سڄو وقت پريوءَ ڏانهن نهاريو. سڀ ۾ ان داتار جو درشن ڪريو.

۱۸ فيبروري پوڄيه داداڄن پيرانگ ۾ پڌاريا. اُت پياري شامداس ٻڌشاڻيءَ جي گهر داداڄن روح رهاڻ ڪئي. ۱۹ فيبروري پياري لڇمڻ نيڻومل جي گهر ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ سوامي رامڪرشن جو جنمدن آهي. سندس دل اندر پياس ته ماتا کي پايان. پريوءَ کي ماتا ڪري سڏيندو هو. ڪڏهن ته هڪ سڀاڳي ڏينهن ماتا کيس درشن ڏئي ٿي. اوهين به پريوءَ سان ناتو جوڙي پياس وڃان پڪاريو. سنت رامڪرشن هڪ ڏينهن باغ کي ويٺو پاڻي ڏئي هڪ شاهوڪار سنت رامڪرشن لاءِ آيو هو، سو دل ٿيس ته سندس درشن ڪريان. باغ ۾ اچي ٿو، ڏسي ٿو ته هڪ شخص باغ کي ويٺو پاڻي ڏئي. هي سمجهي ٿو ته مالهي آهي. ٿنوان کيس چوي ٿو ”مالهي، هڪ سٺو گل پٽي ڏي، مان توکي هڪ رپيو ڏيندس. رامڪرشن نماڻو، کيس گل ڏئي ٿو. شاهوڪار کيس هڪ رپيو ڏئي ٿو. هو نماڻائيءَ سان وٺي رکي ٿو. نماشام جو ستسنگ ٿئي ٿو، رامڪرشن اچي ٿو. هي شاهوڪار سنت رامڪرشن کي ڏسي ڪيڏو نه لڄي ٿئي ٿو. دل ۾ پڇتاءُ ڪندي سندس چرنن تي ڪري پوي ٿو.

سنت رامڪرشن جي سکيا هئي ته هڪ هٿ سان پريوءَ جي چرنن کي پڪڙيو، ٻئي هٿ سان ڪم ڪار ڪريو. اسين ڪم جي ميدان ۾ پريوءَ کي وساري ٿا ڇڏيون. ائين نه ڪريو. سال ۾ ٿورا ڏينهن وڃي ڪنهن سانتيڪي آستان تي رهو. ڏسو توهانجي جيون ۾ ڪيڏي نه تبديلي ٿي اچي. منهنجو پوڄيه پتا ائين ڪندو هو. سنت رامڪرشن چوندو هو ته پاڻ کي آيا وانگر ڪري سمجهو. آيا پنهنجي مالڪياڻيءَ جو ٻار سنڀاليندي آهي. کيس ڏاڍو پيار به ڪندي آهي، پر دل ۾ اها پڪ اٿس ته منهنجا ٻار پنهنجي گهر ۾ آهن. مان ڪمائي انهن کي کارائيندس.

دماغ ۾ هوا ڀرجي وڃي ٿي. راجا ڪنس ڳائڻ لاءِ راڄ درٻار ۾ گهرائي ٿو، مگر هي ڳائڻ کان ڀيو نٽائي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ ٻيو ڳائڪ ٻان پنڊار راجا جي درٻار ۾ اچي ٿو. هڪ ڏينهن راجا آگيا ڪئي ته ٻئي ڳائڪ جدا جدا ڳائي ٻڌائين. ڳائڪ ٻاڻ ڀنڊار ڏکي وڃي ٿو ته ڪيئن هي اهڙي آهل هوشيار ڳائڪ سان پڄي سگهندو. پر راجائي حڪم هو، هي ڀيارو هو ڀڳوان شنڪر جو اُپاسڪ، سو ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان وڃي پرارٿنا ڪري ٿو ۽ ساري رات "اوم نمو شوايه، اوم نمو شوايه" جو جاپ صدق وچان ڪري ٿو. ڀڳوان شنڪر ڀولاناٿ مٿس پرسن ٿي اهڙي آهل سنگيتڪار جي جاءِ ٻاهران هڪ ٻيڙي جي روپ ۾ ڳانپورو ڪٽي راهه ڇهڙي ٿو. اهو سنگيتڪار جنهن کي پنهنجي راڳ تي ايمان هو، ان ٻيڙي جي سنگيت ٻڌي وسمه ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ سوچي ٿو ته راڄ درٻار ۾ شايد اهوئي ڳائڪ سڀاڻي منهنجي پيٽ ۾ ڳائيندو. مان ان سان سنگيت ۾ پڄي سگهندس ڪين. ان ڪري هي پنهنجن ساٿين کي چوي ٿو ته راتون رات بسترا گول ڪري هن راڄڌانيءَ مان هليا هلو، متان هار نه کائڻي پوي. اهو سنگيتڪار اُن راڄڌانيءَ مان راتون رات هليو وڃي ٿو. ڀڳوان ڀولاناٿ ڪيئن نه پنهنجي پياري جي پت رکي. ٻئي ڏينهن جڏهن ڀڳت ڳائڪ ڳائي ٿو ته راجا ۽ سندس وزير اُن جو راڳ ٻڌي مگن ٿي وڃن ٿا. اها ڪرپا ان ڳائڪ تي ڪنهنجي؟ ڀڳوان شنڪر جي. ان ڳائڪ کي راجا خوب انعام ڏئي ٿو، سندس قدرشناسي ڪري ٿو.

نيچ ني اوُچ ڪري ميرا گوبند ڪاهو ني نه ڊري.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون، توهان ڪيڏي نه صدق ۾ اڄ هت ڪٺا ٿيا آهيو. ان شرڌا سان وڃي اڄ ڀڳوان شنڪر جو سمرڻ ڪريو. ترانچ سمرڻ ڪندا ته وڏيڪ لاڀ حاصل ڪندا.

٢٦ فيبروري صبوح جو داداجن پنهنجا ڏهوڪا ڇڳاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي ۽ اُن بعد سليڪٽا ڀاڻن تي هليا. داداجن هڪ ڏينهن اُتي رهيا. ٢٧ فيبروري داداجن جاڪرتا ۾ پڌاريا. ٢٨ فيبروري آرتوار شام جو منبرلن اوريئنٽل هوٽل جي هال ۾ داداجن جي پروچن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شروع ۾ پرنسپال وي. رام ساڌو واسواڻي مشن جي ڪاريه تي روشني وڌي. اُنسوَ جي مکيه مهمان پاپاپترا چيو ته دادا جهڙن هندو ڌرم جو سنديش ڪڻي اسانجي شهر ۾ آيو آهي. مونکي پڪ آهي ته سندس سنديش اسان لاءِ لاڀدائڪ ٿيندو.

داداجن پروچن ڪندي چيو ته مان ڀارت جي لوڪن جون شڀ ڀاونائون کڻي اچان ٿو ۽ چاهيان ٿو ته ڀارت جي رشين ۽ سنتن جو پيغام اوهان کي سڻايان. ڀارت جي رشين موجب اسين محدود جيوَ ڪين آهيون، ضعيف ڪين آهيون. اسان مان هڪ هڪ جي اندر انيڪ لڪل شڪتيون آهن، جن جي اسان کي ڄاڻ ڪين آهي. هڪ فقير هڪ وڻ هيٺان ويٺو هو. ڪيس روٽيءَ جا سڪل ٽڪر ڪاڻڻ لاءِ ملندا هئا. ڪائي اُت ٿي آرام ڪندو هو. جڏهن مري ويو ته اُها زمين ڪنهن شاهوڪار ورتي. جاءِ ٺهڻ لاءِ کوٽائي شروع ٿي. کوٽائي ڪندي اُتان هڪ ديگ نڪتي، جنهن ۾ هيرا جواهر پيا هئا. فقير ٻک ۾ پاهه پيو ٿيندو هو، ڪڏهن سڪل روٽي پيو کائيندو هو، پر ويٺو هو هيرن جواهرن تي، جنهنجي کيس پروڙ ڪين هئي. ائين اسانجي اندر ۾ آتما آهي، پر اسان اُن سچي سوروپ کي ڀلجي ويا آهيون.

٢٩ فيبروري شام جو جاڪرتا جي شوَ مندر ۾ پوڄيه دادا منو اُپديش ڏنو. ١ مارچ منگل شام جو هڪ وڏي هال ۾ ستسنگ ٿيو. جنهن ۾ سوين سنڌي ڀائر ڀينر شريڪ ٿيا. داداجن وياکيان ڪندي چيو ته ڀارت قوم جو سچو خزانو آهن. اوهان انهن کي

تيئن توهين به پنهنجي ڀائرن ۾ موهه نه رکي اُنهن جي ايشڪ سنڀال لهو پر پرڀوءَ کي نه وساريو ته توهانجي جيون نئين ٿي پوندي.

۲۰ فيبروري پوڄيه دادا جشن ڪولائمپور ۾ پڌاريا. نماشام جو پيٽ رشما نهالرام جي گهر ۾ پوڄيه داداجن اُپديش ڪيو.

۲۱ فيبروري داداجن لڪشمي نارائڻداس مندر ۾ انگريزيءَ ۾ ويکيان ڏنو. ۲۲ فيبروري پوڄيه داداجن پيٽ رشما جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته

سمرن ڪر لي ميري مَنا،
تيري عمر بيتي جاءِ هري نام بنا.

انسانجو ڪيڏو نه وقت اجاين ڳالهين ۾ برباد ٿئي ٿو. من نام کي ڇڏي پيو دنيوي پدارٿن پٺيان ڀٽڪي. منهنجا پيارا، پنهنجي سواسن جي پونجي نام سمرڻ ۾ سڦل ڪريو. ڪڏهن ٿو ڪال جو سڏ ٿئي! اُن کان اڳ تياري ڪريو.

۲۳ فيبروري پوڄيه داداجن سنگاپور ۾ واپس وريا ۽ نماشام جو پيٽ جوتي منوچنداڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪيائون.

۲۴ فيبروري پڙرڏيهن منجهند جو پوڄيه داداجن سوربايا ۾ پڌاريا. داداجن اُتي پيٽ ديوڪا پڳوان چڳاڻيءَ جي گهر رهيا. دادا جي آمد لئي پيٽ ديوڪا جي گهر هوَن ٿيو. اُتي ۽ داداجن پياري پڳوان چڳاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ۲۵ فيبروري شام جو سنڌو ڀوَن ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شري ٽي. نارائڻداس داداجن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته انسان مان هڪ کي مانگ. جنم مليو آهي ته امر پد پراپت ڪريو ن. امر پد اهو پراپت ڪري ٿو، جو نام جو امرت پيئي ٿو. اهڙو انسان دک ۽ ڪال جي چڪر کان ڇٽي اڪال ۾ نواس ڪري ٿو.

۾ وياکيان ڪندي چيو ته هر ڪنهن انسان کي سڀ کان وڌيڪ پياري آهي زندگي. هر هڪ چاهي ٿو ته هو زندهه رهي. پر زندگي رهڻ لائق تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن انسان کي سک ۽ صحت آهي. سکي ۽ صحتمند زندگي گذارڻ جون ست ڪنجيون آهن. سدائين آشاوادي ٿيو. سڀ ڏپ ڇڏي پنهنجا بوجا ۽ بار پرڀوءَ کي ارپڻ ڪري پنهنجي جيون گذاريو. پنهنجي وچارن جي سنڀال ڪريو. جي انسانجا وچار حسد واس، ڪروڌ، ڪام لوڀ سان ڀريل آهن ته انسانجي صحت تي انهن جو اثر ٿئي ٿو. سادو کاڌو کائو. ماس آهار کان پري رهو. هر روز قدرت جي سنگ ۾ ڪجهه وقت گذاريو، ورزش ڪريو ۽ تازي هوا کائو. هر روز ڪجهه وقت ڌيان ۽ نام سمرڻ ۾ گذاريو.

۴ مارچ شڪروار صبوح جو داداجن گانڌي ميموريل انٽرنيشنل اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال وي. رام داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن ودياٿين سان پيار ڀري رهاڻ ڪندي کي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون. شام جو موڪلاڻيءَ جي ستسنگ ۾ داداجن سڀني جي شڪرادائي مڃيندي چيو ته اڄ سنت تڪارام جينتي آهي. سنت تڪارام نام سمرڻ ۾ جيون سڦل ڪئي. توهان به جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏئي مانش جنم سڦل ڪريو.

۵ مارچ ڇنڇر صبوح جو نو بجي داداجن جاڪارتا مان منيلا لاءِ روانا ٿيا ۽ منجهند جو ۳ بجي منيلا ۾ پڌاريا. هوائي اڏي تي سوَن پريمين داداجن جي آجيان ڪئي. ۶ مارچ صبوح جو هندو مندر ۾ ستسنگ جو پروگرام رکيو ويو. ڀيڻ موهني لوڪومل داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن پوڇن ڪندي چيو ته پونا ميران پريميءَ ۾ اسين روز تماشام جو پياري دادا جي پوتر سماڌيءَ پرسان،

پارٽيءَ سنسڪرتيءَ کان واقف ڪرايو. ڪين سنڌي سنتن، درويشن، فقيرن، سماج شيوڪن، وارن ۽ سورمن جي جيون چرتر مان واقف ڪرايو. رامائڻ ۽ مهاڀارت مان ٻالڪن کيل ڪن، جيئن ڪين قوم لاءِ دل جي اندر پيار ۽ شرڌا جاڳي. ڀارت جي سنسڪرتيءَ جو پيغام ٿورن اکرن ۾ هي آهه "سنڌم وند، ڌرمم چر" سدائين سچ ڳالهايو ۽ ڌرم جي راهه ۾ هلو.

٢ مارچ ٻئي شام جو جاڪرتا جي سنڌو هائوس ۾ ستسنگ جو پروگرام رکيو ويو. داداجن پروچن ڪندي چيو ته هولي پاڻ ڏياري تي ڀڳت پرهلاد جي ۽ شري چيتنيه جي. شري چيتنيه آسام، اوڙيسا، بنگال ۽ ڏکڻ ڀارت جي ڪن حصن ۾ ڪيرتن دوارا ڀڳتيءَ جي نئين لهر پيدا ڪئي. شري چيتنيه ڪيئن نه ڪيرتن ڪندي لين ٿي ويندو هو. سنساري سڌ ٻڌ ڀلجي تدروپ ٿي ويندو هو. منهنجا پيارا، توهين به ڀڳوت ڀڄن ۾ لين ٿي آنند ماڻيو.

٣ مارچ سنڌو هائوس ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن آبدش ڪندي چيو ته توهان کي ڪو به گهٽ وڌ ڳالهائي ته ان کي معافي ڏئي ڇڏيو. وير ورود، واسنائن جا ويچار دل مان ڪڍي ڇڏيو. هڪ ڀيڻ کي گوڏن ۾ سور هو. پڇومانس ته ڪنهن سان وير ورود ته ڪين آهئي. چيائين اندر ۾ ڏيراڻيءَ لاءِ ڏاڍا خراب خيال ٿا اچن. چيومانس ته، ان کي پيار جون لهرون موڪل ته، تنهنجو سور لهي ويندو. ائين ڪرڻ سان سچ پچ ان ڀيڻ جو سور لهي ويو. گهڻيون بيماريون من جي اوسٿا ڪري ٿين ٿيون. انڪري اندر صاف رکو ۽ ورود پڪاريو، شيام، منهنجي من مندر ۾ ڪڏهن ايندين؟ شيام مون کي صاف ڪر، مونکي نئون بڻاءِ، نرمل بڻاءِ.

٣ مارچ وسپت ڏينهن شام جو جاڪرتا ۾ داداجن انگريزيءَ

٧ مارچ شام جو پياري ڪشوءِ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته، هڪ هڪ جي اندر شري ڪرشن جي مرلي ٻڌائي وڃي. ٻڌائي پڪاري "مون وٽ آءُ، اچي وشرام پاءِ." اهڙين سنسار جي گوڙ شور ۾ اهو مرليءَ جو مٺڙو آواز ٻڌون ڪين ٿا. اسانجو من سڄو وقت ٻيو ڀٽڪي. من کي ايڪاگر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ساڌنا جو ابياس ڪريون. ساڌنا ٽن قسمن جي آهي. (١) ڪرم مؤن (٢) سمرتي مؤن (٣) درشنا مؤن. سڀاڳو سو، جو مرليءَ جو آواز ٻڌي ٿو ۽ محبوب جو مشاهدو ماڻي ٿو.

٩ مارچ پياري ڪشوءِ جي گهر ۾ ئي ستسنگ ٿيو. پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته، جيڪي پڙهو، اُن تي عمل ڪريو. ڪتابن جي مونجهه ۾ مڇهي نه پئو. اسان وٽ جڏهن ڪو گذاري ويندو آهي، اُن وقت واهي گيتا يا سکمڻيءَ جو پاٺ پراڻيءَ ٻوسان پڙهندا آهن يا اهي امولڪ پستڪ پراڻيءَ جي ارٿيءَ سان گڏ رکندا آهن. پراڻيءَ جا پراڻ ته، هليا وڃن، پوءِ انهن شاسترن جو تت ڪير ٻڌندو. منش جيون ۾ جيڪي پاپ هوندائين، اهي سنسڪار ۽ وڪار ئي اُن سان گڏ هوندا، باقي مڙهه کي گيان ته ڪونه ايندو! سنتن جي ٻاڻيءَ جو پلي پاٺ ڪجي، جيئن واتاومنڊل شُڌ رهي، من شانت رهي. جيڪي ستڪرم جيو کي ڪرڻا هجن ته جيئري ڪري، دم نڪري وڃي پوءِ ڇا ڪندو. جيڪا ستڪرمن جي ڪمائي ڪئي هوندائين، سا ئي جيوَ سان گڏ هلي ٿي. اڄ مونکي وچار آيو:

آيا آهيون ٻري ٻري ڪان، يار مسافر هتڙي هتڙي،
ديولڻ جا ٿا ٻول ٻڌايون.

هي سرير آهي مٽڪي، جنهن ۾ سواسن جي پونجي ڀيڙي آهي. سواس پورا ٿيا ته مٽڪي ڀڄي پوندي. ان ڪري سواسن

سانت ۾ ڪجهه وقت ويهندا آهيون. اُن بعد پياري دادا جو هڪ شلوڪ اُچاريندا آهيون:

واهه واهه جت وهارين تُون،
فضل نُوري نهارين تُون،
شڪر آهي شڪر تنهنجو.

جت واهگرو وهاري، جنهن حال ۾ رکي، ڏک ۾ يا سک ۾، صحت ڏي يا بيماري ڏي، نفعو ملي يا نقصان ٿئي، ساک ٿئي يا نندا ٿئي، هر حال ۾ اسانجو ڀلو آهي. ڇو ته پرڀو اسانجو پتا ۽ ماتا آهي. هن کي خبر آهي ته اسانجو ڀلو ڇا ۾ آهي. اسانکي ته ڪابه خبر نٿي پوي. اها به خبر ڪين اٿون ته پنهنجي مدت پوءِ ڇا ٿيندو؟ آمريڪا ۾ هڪ وڏو يوگي هو. شڪتيءَ وارو انسان هو. هڪ ڏينهن هڪ اُتسوَ ۾ هن وٽي اُپديش ڏنو. اُپديش ڏيندي سندس پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو. اسان کي آئينده جي ڪابه پروڙ ڪين ٿي پوي؛ پر پرڀوءَ کي سڀ جاڻ آهي. اِن ڪري جنهن حال ۾ پرڀو اسانکي رکي، اُن حال ۾ سندس واهه واهه ڪريون. کيس پڪاريون، اسان لئي فقط هي هڪ احسان ڪج، جو جت رکين، جنهن حال ۾ رکين، پنهنجي فضل جي نهار ڏيندو رهج، اُن جي مهر، رحم کانسواءِ اسانجا محل ۽ ماڙيون ويران آهن. انڪري هر حال ۾ پڪاريو "شڪر آهي شڪر تنهنجو."
جو انسان سائينءَ جا شڪرانا مڃي ٿو، اُن جي سندس صحت تي سٺو اثر ٿئي ٿو. ولايت ۾ ڊاڪٽر جنگ پنهنجي اسپتال ۾ ڪيترائي تجربا ڪيا آهن ۽ آخر هن نتيجي تي پهتو آهي ته اُهي بيمار جي پرڀوءَ کي ياد ڪن ٿا، بيماريءَ ۾ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃين ٿا، اُهي اڪثر چڱن ٿا، تندرست ٿين ٿا، جي بيمار پرڀوءَ کي نٿا ياد ڪن ۽ ڪرڪن ڪنجهن ٿا، سي جلد شفاياب نٿا ٿين. انڪري ڏک ۾ يا سک ۾، هر حال ۾ مالڪ جا شڪرانا مڃيون.

ڏسڻ ۾ جيئن مان پيو اچان، تيئن توهان ۾ پيا اچو. پوءِ توهان ۾ ڇا آهي، جو ڏسڻ سان آنند پيو اچي. سنت رمڻ مهرشيءَ پنسل کڻي هنکي ڏيکاريندي چيو ته هنجو هڪ پاسو گهڙيل آهي، پيو اڻگهڙيل. مان گهڙيل پاسي جيان آهيان.

سنت ستپورڪ، اسان کي گهڙين ٿا. توهين به ڪنهن نه، ڪنهن سنت مهاتما جي شرڻ وٺو جو توهان کي ٺپي ٺاهي.

١٨ مارچ پوڄيه داداجن "هن دنيا ۾ ڪيئن سلامتيءَ سان رهو" وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته اسين بي-سلامتيءَ واري دنيا ۾ رهون ٿا. هڪ پيرڻ مونکي مليو، ڏاڍو پئي رنائين پڇيومانس ڇو ٿي روئين؟ چيائين منهنجو پٽ شاهوڪار هو. سٺا هلندو هو، اُن ۾ واپو هارائيندو، دل شڪستو ٿي پيو. پوءِ گم ٿي ويو. اڃا خبر نٿي پوي ته هو ڪٿ آهي؟ هڪ شاهوڪار زميندار هو. پنهنجي ٻارن کي پوري تعليم ڪين ڏنائين. چيائين، مونکي اهڙو ڊن آهي جو منهنجا ٻار پيا کائيندا. وهاڳو ٿيو، سڀ زمينون ڇڏي آيو. سندس هڪ پٽ ڏٺم ته رستي تي ڪتمنڙا پيو وڪڻي. انسان ڪڏهن ٻريءَ ۾ ڪڏهن پاڪر ۾. ڪنهن به ڳالهه تي اعتبار ڪين آهي. منهنجا پيارا، انڪري پرڀوءَ ۾ وشواس رکي پنهنجي جيون اُن جي حوالي ڪريو، اُهوئي توهانجي رکشا ڪندو.

١٩ مارچ چيٽيچنڊ ڏينهن شام جو هانگ ڪانگ جي شاهي هال ۾ پوڄيه داداجن پرواچن ڪندي چيو ته اڄ چيٽي چنڊ جو پوتر ڏينهن آهي، ڪيترا ان ڏينهن کي نئين سال جو پهريون ڏينهن ڪري ملهائيندا آهن. ان سڀاڳي ڏينهن ورڻ ديوتا شري اُڏيرولعل جي روپ ۾ سنڌ ۾ اوتار ورتو آهي، ڌرم جي رکشا لاءِ. نئين سال جو نئون ڏينهن پاڻ سان اڪ نئي پيغام کڻي اچي ٿو "نوان ٿيو، نوان ٿيو." شل اسين به نوان ٿيون.

جو سڌ اُپيوگ ڪرڻو. ١٠ مارچ ٻهاري ششي گدومل داداجن ۽ سنگت کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي سمنڊ جو سير ڪرايو. داداجن سمنڊ جي لهرن جو لطف ڏسندي مٺا گيت چيا ۽ ٻين پڻ ٻين ڳايا.

١٤ مارچ ٻاءِ ڪشوءَ جي گهر پوڄا، داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو "پريو، مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، مونکي نئون بڻاءِ" ڇا ڪريون جو نوان بڻجون؟ پنهنجا فرض پالن ڪريون، دکين دريدن کي آٿت ڏيون، سندن دل وٺون، نام کي نه وساريون ته نوان ٿي پونداسين. هڪ ٻيءِ پڻ شاهوڪار هئي پر ڪنهن ڪير ڪونه هو، جو کيس آٿت ڏئي. ڪڏهن ڪنهن ساهيڙيءَ وٽان خط ايندو هوس، نپالي خط نڪتي ايندو هو ۽ هن مائيءَ سان ڏاڍي پيار سان ملندو هو ۽ مشڪي خط ڏيندو هوس، اهو ئي اُن ٻيءَ لاءِ آٿت هو. هن ٻيءَ چيس ته روز هتان لنگهندو هوندين. مون وٽان ٿيرو ٿيندو ڪج. نپالي روز ٻيءَ وٽ اچي گهڪاري ويندو هوس. ٻيءَ کي اها مٺي مشڪ ۽ گهڪار ڏاڍو آنند ڏيندي هئي. جڏهن سندس مرتيو ٿيو ته سندس وصيعت نامو کوليائون جنهن ۾ لکيل هو ته بنگلو هن نپاليءَ کي ڏنو وڃي. پنهنجا پيارا ٻارو، پيارلون پيرون. دکين جي دل وٺو، ٻين کي پيار ڪريو ته پريوءَ جي آسيس اوس توهان تي ڇڪندي.

١٤ مارچ پوڄا دادا جشن سنگت سهت هانگ ڪانگ ۾ پڌاريا ۽ اُتي پياري داس سڪراٽيءَ جي گهر ۾ رهيا.

١٦ مارچ گانگدانگ هوٽل ۾ پوڄا. داداجن واکيان ڪندي چيو ته دل جي دري کوليو. هڪ هڪ کي اشانتي آهي. لوڪ پاڻ کي دکي پيا سمجهن. جيون ۾ ڀڳتي کوليو. سنت رهڻ مهوشيءَ وٽ هڪ پراڻي ولايت مان آيو. سنت کان پڇيائين ته

ٻار کڻي سگهن ڪين. تنهن هوندي بہ، اسين ڪيڏا نہ ٻوجا ۽ ٻار ٻاڙ تي کڻي گهمون ٿا. پياري پرڀوءَ ۾ صدق رکو!

اسانجي دلين تي ڪيڏو نہ ڊپ آهي. ڪيڏي نہ چنتا آهي. ان چنتا، ان ڊپ جو ڪارڻ اِڪ ڳالهہ آهي. اسانکي ڀوءُ جو، آئينده جو ڏاڍو خيال ٿئي ٿو. پوءِ ڇا ٿيندو؟ اِڪ ماڻهو مونکي گڏيو. چيائين مان هيٺئين اوسٿا ۾ وڃان پيو وڏو ٿيندو. پوءِ جي بيمار ٿي پوان تہ، ڇا ٿيندو؟ سڀني سٽپرکن چيو آهي تہ جنهن پرڀوءَ اسانکي اڄ جي مشڪلاتن کي سهڻ جي شڪتي ڏني آهي، سو ڪو پوءِ اسانکي ڇڏيندو ڇا؟ انڪري پوءِ ۽ پوءِ جا مسئلا ۽ چنتا پياري پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ رکون. جو جهرڪيءَ کي ڪاڻو کارائي ٿو، جو هاٿيءَ کي رزق رسائي ٿو، سو ڪو انسان کي ڇڏيندو؟ ”سر سر رزق سبائي ٺاڪر ڪاهي من ڀؤ ڪريتا.“ پر اسين پرڀوءَ جي مدد نٿا وٺون. اسين جڏهن پياري پرڀوءَ ۾ وشواس نٿا رکون، اسين جڻ تہ پنهنجي ۽ پياري پرڀوءَ جي وچ ۾ ڀت کڙي ڪري ڇڏيون ٿا ۽ پرڀو، جو اسانکي مدد پيو موڪلي، اها مدد اسين جهٽيون ڪين ٿا. ڪيترا نہ ٻار اسين کڻي پيا گهمون: جڳهين جا ٻار، پنهنجن ٻارن ٻچن جا ٻار، پنهنجي زال، پنهنجي مرد جا ٻار، پنهنجي نوڪريءَ جا ٻار ۽ ٻيا ڪيترا ٻار، جي اسين کڻي پيا گهمون. لسٽ پوري ٿيندي ڪانہ. پڇاڙيءَ ۾ مان جيڪر نوجوان کي چوان هي اکر لکو :-

جيڪي اچئي، ڪري ڇڏ سڀ ٻار جي حوالي،
توکي، مونکي ۽ جڳ کي، اِڪ اوُ پيو سنڀالي.

اِهي ٻار وچن ٿا ڪنا ٿيندا. هڪ ڏينهن اچي ڦاٿن ٿا. ڪڏهن ڪا بيماري اچي پرگهٽ ٿئي ٿي. جيئن تہ ڪنهن کي بلڊ پريشر اچي ٿئي ٿو. ڪنهن جي نس ڦاٽي پوي ٿي، پوءِ

اڄ اسان کي پياري پيءُ سڄڻ نارائڻ شاهاڻي هڪ هنڌ وٺي هليو، جت قدرت جو نظارو عجيب هو. سمنڊ جون لهرون ڪنارن تي پئي لڳيون. سمنڊ جي وچ ۾ پهاڙ هئا. لهرون وڃي پئي پهاڙ سان ٽڪرايون، پر پهاڙ اڏول بيٺا هئا. اُن وقت منهنجي دل اندر ياد پيا اُهي اکر، جي اسين ستسنگ ۾ وري وري ڳائيندا آهيون. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوتر باڻيءَ جا اکر:-

وڏو تنهنجو پاڻي، منهنجي ٻيڙي نماڻي!
اُتم صدق سائين، توُن رکپال آهين.

سڀاڳو سو، جنهن جي دل اندر اهو صدق جاڳي ٿو. اهڙو انسان ڪهڙن به تڪليفن منجهان لنگهي پار پوي ٿو. تڪليفون ڪيس ڇهن نٿيون. هوُ جبل وانگر اڏول رهي ٿو. هي سنسار ته هڪ ساگر آهي، ڀوساگر پاري. ان ساگر ۾ ڪيترائون ئي لهرون اُٿن ٿيون پر جنهن انسان کي صدق آهي، وشواس آهي، اهو جبل وانگر اڏول بيٺو آهي. ڪيس لهرون ڪو اثر ڪين ٿيون ڪن.

منهنجا پيارا، ڪڏهن ويچار ڪيو اٿو ته پيارو پريو اسان مان هڪ هڪ کي ڪيڏو نه پيار ڪري ٿو. اسانجون گهرجون پيدا ٿين، تنهن کان اڳ اسانجون گهرجون پوُريون ڪري ڇڏي ٿو. انسان هن ڌرتيءَ تي آيو، تنهن کان هزارها ورهيه اڳ پياري پريوءَ کي ويچار ٿيو ته انسان کي ٿڌ پوندي، ڪاٺيون ٺهرائي ڇڏيائين، ڪوئلا بڻائي ڇڏيائين، تيل ۽ گئس تيار ڪري ڇڏيائين. پريوءَ کي خيال ٿيو، انسان هن ڌرتيءَ تي ايندو، ڪيس بک لڳندي، ته ڀاڄيون، ميوا ۽ اَن ڪڻڪ نه پيدا ڪري ڇڏيائين. پهرين اهي پيدا ڪيائين، پوءِ انسان کي پيدا ڪيائين. پوءِ انسان کي بک محسوس ٿي. اهو پيارو پريو جا ته ٿو ڪري اسين پاڻ ٿي اچايا پوڄا ۽ پار پيا ڪڻون. اسانجا ڪڏها نديڙا،

مان سندس خط جو جواب هڪدم لکندس. ٢٠ مارچ ڪن پروهتن دادا جشن کان ڪي سوال پڇيا. دادا جن سوالن جا جواب ڏيندي شنڪائن جو سماڌان ڪيو.

٢٨ مارچ پوجيه دادا جشن جيپان ۾ پڌاريا. ٢٩ مارچ انڊين سوشل سوسائٽيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري رام چگاڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. پوجيه دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته ٻارن جي سنڀال ڪريو. هن وقت ماتائون پنهنجن ڪمن ۾ رڌل رهن ٿيون. انڪري ٻارن کي ٽي-ويءَ جي حوالي ڪري ٿـــا ڇڏين. ٽي-وي ڏسڻ سان ننڍي ٿهيءَ وارن جي دلين تي سٺن سنسڪارن جا ٻج نٿا پوکجن. ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهو. ٻار قوم جو سچو خزانو آهن، انهن جي چڱيءَ رهت سنڀال ڪريو.

اڄ لوڪ مان شان، وڏائي، ڌن دولت ۾ پيا ٻوڙون پائين. توهين پاڻ کان پڇو ته الکڌام ڏانهن وڃڻ لاءِ ڪا تياري ڪئي اٿوَ يا نه؟ ان مسافريءَ لاءِ سٺڪرمن جو سمر تيار ڪريو. سهڄ مارگ ۾ هلو. ڌنـڌو وهنوار ڪندي نام کـــي نه وساريو ۽ دکين دريدرن، پکين پسن جي شيوا ڪريو.

٣٠ مـــارچ انڊيا ڪلب ۾ پوجيه دادا جن اپديش ڪندي چيو ته دنيا ۾ لوڪ دکي آهن. دک جو ڪارڻ اڳين جنمن جـــو ڪرم ئي آهي. انڪري اڳين جنمن جي ڪرمن جو حساب خوشيءَ سان ڏيو. دک سک کـــي خوشيءَ سان سوئيڪار ڪريو. ٻي انت، ٻي انت کي جاڻي نه سگهندا. انهي بسنت ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي بنيا ڪندڙ استري هئي. اُن کي هڪ پٽ ڄائو. پٽ بيمار ٿـــي پيو ۽ گذاري ويو. انهي بسنت ڏاڍي نراس ٿـــي پيئي. چيائين ٻالڪ بي گناهه اچا ڪو پاپ نه ڪيو هئائين ته به پرڀوءَ کيس ماري ڇڏيس! پوءِ وڃي ٿي هرءِ هڪ هنڌ ڪم ڪري. اُت کيس هڪ ڪتاب جو ٽڪرو لکيو هو. اهو ڪتاب کولي ٿي.

ٻروڙ ٻوي ٽي ته، هن پياري ڪيڏا نه ٻار ٻاڻ تي پئي ڪيا. ٽمهڪري پنهنجا ٻار سڀ ڀڳوان جي ڪمل چرنن ۾ ڦٽا ڪريو. ٻار وانگر جيون رهو. ٻار کي ڀڪ آهي ته منهنجي ماتا هر قدم تي منهنجي رکيا ڪندي، منهنجي مدد ڪندي. ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس رکو.

٢٣ مارچ پوڄيه دادا جشن هانگ ڪانگ جي ڀڳتن کان موڪلائي ٽائيپيءَ ۾ پڌاريا. اتي پهچڻ ٽيما ارجن جي گهر نماشام جو روح رهاڻ ڪندي داداجن چيو ته،

نشڪام شيوا ڪري جنڪ راجا ۽ ٻين پڻ پرم سڌي پائي،
دنيا دکيءَ جي ڪر اون شيوا، دکين جو ٿي تون ساٿي.

ڀڳوان کي پراپت ڪرڻ جا ٽي مارگ آهن: ڪرم مارگ، ڀڳتي مارگ ۽ گيان مارگ. ڪنهن کي ڪو مارگ چڱي ٿو ته ڪنهن کي ڪو. پر سڀ رستا، سڀ راهون ڀڳوان وٽ پهچائين ٿا. دنيا جي گوڙ شور ۾ رهي ڀڳوان کي ياد ڪريو ۽ دکي لوڪن جي شيوا ڪريو. جڏهن اسين ڀڳوان کان پري ٿيون ٿا تڏهن دکي ٿيون ٿا.

٢٤ مارچ داداجن وياکيان ڪندي چيو ته، جيڪي ٿئي سو قبول ڪريو. ان ۾ ئي سائينءَ جو ڪو راز رکيل آهي. جان بنين کي ٻارهن سال قيد مليو. هن جيل اندر ويهي هڪ سندر ڪتاب لکيو. جيل مان ٻاهر نڪتو ته چيائين ٿا مالڪ جي مهر ٿي، جو جيل ۾ رهيس، نه ته هي ڪتاب لکي ڪين سگهان ها.

٢٥ مارچ ڀڳتي پوڄيه داداجن کي باغ جو سير ڪرائڻ وٺي ويا. ٢٦ مارچ خاص ٻارن جو پروگرام رکيو ويو. ٻالڪن جدا جدا سنتن جا روپ ڌارڻ ڪري پنهنجو پارٽ ادا ڪيو. داداجن ٻالڪن ٻالڪين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته جيڪو ٻالڪ يا ٻالڪي سنڌي ٻولي سکي، موڪلي سنڌيءَ ۾ خط لکندو ته، ان کي

ٿيندي هئي وڃڻ ڏجانءِ. ڪجهه سالن کان پوءِ راجا بيمار ٿي پيو،
حڪيم چيو ته راجا وڌيڪ حياتي رهي نه سگهندو. اُن وقت هي
مسخرو راجا جي پرسان بيٺو هو ۽ راجا کان پڇي ٿو "راڄن، توهان
ڪا تياري ڪئي اٿــوَ؟ ڪو سفر تيار ڪيو اٿوَ؟" راجا چوي
ٿو "نه" اُن وقت هي مسخرو راجا جو ڏنل وڃڻ راجا کي ڏيندي
چوي ٿو ته توهين اڳيانـي ڇڏيا جو پرلوڪ وڃڻ کان اڳــ، ڪو
توشو تيار ڪين ڪيو اٿوَ.

منهنجا پيارا، ڪال اڄ کان اڳ، پرلوڪ لاءِ ستڪرمن جو
سفر ڪٺو ڪريو. پرڀوءَ کي روز پرارٿنا ڪريو:

راڻا رک نه پري، پنهنجي سنگ وهار.
ڏس نه ڏنگايــون، پنهنجي مهر نهار،

7 اپريل شام جـو بوجه دادا جشن انگريزيءَ ۾ واکيان
ڪندي چيو ته پيارو دادا سادو واسواڻي پاڻ سان نام جو امرت
کڻي آيو. هـن اهو امرت هزارن لوڪن کي پياري نوَ جيون جو
دان ڏنو. اوهين به جيڪر اهو نام جو امرت پيئو ته دکن کــان
ڇٽي پئو ۽ سکي زندگي گذاريو. هرهڪ پراڻيءَ کي سک کپي پر
'سگل سرشٽ ڪو راجا دکيا' هن دنيا ۾ ڪو راجا هجي اهو به
دکي آهي. پنهنجي من کي سمجهايو ته دکي نه ٿيءُ. اسانجو من
ڪٿ نـه ڪٿ پيو ڀوڙون پائي. من کي شاباس ڏيئي، چت
ڪري سمجهايونس ته ڇا لاءِ تو ڀٽڪين؟ اڄا گهڻو وقت ڀٽڪي
ڀٽڪي دک ۾ گذاريندين. سچو سک اٿي نام ۾. نام جپيندو ڪر.
صبوح جو اُٿي پرڀوءَ کي پرڻام ڪريو ۽ چئو Good morning Lord
پـوءِ سڄو ڏينهن ان وچار ۾ گذاريو ته پريو توهانجو آهـ. پرڀوءَ
سان نـاتـو جوڙيـو. سڀن کـي پيار جون لهرون موڪليون. نه
فقط دوست کي، پر دشمن کي به پيار جــون لهرون موڪليو.
جيڪي شيءِ وچار موڪليندا، سي تـوهان وٽ موٽي ايندا. هر

جيئن هوءَ اُن ڪتاب جو هڪ ڇيپٽر پڙهي ٿي ته سندس دماغ کلي پوي ٿو، جنهن ۾ پڙهي ٿي ته ڪيئن نه جيءَ ڪيئن سارو جسم وٺي ٿو ۽ ڪيئن انوسار موي ٿو. اهو پڙهي سندس جيون ۾ پرورتن اچي وڃي ٿو. هوءَ اچي پارٽ ۾ رهي ٿي ۽ ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿي. ڪيس ڳالهائڻ جي ڏاڍ ملڻ هئي. مهندا پيارا پاٽرو، پيارئون پيدرون. توهان به جيڪو ڪم ڪريو سو سڀالي ڪم ڪريو. ڪيئن جو حساب سڀن کي ڏيڻو آهي. شب ڪم ڪريو، شب ويچار ڪريو ته توهانجو آئيندو روشن ٿيندو. توهين سکي گذاريندا.

٢ اپريل پوجيه داداجن لاس اينجلس ۾ پڌاريا. ٣ اپريل هندو بالاجي مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوجيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته، توهان جي اندر پيار جو چشمو آهي، اُن چشمي کي کوليو. پيار ئي جيون آهي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي پريم جو ساگر هو، ڪيئن نه هڪ هڪ کي پيار ڏنائين. پورب پشچم ۾ وڃي پيغام ڏنائين جاڳو! جاڳو! پاڻ کي پڇاڻو.

٦ اپريل آرٽيسا ڪميونٽي سينٽر ۾ ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پاڻ هوليند واسواڻي ۽ دادا جشن جو سواگت ڪيو. پوجيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته، هي سنسار اٿو هڪ مسافرخانو، ڪم ٿورو ٿو گوڙ گهڻو ڪيون ٿا. ان گوڙ جي وچ ۾ ڪال جو گهنٽ لڳندو. پوءِ اُس وقت لاءِ ڪا تياري ڪئي اٿو؟ سنت فرمان ڇوي ٿو:

بابا گيا، دادا گيا، تون بهي چلڻهار،
باقي جو رهه گئي لڙڪي، آئان به چلڻا يار!

مهندا پيارا، تياري ڪريو. هڪ ماٺو راجا وٽ سهڻو وچڻو ڪٺي آهي. راجا ٿورو وقت وچڻو هٽي، پوسان وهنل مسڪري، کي اهو وچڻو ڏنو ۽ ڪيس چيائين ته جيڪو مورک ۾ مورک هجي

ڪريون. سنتن جي ٻاڻيءَ جي پڙهڻ ۽ شروڻ ڪرڻ سان ته هردو
ويندو نرم ٿيندو. دکين ڏکيڙن جي سيوا سان ته دل پگهل رهندي.
پوءِ اسين پريوءَ جي ويجهو ٿيندا وينداسين.

١٢ اپريل ميلا ۾ بوٽ ڪلب طوفان ڪارڻ ڪم رکيو ويو.
ڀيڻ ميرا ڏاسواڻيءَ پوڄيه دادا جشن جو سواگت ڪيو. پوڄيه
داداجن اُت امرت ورکا ڪئي.

١٥ اپريل کان آڪسفورڊ لنڊن ۾ انتر راشٽريه مانو سنگهٽن
سميلن جو آيوجن ڪيو ويو، جنهن ۾ جدا جدا ڌرمن جا اڳوان
شريڪ ٿيا. پوڄيه دادا جشن واسواڻي جن کي به ان سميلن ۾
شرڪت ڪرڻ لاءِ نمنتر مليو هو. داداجن روز لنڊن مان
آڪسفورڊ ۾ اچي ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيندا هئا. پوڄيه
داداجن ان ڪانفرنس ۾ وياکيان ڪندي چيو ته منش ايشور جي
سرو سريشٽ اُتپتي آهي. پريوءَ کي پنج ڪرم اندريون، پنج
گيان اندريون ڏنيون آهن، انهن جو سد اُپيوگ ڪرڻ سان وشو
۾ شانتي ۽ پريم جو واتاورڻ پيدا ڪري سگهجي ٿو. اڄ انسان
وگيان ۾ ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي. پر تنهن هوندي سندس
دل سوڙهي ٿيندي وئي آهي. وشال دل ٿيو! نه صرف مانوَ ماتر
کي پيار ڏيو، پر سڀني پراڻين لاءِ سد ڀاونا، همدردي سنڀه رکو.

١٦ اپريل پوڄيه داداجن هيامپيءَ ۾ پڌاريا. اُتي هفتو کن
داداجن جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪئي. هڪ ڏينهن
پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته سنت ستپرک اچن ٿا
الڪتام مان هي پيغام کڻي ته نه وساريو نه وساريو. هي جيون
توهان کي ملي آهي نام جي امرت پيئڻ لاءِ. پيارو دادا ساڌو
واسواڻي چوي ٿو، ”مت جائو ري نوري پياسي پياسي!“
هن سک ساگر ۾ اچي متان توهان پياسا واپس وڃو. اڄ گيتا
مان کهڙو نه مٺو وچن آيو!

حالت ۾ سائنٽيفڪ نموني رهو. توهانجي روز اروز جي زندگي سهج نموني گذرندي. توهانجي دل کي وڏو آٿت ملندو. ٻين جي مدد ڪريو.

٩ اپريل پروچن. داداجن لنڊن ۾ پڌاريا. اتي داداجن جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪئي. هڪ ڏينهن داداجن اپديش ڪندي چيو تہ پريوءَ کي پائڻ لاءِ چت شدي ضروري آهي. اورا ڏينهن ٿيا تہ پوني ۾ پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي ڪٽيا جي صفائي ڪيائون. ڪنڊي نہ محنت ڪيائون. اڄ ڏينهن ان ڪم ۾ لڳا پيا هئا. اسين بہ جي چاهيون ٿا تہ پيارو پريو اسانجي دل جي ڪوٺڙيءَ ۾ اچي تہ ضروري آهي تہ صفائي ڪريون. نام سمرڻ دواران اسانجي دل جا جارا لهندا. ان لاءِ ڀڄن ڪرڻو آهي، اڀياس ڪرڻو آهي. ڏسو تہ ماني پچائڻ لئہ پهريان اٽو ڳوهيو، ان کي چڱيءَ طرح ويلڻو ۽ پوءِ تئي تي پچايو تہ ماني ملندي، پر جي صرف ٻاهر جي ورقو وٺي 'ماني، ماني' چئون تہ ماني ڪين ملندي. پريوءَ جي پراپتيءَ لاءِ بہ ڀڄن ڪرڻو آهي. سامي صاحب بہ چوي ٿو:

مکہ سان رام چئي، سانت نہ اچي جيءَ کي،
ان پاڻيءَ جي ناءَ سان اڃ ٻجھ ڪين لهي،
نگر ڀيچي ڪين کي، ٻما پڌ ڪئي،
گرو گهر رهت رهي نہ سکي تئي سامي چئي.

اپديش ٻڌون، پاٺي پڙهون، فقط انهن ڪرڻ سان پريوءَ جي پراپتي ڪين ٿيندي. شاستر پڙهڻ آهي جيئن ڪنهن شهر بابت ذڪر پستڪن ۾ پڙهڻ. ڪشمير بابت پستڪن مان ڪيچ جاڻ ملي ٿي، پر جڏهن ڪشمير وڃي اتان جا سندر قدرتي نظارا، اوچا پهاڙ ڏسجن ٿا تہ آنند جو انڀو ڪجي ٿو. پستڪن مان اهو آنند ڪين ايندو پر گيان حاصل ٿيندو. گيان پراپت ڪري عمل

ڪريو." گروجن اُن ٻوٽ کي مُڪت ڪن ٿا.

انتڪال ۾ جنهنجو ڌيان اسين ڪريون ٿا، اُن وانگر اسين ٿيون ٿا. اسين چونداسين ته انتڪال ۾ اسين شري ڪرشن جو ڌيان ڪنداسين، تهسين پل مزا ماڻي وٺون. پر سمت ستپرڪ پنهنجو سمورو وقت پرڀوءَ جي سمرڻ ۾ سڦلو ڪن ٿا، ان وچار ڪان ته انتڪال ۾ به اهوئي ڪين ڌيان ۾ هجي. اِها حالت اٿوَ اِڪ شاگرد وانگر، جو سڄو سال محنت ڪري ساليانِي امتحان ۾ پاس ٿئي ٿو. ٻنا محنت جي ڪير پاس ٿئي؟ محنت کان سواءِ انتڪال سهنجو ٿيندو ڪين. ان ڪري پيارا، وسو ۾ وقت نه وڃايو. غفلت ۾ نه گذاريو. هميشه ٿي جيڪي سمرڻ ڪندا، انت ويلي ٻ، اهوئي ياد پوندو.

١٧ اپريل پوڄيه دادا جشن سينٽ ٿامس ۾ پڌاريا. اُتي جدا جدا همٿن ٿي داداجن امرت ورکا ڪئي.

٢١ اپريل پياري سڪراڻيءَ جي گهر خاص ٻالڪن ٻالڪين جو ميلاپ مقرر ٿيو هو. پوڄيه داداجن ڪين ڪيترائون ئي سکياداِئڪ ڳالهيون ٻڌايون. ٢٢ اپريل داداجن سمت ماوتن ۾ ٽيڪ ڪشو موٽيڪا جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ٢٣ اپريل داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو.

٢٤ اپريل داداجن نيتا هريش جي گهر ڪن براهمڻن جي شڪائن جو سماڌان ڪندي سندن مارگ درشن ڪيو. ٢٥ اپريل داداجن ڪراساءِ ۾ پڌاريا. اُت پياري دولترام جي گهر ۾ رهيا. اُن ڏينهن اُن گهر ۾ ئي داداجن منو اُپديش ڏنو. ٢٦ اپريل ٽئيٽو هال ۾ پوڄيه داداجن وياکيان ڪيو.

٢٨ اپريل پوڄيه دادا جشن آروبا ۾ پڌاريا. نماشام جو پياري گهنشام مهتاڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٢٩ اپريل شام جو داداجن منو اُپديش ڏنو. ٣٠ اپريل داداجن

انتڪال ۾ جو تو منهنجو ئي سمرن ڪندي ڏٺو، تيائي،
سو ساڪيات منهنجو ئي روپ تو پائي، نه انهن ۾ ڪا شڪ ڪونه آهي،
جنهن روپ کي نت تو انسان ڏٺائي، مرڻ ويل سوئي ايڪ ياد آهي،
چت ۾ اهائي رهي واسنا ۽ ڇڏي ڏٺو سوئي سروپ پائي.

پيارا، انڪري ياد رکه ته جهڙو انتڪال ۾ ويچار ڪندين، اهڙي جوڻ توکي آئينده ملندي. ڀڳوان شري ڪرشن چوي ٿو: جي انتڪال ۾ تون منهنجو سمرن ڪندي ڏٺو، تو ڇڏين ته ياد رکه، تون مون وٽ ايندين. پر جي تون دنيا جو ويچار ٿو ڪرين ته وري ڦيرا ڪندين. گرو تيغ بهادر جن کي اورنگزيب گهرائي ان ڪوٺيءَ ۾ رهائي ٿو جت ايڪ ڀوت جو واسو آهه. جنهن ۾ ماڻهوءَ کي ان ڪوٺيءَ ۾ رهائيندا هئا ته سو صبوح جو جيئرو ڪين هوندو هو. اورنگزيب کي ڪهڙي خبر ته هي انسان ڪيڏي شڪتيءَ وارو آهي. رات جي وقت جڏهن ڀوت آيو تو، تڏهن چوي ٿو: منهنجي اڌار جو وقت آيو ويو آهي ۽ هي نام جي شڪتيءَ وارو انسان مون کي شايد مڪت ڪرڻ آيو آهي. خوش ٿي ٿو. پرسان هڪ ٻيري آهي، ان مان ڪمند جون ڇڙهون ڇني آڻي گروجن جي چرنن ۾ ڀيٽا رکي ٿو گروجن جا شش عجب ۾ پون ٿا ته هي ڪمند جون ڇڙهون هتي ڪٿان آيون! گروجن ڪين ٻڌائن ٿا ته هت هڪ ڀوت جو واسو آهي. اهو مونکي هي ڪمند ڏيڻ ٿو چاهي. گروجن ڀوت کي ڪوٺين ٿا. گروجن انهن ڀوتن سان ڳالهائي سگهندا هئا. گروجن ڪنس چون ٿا ته تون پنهنجي جيون جي ڪهاڻي ٻڌاءِ. هي ڀوت ٻڌائي ٿو ”مان هن سڀني جڳهن جو مالڪ هوس ۽ اوچتو منهنجو انتڪال آيو. منهنجو ڌيان وڃي انهن جڳهن ۾ اٽڪيو. انتڪال کان پوءِ مان هت ڪنهن کي رهڻ ڌيان ڪين. جيڪو هت رهي ان جو مرڻو ٿئي. منهنجا پريو، اوهان مونکي مڪت

۾ وڌندو، ايتري قدر جو آپي جو غلام بڻجي پوان ٿو. اُنڪري پيارا، آپي جي پاڙ پٽي ڪڍو. چوٿون پنهنجن مترن يا ڏارين جي سنگ ۾ هجين ته اُنهن جي وچ ۾ اڳرو ٿيڻ کان پاڻ کي روڪ. گهڻي ڳالهائڻ کان پاڻ تي ضابطو رک. جيترو گهٽ ڳالهائيندين، اوترو ئي ٻين جو ڌيان تو ڏانهن گهٽ ويندو. پنجون ساڌن پنهنجي زندگيءَ جي تڪليفن، آزمودن ۽ خوبين جو ٻين سان ذڪر ڪرڻ کان پاسو ڪر. ائين سمجهه ته تون ڪجهه ڪين آهين، آهين فقط اِڪ مٽيءَ جو ڪٽو. ڇهون ساڌن، آتما سان ناتو جوڙ. تنهنجي ٻاهرين جسماني هستيءَ جو ڪو ملهه ڪين آهي، ملهه آهه تنهنجي اندر آتما جو، اُن ڪري آتم گيان ۾ اِستٿت رهه.

انهن ڇهن ساڌنن اپنائڻ سان توهان جي جيون نئين ٿي پوندي. توهان روحاني راهه ۾ وڌي سگهندا.

١١ مئي پوڄيه دادا جشن واشنگٽن ۾ پنهنجي پياري ياءِ رام ۽ سندس پريوار سان مليا. شام جو اسڪول جي هال ۾ پوڄيه داداجن مٺو اُپديش ڏنو. ١٢ مئي پوڄيه داداجن پياري گوبند هيمناڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي.

١٣ مئي پوڄيه داداجن نيويارڪ ۾ پڌاريا. ١٤ مئي شام جو اسڪول هال ۾ داداجن وياکيان ڏنو ۽ ١٤ مئي گيتا مندر ۾ پروچن ڪيو. ١٦ مئي دادي شانتي مهايگيه سمبنڌ ۾ داداجن دادي شانتيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ١٧ مئي نيو جرسيءَ ۾ داداجن پروچن ڪندي چيو:

ڪروڌ وروڌ آهي وئري،
جنهن سماڻن جي ٻه آهه قسمت ڦيري.

منهنجا پيارا، جيڪڏهن روحاني راهه ۾ وڌڻ چاهيو ٿا ته ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو ۽ ڪنهن سان ٻه نفرت نه ڪريو.

وري ممبئيءَ ۾ واپس ويا. نماشام جو داداجن پروچن ڪندي چيو:

سکي ٿين شال سڀ پراڻي،
پيئي پڪاري نوري نماڻي.

سڀني پراڻين لاءِ سد ڀاونا رکو. ڪنهن کي به رنجايو نه. سڀني کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو. پيارو دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي باڻيءَ ۾ ڪهڙي نه سندر سکيا ڏئي ٿو، سڀني جو ڪلياڻ چاهي ٿو. توهين پڻ جو ڪلياڻ ڪندا، پرڀو توهانجو ڪلياڻ ڪندو.

٣٠ اپريل پوڄيه داداجن مانٽيگومريءَ ۾ پڌاريا. اُت داداجن پياري موهن ٽولاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ١ مئي ڀڳت جيٺي سمپدڪ ۾ داداجن شري گوتم ٻڌ جي سکيائن جو ذڪر ڪيو. ٢ مئي داداجن هاليڊي اِن بال روم ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٣ مئي داداجن ڪي. ويسٽ ۾ پڌاريا ۽ اُت منو اُپديش ڏنائون.

٤ مئي نماشام جو ياترا وديا ڀوَن لنڊن ۾ ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ٻه چندر و ملڪاڻيءَ ۽ هونچند آڏواڻيءَ پوڄيه دادا جشن جو سواگت ڪندي سندس گڻن جو ورڻن ڪيو. پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته روحاني راهه ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ ڇهه ساڌن ضروري آهن. ڪنهن به پستڪ پڙهڻ سان ڪو سچو اڀياس ڪين ٿو ٿئي. سچو اڀياس ته اُن ۾ آهه ته جيڪي پڙهجي تنهن جو دل ۾ ويهي ويچار ڪجي. جيڪا سکيا اُن ۾ سمايل هجي اُن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيڻ گهرجي. اسو پنهنجي اڇا شڪتي، ويچار شڪتي ۽ سنڪلپ شڪتي شڀ پاسي رکڻ گهرجن. ٽيون آپو نوڙ. آپو تنهنجي ۽ پرڀوءَ جي وچ ۾ هڪ وڏي رڪاوٽ آهه. تون آپي جو انت آڻڻ بدران وڃين ٿو آپي

اڏياتمڪ آنند جو انڀؤ ٿيندو. روز ڪجهه نه ڪجهه وقت ڌيان ۾ وهو. توهانجي اندر جي شڪتي وڌندي کلندي.

٣١ مئي پوجيه داداجن گرنٿ هال روم ۾ وياکيان ڏنو. ١ جون کان ١١ جون تائين داداجن جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪئي.

١٢ جون پوجيه داداجن منبرب ۾ پڌاريا. اُت پيٽ رومي کمار جي گهر رهيا. ١٤ جون هوٽل ملٽا ۾ پوجيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته ڪرمن جو حساب هرڪنهن کي ڏيڻو آهه. اِن ڪري پنهنجي وچار چاهي وهنوار جي سنڀال ڪريو. غلط وچار ۽ غلط ڪم ڪرڻ کان ڪنارو ڪريو. ڪجهه ڏينهن ٿيا، مونکي هڪ اسپتال ۾ هڪ ٻالڪيءَ وٽ وٺي ويا جا معصوم ٻالڪي ڪتي وانگر پئي سهڪي ۽ ڪتي وانگر پئي آواز ڪيائين. اِن ٻالڪيءَ کي مهنو کن اڳ ڪتي چڪ پاتو هو ۽ ڪيس ٻه ٽي سيون ٻه هڻيون ويون هيون. ڪيس سٽن سئين جو پورو ڪورس ڪين هنيو ويو هو. اِن ڪري ٻالڪي ڪتي جهڙو آواز ڪري سهڪي رهي هئي ۽ ڊاڪٽرن جواب ڏنو ته اها ٻالڪي ڪن ڪلاڪن جي مهمان آهه. اِن وقت مان ٻاڙ ڪان پڇيو ته هيءَ ننڍي ٻالڪي، هن ڪنهنکي ڪين ڏکويو، پوءِ هن سان اهڙي حالت ڇو ٿي آهه؟ مونکي جواب آيو ته هي اڳين جنمن جو ليکو آهه. ڏسو، اسين ڪگدامن سان ڪهڙي هلت هلون ٿا؟ ڪين مارون ٿا، تڪليف ڏيون ٿا، کائون ٿا، سندن ماس کائون ٿا. جي اِن جو اسان کي حساب ڏيڻو پوي ته ڪٿ ٻچي سگهنداسين؟ پياري دادا اِن ڪري ور ور چيو ته ڪين ڪنهن کي نه ستايو، ماس نه کائو. پيارو دادا پنهنجي ٻاٽيءَ ۾ به چوي ٿو:

"جيو ديا جي جوت جڳايو"

توهين به اِن آدرش جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو.

ڪروڌ ۽ وروڌ وڏا دشمن آهن، ان سبب سياڻن جي به مت مارجي وڃي ٿي. ڪروڌ ڪري آتمڪ شڪتي گهٽجي ٿي.

١٩ مئي داداجن ونيتا چندروءَ جي گهر ڪن ٻراهمڻن جي پيچيل سوالن جا تز جواب ڏيندي، سمدن راهہ روشن ڪئي. ٢٠ مئي پيرڻ پشپا جيوت مهتاڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٢١ مئي گرئنڊ بال روم ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٢ مئي داداجن ويد منتر ۾ وياکيان ڏيندي چيو ته جيڪڏهن سچو سک چاهيو ٿا ته ٻرڀوءَ جي شرڻ وٺو. هڪ ڳوٺاڻو پنهنجي هڪ دوست وٽ شهر ۾ ويو. هن کي سٺو عاليشان گهر هو. ان ۾ پاڻيءَ بجليءَ جو ٻرندڙ ٽيل هو. ڳوٺاڻو باٿ روم ۾ ويو. ڏٺائين ته نل کي ڦيرائڻ سان ڪيئن ته پاڻي ڳڙڳڙ ڪري وهي ٿو. دل ۾ چيائين ته مان به جيڪر اهي نلڪا پنهنجي ڳوٺ ۾ وٺي وڃان. دوست کان پڇي نلڪن واري وٽ ويو. ۽ چار نلڪا خريد ڪري ڳوٺ ۾ واپس آيو. ڳوٺاڻن کي ڪوٺي چيائين ته اچو ته ڏيکاريان، پاڻي ڪيئن ٿو وهي. ڳوٺاڻا آيا، هن نل کوليو، پر پاڻي اچي ئي ڪين. وچارو لڄي ٿيو. هڪدم نلڪا کڻي شهر ۾ دڪاندار وٽ ويو ۽ چيائينس ته پاڻي ته اچي ئي ڪين ٿو. دڪاندار چيس ڀورڙا پاڻيءَ جو ڪنيڪشن وٺ ته پوءِ نلڪن ۾ پاڻي ايندو. اسانجو روح به جڏهن ٻرڀوءَ سان ڳنڍيل هوندو، تڏهن سچي سک جي پراپتي ٿيندي.

نيو جرسيءَ کان ڪلاڪ کن جي مفاصلي تي راڄيشوري پيٺم مندر ۾ ٢٧ مئي کان ٣٠ مئي تائين ڀاءُ ارجن مورچنداڻي، ڀاءُ ٻلي گرباڻي ۽ ساٿين سادنا ڪئمپ جو آيوجن ڪيو. ٢٧ مئي صبوح جو پوڄا. دادا جشن جوت جڳائي سادنا ڪئمپ جو مهورت ڪيو. اُت داداجن ڌيان ڪرڻ جو رستو ٻڌايو ۽ اُپديش ڏيندي چيو ته چت جي ورتين کي روڪي ٻرڀوءَ جو ڌيان ڪريو. توهان کي

ٿن جا ٻوجا ڀاڻ لاهي ٿو. صرف اُن ۾ سچو صدق رکو. ساڻس ۾ وڃي سٽگر ۽ سائينءَ کي سڏيو، پنهنجي جيون اُن جي ياد ۾ اڏيو.

١٨ جون ٻوجهه، داداجن بارسيلونا ۾ پڌاريا. نماشام جو ڀيڻ ڏرو هري نيپاڻيءَ جي گهر دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ شري گرو ارجن ديو جن جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. گرو جن کيڏو نہ سٺو، پر صبر ۽ شڪر ۾ رهيا. تتل واريءَ تي ڪين وهاريائون، سندن سڄو سريو ڦوڪٽا ٿي پيو، تڏهن بہ ڀڳوان جو ڀاڻو سٺ ڪري مڃيائون. گرو جن جو ڪهڙو نہ مٺو مٺڙو

تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي، نام پدارٿ نانڪ مانگي.

منهنجا پيارا ڀائرو، پيارين ڀيڻرون. توهين بہ جيڪر اهو سونو اُچاريو ها کو نہ کو سونو گرباڻيءَ، سنت باڻيءَ مان اُچاريو. جيڪي ٿيو ڪري ان ۾ راضي رهو. ”تيري ڪانٽون سي ڀي پيار، تيري ڦولون سي ڀي پيار“. ڀڳوان کان نام جي بخشش مڱو. نام خزانو انمول سچو خزانو. توهان جا لک، ڪروڙ توهان سان گڏ ڪين هلندا، پر نام خزانو توهان کي هٿ هٿ ڪم ايندو. انڪري نام کي نہ وساريو.

١٩ جون ڀيڻ راجو ڀارواڻيءَ جي گهر ستسنگ ٿيو. ٻوجهه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ لوڪ ڏاڍا دکي آهن. ڀاڳ ڀاڳ سان پيو وڙهي.

مايا ڪارڻ ڌاوهي مورک لوڪ اجان،
ڪهہ نانڪ سمري مما ڪيون نہ ڀڳوان.

زن، زر، زمين لاءِ ڪيئن نہ ڀيا مت ماڻهن بہ پاڻ ۾ وڙهن. مايا کي ڇڏي مالڪ جي اوٽ وٺو.

٢٢ جون ٻوجهه دادا جشن فرانس ۾ پڌاريا. اُتان گلوبيءَ ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن داداجن سانت اڪانت ۾ گذاريندي پرڪرتيءَ جي درشن جو آنند ماڻيو. هڪ ڏينهن داداجن

١٥ جون شام جو هوٽل ڪنوينشن ۾ پوڄيه دادا جشن کان ڪيترن ڀائرن ڪي سوال پڇيا. پوڄيه داداجن سڀني سوالن جا جواب ڏيندي اُنهن جي سونهپ ڪئي. ١٦ جون شام جو ڀاءُ ڪمار جي گهر ڀيڻن جي ميلاپ ۾ پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته مهنجون پياريون ڀيڻون، وديش ۾ رهي ا، پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ کي نه وسارڻو. پنهنجي ٻارن کي سنڌي ڳالهائڻ سيکاريو. اُنهن کي پنهنجن سنتن ستپرکن، ويرن سورمن جون ڳالهيون ٻڌايو. جي هيئر پنهنجي ٻارن جي سنڀال نه ڪنديون ته پوءِ پڇتائڻو پوندو. ٻاڻ ۾ گڏجي نام ڪيرتن ڪريو. پرڀوءَ کي نت نيم پرارٿنا ڪريو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو ۽ مدد ڪريو.

١٧ جون چرچ جي هال ۾ ستسنگ ٿيو. اُت داداجن اُپديش ڪندي چيو:

اي دل، تون فڪر مت ڪر، تيرا ڀي خدا هئي،
مشڪل پڙا تو ڪيا هوئا، مشڪل ڪشا ڀي هئي.

پرڀوءَ کي صدق ۽ پريم سان پڪاريو ته پرڀو توهانجا دک درد دور ڪندو، پر پرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو. هڪ ٻالڪيءَ کي سندس پتا پيار ڪندو هو. رات جي وقت ڳراٽڙي پائي کيس چوندو هو ته مان توسان آهيان. پر اُن کان وڌيڪ پرڀو توسان ساڻ آهي، اُن کي سدائين ياد ڪندي ڪر. پوءِ ڪيئن نه ٻالڪيءَ جو وشواس پرڀوءَ ۾ جمي ويو. ڏکو ڪاڏائين، ڊاڪٽر آپريشن ڪيس ۽ چيائينس ته تون شادي ڪنديءَ ته توکي ٻار نه ٿيندو. سال گذري ويا. وڏي ٿي، شادي ڪيائين ۽ کيس ٻار ڄائو. پوءِ سندس پرڀوءَ ۾ ڪيڏو نه صدق وڌي ويو. مهنجا پيارا، توهان مان هڪ هڪ جي اندر پرڀو ويٺو آهي. پڙهه آتما هجي يا پاڻي، هو سڀني جي سار وٺو لهي. جي وٽس وڃن ٿا،

چيو ته سنگيت ۾ نام جي گنگا وهي ٿي. اُن گنگا ۾ وهي صدق رکي ٽٻي ڏيو ته لوهانجو من سيتل ٿيندو. وڪارن جي لپٽ گهٽبي، ٻر سنگيت ۾ وڏو سدڀاونا سان، ٻيا سڀ ڦرنا ڇڏي، ڌيان سان سنگيت ۾ شروع ڪيو. ٻه دوست سنگيت ۾ ٻڌي ويا. اُن رستي تي هڪ چيو ته مان اڄ سنگيت ٻڌڻ هلان. فلاڻي سنيما هائوس ۾ هڪ سٺي فلم لڳي آهي، مان اُتي وڃان ٿو. ٻيو دوست جيڪو سنگيت ۾ ٻڌو، اُن جي دل اندر سڄو وقت اهو ويچار ته مان به جيڪر سنيما ۾ وڃان ها. منهنجي دوست سٺو ڪيو. سنگيت ٻڌڻ بدران اهو ويچار سندس دل ۾ ٻڌي وسيو. وري جيڪو سنيما ڏي ويل هو، تنهن پنهنجي دل ۾ پڇتاءُ ٻڌي ڪيو ۽ چيو ته مان اجايو هت آيس، جيڪر سنگيت ۾ سچو سڪون ڪيان ها. ٻئي ڏينهن ٻئي سنگيت ۾ آيا. سنت چيو ته سنيما ۾ ويل پاڻ سچو سنگيت ڪمايو. ڇو ته هنجي دل اندر سڄو وقت سنگيت جو ويچار هو. ان ڪري هن سچي پاڪ سچي پريم سان سنگيت ڪمايو.

٢ جولاءِ شام جو داداجن ڪن پريمين جي شڪائن جو سماڌان ڪيو.

٣ جولاءِ نماشام جو داداجن ملاڪا جي هوٽل ايشيا ۾ وياکيان ڏنو.

٦ جولاءِ پوڄيه داداجن لاس پالماس ۾ پڌاريا. هوائي اڏي تي پياري رامچند بولچند ۽ ٻين پريمين داداجن جو سواگت ڪيو. ٧ جولاءِ ڪرشنا هوٽل ۾ سنگيت جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته سانت ۾ واهي روز ابياس ڪريو. پريو سان روز ملاقات ڪريو. ڪڏهن به دلگير نه ٿيو. ڪابه مشڪلات اچي ته پريو کي پڪاريو. اهو اچي اوکيءَ مان سولي ڪندو. جان ۽ اُن جو پاڻ ۾ پيار هو. ٻئي

اُپديش ڪندي چيو تہ صدق وچان پرڀوءَ کي چئو:

پرڀو مونکي ڏاهہ ڪو ڀيو ٻولو،
چو تہ مون پڪڙيو آهہ تنهنجو چولو.

دنيا جي گوڙ شور ۾ اِڪ مالڪ جي شرڻ وٺون تہ ھن ڀؤ ساگر مان تري پار پهچون.

٢٧ جون ڀڳوچہ داداجن ٻار سيلونا ۾ پڌاريا. صبوح جو پريمي داداجن کي اُن آستان تي وٺي ويا. جت روز ھزارن ڪبوترن کي کاڌو کارايو ويندو آهہ. داداجن ڪبوترن کي خوب چانورن جي ڪڻ کارائي، ڪبوتر داداجن جي مٿي ۽ ڪلهن تي اچي ويٺا. نماشام جو داداجن مٺو اُپديش ڏنو.

١ جولاءِ صبوح جو پياري هيري ٻالاڻيءَ جي گهر ملاقا ۾ ڀڳوچہ داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو تہ اڄ جو وچار مونکي آيو.

هت هت هر هنڌ سچ آهين ساڻ،
هٿ کان وٺي پيو هلائين تون پاڻ.

هڪ ڀاءُ غريب گهر جو هو، مشڪلائي هلندو هو. سياري جي مند آهہ، رستي تان پيو لنگهي. هڪ سڪل وڻ ڏسي ٿو. ڏسي پاڻ کي چوي ٿو تہ هي سڪل وڻ ضرور ساوو ٿيندو. بهار جي مند آئي، هي سڪل وڻ ساوو ٿي پيو. هن ماڻهوءَ جي دل اندر وشواس جاڳيو ۽ چيائين تہ، منهنجي جيون جي سڪل وڻ کي پرڀو ضرور ساوو ڪندو. پاڻ پريتم اچي پريم جا ڦڙا ڦري منهنجي دل صاف ڪندو.

منهنجا پيارا، صدق ۽ پريم سان پرڀوءَ کي پڪاريو، پرڀوءَ لاءِ پياس اُڀاريو. پرڀوءَ کي چئو ”پرڀو، مان وساريان، تہ ڀي تون نہ وسار، مهر نظر سان مون ڏي نهار، ڀؤ ساگر مان ڪر اُون پار.“

نماشام جو هونئل اتلي ۾ ڀڳوچہ داداجن وياکيان ڪندي

ستسنگ جي اها جوت جڳائيندا رهو. ستسنگ آهي دواخانو، جت هڪ هڪ کي ملي ٿو شفا جو خزانو. پريوءَ ۾ سدائين صدق رکي پرارٿنا ڪريو:

وڏو تنهنجو پاٽي، منهنجي ٻيڙي نماڻي،
اُتم صدق سائين، رکپال تون آهين.

پريوءَ ۾ وشواس رکي روحاني راهه ۾ وک وڌايو. ڪولمبس جڏهن جهاز ۾ چڙهي نئين دنيا جي تلاش ۾ نڪتو، ساٿس ڪيترا سائي ۽ خلاصي هئا. ڪيترن ڏينهن جي سامونڊي سفر کان پوءِ سمنڊ ڪنهن ڪاٿو ئي خلاص ٿي ويو. سمدس ماڻهو تنگ ٿي کيس چون ٿا ته توکي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪنداسين. تون اڃا پيو اڳتي هلين. پوءِ ڪولمبس پريوءَ کي پرارٿنا ڪئي ۽ دل ۾ پڪاريائين ”پريو، تون مددگار ٿيءُ.“ پوءِ ۴۸ ڪلاڪن جي اندر ڪيئن نه ڪولمبس نئين دنيا آمريڪا ڳولهي لهي ٿو. پريو پرارٿنا ٻڌي ٿو، پر پرارٿنا سچيءَ دل سان ڪريون.

۱۰ جولاءِ سائوٿا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته منهنجا پيارا، ڪڏهن توهان پاڻ کان پڇيو آهي ته هي مانک جنم توهان کي ڇا لاءِ مليو آهي؟ توهين فقط لک ڪروڙ ڪٺا ڪري، پنهنجي جيون ويسر ۾ گذاري هليا وڃو ٿا. گروجن لاهور شهر ۾ اچن ٿا ۽ ڏسن ٿا ته دنيچند جي گهر مٿان اٺ جهنڊا پيا جهلن. پڇا ڪن ٿا. دنيچند گروجن وٽ اچي ٿو ۽ گروجن کيس پيار وچان هڪ سئي ڏيندي چون ٿا ته اها سئي پاڻ وٽ رک. جڏهن پرلوڪ هلون تڏهن اها سئي مونکي اُتي هلي ڏجانءِ. دنيچند گهر اچي اها سئي پنهنجي پتنيءَ کي ڏيندي چوي ٿو ته گروجن اها سئي ڏني آهي، سنڀالي رکج، پرلوڪ ۾ هلي اها سئي کين واپس ڪرڻي آهي. پتني چوي ٿي ”سائين، پرلوڪ ۾ اها سئي ڪيئن کڻي سگهندا،

پٽيءَ ھيا. ھڪ ڏينھن جان جي مونھن وٽ ھڪ ٻليءَ جي ڏنديءَ سان لڳي ۽ جان کي چوٽ رسي ٿي، پوءِ سندس دماغ پورو ڪم نٿو ڪري. انهن پرپوءِ کي دل جي اونهائيءَ مان جان جي شفا نيڪ لاءِ پرارٿنا ڪري ٿي. ھڪ ڏينھن جان ٽرام ۾ چڙھي ٻئي ڪنھن شھر وڃي پھتو. اُتي پنھنجو نالو جيمس پيٽر رکائي ٿو. انهن پندرھن سال گذري ويا. انهن جان جي پياس ۾ پرپوءِ کي پرارٿنا ڪندي رھي ٿي. ڪي ڪمس چون ٿا ته ٻيون ٻي شادي ڪر، جان گذاري ويو ھوندو. پر انهن جو پرپوءِ ۾ اٽل وشواس ھو ۽ چوائين ٿي ته منھنجو جان موٽي ايندو. ھڪ ڏينھن جان ڌڪو کائي ٿو ۽ سندس دماغ کلي پوي ٿو. اُن وقت کيس يادگيري اچي ٿي ته مان جان آھيان. يڪدم ٽرام ۾ چڙھي پنھنجي گھر اچي گھر جو در کڙڪائي ٿو ۽ چوي ٿو مان جان آھيان، در کوليو. انهن در کولي ٿي. جان کي ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿئي ٿي. پندرھن سال جي عرصي ۾ انهن جي آڏو ڪيڏيون مشڪلاتون آيون پر صبر سان سٺائين. پنھنجي محبوب جو مکڙو ڏسائين. منھنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون، توھان ٻه پرپوءِ ۾ وشواس رکي پرارٿنا ڪريو ته پرڀو اوس اوھانجا ڏک دور ڪندو. سندس نالو ئي آھي مشڪل ڪشا. ڪشٽن ڪليشن کي دور ڪندڙ.

٨ جولاءِ ٻه ساڍي ھفت ستسنگ ٿيو. اُن ستسنگ ۾ اسپينش ماڻھو به آيل ھئا. انھن مان ڪن دادا جشن کان سوال پڇيا، جي ھڪ ٻالڪيءَ اسپينش ۾ ترجمو ڪري داداجن کي ٻڌايا ۽ داداجن جا جواب پڻ اُن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٻين ٻڌايا. داداجن اُتي مٿو اپديش ڪندي مارگ درشن ڪيو.

٩ جولاءِ ٻه لاس پالماس جي ساڳئي ھوٽل ۾ دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته پياري گوبند - شيلا کي ڌنيواد آھي جي ھر سومر ئي ساڌو واسواڻي سينٽر جو ستسنگ آيوجت ڪن ٿا.

انسان هو. هڪ ڏينهن رستي تان پئي لنگهيو ته ڏٺائين ته هڪ ڪتيءَ کي ڇال لڳو ۽ اُن جو رت پئي وهيو. هن يڪدم پنهنجي قميص مان ٽڪر ڦاڙي هن کي ٻڌو. سندس دل ۾ پراڻي ماتر لاءِ ديا ڀاونا هئي. اڄ اسانجي دلين ۾ ديا ڪٿي؟ شيوا ڀاونا ڪٿي؟ منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. جيون ۾ ديا ۽ شيوا جي جوت جڳايو ۽ اُن سان گڏ نام کي نه وساريو.

پوجيه داداجن ١٦ جولاءِ سانتا ڪروز هال ۾ ڪيترن ڀائرن کي سندن پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي سندن شنڪائن جو سماڌان ڪيو. ڪنهن سوال پڇيو ته گرو پورڻ ڏاڍو پيار ڏئي ٿو ۽ پوءِ وري منهن ڇو ٿو موڙي؟ داداجن چيو ته جيئن ورکا جي موسم کي ڪڏهن اُس کپي ته ڪڏهن ڇانوَ. اهڙي حالتن جي موسم پچڻ لاءِ ضرورت آهي. تيئن شش يا گروءَ جو پيار ۽ گروءَ جو منهن موڙڻ سهي، هڪ ڏينهن سچو شش بڻجي ٿو.

١٧ جولاءِ وري داداجن لاس پالماس ۾ واپس آيا. اُت هڪ هوٽل جي هال ۾ پوجيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پيارا، مٺا ٿيو. زبان سان ڪوڙو نه ڳالهايو. اهڙا ٻڪا وچن نه ٻوليو، جنهنڪري ٻين جي دلين کي رنج رسي.

اَئسي ٻاڻي ٻولئي، من کا آپا کوءِ،
اؤرون ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هوءِ.

اهڙي ٻولي ٻوليو، جو من جو آپو ختم ٿي وڃي. اهڙو مٺو ڳالهايو، جو توهان جو من به سيتل رهي ۽ جن ڳالهايو، اُنهن جو من به سيتل رهي. ٿورو نه ٻوليو. هڪ ڀيرو هڪ سنت وٽ آئي. چيائين، منهنجو پتي مون تي ڏاڍي ڪاوڙ ٿو ڪري. سنت پاڻيءَ جو هڪ شيشو ڀري ڏنس ۽ چيائينس ته جڏهن پتي ڪاوڙ ڪري ته تون پنهنجي وات ۾ پاڻيءَ ڍڪو وجهي جهلي بيهه. پاڻي وات ۾ هوندو ته تون ڪجهه ڪين سگهندينءَ، ان

جڏهن پنهنجا هٿ به هٿي ٿي ڇڏي ويندا؟ گروجن کي اها سڀئي ڳالهه ٿي موٽائي ڏئي اچو. دنيچند موٽي گروجن وٽ اچي ٿو ۽ چوي ٿو ”سائين، پرلوڪ ۾ مان سڀئي ڪيئن کڻي وڃي سگهندس؟“ گروجن ڪرپا ڪري دنيچند جا ڪپاٽ کولين ٿا، کيس سچو گيان ڏين ٿا.

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. مايا ۽ ماڻا جي پٺاوٽن گڏ ڪرڻ ۾ جيون برباد نه ڪريو، پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. پريو مايا ڏني ته اها سندس امانت سمجهي دکين دردين جي خدمت ۾ خرچ ڪريو ۽ ور ور پريوءَ کي چئو I Love you God پريو، مان توکي پيار ڪريان ٿو. پنهنجي دل داتا کي ڏيو نه دنيا کي.

١١ جولاءِ داداجن پٽڻ رکڻي مهتاڻيءَ جي گهر ۾ اپديش ڏنو.

١٢ جولاءِ لاس پالماس جي گيتا مندر ۾ پوڄيه داداجن پڌاريا. مندر جي پوڄاريءَ داداجن جي آرتي ڪئي. پوڄيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته اڄاڻن ڳالهين ۾ پنهنجا امولهه سواس نه وڃايو. نام سان نينهن لڳايو، ڪيو مانش جنم سڦايو.

١٣ جولاءِ پوڄيه دادا جشن لدرهف ۾ پڌاريا. اتي پٽڻ رکڻي ڪنعيالعل جي جاءِ تي رهيا. ١٤ جولاءِ هوٽل سام في لائيف ۾ پوڄيه داداجن اپديش ڪندي چيو ته سادو هيرانند جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. سادو هيرانند سنڌ جو ستارو هو. زندگيءَ جي ٿوري عرصي ۾ هن ڪيترو نه ڪم ڪيو. نشڪام سماج سيوڪ هو. سماج سڌارڪ هو. تعليمدان هو. اخبارنويس هو، پر مشهوريءَ جي مرض کان پري. هن سچپرڪ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي به بيمارن ۽ روڳين جي ڪنڌي نه خدمت ڪئي. هي سيوا ۽ سادگيءَ جي ساکيات صورت هو. هي هڪ عجب

ڇهن مهينن جي ورهيش پاتڻا بعد دادا جشن ۲۴ جولاء پونا
جي پٽيم پوميءَ ۾ پڌاريا. سون پريمين جي اکڙين ۾ پيار جا
آنسون هئا. دادا جن پهرين سمادي آستان تي پرڻام ڪري پوءِ
هڪ هڪ پريمي کي پنهنجو پيار ڏنو. ۲۹ جولاءِ گرو پورڻما جو پوتر
ڏينهن هو. صبوح جو دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ ڪيترائي پريمي
آيا، جن پوڄيه دادا جشن کي ناريل ۽ هار ڀيٽ ڪيا. دادا جشن
اهي ناريل ۽ گلدستا دادل شاهه جي چرنن ۾ ڀيٽ رکيا ۽ هڪ
هڪ کي پنهنجي آسيس ڏنائون.

نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي
چيو ته سنتن سنپرڪن وٽ وڃو ته ڪجهه نه ڪجهه کٽي وڃو.
ستسنگ مان ڪا نه ڪا سکيا گرهڻ ڪريو. هڪ گرو نانڪ ديو جن
وٽ هڪ ڇوڪرو اچي ٿو. ڏاڍيا وڏا ڏاڙا هڻندڙ هو. گروجن جي
چرنن تي ڪري پوي ٿو ۽ چوي ٿو "سائين، آسيس ڪريو.
چاهيان ٿو ته ڏاڙا نه هڻان، پر رهي نٿو سگهان. اڄ دل ٿئي ته
توهان سنتن جو درشن ڪريان." گروجن هن کي ڏاڍي پيار سان
ملن ڏنا. گروجن جي آسيس وٺي اٿيو ٿي ته گروجن چيس "پيارا،
سنتن وٽ اچڻو آهه ته ڪجهه کٽي اچڻو آهه ۽ وڃڻ وقت ڪجهه
وٺي وڃڻو آهه. تون کٽي ڪجهه ڪين آئين، هاڻ وٺي ته وڃ."
چور چيو ته ڇا ڏيندا، جو کٽي وڃان؟ گروجن چيو "سکيا."
چور چيو "اهڙي سکيا نه ڏجو ته ڏاڙا نه هڻجانءِ. ڏاڙا هڻڻ ته
منهنجو ڌندو آهه." گروجن چيس "پيارا، هي ٽي ڳالهيون ياد
رکجانءِ :- (۱) سدائين سچ ڳالهائج (۲) جنهنجو نمڪ کائين،
انهنجي چوري نه ڪج (۳) ڪنهن غريب کي راهه گناهه نه
ڦاسائج."

چور اهي ٽي ڳالهيون ياد ڪري گروجن کان موڪلائي
هليو. چور کي ٽيهه ڏينهن گذريا ته دل ٿيس ته چوري ڪريان.

ڪري واد وواد ڪين ٿيندو. واد وواد مان وڌيڪ تڪرار ٿيندو آهي. ان ڪري جهڳڙن کي ڪاوڙ ڪري نه، جواب ئي نه ڏجي. اڳلو ڪاوڙ ڪري پاڻ ئي ٿڪجي پوندو. شري گوتم ٻڌ جي زماني ۾ ٻه پاڙيسري راجائون پاڻ ۾ پاڻيءَ جي ڳالهه تي اٽڪيا. گوتم ٻڌ کي اها خبر پوي ٿي. گوتم ٻڌ انهن راجائن وٽ وڃي ٿو ۽ کين سمجهائي ٿو ته پاڻيءَ جو ملهه گهڻو، توهانجي سولجرن جو ملهه گهڻو؟ پاڻيءَ جي ملهه کان توهانجي سولجرن جو ملهه تمام وڏو آهي. انهن جون حياتيون بچايو. خون جون نديون نه وهايو. پاڻ ۾ صلح ڪريو. گوتم ٻڌ جي اکرن ۾ اثر هو. ٻنهي راجائن صلح ڪري پريم سان پاڻيءَ جو فيصلو ڪن ٿا.

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. هڪ ٻئي جا مسئلا محبت سان سلجهايو، اجايو ڪاوڙ ڪروڌ ڪري تڪرار پيدا نه ڪريو. پنهنجي چت شانتي نه وڃايو.

پوجيه دادا جن ١٨ جولاءِ ڪاساٻلانڪا ۾ پڌاريا. اُتي دادا جن پنڊت سچيتا ڪمار جي گهر ۾ رهيا. نماشام جو دادا جن مٺو اُپديش ڏنو. ١٩ جولاءِ شام جو دادا جن انگريزيءَ ۾ پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي، ڪيترن پرشنن جي شنڪائن جو سماڌان ڪيو.

٢٠ جولاءِ پوجيه دادا جن لنڊن ۾ پڌاريا. ٢١ جولاءِ شام جو پوجيه دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته پاڻ کي پرڀوءَ جي حوالي ڪريو ته سڀ سولي ٿي پوندي. توهانجي من جا مونجهارا، مسئلا سڀ دور ٿي ويندا. ماتا پتا پنهنجي سنتان جي ڪهڙي نه سنڀال ڪن ٿا. تيئن جو انسان سائينءَ ۾ صدق رکي پرڀوءَ کي پاڻ ارپڻ ڪري ٿو، پرڀو اُن جي سار لهي ٿو. وشواس رکي پرماتما کي پريم سان پڪاريو، پرڀو اوس توهانجي پياس پوري پڪار ٻڌندو. ٢٢ جولاءِ پنڊت لڪشمي انند شورداساڻيءَ جي گهر دادا جن روح رهاڻ ڪئي.

ڪري مان هاڻي توهان وٽ آهيو آهيان ته چوري ڪرڻ جي لاءِ مان ٿي آيو هوس. راجا چور جا سياڻپ ڀريا گفتا ٻــڌي ڏاڍو ٻرسن ٿيو ۽ هن کي پنهنجو وزير مقرر ڪيائين.

منهنجا پيارا ٻارو ۽ پيارؤون ڀيڻرون. چور شري گرونانڪ جون سکيائــون هنيائون ته چور مان وزير بڻجي ويو. اسين به ستن سنتوکن جي سکيائن تي عمل ڪريون ته ڪنهن اوچ منزل تي پهچون. اسين به سچ جي راهه ۾ هلون. نمڪ حرام نه ٿيون. غريبن تي آسيس ڪريون ۽ گرن جي، ستن جي آسيس وٺــي جيون جي راهه ۾ اڳتي وڌون. ستن جي نظر پاڻن کي به نهال ڪري ڇڏي ٿي.

٢ آگسٽ پوجيه دادا جشن جي جنمدن سنبنڌ ۾ ڪيترائي پريمي ديش وديش مان آيا. صبوح جو اهي پياسي پياري دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ پــوجيه دادا جشن جي درشن لاءِ آيا. پوجيه داداجن، دادل شاهه جي مورتيءَ ۽ پيڻ شانتيءَ جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري سڀني ڏانهن پنهنجي نيڻهن ڀريل نگاهن سان نهاري نهال ڪيو. ان بعد داداجن هون لڳي ۾ آهوڻي وڏي ۽ سفيد پوشن جي شوا ڪئي. منجهند جو ساڍي ١٢ بجي ميران هال ۾ سوين سڪايل پياري داداجن کي جنمدن مبارڪون ڏيڻ لاءِ ۽ ستدن آسيس وٺڻ لاءِ ڪٺا ٿيا. نام ڪيرتن ٿيو. ان موقعي تي پوجيه داداجن اپديش ڪندي چيو:

هٿي هٿ وڃاءِ، متان ڏسين ڏک ڏهاڳ جو،
ڪر ادب سين عاجزي، پاند ڳچيءَ ۾ پــاءِ،
پيرن ڪــي پرچاءِ، متان رٺائي رهجي وڃين.

پنهنجي پريتم کــي پرچايو، متان پــوءِ ڏهاڳ جو ڏک ڏسڻو پوي.

گرو اهو جو اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي. گرو ڪيڏاون

سپاهه کيس چوري ڪرڻ لاءِ گهلي ويو. هي راجا جي محلات ڏانهن چوري ڪرڻ وڃي ٿو. محلات جي دروازي وٽ چوڪيدار ويٺو هو. تنهن هڪل ڪئي ته، ڪير آهين؟ چيائين "چور آهيان." چوڪيدار سمجهيو ته چرچو ٿو ڪري. چور ڪيئن چوندو ته چور آهيان. سو موڪل ڏنائينس ته اندر وڃ. چور اندر وڃي راجا جي هيرن جواهرن جي هڙ ٻڌي هليو ئي ته ڪاڏي جي ٿالهي ڀريل ڏٺائين. بکايل ته هو، اجا گراهه وات ۾ وڌائين مس ته سمت جو ٻيو وچن ياد آيس ته جنهنجو لوڻ کائين تنهن جي چوري نه ڪجي. ان ڪري هيرن جواهرن جي هڙ اتي ئي ڇڏي هليو ويو. صبوح جو راجا ڏٺو ته هيرن جواهرن جي هڙ ٻڌل رکي آهي. ڪنهن چور چوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. پوليس جاچ ڪئي. ڪن غريبن بيگناهن کي پڪڙي راڄ دربار ۾ وٺي آيا. اها خبر جڏهن چور کي پيئي ته سمت جي ڪري بي گناهه غريبن تي تهمت مڙهي کين بند ڪيو ويو آهي. تڏهن اهو چور راجا وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته، اهي غريب جن کي چوريءَ جي تهمت سبب گرفتار ڪيو ويو آهي، سي بي گناهه آهن. مان ئي توهان جي محلات ۾ چوري ڪرڻ آيس. محل ۾ اچڻ وقت چوڪيدار مونکان پڇيو ته تون ڪير آهين. مان گروجن جي سکيا موجب سچ ڳالهايو ته چور آهيان. هن چرچو سمجهي مون کي ڇڏي ڏنو. وري اندر ويس. توهان جا هيرا جواهر چوري ڪري هڙ ٻڌم ته ڪاڏي جي ٿالهي ڏسي گرهه وات ۾ وڌم. تڏهن گروجن جو ٻيو وچن ياد پيو ته جنهنجو لوڻ کائجي ان جي چوري نه ڪجي. انڪري هيرن جواهرن واري هڙ اتي ئي ڇڏي هليو ويس. وري ٻڌم ته منهنجي بدران بيگناهه غريبن تي چوري ڪرڻ جي تهمت مڙهي، کين سزا ڏني وڃي ٿي ته گروجن جو ٻيو وچن ياد آيو ته ڪنهن به بيگناهه کي نه ڦاسائجي. ان

سانت ۾ وڌيڪ اڀياس ڪريو ته توهان کي ان سنتن جي پروڙ پوندي. پرڀوءَ سان سانت ۾ ملو، گفتگو ڪريو. مونکي توهانجا لک ڪروڙ ڪين کپن، پر مونکي توهانجو وقت کپي. مان "سمي ٻنڌڪ" ڪولاڻ ٿو چاهيان، جنهن ۾ توهين پرڀوءَ سان ملڻ لئه وقت ڏيو. سانت ۾ وڌيڪ ستگروءَ صاحب سان ڳالهيون ڪريو. پرڀوءَ جا ڪمل چرن پڪڙيو ته پوءِ سانت ۾ انهن جو آواز ٻڌندا. شري ڪرشن شري ارجن کي چوي ٿو:

ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ ارجن، تون منهنجي شرن آءُ،
پاپن جا ٻنڌن تنهنجا آءٌ ٽوڙيان، اچي مڪتي پاءِ.

شري ڪرشن جي شرط وٺو ته توهانجا سڀ ٻنڌن ٽٽي پوندا. ان ڪري شرن وٺو. شرن آئڻ جا سڀ دک درد دور ٿي ويندا.

۲۷ آگسٽ چنڊ ڏينهن رکشا ٻنڌن جو پوتر ڏينهن هو. ڪيترن ڀائرن ڀينرن دادا جشن کي رکڙيون ٻڌيون ۽ موٽ ۾ دادا هڪ کي پاڻ وٽ مان پائلي ڏيندو ويو. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو:

لم بن ميري ڪون خبر لي گووردن گرڌاري.

پرڀوءَ کان سواءِ ٻيو ڪير آهي، جو اسانجي سار سنڀال لهي؟ فقط پڪو صدق کپي. هڪ ڀاءُ ڳالهه ڪئي ته هو پنهنجي پتني ۽ ٻن ٻارن سان گڏ موٽر ڪار ۾ ويٺي ويو. سندس ڪار ۾ دادل شاهه جي تصوير رکيل هئي. جيئن هن هڪ ٽرڪ کان پاسو وٺي پنهنجي ڪار ٿي هلائي ته سامهون ايندڙ ٽرڪ سندس ڪار کي چٽي ڇڏيو، پر هن پياري دادل شاهه جي تصوير ڏانهن نهاريندي پڪاريو. ڪار ۾ ويٺلن مان ڪنهنجو ڀي وار ونگو نه ٿيو. سنت ڪيئن نه پنهنجن پيارن جي رکشا ڪن ٿا. اڄ رکشا ٻنڌن جو پوتر ڏڻ آهي. گرو اسانجي رکشا ڪري ٿو، بشرطيڪ

نه آزمائشون وٺندو آهه. ڪيترا دفعا شش جو صدق ٽٽيو پوي ۽ چوي ته مهنجي گروءَ جو دماغ ٺيڪ آهه يا نه؟ هڪ شش گروءَ جي ڏاڍي سيوا ڪري ٿو. هڪ ڏينهن گرو ڪا ڳالهه ڪري ٿو، جا شش کي نٿي وڻي. گروءَ کي ڇڏي وڃي ٿو. ڪجهه وقت بعد گرو ٻرهمليِن ٿئي ٿو. شش کي خبر پوي ٿي، ڏاڍو پڇتائي ٿو. زار زار روئي ٿو. ٻوٻوءَ کي ۽ ٻوٻوءَ جي پيارن کي ڏوهاڙو پيو ڪجهه ڪين ڪڇي، فقط نماڻائي، ٺڪر ليائي گروءَ ۽ ٻوٻوءَ جي شرط ونو. اهڙي ڪرت نه ڪراءِ جا گروءَ جي وچارن جي پرتيڪول هجي، متان راڻو رسي نه وڃي

منجهند جو ٻه لڳي ڏهه منٽ گهنڊ لڳا. چوڌاري جئه جئڪار جي گونج ٿي. ڪيترن ٻرهمڻن داداجن کي ولندو ڪيڪ ڪنٺ لاءِ ڏٺا. اُن وقت داداجن جي منهن ۾ ڪيڏي نه مشڪ هئي. پيشانيءَ ۾ تيج پئي چمڪيو. ٻرهمڻن وري واڌاين جي ورکا ڪئي.

نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن کي ٻرهمڻن ١١٧٥٧٨-٨٨ روپين جي جملي ڳوٿري پيش ڪئي. پوڄيه دادا جشن وري اها ڳوٿري پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي مورتيءَ اڳيان پيش ڪندي چيو ته انهن پئسن سان پيارا دادا ساڌو واسواڻي جملي ڳوٿريءَ جو آرپڻ ڪيو ٿا. پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته مان توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. اوهان داس کي ڪيڏو نه قرب ۽ پيٽائون ڏنيون آهن. توهين جنڪر ٻروڙ ڀاءُ ته توهين امر آهيو. توهين هي سرير يا من ڪين آهيو. مان چم جو چولو ڪين آهيان. سرير ڪان مٽيءَ جي اموله چيز آهيان، جنهن ٻاٻت شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو:

'چدانند روپم شووهم شووهم.' سرير فقط هڪ اوزار آهي. توهين نه آهيو ست چت آنند روپ. اُن جو چنتن ڪراءِ.

ڏيئي ڇڏيندين. شاهوڪار کي گانڌيءَ جو اهو انگل قبول ڪرڻو پيو. گانڌيجي پوڄن ورتائي اهي چانديءَ جا ٻوٽڻ وڪڻي غريبن جي سيوا ۾ خرچ ڪيا. گانڌيءَ جي دل ۾ دٻن دکين لاءِ ڪيڏي نه همدردي هئي.

آرتوار ۳۰ آڪٽوبر دادا جن انٽرنيشنل ريڊڪراس سوسائٽيءَ جي ٻرپا ڪندڙ هينريءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته هن ريڊڪراس ٻرپا ڪري انسان ذات جي عظيم خدمت ڪئي. ڦٽيل سولجرن ۽ قدرتي ڪوپن وقت هن پيڙن جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي. اڄ ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ريڊڪراس جا والنٽيئر ڪيئن نه اپاهجن، بيمارن يا ڪنهن مصيبت يا ڏرگهٽنا جي پيڙن جي ڪيڏي نه قرب ۽ قربانيءَ سان سيوا ڪن ٿا. مهنجا پيارا ٻارو ۽ ٻچڙو، توهان به سنڀالن، اپاهجن جي سيوا ڪريو، نشڪام ڀاونا سان. ارپڻ جي ڀاونا سان.

۲ نومبر ٻڌر ڏينهن منجهند جو تاج محل هوٽل بمبئيءَ ۾ ۲۵ نومبر وشنو ڏينهن ملهائڻ جي سمبنڌ ۾ خاص اتسو رکيو ويو، جتي مهاراشٽر جو گورنر شري برهمانند ريڊي خاص مهمان طور پڌاريو.

پوڄيه دادا جشن اتسوائتي تقرير ڪندي چيو ته جانور به اسانجا ننڍا ڀائر آهن. انهن کي ڪاسائيءَ جي ڪاتيءَ کان بچائڻ اسانجو ڌرم آهي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي ٻڪرين پسن کي به ڪيڏو نه پيار ڪندو هو. چوندو هو ته مهنجو سر وٺو، پر انهن گگدامن کي نه ڪهو. اهي گگدام اٿو گوبند جا ٻار، انهن تي ديا ڪريو. ديا پدا سڌ ۽ ڪاسائي آهه. ان ڪري پياري دادا جو جنمڏن ۲۵ نومبر هر سال ”وشنو ڏينهن“ ڪري ملهايو وڃي ٿو. جيئن هزارين جيون کي جيئدان ملي.

۶ نومبر شڪروار شام جو جمنابائي هندوجا سانسڪرتڪ

اُن ۾ پورو پورو وشواس هجي. ٻين ۾ وشواس رکو ۽ ٻين جا عيب ڏسي اُن ۾ سمت سمجهو، اُنهن ۾ وشواس رکو. اُنهن سان نيڪين جو ناتو ڳنڍيو ته اوس توهانجي رکشا ڪندا.

١٩ سيپٽمبر پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته، اڄ راڌا اشٽميءَ جو پوتر ڏينهن آهي. راڌا کي شري ڪرشن لاءِ ڪيڏو نه پريم هو. راڌا هئي پياسي روح. توهين به راڌا وانگر شري ڪرشن کي پڪاريو ته ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن شري ڪرشن اچي توهانکي ڳلي لڳائيندو.

٢ آڪٽوبر پوڄيه دادا جشن مهاتما گانڌيءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته مهاتما گانڌيءَ کي دکين لاءِ درد هوندو هو. هڪ دفعي مهاتما گانڌي ڪستوربا سان گڏ بهار جي هڪ ڳوٺ ۾ ويو. هن ڏٺو ته ڪوهه ٻان ڪتريون ٻيون ٻيٺون ٻاهر آيون، ٻر سڀني ڪپڙا تمام ميرا آهن. گانڌيجي پنهنجي پتني ڪستوربا کي چيو ته تون وڃي انهن ڀينرن کان پڇ ته اهڙا ميرا ڪپڙا ڇو پاتا اٿن؟ ڪستوربا جڏهن انهن ڀينرن کان اهو سوال پڇيو تڏهن هو چون لڳيون ته اسان سڀني کي صرف ڪپڙن جو هڪ هڪ وڳو آهي، پوءِ ڪيئن ڪپڙا بدلايون! اهو ٻڌي مهاتما گانڌيءَ کي دک ٿيو ته ديش ۾ ڪيڏي نه غريبي آهي.

هڪ دفعي مهاتما گانڌي اندور ۾ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويو اتي هڪ شاهوڪار کيس ڀوڄن ورتائڻ لاءِ وينتي ڪئي. مهاتما گانڌي سندس عرض قبول ڪري سندس گهر ڀوڄن ورتائڻ لاءِ ويو. جڏهن ڀوڄن تيار ٿيو، تڏهن اُن شاهوڪار گانڌيجيءَ ۽ ڪستوربا اڳيان چانديءَ جون صحنڪون رکي انهن ۾ چانديءَ جا برتن رکيا. مهاتما گانڌيءَ چانديءَ جون صحنڪون ۽ چانديءَ جا برتن ڏسي اُن شاهوڪار کي چيو ته، اسان انهن برتن ۾ تڏهن کائينداسين، جڏهن تون اهي برتن اسانکي ارپيو

٧ نومبر سومر شام جو ٻولا سپاگرهه ٻمبئيءَ ۾ ساڌو واسواڻي مشن طرفان دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٩ جنمدن ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ اُپديش ڪندي چيو ته، پيارو دادا ساڌو واسواڻي ٻرهم ۽ ديا جي مورت هو. ٻريو آهه پيار. اڄ انسان ذات اوندهه مان لنگهي رهي آهي. انڪري چوڌاري دک، ڦهليل آهي. ساڌو واسواڻيءَ اچي اهو آواز اُٿاريو ته، پيار جي جوت جڳايو. سنسار ۾ هڪ هڪ سکہ جي تلاش ۾ آهي، پر سچ پچ ڪي ٿورا سکي آهن. سچو سکہ پراپت ڪرڻ لاءِ ضروري آهه ته پاڻ سان پڪو ارادو ڪريون ته ڇا به ٿئي پوي ته پنهنجي من جي شانتي نه وڃايون ۽ ڪنهن تي به نڪتہچيني نه ڪريون. پنهنجون گهرجون گهٽايون. جي سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي مدد ڪريو، ٻين کي سکي ڪريو. پنهنجي جيون دکي دنيا جي سيوا ۾ خرچ ڪريو.

١١ نومبر ميران ٻومي پونا ۾ تبت جو روحاني رهبر شري دلائي لاما پڌاريو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته آج موري گهر سنت پڌاريا. مان هن سنت جو ستڪار ڪريان ٿو. سڀني ڌرمن ۾ ايڪ پريم آهه. اڄ اسانکي پريم جي پياري دلائي لاما اچي آسيس ڏني آهه. سندس نيڻن ۾ نام جو نشو آهه. هي سڀني جو دوست آهه ۽ همدرديءَ جي مورت آهه. سندس مکيه سکيا آهه ته، سڀني جا مددگار بڻجو. جي ڪنهن کي ڏيو نه، ته ڏکايو به نه. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ چيو ته، غريبن جي سيوا آهه پريم جي پوڄا. هڪ دفعي دادل شاهه کي تپ هو. سڀئي ڏينهن ڪاڌو نه کاڌو هئائين. شام جو چيائين ته مونکي سنگترا کپن. هڪدم سنگترا اچي ويا. پياري دادا چيو ته، اهي سنگترا وڃي ساسون اسپتال ۾ ورهائي اچو. پياري دادا جي آگيا جي هڪدم پالنا ڪئي ويئي.

ڪيمپ ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي ۱۰۹ جنم ڏينهن سمبنڌ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شروع ۾ شري لڇمڻداس چاٻڙيا دادا جشن واسواڻيءَ جو سواگت ڪيو. پوءِ دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون مان ڪي مثال ڏيندي ٻڌايو ته جيڪڏهن ڀڳتيءَ جي راهه ۾ هلڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو، ڪچ ڪين ٿيو. پنهنجو آپو مٽايو. اهم کي مارڻو. توهانجي ۽ پرڀوءَ جي وچ ۾ هڪ پڙدو آهي خوديءَ جو، ٻيائيءَ جو، ان کي دور ڪريو ته توهان کي هر هنڌ محبوب جو ديدار ٿئي.

سائي صورت عين کي، سائي صورت غين،
سمن نقطا دور ڪر، تو رهي عين ڪا عين.

۵ نومبر ڇنڇر شام جو ٦ بجي ساڌو واسواڻيءَ جو ۱۰۹ جنم ڏن ساڌو واسواڻي مشن سنڌونگر طرفان هري ڪيرتن دربار سنڌونگر-۳ ۾ ملهايو ويو. شروع ۾ ديال آشا دادا جشن واسواڻيءَ جي آجيان ڪندي گيت ڳايو. ٻاءِ رولاچند ڪيسواڻيءَ ۽ ٻاءِ آلو رملواڻيءَ ڀڄن ڳاليايو. ٻاءِ هري ڦلواماڻيءَ ٦٥٥٣٥ روپين جي ڳوٿري داداجن کي پيش ڪئي. داداجن ان ۾ ٻيا پئسا وجهي هڪ لک روپيا ڪري دکين ڏريدرن جي سيوا لاءِ واپس ڪيا.

پوءِ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته انسان هڪ پکيءَ وانگر آهي، جو هڪ ڏينهن هتان اُڏامي هلڻو آهي. هن پکيءَ کي ٻه پر ڏنا آهن، هڪ سمرڻ جو ٻيو سيوا جو. ان ڪري روز ڪيس سمرڻ ۽ سيوا جا ڪارج ڪرڻ گهرجن. روز ڪجهه وقت پياري پرڀوءَ جو نام جپيو ته ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهان کي اندر ۾ جوت جو ديدار ٿيندو. دنيا دکن سان ڀري پيئي آهي. ان ڪري دکين ٻکين پسن جي سيوا ڪريو. روز ڪيترا نه پسون پکي بي رحميءَ سان ماريا وڃن ٿا، ان ڪري ماس نه کائو، جيئو دَيا جي جوت جڳايو.

ڪيڏي نه اُتساهه سان رت کي ڪاهي رهيا هئا ۽ جدا جدا
چونڪن تي داداجن ٻوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو سنديش سڻايو.

٢٥ نومبر صبوح جو ٻوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ کي پنهنجي
پيار جي پشپانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا اسان کان پري
ڪين آهي. ادرشت نموني سندس ڪرپا سان ڪيڏا نه ڪارج
ٿي رهيا آهن. پيارو دادا هو عشق جو اوتار. ڪيئن نه دادا هڪ
هڪ کي پنهنجو پيار پيئاريو.

ٻوجهه داداجن شام جو ١٧ لکن روپين جي ڳوٿري دادل
شاهه جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪئي. ٻوجهه داداجن انگريزيءَ ۾
وياکيان ڪندي چيو ته هرڪو سکي گذارڻ چاهي ٿو، اُن لاءِ
ويچارن جي سنڀال ڪريو. قدرت جو سنگ ڪريو. سادو کاڌو
کائو. جهڙو اَن تهڙو من. روز ورزش ڪريو. ڪجهه وقت سانت
۾ ويهو. سنتن جو سنگ ڪريو. برهمچرج ۾ رهو. ٻين جا مددگار
ٿيو ۽ پرڀوءَ کي نه وساريو. ڪم ڪار ڪندي دل جي تار پرڀوءَ
سان ڳنڍيو، پوءِ توهان کي لهر نڪي لوڏو. توهين پرڀوءَ جي
اوڏو ئي اوڏو.

٢٦ نومبر صبوح جو داداجن لوناوالا روانا ٿيا. اُتي سانت ۽
ايڪانت ۾ رهيا.

١٢ ڊسمبر سينٽور هوٽل ٻمبئيءَ ۾ فيسٽيول آف لائيف
سنستا طرفان انٽرنيشنل ڪانفرنس سڏائي وئي. اُن ڪانفرنس
۾ جدا جدا ديشن جا عيوضي شريڪ ٿيا. مدر ٽيريسا، ڪارڊينل
پمينٽا ۽ دادا جشن واسواڻيءَ کي اُن ڪانفرنس ۾ وياکيان ڏيڻ
لاءِ خاص نيمنڊ ڏني وئي. دادا جشن ڀاشڻ ڪندي چيو ته جيون
هڪ سکم ساگر آهي، پر افسوس! اسان مان ڪيترا تڪليفن ۽
مشڪلاتن کي ڏسي ڊڄي وڃن ٿا ۽ جيون اسان لاءِ هڪ دک
جو ساگر ٿي پوي ٿي. اُن ڪري ضرورت آهي ته اسين اُن جو

اسان مان ڪن سمجهيو ته پياري دادا ڪجهه ڪين کاڌو آهي، ضرور به ٿي سنگتڙا کائيندو. پر داداجن پاڻ هڪ به سنگتڙو نه کائي سيب نارنگيون اسپتال ۾ ورهائڻ لاءِ موڪليون. پياري داداجن کي ٻين جي اوڻ هوندي هئي. پياري دادا وديا جي کيتر ۾ پڻ انوکو ڪارنامو ڪيو. وديارٿين جي چرتر نرماڻ پاران آدرشن کي اپنائڻ ۽ جيوَ ديا تي داداجن ڪافي زور ڏنو.

پوجيه دادا جشن شري دلائي لاما جو سواگت ڪندي ڪيس شال پيش ڪئي. شري دلائي لاما چيو ته مان ساڌو واسواڻيءَ جو شروع ڪيل ڪارج ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان.

١٩ نومبر صبوح جو پونا جي اشوڪا هوٽل ۾ ٢٥ نومبر وشو ڏينهن جي سنبنڌ ۾ سيمينار سڏايو ويو. اُن موقعي تي پوجيه دادا جشن وشو ڏينهن جي اهميت تي ڳالهائيندي اپيل ڪئي ته هر سال پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن ڏينهن هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو. داس جي ته اها اڇا آهي ته جيون پر هنسا جي ڪاڏي کان ڪنارو ڪري جيون ۾ جيو ديا جي جوت جڳايو. جيئن انسان کي جيئڻ جو اڌڪار آهي، تيئن پکين پسن کي به زنده رهڻ جو حق آهي. جيئن ڪنهن ماڻهوءَ کي مارڻ گناهه آهي، اُن لاءِ قاعدا قانون آهن، تيئن پسن پکين کي مارڻ به گناهه آهي. اُن لاءِ به ساڳيو قاعدو قانون هئڻ گهرجي.

ميران پرائمري اسڪول ميران هاءِ اسڪول، ميران انگلش ميڊيم اسڪول ۽ ميران ڪاليج طرفان دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. سڀني ڪارڄ ڪرمن ۾ پوجيه دادا جشن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جدا جدا وصفن جو ورڻن ڪندي وديارٿين جو مارگ درشن ڪيو.

وڏ ٻالڪا ۾ هزارين پريمي شريڪ ٿيا. پوجيه داداجن پاڻ

"پل ٿو ٻڌان." سڪندر ڪلهدي چوڻس ٿو "مٽي نه پاڻيءَ ۾ لڙهي وهندي! اهين پل ڪيئن ٺهندي؟ پهرين ان لاءِ وڏيون ڪاٺيون کپن، رستي کپي ۽ پيو به گهڻو ضروري آهي، پوءِ ٿي مٽيءَ جو بند ٻڌي سگهبو. تڏهن اهو شخص چوي ٿو ته هن شهر ۾ هڪ سڪندر نالي شخص رهي ٿو، جو پنهنجون نقطچينيون ڪري پنهنجون سٺيون وڃائي ٿو. پوءِ هو هن سمسار ساگر مان پار پوڻ لاءِ روحاني پل ڪيئن ٺاهي سگهندو." اهو ٻڌي سڪندر جو اندر کلي ٿو. پنهنجو عيب محسوس ڪري ٿو ۽ ان اوگڻ کان ڏاڍو پري رهي ٿو. مهنجا پيارا، اوهين به ڪنهنجا اجايا اوگڻ نه وائچاريو. نقطچينيءَ کان پري رهو. جنهن ۾ جيڪو گڻ هجي سو کڻڻ جي ڪوشش ڪريو. اوگڻ اسان شخصي ملڪيت ۽ گڻ اسان عام جي ملڪيت. پرائي ملڪيت ۾ اوهانجو ڇا؟ ان ڪري گڻ گراهي ٿيو.

۷ جنوري شام جو شانتي ڪنج جي ميدان تي دادا ساڌو واسوانيءَ جو ورسي اتسو ملهايو ويو. پياري دادا جشن دادل شاهه جي جيون جون ڪي پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌايون.

ساڌو واسواني مشن پونا طرفان ميران ڪاليج پرسان انلئڪس ائنڊ پٽراڻي هاسپيٽل ٺهرائي وئي. ان جو مهورت ۹ جنوري ممدر نيرليسا ڪيو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن ماتا نيرليسا ۽ پين جي شڪرگذاري مڃيندي چيو ته ڪي سال ٿيا جو مان اسپتال مان پوني لاءِ پئي ويس. وچ رستي تي هڪ ماڻهو پيو هو، جنهن ايا ساهه پئي کنيا ۽ ڏاڍو ڪرڪيو پئي. گهڻيئي راهگير پنڌ، موٽرن ۽ سائيڪلن تي پئي لنگهيا، پر هرڪو پنهنجيءَ ڌن ۾ پورو، هن ڏانهن ڪنهن به نه نهاريو. مون موٽر بيهاري. مون سان ڪيترائي پاڙو پيدر هئا، سي به ڪارن مان لٿا. ان بيمار پاڻ کي کڻي فوت پاٿ تي ليٽاريسين ۽ هن

صدق ۽ صبر سان مقابلو ڪريون، ڇوته اهي ئي تڪليفون اسانکي ڪو سبق سيکارڻ اچن ٿيون. اسين پنهنجا فرض پالي ڏکين غريبن، يتيمن پسن جي سيوا ڪنداسين ته اسين موت پر ڪين ڊڄنداسين ۽ موت اسانجو متر ٿي پوندو. روز ٿورو وقت ڏيائي سانت جي ساعتن جو احساس ڪريون.

١٣ ڊسمبر داداجن آر. ڪي. انڪيبنيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو ته، هڪ ٻيڙو ڏاڍو خوش گذاريندو هو. پاڙونس ته لوڪي ايڏو پئسو پدارٿ ته ڪونهي، پوءِ به تون ڏاڍي آنند ۾ آهين؟ چيائين ”مان رب جي رضا ۾ راضي رهندو آهيان. ان ڪري هميشه خوش گذاريندو آهيان. جيڪي واهگرو ڪري ٿو ان ۾ اسانجو ڀلو آهي. سنتن جو سنگ ڪريو، ان مان ئي سچو سک ملندو. گروجن شري سکمني صاحب ۾ فرمائين ٿا:

جس سک ڪئه نمت لاچهه ميت،
سو سک سادهو سنگ پريت.

سنتن جي سنگ لئه پياس رکو. جيسين سنتن جو سنگ مليو نه ٿيسين سنتن جي باڻي پڙهندا ڪريو.

١ جنوري ١٩٨٩ پوجيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته، نئين سال جو سنهو انوَ گڻ گراهي ٿيو. ڪنهنجا به اوگڻ ڪين ويچاريو. شري سڪندو وڏو رشي ٿي گذريو آهي. انکي ڏهه سئون مليل هيون، پر نقطيچينيءَ جي عادت هئس. جڏهن ڪنهنجي به نقطيچيني ڪندو هو ته سندس هڪ سئي گم ٿي ويندي هئي. ان ڪري اٺ سئون وڃائي چڪو هو، باقي ٻه سئون هيس. پوءِ هنجي رکيا ڪري ٿو. هي هڪ ڏينهن پنڌ ڪندو نديءَ جي ڪناري تي پهچي ٿو. ڏسي ٿو ته هڪ ورد اوستا وارو انسان مٽيءَ جا ٻڪ ڀري نديءَ ۾ پيو اڇلائي. اڳرو وڃي ان کان پڇي ٿو ته، هي ڇا وانو ڪرين؟ ورد اوستا وارو شخص وراڻي ٿو

ٻيماري لهي ويندي. شل هن اسپتال ۾ پياري دادا جي آپريشن جي ساکي ڏئي وڃي.

١٥ جنوري آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته سنتن ستپرشن وٽ اچو ته انهن کان نام دان گهرو. دنيوي مال اسباب اهو سڀ فنا. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کي ڪيڏا نه وڏا عهدا مليا، پر پياري دادا روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ عهدن ۽ لقبن جو تياڳ ڪيو. پرڀوءَ کي ور ور پرارٿنا ڪريو:

"پرڀو، تيرا نام هي چت آوي."

هڪ بادشاهه بابت لکيل آهه ڪيئن ته هڪ ڏينهن سنديس نظر هڪ ٻالڪ تي پوي ٿي، نظر جا کن ۾ نهال ڪري. ٻالڪ جو سوار آهه نڪو. سنديس انگ تي ڪپڙو ڪين آهه، پر سنديس منهن تي آهه مٺي مشڪ. اها مشڪ راجا کي موهي ٿي.

راجا ٻالڪ کي چوي ٿو "ٻالڪ، گهر جيڪي گهرڻو هجيئي."
راجا پنهنجي موج ۾ هو. جي ٻالڪ راجا کان اڌ راڄ گهري ها ته هوند اهو به راجا کيس ڏيئي ڇڏي ها. پر هي ٻالڪ راجا کي چوي ٿو "راڄن، مونکي ٻه روٽيءَ جا ٽڪر ڪڻڪ ۽ چانهه جو هڪ پيالو. راجا ٻووقت کيس روٽيون ۽ چانهه گهرائي ڏئي ٿو.

اسين به ٻالڪ وانگر آهيون. سنتن وٽ اچون ٿا گهرون ۽ ڇا گهرون ٿا. ڪي پٽ گهرن، ڪي گهرن ناڻو ۽ نوٽ. ڪي نوڪريون گهرن، ڪي گهرن ڌيئرن لاءِ گهوٽ. پيارا، سنتن کان گهرو سچو خزانو، نام نڌان. گهرو پريم ڀڳتي، ڀڳتيءَ جو دان. سنتن ستپرشن جي چرنن ۾ واهي پڪاريو "مانگيه دان ٺاڪر نام."

١٦ جنوري پوڄيه دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي پڻيه ٿٿي سنبند ۾ پرڀات ڦيري ڪڍي وئي. جنهن ۾ پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ نام ڌني لڳائيندا هليا. صبوح جو ١٠ ٻجي

کان پڇيوسين ته توکي ڇا ٿيو؟ هي بکايل ۽ اڃايل هو. هڪ
ڀاءُ ٻوڙي ڊبل روٽي ۽ کير وٺي آيو. آهستي آهستي هن کي
ڊبل روٽي ۽ کير کارايو ويو. پوءِ هن مريض جي پيڙا ڏسي چيو
ته جيستائين هن بيماري کي علاج لاءِ ڪنهن اسپتال ۾ داخل نه ڪرايو
آهي، تيستائين مان ترسان ٿو، پوني نٿو وڃان. اُن وقت پياري ديال
پنجابيءَ چيو ته توهان ڀلي پونا وڃو، مان هن بيماري کي ڪنهن نه
ڪنهن اسپتال ۾ ضرور داخل ڪرائيندس. پيارو ديال ٻن اسپتالن
۾ ويو، پر نراس ٿي موٽيو. آخر ڪنهن اسپتال ۾ هن مريض
جي داخلا جو بندوبست ڪري اُتي کيس داخل ڪرائي آيو.
ٽيئن ڏينهن اُن مريض جي چڱيءَ رات سنڀال ڪئي ويئي.
سندس اکين مان شڪرگذاري ٽپڪي رهي هئي. چوٿين ڏينهن
هن بيماري دنيا جو تياڳ ڪيو. پوءِ اُن وقت مدر ٽريسا کي
ياد ڪيو، جو نه هنجي دل ۾ دنيا دکين بيمارن لاءِ درد آهي،
همدردي آهي. ان مريض جهڙا ٻيا سوين بيمار علاج کان محروم
رهجي وڃن ٿا. اُنهن بيواهن جو پورو پورو علاج ٿيڻ گهرجي
ان ڀاونا سان ساڌو واسواڻي مشن طرفان هيءَ اسپتال کولي وئي
ٿي، جتي بيمارن جو همدرديءَ ۽ پيار وچان علاج ڪيو وڃي.
پياري ڀاءُ وشنو الهندداڻيءَ ۽ ڀاءُ ٻڌراڻيءَ ۽ ٻين ٻڙامين جن ٻه
هن اسپتال لاءِ ڀوڳدان ڏنو آهي، ٿن کي ڌنيواد آهي. ڇا هن
اسپتال ۾ غريب شاهوڪار، ذات پات جو ڀيد ڀاءُ رکي، هڪ
هڪ جي خدمت ڪئي وڃي. جنهنڪا آهي شيوا ڪرڻ. پيارو دادا
ساڌو واسواڻي چوندو هو ته هڪ هڪ بيمار مونهجي محبوب
جي مورت آهي. هن اسپتال ۾ بيمارن جو همدرديءَ سان ورتاءُ
ڪيو ويندو. پياري دادا کان پڇيوسين ته انگريزي دوا سٺي
يا آيورويدڪ يا هوميوپيٿي سٺي؟ پياري دادا چيو ته سڀني دوائن
۾ عمدي دوا آهي همدردي. مٺا ٻول ٻولهندا ته بيمار جي اڌ

لنگر آرنڀ ٿيو. پياري دادا پاڻ لنگر ۾ بونديءَ پئي ورهائي ۽ اُن سان گڏ پنهنجي نيڻن ڀري نگاهه سان نهال پئي ڪيو.

شام جو پوڄا، دادا سنگت سان گڏجي سادو واسواڻيءَ چونڪ تي ويا. اُتي دادل شاهه جي پتلي اڳيان ديپ جڳائي پرارٿنا ڪيائون. تماشام جي ستسنگ ۾ پوڄا دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پيارو دادا سادو واسواڻي ور ور اسانکي پنهنجي اُپديش ۾ چوندو هو ته چت جي ورتي پرڀوءَ جي چرڻن ۾ لڳايو، پر اسانجو من پيو ڀٽڪي. اسان من ۽ شرير تي ضابطو ڪين رکيو آهي، انڪري اسانجي اندر وري وري وڪار اُٿن ٿا. خاص ڪري ڪام ۽ ڪروڌ جي وڪارن جا طوفان وري وري اسان تي حملو ڪن ٿا. اسانکي ڪيرائي ڇڏين ٿا. پيارو دادا پنهنجي باڻيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪروڌ جي اڳني اڪ دم ساڙي،
ڪروڌ منجهان ٿو ڪال نهاري.
ڪام اڳنيءَ اصل ڪان ولوڙي،
ولر وشين کي ڪيائين ٻوڙي.

اهي وڪار رجي گڻ مان اُٿن ٿين ٿا. اهي وڪار وڌندا ڪين، جيسين رجوگڻ ناس نه ٿيو آهي. ساتوڪي گڻن دوارا ئي رجوگڻ ختم ٿي ويندو. ان ڪري وهنوار، کاڌو پيتو ساتوڪي ڪريون. ڪام اُٿي ٿو راڳ مان. ڪو روپ اسان کي وڻي ٿو، ته هڪدم ڇڪجي وڃون ٿا، ڪام ۾ ڪري پئون ٿا. ڪروڌ اُٿي ٿو دويش مان. ڪو اسان کي نٿو وڻي. ننڍي وڏي ڳالهه تي اُن سان ڪاوڙ، تڪرار ڪريون ٿا. جڏهن پئي راڳ ۽ دويش ناس ٿيندا، تڏهن من جي ايڪاگرتا پراپت ٿيندي. آتم ساکياتڪار ٿيندو، آنند پراپت ٿيندو،

من ۽ شرير تي نينترڻ رکڻ تمام ضروري آهي. اندرين تي

ميران منڊپ ۾ هون لڳي، بعد پوءِ داداجن سفيد پوش پريمين ۽ سيوڪداسن کي بلئڪيٽس ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ پروفيسر هوتچند گوپالداس آڏواڻي، دادا گنگارام ساجنداس، ديال آشا، سندري گيانچنداڻي ۽ ٻين دادل شاهه جي ڏڻن جو ورڻن ڪيو. دادا ساڌو واسواڻيءَ جو اپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو.

پوءِ دادا جشن واسواڻيءَ دادل شاهه کي شردانجلي ڏيندي چيو ته: پياري دادا جو گهڻو نه، مٿو اپديش ٻڌوسين. پياري دادا چيو ته هن فاني دنيا مان پياسي ٿي نه وڃجو. پاڻ سان گڏ نام جو خزانو کڻي وڃو. من جو ڀٽڪڻ هريءَ جي نام جپڻ سان بند ٿيندو. 'سرب روڳ ڪا اوکد نام' سڀني دکن جو دور ڪندڙ الوَ نام جو نالو. ان ڪري نام سان نيهن لڳايو. ايپاس ۽ ويراڳ ۽ ورتيءَ سان نام جو رس من کي پيئاريو. پريو پاڻ انام آهي، پر ڪيس ڪيترن نالن سان سڏيو وڃي ٿو. توهين ڪنهن به نالي سان ڪيس پريم سان پڪاريو. سڪ سان سڏيو. جيڪو نالو توهان کي چڪي، "اوم" "اوم نمهه نارائڻ" "هري اوم" "هري رام هري رام، رام رام هري هري" "هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري". جيڪو به منتر توهان کي وڻي سو اچاريندا ڪريو. ان اچارڻ سان توهانجو انتهه ڪرڻ ويندو شڌ ٿيندو. من جو ڀٽڪڻ بند ٿيندو. پياري دادا نام جو ڪيڏو نه ايپاس ڪيو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ دروازو بند ڪري پيو نام اچاريندو هو. پريوءَ جا ٻگل روپ اٿو دکي دردي، انهن جي دل سان شيوا ڪريو. توهين به جيون ۾ سيوڪ ۽ شيوا جي ساکي ڏئي مڪش جيون سڦل ڪريو.

رات جو جاڳرڻ ستسنگ ۾ پرڪ پوءِ دادا جشن شرڪ ٿيا ۽ سنگت کي آشيس ڏنائون. ۱۷ جنوري صبوح جو هون لڳي ٿيو. پياري دادا فقيرن کي خرچي ۽ وستر ڏنا. منجهند جو

ٿئي ٿي ڪين. منهنجا پيارا، توهين به وڃو ۽ ووٽ کان ڪنارو ڪري هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. دلين ۾ پرايءَ لاءِ پيار پيدا ڪريو.

٢٨ جنوري صبوح جو ١٠ بجي پوڄيه دادا جشن سنڌونگر ۾ پڌاريا. اس دادا جن سماج سيوڪ شري دولترام منگتاڻي چونڪ جو مهورت ڪيو. پوءِ ميونسپل آفيس جي ٻاهر منڊپ ۾ ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شري دولترام منگتاڻيءَ جي سپتر وجيه منگتاڻيءَ پوڄيه داداجن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي شري شانتارام گهولپ ايم. پي. چيو ته مون دادا جشن جو پهريون ليڪچر آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ٻڌو. سندن پروچن ۾ ڪيڏو تاثير آهي. پرسنتا ٿيم ته هتڙي مهان وڀوتي اسانجي ڀارت جي وڀوتي آهي. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دولترام هڪ نماڻو نيهن وارو، محبتي، منٺي شخص هو. مٺو ٻوليندو هو، ڏکين ڏکيارن لاءِ سندس دل ۾ درد هو. انهن جي سار سنڀال لهندو هو. جمشيد نسروانجي ٽيهن سال جفاڪشي ڪري ڪراچي شهر کي نئون ٺاهيو. اوهين ٻيهر هن نگر کي نئون ٺاهيو. هن نگر مان اشانتي ۽ اڻ بندوبستگي دور ڪرڻ لاءِ پاڻ تي ٻاڙيو. نوجوانن جون ٽوليون ٺاهيو. انهن کي جوڏو ۽ ڪراٽي سيکاريو، جيئن هو جاتيءَ ۽ شهر جي رکشا ڪري سگهن. شهر جي صفائيءَ تي ڌيان ڏيو ۽ پاڻ ۾ ايڪتا ڪريو.

٢٦ فيبروري ساڌو واسواڻي مشن وارشڪ ميٽنگ ۾ سيڪريٽري شري آڏو ريلواڻيءَ مشن طرفان هلندڙ سيوا ڪارين جو ذڪر ڪيو. پياري دادا جشن سڀني سيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهين جيڪر هرسال هڪ هڪ ساڌن اپنايو. هن سال 'مٺاج' جو ساڌن اپنايو. مٺا ٿيو. ڪنهن سان ڪؤڙو نه ڳالهايو. جو مٺاج جو ساڌن اپنائي ٿو، سو نماڻو ٿئي ٿو. ان

ضابطو رکون. اندريون آهن ڏريون. انهن دوارن روز روز اسين پنهنجي انتهڪرڻ کي پيا ميل چاڙهيون. پنهنجي آتمڪ شڪتي وڃايون. انتهڪرڻ جي گهڻي شڪتي انهن دوارن نڪري ٿي، جڏهن اسين وشين روپ ۾ لڳل آهيون. ان ڪري پيارو دادا ور ور چوندو هو ته پنهنجون اکيون نرمل رکو، پوتر رکو. هڪ هڪ اندري نرمل رکو. ڪن سان نندا نه ٻڌو. مک سان ڪنهن جي گلا نه ڪريو، نه نام اُچاريو. پريوء کي پياس ۾ پڪاريو. ان ڪري ٿورو ڳالهايو، ٿورو کائو، ٿورو آرام ڪريو.

٢٦ جنوري راڌا ڪرشن ديا ڊسپينسريء جي وارشڪ ڏينهن سمبند ۾ پوڄا. داداجن وياکيان ڪندي چيو ته هن اسپتال دوارن پيارو ڊاڪٽر نارائڻ هاٿيراماڻي ڪيترن نه بيمارن جي سيوا ڪري رهيو آهي. اسين اهڙي جيون رهون جو بيمار ٿي نه پئون. سدائين صحتمند گذاريون. صحت جي سنڀال ضروري آهي. جيون ۾ ڪڏهن دلشڪستا نه ٿيو ۽ نه ڪنهنجي لاءِ وير تڪرار جي ڀاونا رکو. نه ڪاوڙ ڪريو. ڊاڪٽر فال جان پنهنجي پستڪ ۾ لکيو آهي ته تڪرار يا وير ورود نه ڌاريو ته بيمار گهٽ ٿيندا. صحت جي ڳجهارت الڳ پريوء ۾ صدق. پريو اسانجي ماتا پتا آهي. بالڪ نيرن ڪائي، وري مدبهند جي چنتا نه رکندو. چولندو، مدهنجي ماتا مدبهند ۽ رات جو سپ ڏيندي. رشي ٽالسٽاء هڪ آکاڻيء ۾ لکيو آهي ته ٻه ٻار پاڻ ۾ اچي وڙهيا. مائٽن کي خبر پئي ٿي. ٻنهي ٻارن جا مائٽ پاڻ ۾ ٻارن جي ڳالهه تي تڪرار ڪن ٿا. وڪوڙ وڌي وڃي ٿو. هڪ پاڙيسري آئي لنگهي ٿو ۽ پڇي ٿو ته پاڻ ۾ ڇو ٿا تڪرار ڪريو؟ ڪيس ٻڌائين ٿا ته ٻارن جي ڳالهه تان پيا پاڻ ۾ تڪرار ڪن. اهو ماڻهو ڏسي ٿو ته ٻئي ٻار پيا هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائين. اهو ڏسي ٻنهي ٻارن جا مائٽ ڦڪا ٿين ٿا. ٻارن ۾ وير ورود ڏڪار

۴ مارچ ساڌو واسواڻي وديا منڊر جي وديارٿين سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪيا. داداجن کين آسيس ڪندي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون. ۷ مارچ داداجن راجڪوٽ ۾ پڌاريا.

۸ مارچ ٻڌر صبوح جو پوڄيه دادا جشن راجڪوٽ ۾ ٺاڪورداس گيهاڻي ڪلينڪل ليبارٽريءَ جو مهورت ڪندي پرارٿنا ڪئي ۽ پياري گيهاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ان بعد داداجن ساڌو واسواڻي مشن طرفان هلندڙ شانتي ووميَن ويلفيئر سينٽر ۾ ويا، جت گهرجائو ڀينر پنهنجي پورهئي دوارا آجيوڪا ڪين ٿيون. رات جو شاستري نگر ۾ پوڄيه داداجن پروچن ڪيو.

۹ مارچ پوڄيه داداجن احمدآباد ۾ پڌاريا. رات جو پياري نانڪ سنگهه جي جاءِ تي پروچن ڪندي پوڄيه داداجن چيو ته گرهست ۾ رهي به پريوءَ کي پائي سگهو ٿا. جيئن ٻيڙي وچ درياهه ۾ پئي هلي، جيسين ٻيڙيءَ اندر پاڻي نه آيو آهه، ته سلامت آهه، تيئن سنسار ساگر ۾ رهي توهين به جيون جي ٻيڙيءَ ۾ وڪارن جي پاڻيءَ کان پاڻ کي بچايو ته سنسار ساگر کان لنگهي پار پوندا.

۱۰ مارچ شام جو داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

۱۱ مارچ واڙيلاج ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته ’سچ کان مٿي ٻيو ڪو ڌرم ڪين آهه. ڀارت ۾ يوناني آيا ۽ چوڻ لڳا ته ڀارت جا لوڪ سچيار آهن ۽ استريون پتورت آهن. اِها سکيا، اِهو آدرش وڃي ڀارت ۾ آئيو. مهاتما گانڌيءَ به چيو ته سچ ۾ جيون ٻڌو. هڪ سنت اڪيلو رهندو هو. پنهنجي ڪٽيءَ کي ڪلف ڪين پائيندو هو. ٻاهر نڪرندو هو ته به ڪڙو انڪائي نڪرندو هو. هڪ ڏينهن هڪ چور کي خبر پوي ٿي ۽ جنهن وقت اهو سنت ٻاهر نڪتو، تنهن وقت چور هن جي ڪٽيءَ ۾ گهڙي سڀ مال

ڪري اسين منا ٿيون، نماڻا ٿيون ته پرڀوءَ در قبول ٿينداسين. پياري دادل شاهه کي ڪين نماڻا نيڻهن وارا. شري نوري گرنٿ مان ڪڍيو ته مٺو وچن آيو:

”گل آهيون گلشن جا، اچو ته پيار پکيڙيون.“

اسانجي جيون جو مقصد آهي ته پنهنجي جيون ۾ پيار جي جوت جڳايون. آتمڪ زندگيءَ ۾ اڳتي اڳتي وک وڌايون.

١ مارچ شام جو پوڄيه دادا جشن ٻڙودا ۾ پڌاريا. ٢ مارچ پوڄيه داداجن گانڌي گرهه ۾ پروچن ڪندي چيو ته جيون مشڪلاتن ۽ مصيبتن سان ڀريل ٿئي ٿي. ڪيترا ته اڻوڻندڙ مسئلا هڪ هڪ جي حياتيءَ ۾ اچن ٿا. پرڀوءَ ۾ وشواس رکي انهن کي منهن ڏيڻ گهرجي. انسان جي دک جو مکيه ڪارڻ آهي جو هن مالڪ کان منهن موڙيو آهي. پرڀو توهان کان پري ناهي. پرڀوءَ کي پنهنجو آڌار ڪري سمجهو. ڪي چون ٿا ته اسان پنهنجي ڪم ۾ محنت ڪئي پر ڪامياب ڪين ٿياسين. پرڀوءَ کي پنهنجو ساٿي بڻايو ته اوس سڦلتا ملندي.

٣ مارچ هري شيوا گرلس هاءِ اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته پنهنجي دلين اندر ڀڳتي اڀاريو، پرڀوءَ لاءِ پيار جاڳايو. اڄ نوري گرنٿ مان ڪڍيو ته مٺو وچن آيو:

دنيا ساري اٿيئي سفر،
اُن ۾ دم دم سجاڳي ڪر.

هيءَ دنيا اٿوَ مسافرخانو. اُن ۾ رهي دلين اندر سجاڳي رکو. ڪنهن وقت به هن جيون جو سفر پورو ٿئي. ڀل دنيا جا ڪم ڪاريون ڪريو، پر دل اندر اها پڪ ڄاڻو ته هيءُ سفر ڪرڻ لئه آيا آهيون. موٽي پنهنجي ماڳ هلڻو آهي، اُن لاءِ توشو تيار ڪريو.

۽ شبدوا ۾ سڦل ڪرايو.

١٦ مارچ ڏوجهه. داداجن سادو واسواڻي اسڪول جي وديارٿين سان مليا ۽ کين پنهنجو پيار پيارايائون. آشيس ڏنائون. ١٧ مارچ نئين ٽائون ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا چيلارام جي سپتر پياري لڇمڻداس داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن مٺو اُپديش ڏنو. ١٨ مارچ داداجن جدڪپوريءَ ۾ پروچن ڪيو. ٢٠ مارچ داداجن انگريزيءَ ۾ اُپديش ڏنو. ٢١ مارچ نئين موڙي هائوس ۾ داداجن ڪيترن ئي پيارن جي شنڪائن جو سماڌان ڪيو.

٢٤ مارچ ڏوجهه داداجن ٻيراڳڙهه ڀوپال ۾ اُپديش ڪندي چيو ته اڄ سنت ٽڪارام جو جنمدن آهي. هن جا ابنگ، دادل شاهه کي ڏاڍا وڻندا هئا. هڪ شبد جو هڪ سٽ وري وري ڳائيندا هئا:

”کهي ٽڪا سڀ چند ڇوڙ کي، ڀڄو ري ڀائي گوبند.“

هڪ دفعي ڪي پيارا هن سنت کان پڇڻ آيا ته توهان منزل تي ڪيئن پهتا؟ ٽڪارام چيو ته ”پيارا، ايڪادشيءَ جو ورت رکندو آهيان. نام سمرڻ ۾ وقت گذاريندو آهيان. ڪا ڀڳتن سنتن جي ٽولي ڏسان ته نام ڪيرتن ڪري ٿي ته مان به، اُن ڪيرتن ۾ شامل ٿيندو آهيان ۽ ور ور هي منتر اُچاريندو آهيان: ”هري ڪرشن، هري رام.“ منهنجا پيارا، اوهين به جيڪر اهو منتر ور ور اُچاريو. اندر کي اُجاريو.

٢٥ مارچ داداجن روح رهاڻ ڪندي ڪيترن ئي پريمين جي رهنمائي ڪئي. ٢٧ مارچ ڏوجهه داداجن سڪندرآباد ۾ پڌاريا. نماشام جو سنڌو هال ۾ اُپديش ڪندي چيو ته اسانجي وڏي ۾ وڏي ڀُل آهه جو اسين پاڻ کي سرير ڀيا سمجهون. پنهنجي سچي سروپ کي ڀُلجي ويا آهيون. هڪ راجا کي سندر باز هو. باز کي پاڻ سان شڪار تي وٺي ويندو هو. راجا باز کي

ڪيو. جيئن مال ڪٽي نڪتو پئي ته ڊر جو هيٺيون ڪڙو ڪري
پيو ۽ ڊر ڪلهڻي نه. ڊريءَ کان ٻئي جيئن ٻولٽ ڪولائين ٿي ته
اندريون ڪڙو هيٺ لهي پيو ۽ ڊر ڪلهڻي نه. ائين اڌ ڪلاڪ
گذري ويو. سنت ٻه واپس وريو. چور سنت کي سچي سچي
ڳالهه ٻڌائي. اُن سنت چور کي ٻاڪر پائيندي چيو ته تون سچو
شخص آهين، چوري تو سچ ڳالهايو آهه. منهنجا پيارا، اوهين به
جيڪر سچ ۾ چوڻ ٻڌو ۽ ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو.

۱۴ مارچ پوڄه دادا جشن سنگت سهت دهليءَ ۾ پڌاريا.

۱۵ مارچ داداجن ساڌو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول جي ميدان
تي اُپديش ڪندي چيو ته اسانجا پيارا ڪيئن نه اوچتو ئي اوچتو
اسان کان ٻري ٿي، وڃي پرلوءَ جي ڪمل چرنن ۾ نواس ڪن
ٿا. گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا:

رام گيو، راوڻ گيو، جاڪو ٻهه پريوار،
ڪهه نانڪ ڪڇ ٿر نهين، سپني جيهه سنسار.

پياري پريتي سندر پنهنجي ڪٽر ۾ ڪيڏو نه نالو ڪيائو.
سندس وڏوڏا سبب ڪيس ڪيترائي انعام عطا ٿيا. ساڌي نماڻي
نيڪهن واري ڪيئن نه اچانڪ پرلوڪ پڌاري. هن ڪيئن نه
پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيار پيتو ۽ ٻين کي اهو پيار
پيئاريو. سندس ڪيترين ئي يادگيرين اچن ٿيون، پر وقت
ڪين آهه جو اُنهن جو ذڪر ڪريان. شل پريو ڪيس پنهنجي رحم
۾ رکي. پياري ڪنهنجي ڏالواڻيءَ به ساڌو واسواڻي مشن جي
ڪيڏي نه سيوا ڪئي. محبت جي مورت هو. هي پيارو ٻه
ڪيئن نه اوچتو ئي اوچتو وڃي پرلوءَ جي ڪمل چرنن ۾ واس
ڪري ٿو. منهنجا پيارا پاڻرو، پيارين پيرون. ڪال اُچان
ڪنهنجو وس ڪين ٿو هلي. راوڻ جهڙا ٻلوان به رهندا رهيا.
ڪال اچي، اُن کان اڳ تياري ڪريو. پنهنجا اموله سواس سمرڻ

سنڌو سدن ۾ ٽئين بلاڪ جو مهورت ڪندي داداجن چيو "ڏيندا دي، ليندي ٿڪ ٻاءِ" پوءِ پنهنجي ڀنڊار مان توهان کي ڏنو آهه ۽ اڃا پيو ڏيندو. پريوءَ کي نه وساريو. هڪ پريوءَ جو پيارو هڪ ورڪر هيٺان ويٺو هو. سندس چوگرد سندس شش ويٺا هئا. پاسي کان هڪ ڪتلين جي قطار بيٺي لڳي، هڪ هڪ ڪتليءَ جي وات ۾ کنڊ هئي. سندس شش کي چيو ته، پيارا، ڪتلين جي قطار ڏانهن نهاريو، جو پريو هن ڪتلين جي سنڀال لهي ٿو، سو توهانجي به سنڀال لهندو. هڪ شش چيو "سائين، هن ڪتلين جو پيٽ ڪيترو نه ننڍو آهه." ٿوري ساعت ۾ اُتان پکي اچي لڳا. سندس چيو تو "پيارا، نهاريو. هن پکين جي پرگهور به پيارو پريو لهي پيو. ڇا هُو توهانجي پرگهور نه لهندو." وري ساڳيو ماڻهو چيو ته "پکين کي ته پر آهن، اهي اُڏامي وڃي ورڪن مان کائين ٿا." اوچتو اُتان هڪ هاٿي لنگهيو. سندس چيو تو "پيارا، هاٿيءَ جو کاڌو ته مڻن ۾ آهه، پريو اُن جي به سار لهي ٿو. توهين سائينءَ ۾ صدق رکو، هو هر ڪنهن جي سنڀال لهي ٿو." گروجن پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا:

"سڀ سر رزق سنباهي ٺاڪر، ڪاهي من ڀؤ ڪرينا"

٣ اپريل ڪل پاڪ دربار ۾ داداجن روح رهاڻ ڪئي. ۴ اپريل اي. وي. ايم. راجيشوري هال ۾ پوڄيه داداجن انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو. ٥ اپريل ڀائي پرشوتمداس جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٦ اپريل داداجن بنگلور ۾ پڌاريا. ٧ اپريل دادا امر جي آستان تي پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته، اڄ چيٽي چنڊ جو پوتر ڏينهن آهه. اڄوڪي ڏينهن اُڏيرو لعل اوتار ورتي سنڌ ۾ آيو، ڪشت ڪليش مٽائڻ لئه، پاپين جي پاڙ پٽڻ لئه، پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو: پريو، توُن اسانجي رکشا ڪج.

ٻڌاءِ انجلي آهه وچ سڀ.

چوندو هو ته ورڪه مان مٿو ٻڌي ڏي. راجا اهو مٿو ڪاٽيندو هو. باز سمجهندو هو ته راجا جو ٻاري ۾ پيارو مان آهيان. هڪ ڏينهن راجا شڪار ڪندي رستو منجهي ٻڏي ويو. ان جهنگل ۾ هڪ جهوپڙيءَ ۾ هڪ مائي رهندي هئي. اها باز کي ٻاهر ورڪه تي ويٺل ڏسي چوس ٿي، جهوپڙيءَ ۾ اچي ويهه. باز نٿو اچي. ٻئي ڏينهن به باز کي پيار مان چوي ٿي ته اندر آءُ. نيٺ باز اندر وڃي ٿو. باز مائيءَ کي ڏاڍو وڻي ٿو. سندس ٽنگون ٻڌي ٿي ڇڏي. باز ويچارو ويڳاڻو پيو واڪا ڪري. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ راجا اتان لنگهي ٿو ۽ ان باز جو آواز سڃاڻي، جهوپڙيءَ ۾ اندر وڃي باز کي آزاد ڪري ٿو. باز آهه ٻڌي، مائي آهه من. من ٻڌيءَ کي ٻڌي ڇڏيو آهه. ڪو راجا روئي سگهو اچي ٻڌيءَ کي مڪت ڪري. مٿرا ڪيئن نه ٿي ڪيڪئيءَ کي لالچائي. ڪيڪئيءَ کي رام لاءِ پيار هو. هوءَ مٿرا جو نٿي ٻڌي، پر مٿرا ڪيئن نه ڪنس پرمائي، لالچائي نيٺ شوي رام کي بن ڏي موڪلي ٿي. مهندا پيارا، ٻڌيءَ ڪسي من جي اٿو ڪان ڇڏاءِ.

٢٨ مارچ حيدرآباد جي سنڌو هال ۾ پوڄه دادا جن روح رهاڻ ڪئي. ٢٩ مارچ صبوح جو دادا جن پيٽ اورٽا پاوناٽيءَ جي گهر اکنڊ ڪيرتن ۾ شريڪ ٿيا. نماشام جو دادا جن آنڌرا ساوسوت هال ۾ 'مهرشي دياند سرسوتي' پستڪ جو مهورت ڪندي سوامي دياند جي جيون ڪارڄ تي روشني وڌي. ٣٠ مارچ دادا جن پارٽه ودياپون ۾ 'ستيا جو راز' وشيه تي انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو.

١ اپريل پوڄه دادا جن مدراس ۾ پڌاريا. نماشام جو شڪتي نواس ۾ بالڪن بالڪين جو خاص ميڙ رکيو ويو. دادا جن ڪن آسمس ڪندي سکياداڪ ڳالهيون ٻڌايون. ٢ اپريل آچر ڏينهن

نماشام جو داداجن انهيءَ هنڌ واري اسپتال جي نئين ونگ کولڻ جي رسم ۾ چيو ته ڪڏهن به آپريشن جو ڪم نه ڪيو. جڏهن وقت ڪو بيمار جمي ته اُن وقت ڪيوٽن ڪريو. بالڪ ٿي اُن ڪيوٽن جو پوهاڻ پوندو. اڄ لوري گرانٽ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو، "خدا حافظ چئي سي روانا ٿيا." پياري شانتي به "خدا حافظ" چئي پرلوڪ جي ڌام ڏانهن رواني ٿي. پاڻ سان نام ڌن جو خزانو کڻي وئي. توهين نام ڌن جو خزانو ڪٺو ڪندا رهو. پياري شانتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ سانت ۾ پيئي نام اچاريندي هئي. پرلوڪ جي پياس وچان گوڙها ڳاڙيندي هئي. سندس چپ پيا هلندا هئا. اڪثر ڪري آڌيءَ رات جو، آڌيءَ جي اونده ۾ وڻني پرلوڪ کي پڪاريندي هئي. وري وري کيس چوندو هوس "شانتي، تون رات جو ڪجهه ننڊ ته ڪر." چوندي هئي "ٿوري وقت ۾ هيءُ سرير هميشه لاءِ ننڊ ۾ ويندو. سرير، هيءُ وڃه پل نه وڃائي. جاڳي جاڳي رام رجهائي." منهنجا پيارا، توهين به جاڳي جاڳي پرلوڪ کي رجهايو ۽ ڏکين جي سيوا ڪريو.

٢٣ مئي پوجيه داداجن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. ٢٤ مئي نماشام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٥ مئي آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ پوجيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته پنهنجي من ۾ پرلوڪ لاءِ پياس اُٿاريو. جيئن جيئن پياس وڌندي، تيئن توهين پرلوڪ جي وڌيڪ ويجهو ٿيندا ويندا. سنڌ جو اعليٰ شاعر شاه لطيف چوي ٿو:

سڏڻ سڄڻ نه هوُن، نيڻهن نماڻي نه ٿئي،
ڪاري رات رت ڦڙا، جان جان نيڻ نه روُن.

صرف خواهش ڪرڻ سان سڄڻ ڪين ٿيندا آهن. نيڻن ڌوئڻ سان نيڻهن ڪين ٿيندو آهه. پرلوڪ لاءِ ته پياس جا گوڙها

اسان مان ڪي ٿورا آهن، جيڪي پنهنجي آدرش سان، پنهنجي شڪتيءَ سان وڃي پار پهچن ٿا. جن کي ڪنهنجي به مدد جي درڪار ڪين آهي. پر اسين جي آهيون ڀڳل اوزار، اسانکي ته ٽپ ٽپ تي ڪو کپي جو اچي جهلي. ڪو کپي، جو اچي اسانکي پڪڙي وٺي پار پهچائي. اسين وري وري وسر ۾ ڪرون ٿا. وشواس سان پرڀوءَ کي پڪاريون. اسانجي هڪ پڪار به اجائي نٿي وڃي. ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي ته اسان هيڏي پڪار ڪئي، اسانجي ٻڌائين ڪونه! پر پوري وقت تي انجو جواب ملي ٿو. پرڀوءَ جو گهڙيال، نه هڪ ڪن اڳتي هلي ٿو، نه هڪ پل پوئتي پوي ٿو. پرڀوءَ کي پيار وچان پڪاريندا رهو.

١٠ اپريل رامڪرشن آشرم ۾ پوجيه دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ١٤ اپريل رام نوميءَ سبب پياري رام شيام واڌوا جي گهر منجهند جو دادا جن اکنڊ ڪيرتن ۾ شريڪ ٿيا. نماشام جو دادا جن انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو. ١٦ اپريل ۽ ٢٠ اپريل هندوجا هال ۾ دادا جن روح رهاڻ ڪئي. ٢٢ اپريل پوجيه دادا جن شولاپور ۾ پڌاريا. نماشام جو پياري ڪنعيالعل جانيءَ جي جاءِ جي ايوان ۾ غريب گهرجائو ڀاون کي دادا جن هٿان ٽول ۽ خرچي ڏياري وئي. ٢٣ اپريل گرو نانڪ هال ۾ پوجيه دادا جشن ڀڳوان پياري خانچند کي شردانجلي ڏيندي چيو ته هي پيارو سچو ڀڳت هو، شيواڌاري هو، پياسي روح هو. شل پرڀو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي. منهنجا پيارا، اسان مان هڪ هڪ کي پرڀوءَ جي پار ڏانهن هلڻو آهي. هاڻ کان اڳ نام خزانو هٿ ڪريو. ٢٤ اپريل دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٥ اپريل دادا جن سنگت سميت پونا ۾ واپس وريا.

دادي شانتي واسواڻيءَ جي ورسي اُتسو سمبنڌ ۾ ١٥ مئي پرڀات ڦيري نڪتي، جنهن ۾ پوجيه دادا جن شريڪ ٿيا. ١٦ مئي

سمجهي آهي. مان ڇو پرڀوءَ کي ياد ڪريان؟ مان ڇولدو هوسانس ”ارس، پرڀوءَ جي رحم کانسواءِ ڪجهه نٿو ٿئي.“ سال گذري ويا. اُن شاهوڪار کي پوٽو ڄائو. خوب خوشيون ڪيائين. ٿوري اُي وقت ۾ پوٽي کي نيومونيا جي بيماري ٿي پئي. وڏا وڏا ڊاڪٽر گهرايائين، پر پوٽو نه ڇٽو. انگليءَ ۾ علاج لاءِ ويو. ليڪن رپيا خرچ ڪيائين، پر پوٽو بيمار، لاعلاج، آخر گذر ڪري ويو. پوءِ محسوس ڪيائين ته پرڀوءَ جي رحم کانسواءِ ڇاڙهو ڪين آهي.

لالا هرڪشنداس ارٿ شاستر ۾ تمام قابل هو. بئنڪ کوليائين. بئنڪ ۾ ڪيترا انگريز آفيسر رکيائين. تن ڏينهن ۾ انگريزن کي پنهنجي هندستان رکڻ وڏي ڳالهه هئي. اوچتو بئنڪ ڪٽي پئي. ڏيوالو ڪڍيائين. انسان بيوس ٿي پوي ٿو.

وس نه هلي مان بيوس آهيان.

اسين پرڀوءَ جي مهر کان سواءِ ڪجهه ڪين ٿا ڪري سگهون. ان ڪري ور ور چئون:

واڳ ڌڻي تنهنجي وس، آئون ڪا پاڻ وهٽي.

٢٨ مئي نماشام جو گرمندر شيام نواس امبئيءَ ۾ پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته اسين آتم سوروپ کي ڀلجي ويا آهيون. دنيوي ڪتاب گهڻي ئي پڙهيا آهن، پر سچي گيان کان محروم آهيون. رشي اُدالڪ کي شويت ڪيتوءَ نالي پٽ هو. رشي ڪيس وديا پراپت ڪرڻ لاءِ موڪليو ئو. ٻارهن سالن بعد شويت ڪيتوُ وديا پراپت ڪري واپس وري ٿو. رشي اُدالڪ محسوس ڪري ٿو ته سندس پٽ ايماني ٿي موٽيو آهي. شايد ڪيس ويدن شاسترن پڙهڻ جو ايمان ٿيو آهي. سچي وديا تـه سيکاري ئي نٿڙهه. ’وديا ددائي وئير.‘ نيوٽـن وڏو گياني ٿي گذريو آهي. تنهن به چيو ”مان اڃا سمنڊ جي ڪناري پٿريون پيو ميڙيان.“

ڳالهائڻا آهن. ممتاي ڪيئن نه ٻن ٻارڙيءَ پيئي اڙقندي آهي! هڪ
ٻوليءَ جو پيارو درياهه جي ڪپ تان پئي لڙڪندو ته ڏٺائين ته
هڪ ممتا ڪپ تي اڪيلي پيئي آهي. ڏٺائين، ممتا پيئي
ڏاڍو روئي. ويٺو ڪٽي هٿڙا لڳس، پر ڏاڍهن بي ممتا پيئي لڙي.
ڪيس ڪٽي وڃي پلنگ تي سنڀاريائين تڏهن به پيئي ممتا لڙي.
ڪاٺ ڪاٺ ڪري ڏٺائينس ته به نه پيئي ڪائي. نيٺ سندس مٿو
چميس، ممتا جي لوچ لهندي جڏهن ڪيس ٻارڙيءَ ۾ وجهندا ن.
اهو پيارو هڪ ٻارڙيءَ جو ڏاڍو پيو ري، اُن ۾ ممتا وجهي ٿو ته
سندس لوچ بند ٿئي ٿي. اسان ۾ به اهڙي لوچ، اهڙي پياس
ٻوليءَ لاءِ هئڻ گهرجي. اسان مان ڪن گهڻن کي لوچ آهه ماڻا جي،
ڪهڙي اقبال جي، شان شوڪت جي. پيارو دادا پنهنجي ٻارڙيءَ
۾ چوي ٿو:

اوپ لالچ ڪروڙن ڪيا،
رام رتن ڪوئي ورلي ليا.

منهنجا پيارا ڀائرو، ڀيڻرون ۽ ٻچڙو. انڪري رام رتن هٿ
ڪريو. ليڪن اهو ڪري، انهن ڪَن ٻولين پنهنجي اموله جيون
برباد نه ڪريو.

۲۷ مئي اڄ ٿانوَ ڪار ۾ پوڄيه داداجن پرو چن ڪندي چيو
ته، جيئن ارجن پنهنجي رٿ جي واڳ شري ڪرشن کي ڏئي
ڇڏي، تيئن توهين ۽ جيون جي واڳ پرڀوءَ جي حوالي ڪريو
ته سکي گذاريندا. اسانجي وس ۾ ڪجهه ڪين آهي. سڀ
ڪجهه اُن واليءَ جي وس آهي. انسان اجايو اهنڪار ڪري دکي
ٿئي ٿو. ٻوليءَ کي چيو:

واڳ سڀئي تنهنجي وس، آنءَ ڪا پاڻ وهيڻي.

انسان کي ڪڏهن ڪي نه مغروري آهي. هڪ شاهوڪار مونکي
مليو، چيائين: منهن وٽ سڀ مال ملڪيت، دنيا جو سک،

وٺي اچي ٿو. جڏهن گروءَ جي شيوا ڪئي، اُن چارئي ڌام ڪيا. پيارو دادا لوري ڳونت ۾ چوي ٿو:

نام ڪمائين تہ ڪر گر سيوا،
مانگم جم وت مڪتي ميوا.
گر سيوا پرم پدارٿ جان،
گر سيوا آهي تيرٿ اشنان.

ستگروءَ جي صدق سان شيوا ڪريو. سندس وچن ۾ وشواس رکو. گرديو جا احسان مڃيو. سندس مهر لاءِ پڪاريو. سندس ڏنل نام ور ور اچاريو. سچو شش گروءَ جي حڪم ۾ هلي ٿو. مونکان ڪي پڇندا آهن تہ گرو ڪن تي آسيس ڪري ٿو، اُهي رام رنگ ۾ رڱجي لعل ٿي پيا آهن. اسان تي اهڙي آسيس ڇو نہ ٿي ٿئي؟ منهنجا پيارا، گروءَ کي پنهنجا پرايا ڪونهي. گرو سڀن تي مهر جو مينهن وسائي ٿو. پر ڪي پنهنجي مٿان ڇٽي جهلي بيٺا آهن. مينهن پوي ٿو پر اُهي ٻوندون اسين نٿا جهٽيون. ان ۾ قصور اسانجو آهي. گرو تہ آهي سدا ڪرپال، مهر نظر سان ڪري نهال.

٢٠ جولاءِ صبوح جو ڪولابا بمبئيءَ ۾ پياري پرشوتم ٻدراڻي 'اوم تپاس ڪيندر' جو پوڄه. دادا جشن کان مهورت ڪرايو. پوڄه دادا جن مهورت ڪندي چيو تہ جيڪي هٿ اچي ونس تہ هڪ تصوير اچي منهنجي اکين اڳيان ڦري. پياري دادا کان هڪ موقعي تي پڇيوسين تہ اُتم ۾ اُتم ڪم ڪهڙو آهي؟ پياري دادا چيو "اُتم ۾ اُتم ڪم اُٿو دکي دنيا جي شيوا ڪرڻو. اِي تصوير منهنجي اڳيان هيءَ ڦري. ڏياريءَ ڏينهن لڪشميءَ جي پوڄا پئي ڪيانون. پياري دادا چيو تہ لڪشمي، دکين دردمندن جي شيوا ۾ نٿا خرچ ڪريو تہ لڪشميءَ کي ڪهو وٺا. هڪ اسپتال جي مهورت جي موقعي تي دادا جن کان پڇيوسين

رشي آدالڪ پڻ ڪئي چوي ٿو ته تو ڪهڙي وديا ورتي آهي. سڀني وديائن ۾ اتم آتمڪ گيان. جو آتمڪ گيان پراپت ڪري ٿو، سو سڀ ۾ ساکي برهم ڏسي نرڀئه سان هلي ٿو. هي سامهون انجير جو وڻ آهي. ان مان هڪ انجير ڇني اچ. پٽ انجير ڇني اچي ٿو. پتا انجير کي ٻه اڌ ڪري ٿو ۽ ان ۾ جي سنهڙا سنهڙا ٻج آهن، تن مان هڪ ٻج ڪٽي چوي ٿو "پٽ، ان ننڍڙي ٻج مان اهو انجير جو وڻ پيدا ٿيو آهي، پر هڪ هڪ انجير ۾ ڪيترا نه ٻج آهن. تيئن برهم مان ئي برهمانڊ پيدا ٿيو آهي. آتما سرو وياپي آهي. ڪٿي ڪٿي ۾ آتما وياپڪ آهي. تو ۾، مون ۾ ۽ سڀني ۾ اها آتما آهي. اهو اٿي سچو گيان." پٽ چوي ٿو "پتاجي، مون اها وديا ڪين ورتي آهي."

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون پيارون. اسين به شل آتمڪ گيان پراپت ڪريون. اسين ان گيان کان پري آهيون. پاڻ کي شرير سمجهي پيا دکي ٿيون. پنهنجا امولڪ سواس ويرٿ پيا وڃايون. ان ڪري سڄاڳ ٿيو.

جنم جنم ۾ اهڙا ڀل ڪئي آئيون. وري اهڙي ڀل نه ڪريون، آتما جي پروڙ پايون ۽ دکين دلدرن جي سيوا ڪريون.

۱۸ جولاءِ گرو پورڻما جي ڀلر ڏينهن صبوح جو ڪيترن ئي ڀرامڻن پياري دادا جشن کي نـاريل، گلدستا ۽ ٻيون وستون ڀيٽ ڪيون. داداجن وري اهي ناريل، گلدستا پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي مورتيءَ اڳيان رکندا ويا ۽ هڪ هڪ کي پنهنجي آسيس ڏنائون. منجهند جو داداجن اکنڊ ڪيرتن ۾ شرڪت ڪيا. تماشام جو پوڄه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو منو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو. اُن بعد پياري دادا جشن گروءَ جي مهما ڪندي چيو ته سچو گرو وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ اسانجي راهه روشن ڪري ٿو. هو اونده انڌڪار مان ڪڍي روشنيءَ جي راهه ۾

٢٧ جولاءِ ميران انگلش ميڊيم اسڪول جي ٻالڪن پياري دادا جشن جو جنم ڏينهن ملهايو. ڪيترن ٻالڪن داداجن کي ماس آهار جي تياڳ جا پرتگيا پتر پيش ڪيا. داداجن کين سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته دنيا جي جوت جڳايو.

٢٩ جولاءِ پرائمري اسڪول جي ٻارن جنم ڏينهن ملهايو ۽ پياري دادا کين آسيس ڪئي.

٢٩ جولاءِ شام جي ستسنگ ۾ پوجيه داداجن شري اين. پي. مرچنداڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄ هن پياري جي جنم شتابدي پئي ملهائي وڃي. پياري مرچنداڻيءَ جو ڪراچيءَ کان وٺي ستسنگ ۽ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ سان نيڻهن جو ناتو رهيو. پونا ۾ به هي پيارو اسانجي برڌرهوڊ سنستا جو چيئرمين ٿي رهيو. ڪيڏو نه نماڻو، همدرد، هوشيار هوندو هو. پڇاڙيءَ تائين نام ڳائيندو رهيو.

٣٠ جولاءِ آرتوار صبح جو داداجن مٺو اُپديش ڏنو.

٣١ جولاءِ ميران ڪاليج ۾ جنم شتابدي ۾ اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. پرنسپال رتنا آتم واسواڻيءَ داداجن جي آجيان ڪئي. پوجيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ ڪله نوجوانن ۾ نشيدار شين پيئڻ جي عادت وڌي وئي آهي. نه صرف ڇوڪرن ۾، پر ڇوڪرين ۾ به. مون کي هڪ ڇوڪري ملي. چيائين مان پيئڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهان. ان عادت کان ڇٽڻ لاءِ تمام زبردست اڇا شڪتي کپي. اهڙا درويشن جي دعا ڏواران ملي سگهي ٿي. سنتن ستپرکن جي در تي وڃي سندن آسيس وٺو ته توهانجي جيون ۾ نئين روشني چمڪندي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

درويشان در جـي ڏي مون ڏوڙ،
تــه چمڪي جـت ۾ تنهنجو نور.

تہ سڀ ۾ ڪهڙي ڀڳتي سٺي آهي؟ ڇاڻون سمپتي، ڀڳتي همدردي. شري ڪرشن کان پڇيائون تہ پرشوتم پرش جي ڪهڙي نشاني آهي؟ شري ڪرشن چيو:

نشڪام سيوا ڪري راڄا جنڪ ۽ ٻين ڀڳت پرم سڌي پائي،
دنيا دکيءَ جي ڪر تون ڪا سيوا، دکين جو ٿي ساٿي.

همدرديءَ جي ڀاوَ ۾ دکين بيمارن جي سيوا ڪريو. اهڙي سيوا اٿوَ ڀڳوان جي ڀڳتي. پياري پرشوتم ڀدراٽيءَ کي ڏنيواد آهي جو هن پياري هي سينٽر کوليو آهي. جت غريبن جي مفت تپاس ڪئي ويندي.

نماشام جو داداجن آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ اپديش ڪندي چيو:

جيسين چندا آڻ گهر، سورج ڪوٽ ملاءِ،
دادو گرو گوبند بن، تيسين تمر نہ جاءِ.

سنت دادو، گروءَ جي ڪيڏي نہ مهما ڪري ٿو. سو ڀلا چنڊ، ڪيترائي سورج، اگيان جي اندڪار کي دور ڪري نٿا سگهن، پر گرو ڪرپا ۽ ايشور ڪرپا دوارا اهو اوديا جو اونداهو دور ٿي سگهي ٿو. پر پڙدا اسانکي مونجهائين ٿا. هڪ معدي جو پڙدو، ان معدي جي پڙدي هيٺ اسانکي دنيوي مزا، عيش ڪون. ٻيو من جو پڙدو. من ڪيئن نہ اسانکي ڀٽڪائي ٿو. گرو اسانکي انهن پڙدن مان مڪت ڪري روحاني راهہ تي وٺي هلي ٿو. انڪري گروءَ جي شرڻ وٺو.

٢١ جولاءِ شام جو داداجن اڄ ٽانوَ دربار ڪاڙ ۾ منو اپديش ڪندي چيو تہ ڪوڏيون ڪيچ ڪٿي ڪرڻ ۾ زندگي وارق نہ وڃايو.

٢٣ جولاءِ لائنس ڪلب ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ واکيان ڏيندي مارگ درشن ڪيو.

اُن واليءَ کي نہ وساريو جنھن اسانکي اموليہ نعمتون ڏنيون آھن.

نماشام جو مهران هال ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جي ڀوڳ بعد ديال آشا ۽ هربخش پنجابيءَ گيتن دواران پياري دادا کي پشپانجلي ڏني. دادا هوتچند آڏوانيءَ چيو تہ پيارو ٻاٻا جشن پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو روحاني وارث ۽ هزارن دلين جو سهارو آهي. دادا گنگارام ساجنداس دادا جشن جي چرڻن ۾ ٢٣١٢٩٦٦ روپين جي جنمدن ڳوٿري ڀيٽ ڪئي.

پوڄيہ دادا جشن پروچن ڪندي چيو تہ پيارا ڀائرو، پياريون ڀيڻرون. توهانجو پريم، توهانجو پيار، توهانجي محبت ڏسي منهنجو ڪنڌ ازخود هيٺ ٿي وڃي ٿو. لائق ڪين آئم. توهان مان ڪيترا مون کان گهڻو اوچ آهيو، مون کان گهڻو بهتر آهيو. ڪيترا ڀائر، ڪيتريون ڀيڻرون، جن جي دلين اندر پريوءَ لاءِ عجيب ڀڳتي، عجيب پياس آهي، جنهن پياس لاءِ مان روز روز پڪاريندو آهيان: ”پريو، مونکي پنهنجي ڪمل قدمن لاءِ پياس ڏي، سڪ ڏي، اُڪير ڏي، عشق ڏي.“ اڄ توهان مان هڪ هڪ جي آسيس مڱان ٿو.

اڄ توهان مونکي ڳوٿري ڏني آهي، سان مون واسطي ڪين آهي. اها ڳوٿري آهي منهنجي مالڪ واسطي، پريوءَ واسطي، منهنجي گرديو واسطي. جيئن توهان کي ٻڌايو ويو تہ، ان ڳوٿريءَ سان اسين پياري دادا جو ١١٠ جنمدن ڳوٿري فنڊ شروع ڪريون ٿا. اڄ جيئن توهان مون کي ڳوٿري ڏني، پياري دادا گنگارام کي اکر ڳالهايا، اُن وقت منهنجي اکين اڳيان هڪ تصوير اچي ڦري. ٻہ چار ڏينهن ٿيا. هڪ ٻالڪي مون کي ملي. چيائين: جنمدن لاءِ مان توکي سوکڙي ڏيڻ ٿي چاهيان. مونکي ٻڌاءِ مان

١ آگسٽ صبح جو داداجن ميران سنڌي پرائمري ۽ هاءِ اسڪول جي ودياٿين سان مليا ۽ کين آشيس ڏيندي سکياداءِڪ ڳالهيون ٻڌايون. نماشام جي ستسنگ ۾ شري لوڪمانيه تلڪ جي پڻيه تٿي سنبنڌ ۾ ٻوليندي داداجن شري لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته اڄ راشٽر کي شري تلڪ جهڙن نڊر نرڀيڪ، نشڪام ديش ڀڳتن جي ضرورت آهي، جي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائين. اڄ اسانجي سياسي اڳواڻن ۾ ڪيڏو نه سوارٿ وڌي ويو آهي. گهڻا ته پنهنجي ڪرسي قائم ڪرڻ ۾ ئي پورا آهن. کين ديش جو ڪو به خيال ڪين آهي. اڄ ڀارت کي شري تلڪ جهڙا فولادي شخص گهرجن. شل اسان مان هڪ هڪ ۾ هن ڀاري جهڙي ديش ڀڳتي پيدا ٿئي. شري تلڪ نه صرف اعليٰ ملڪي مدبر هو پر مهان ودوان هو. 'شري گيتا رهسيه' سندس امولهه يوگدان آهي.

٢ آگسٽ پياري دادا جشن جي پوتر جنمدن سنبنڌ ۾ صبح جو ساڍي ٩ بجي ميران هال ۾ هون يگيه ۽ ستسنگ ٿيو. پياري دادا گهرجائن کي ڪمبل، ڪٽڪ ۽ چانورن جا پاڪيٽ ڏنا. ڪيترن ئي ڀراتن داداجن کي سوغاتون ۽ ڀيٽائون ڀيٽ ڪيون. منجهند جو ساڍي ١٢ بجي ميران هال ۾ نام ڪيرتن ٿيو ۽ پياري دادا جشن سڀني ڀراتن کي پنهنجي نمڻن ٻوري نهار سان نهال ڪيو. ڪن شردالن دادا جن کان ڪمڪ ڪٿايا. ان وقت داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته پڙو ڪيڏو نه دين ديالو آهي، جو ٻچڙن سان به ڀلايون ڪري ٿو. اسان ۾ ڪيڏا نه اوڳڻ آهن، تڏهن به پڙو اسانجا ڏوهه ڏنگايون نه ڏسي، رحمت جو مينهن پيو وسائي.

چڱن سان چڱايون، ائين سڀڪو هوءِ،
اوڳڻن ڪري نه ڪوءِ، ٻچن ساڻ ڀلايون.

ٿو. رشي راجا طرف روانو ٿيو. رستي تي هڪ ڦٽيل جانور
ڏسي ٿو، جنهنجي بدن مان رت پئي وهيو. رشي راجڪمار
جي ڪپڙن سان اُن جانور جو رت صاف ڪري ٿو ۽ اهي
راجڪمار جا رت هاڻا ڪپڙا کڻي راجا وٽ اچي ٿو. رشي راجا
کي چوي ٿو راجن، هي ڪپڙا سڃاڻو؟ راجا ڪنڌ ڌوڻي چوي
ٿو ”ها“. رشيءَ پڇيو ته ڪنهنجا آهن؟ راجا چيو ”منهنجي پٽ
جا آهن. ويو هو شڪار تي. هاڻ جت هجي اُت سکي رهي.
هت هت پريو رکپال آهه.“ رشي راجا جو جواب ٻڌي دنگ
رهجي ويو ته مار! راجڪمار جا رت هاڻا ڪپڙا ڏسي به مشڪندو
رهيو. سندس منهن تي غم جي ريکا به نظر نه آئي! دل ۾ چيائين
ته راجا برابر نرموهي آهي. ”پتا نام ڌتا گڻ“. رشيءَ راجا کي
چيو ته مان توهانجي راڻيءَ سان ملڻ ٿو چاهيان. راجا چيو ”راڻي
هينئر پوڄا پيئي ڪري، پرسو ته توهان کي ملندي.“ ڪجهه
وقت بعد رشي راڻيءَ سان مليو ۽ کيس راجڪمار جا اهي ڪپڙا
ڏيکاريندي پڇي ٿو ”هي ڪپڙا سڃاڻو ٿا؟“ راڻي چوي ٿي،
”راجڪمار جا آهن. شل جت هجي، اتي سکي رهي.“ رشي
راڻيءَ جو به جواب ٻڌي عجب ۾ پوي ٿو ۽ چوي ٿو ته هنجو
نالو ”اسنگ“ به برابر آهي. کيس پٽ جو رتي ماتر به غم
ڪين آهه.

رشي آشرم ۾ واپس اچي ٿو ۽ راجڪمار کي چوي ٿو ته
تون سڀاڻي مونسان گڏجي راج محل ۾ هلج. ٻئي ڏينهن رشي
راجڪمار سان گڏ راجا وٽ اچي ٿو. راجا پٽ کي ڏسي چوي
ٿو ”پيارا پٽ، ڀلي آئين.“ راجا وڌيڪ ڪجهه ڪڇي ڪين
ٿو. راجڪمار وري ماتا وٽ آيو. راڻي راجڪمار کي ڏسي چوي
ٿي ”ڀلي آئين، پوڄن ڪاڏو اٿيئي؟“

رشي، راجا ۽ راڻيءَ جو اهو ورتاءُ ڏسي چيو ته هي برابر

توکي ڪهڙي سوکڙي ڏيان؟ تنهنجي ڪمري ۾ مان جيڪر غاليچو وڇايان؟" مون ڪيس چيو "ٻالڪي، مان غاليچو ڇا ڪندس؟ مونکي تہ ڪپڙن ڀاسڻون ڏليون، جي ٻڍڙي جي ڪمل چرڻن ۾ ۽ ڏاڻ ڏکين جي شڪوا ۾ ٻاڻ ارپڻ ڪن."

منهنجا پيارا ٻارو، پيارڻ ون ٻڌو. سنسار ۾ رهو پر نرموهي ٿي رهو. چت جي ورتي ٻڍڙي سان جوڙيو. هر حال ۾ آنند ۾ رهو. هڪ راجا کي سندر پٽ هو. جيئن عمر ۾ وڌيو تيئن سونهن سوڀيا ۾ سرس ٿيڻ لڳو. هڪ ڏينهن هي راجڪمار گهوڙي تي چڙهي سير ڪرڻ ويو ٿي. ٻري ڪان هڪ سندر هرڻ ڏسي ٿو. هرڻ پٺيان گهوڙو تکڙو هلائي ٿو، پر هرڻ وڃي پيو ٽپ ڏوڙندو. هي ڪافي اُن جي پويان. آخر اچي اوندهه ٿئي ٿي ۽ راجڪمار معلوم ٿئي ٿو ۽ ڏاڍو ٿڪل بہ آهي، اُتي هڪ رشيءَ جو آشرم آهي. هي راجڪمار رشيءَ وٽ وڃي چوي ٿو تہ رات جيڪر مونکي هت آرام ڪرڻ ڏيو. رشي کيس ڪاڌو پيتو کارائي ٿالهڪو ڪري ٿو. هن کان پڇي ٿو "پيارا، تون ڪير آهين ۽ تنهنجي پتا جو نالو ڇا آهي؟ راجڪمار ورائي ٿو "مان راجڪمار آهيان ۽ منهنجي پتا جو نالو 'نرموهي' ۽ ماتا جو نالو 'اسنگ' آهي. رشي نالا ٻڌي عجب ۾ پوي ٿو. چوي ٿو تہ اهڙا سکيا تہ اسانجي آهي. وري رشي اُن راجڪمار کان اُنهن نالن بابت پڇي ٿو. تڏهن راجڪمار چوي ٿو تہ، مونکي وڌيڪ خبر ڪانه آهي پر راجا ۽ رائيءَ کي انهن نالن سان سڏيندا آهن.

راجڪمار رات آرام ڪري ٿو. صبوح جو رشي کيس چوي ٿو "تون هن آشرم ۾ ترس، مان تنهنجي ماتا پتا جو درشن ڪري ٿو اچان ۽ تنهنجا ڪپڙا ميرا ٿي ويا آهن، اهي لاهي ڏي. حال توکي مان ڪپڙا ڏيان ٿو سي پاءِ. اهي ميرا ڪپڙا ٻڌي ٿو وڃان. راجڪمار رشيءَ جي اوسار ميرا ڪپڙا لاهي کيس ڏئي

سٽسنگ جي نرمل ڌارا دکايل، ستايل، پياسي دلين کي پرم
جو پاڻي پيئاري رهي آهي. منهنجا پيارا، شري ڪرشن لاءِ
پياس اٿاريو. پياس ۾ شيام سندر کي پڪاريو ته توهان کي مرلي
منوهر جي مرليءَ جو مڌر آواز ٻڌڻ ۾ ايندو.

١٦ سيپٽمبر نماشام جي سٽسنگ ۾ پيارو شري نـاري
گوساڻي پنهنجي پتنيءَ ڊاڪٽر گوپي گوساڻيءَ سميت پوڄيه
دادا جشن کان آسيس وٺڻ آيو. دادا گنگارام ساڄنداس سندس
ڏنل سهيوگ جو ورڻن ڪيو. پوڄيه دادا جشن ڪيس آشيرواد
ڏيندي ۽ سندس سيوائن جو ذڪر ڪندي چيو ته اڄ اسان وٽ
پيارو نـاري گوساڻي آيو آهي. هي پيارو ڪيئن نه رات ڏينهن
سيوا پيو ڪري. سيوا جي راهه سولي ڪين آهي. ڪيڏا نه
ڪشالا ۽ تڪليفون سهڻيون پون ٿيون. سو سياڻو، جو سيوا جو
ڪارڻ نٿو ڇڏي. هي پيارو پڪو وڪيل آهي. ڪجهه وقت بـار
ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ پڻ ٿي رهيو. درد مندا ڪا درد هن
جي دل ۾ آهي. هڪ دفعي ڏنومانس ته وڃي رنائين. هي پيارو
دکي پائرن جو درد سهي نه سگهندو آهي. هڪ درويش چيو آهي
ته هوا ۾ اڏامڻ سولي ڳالهه آهي. مکڻ به اڏامي ٿي سگهي. ندي
پار ڪرڻ به ڏکيو ڪم نه آهي. ڪتو به ندي پـار ڪري سگهي
ٿو، پر دکين دلين جو درد دور ڪرڻ وڏي ڳالهه آهي. مهاتما
ڳانڌيءَ کان پڇيائون ته مکتيءَ جي راهه ڪهڙي؟ مهاتما چيو
ته مکتي پراپتيءَ لاءِ گهڻائي رستا هوندا، پر مـون واسطي
مکتيءَ جي راهه آهه دکين جي سيوا. هڪ جوئش رباءِ بيمار
پيو آهي، اٿي نٿو سگهي. اوچتو در تي ڪڙڪو ٿئي ٿـو. هڪ
غريب ٻاڪاري ٿو ته بک ۾ ٿو مران، آهي ڪو جو روٽيءَ ٽڪر
کارائي. رباءِ هڪدم پنهنجي شش کي ماڻهو موڪلي ٿو. شش
واڃي ڪو ٿرمي پستڪ پڙهيو. دل ۾ چيائين، پاٺ پورو ڪري

نروهي ۽ اسنگهه آهن. هن پنهنجي جيون ۾ گيتا جي سکيا عمل ۾ آندي آهه.

اسين ٻه جيڪر هن راڄا ۽ راڻيءَ وانگر سمسار ۾ رهون. پر اسين مايا جي پرپنچ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، انڪري ڪيڏو نه دکي آهيون. موهه دکن جو ڪارڻ آهي. اسين ٻئي شل اهڙا پروڙ پايون ته سڀ آهه فاني. پوءِ دک ڇا جو، ممتا موهه ڇا جو. هڪ پرڀوءَ جا ٿي رهون ۽ نه سمسار جا.

٢٤ آگسٽ جنماشٽميءَ جي پوتر ڏينهن هون لڳڻ بعد پوڄه دادا جشن مهراڻ پوڄيءَ ۾ سفيد پوشن جي سيوا ڪئي. نماشام جو پوڄه داداڄن اپديش ڪندي چيو ته، اڄ ڪهڙو نه مهاپوتر ڏينهن آهه. پر جنماشٽميءَ جي ڪنهن کي آسيس اچي ٿي؟ ڪنهنکي ڪرشن ڪرپا ملي ٿي؟ جنهنجي دل صاف آهه، اوجل آهه. جا دل ڪرشن ڪرپا لاءِ پياس ۾ پڪاري ٿي، تنهنتي ڪرشڻ ڪرپا ڇمڪي ٿي. اڄ پرڀات جو جيئن اٿيس، تيئن منهنجي دل اندر هيءَ پڪار اٿي:

موهن گهر ڏيئڙا، وسامي ويا، شيام شمع اون ٻار.

شري شيام سندر کان سواءِ ٻيو ڪير من مندر ۾ پرڪاش ڪندو. ان جي مهر روپي روشنيءَ جي درڪار آهه. اڄ جيئن هون جي اگنيءَ ۾ آهوتي پئي وڌم ته منهنجي دل اندر يادگيري اٿي. منهنجا وڏڙا موهن کي وٺي هلڻا حيدرآباد سنڌ جي سٽسنگ ڏانهن. ٥٩ سال اڳ اجوڪي ڏينهن ڪيئن نه پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ پرڀات جو پنجين ٻجي ڪاڪي منگهارام جي جاءِ ۾ سٽسنگ جو مهورت ڪيو. ڪيئن نه پيارو دادا اچي اڪ صندليءَ تي ويٺو. پنهنجي نرمل پاڪ هٿن سان هون جي اگني ٻاريائين. هن وقت ان سٽسنگ جي روشني ڪيئن نه پورب پشچم ۾ ڦهلجي رهي آهه ۽ روحاني رستو ٻڌائي رهي آهه!

چڙهي رهيءَ ڏينهن رات". گروجن لوڪن کي نام جو جل پيئاريو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪنهن چڪر مان ئي گروجن جيان ٻاڻي اچيندي هئي. اها ٻاڻي ڪن ٻالڪن وٽان به لکي. اها ٻاڻي ٻڌندي ڪيڏو نه آنند ايندو هو. سندن آواز ۾ ڇا هو! ڄڻ ته شري ڪرشن جي مرلي هئي. جن اها ٻاڻي ٻڌي ۽ لکي، سي سڀاڳا. نوري گرنٿ اِڪ زنده شاستر آهه. وقت ايندو جڏهن ٻين ٻولين ۾ به ڇپبو ويندو. نوري گرنٿ جي ٻاڻي هزارن دلين کي ڏوڏيندي. اها ٻاڻي دل ۽ دماغ کولي نئين دنيا ٺاهيندي. سائنس فقط دماغ کولي ٿي، اها سائنس دنيا کي تباهه ڪندي. نوري گرنٿ ۾ ڀڳتي، ڪرم ۽ گيان جو ميلاپ آهه. گروءَ جي چرنن ۾ سڀ ارپڻ ڪرڻ سيکاري ٿو. توهان کي ڌنيواد آهه جو توهان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن سنبنڌ ۾ ١١٠ نوري گرنٿن جو پاٺ اڄ آرنڀ ڪري رهيا آهيو، جن جو ڀوڳ ٢٥ نومبر پياري دادا جي جنمدن ڏينهن هٿ وڌو ويندو.

٢٠ سيپٽمبر ٻوجهه دادا جشن سورت ۾ پڌاريا. رامنگر ۾ اُپديش ڪندي داداجن چيو ته پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي نه وساريو. سنڌي ٻوليءَ جي ٻاڙ ٻختي رکو. ٻاچن ٻڌيان نه ٻوڙو. نام سان نينهن لڳايو. مانش جيون سڦل بڻايو. هڪ دفعي پياري دادا ساڌ و واسواڻيءَ کان پڇيوسين ته توهان سوان ٻستڪ لکيا آهن، جيڪر ٻن اکرن ۾ اُنهن جو تت ٻڌايو. پياري دادا چيو "دل اندر پيار اُتاريو. پيار سان سڀن کي ملو. پيار سان ورتاءُ ڪريو. پيار اتو جيون جو سچو خزانو.

٢١ سيپٽمبر سورت ۾ پياري جيون لعل جي اُڇنڌڙ مڪان ۾ داداجن پڌاريا ۽ پرارٿنا ڪيائون. اُتان دادا جن ٻڙودا روانا ٿيا.

٢٢ سيپٽمبر ٻڙودا ۾ سنت ڪنور رام ڪالوني ۾ هري شيوا

ٿو وڃان. رباع وري ٻيو ماڻهو موڪليس. اُهو هو رباع وٽ آيو. رباع پڇيس ته اڄڪلهه دنيا ڇو ڪيئن؟ جواب ڏنائين ته پاڻ ٻڌي ڪيم. اُهو رباع چيس "پيارا، پاڻ پوڄائون سڀ سٺيون، ٻيو اُن کان وڌيڪ آهه ٻئي جو ڀلو ڪرڻ. پيارو ناري گرسهاڻي ٻئي ڪيئن نه رات ڏينهن ٻين جو ڀلو ڪندو رهي ٿو. شل مٿس ڀرڀوءَ جي ۽ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي آسيس ڇمڪندي رهي، جو اڃا به وڌيڪ جاتيءَ جا گهڙا ڀريندو رهي.

پوڄيه دادا جشن شري گرسهاڻي ۽ سندس پتني گوپي گرسهاڻيءَ کي دشالو پائيندي سيوا ڪارڻ لاءِ پنج هزار روپيا ڏنا.

شري ناري گرسهاڻيءَ چيو ته اڄ مان هت پنهنجي روحاني رهبر، پارس جي فيلسوف، سچي سنت پوڄيه دادا جشن کان آسيس وٺڻ آيو آهيان. سنت ئي مالڪ سان ملائين ٿا. منهنجي پياس آهه ته جيسين صحت ۽ سگهه اٿم، تيسين پنهنجي سنڌي جاتيءَ جي سيوا ڪندو رهان. اها آسيس وٺڻ هت آيو آهيان. پوڄيه دادا جشن ڪيڏا نه رتن ڪري دلين کي دلبر در لائي ڇڪي ٿيو. اسان سنڌين کي فخر آهي جو اسانجي سنڌي قوم ۾ دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جهڙا اعليٰ انسان پيدا ٿيا آهن.

پياري آلو رلواڻيءَ شري گرسهاڻيءَ جي ڏنل سهڪار لاءِ شڪرگذاري مڃي.

١٧ سيپٽمبر ميوان هال ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ١١٠ جنمدن سمبنڌ ۾ ١١٠ نوري گرنٿ جا پاٺ آرنڀ ڪيا ويا. اُن موقعي تي پوڄيه دادا جشن چيو ته پنج صديون اڳ شري گرو نانڪ ديو آيو. اُهو ظلم جو زمانو هو. لوڪن کي سچي ڌرم جي پروڙ ڪين هئي. گروجن ساڌنيڪي نموني وچي هڪ ورڪ هيڏان وهندا هئا. سندن اکين ۾ نام جو نشو هو. "نام خماري نانڪا

ٿي ته، ورنه ديوتا جي حاضريءَ ۾ توهانجي اڇا پوري ڪيئن ٿيندي؟ رشي يوگ شڪتيءَ سان جل کي سڪائي زمين ڪري ڇڏي. ڏسو ڪام ڇا نٿو ڪرائي! ڪام رشيءَ جي اکين تي انڌ جا پردا چاڙهي ڇڏي ٿو.

اسين ته ڪجهه ڪين آهيون. ان ڪري هر وقت پرڀوءَ کان ڪرپا گهرون. پيارو دادا پنهنجي باڻيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪام اڳيئي اصل ڪسان وڌوي،
وڏن رشين کي ڪيائين ڀڄوري.

منهنجا پيارا، ان ڪري هر وقت پرڀوءَ کان سندس مهر گهرندا رهو.

٢٤ سيپٽمبر پياري ارجن گيانچنداڻيءَ جي گهر پوڄا، دادا جن روح رهاڻ ڪندي چيو ته شري نسوري گرنٿ ۾ هيءَ ست اچي ٿي: "رحم ڪر، اي رحم وارا، رحم ۾ نهار." پرڀوءَ کي ور ور سندس فضل لاءِ پڪارايون. جي پرڀو حساب چڪيندو ته ٽڪرا ٽڪرا ٿي پونداسين. شاهه لطيف به چوي ٿو:

ادل ڪرين ته ان جاءِ نه ميڏي، فضل ڪرين ته ان جيوان،
ڇاڙئي پلو مڙا چڪڻ ڀريا، ڪهڙا ڏوئي ڏوهان.

هڪ سنياسي هڪ ٽڪريءَ تي رهندو هو. اُت ڪيڙن جو ورڪه هو. اُتان ڪيلا چني کائيندو هو. نيت انت ڪال اچي ٿو. ڪيترا پيا ٻ هي سنياسي اچي پرڀوءَ جي دربار وٽ پهتا آهن. فرشتا بيٺا آهن. هڪ هڪ کان پيا پڇن ته توکي فضل کپي يا عدل کپي؟ هي سنياسي چوي ٿو "مون ته ڪو پاپ ڪيو ئي ڪين آهي، پوءِ فضل ڇو گهران؟" فرشتو وري پڇي ٿو "عدل کپيئي يا فضل؟" سنياسي چوي ٿو "عدل". وري ٽيون دفعو سنياسيءَ کان فرشتو پڇي ٿو. سنياسيءَ کي ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ چوي ٿو "چيومانءِ ڪين ته مونکي عدل کپي." اچا اُت بيٺو ئي آهه،

گرلس اسڪول جي ميدان ۾ سي ٻوڙهه داداڄن ٻوڇن ڪندي
ڇيو ته، وڪار وڏن وڏوانن کي به ڪيرائي ڇڏين ٿا. ڪڏهن
به اهڙڪار نه ڪريو ته توهان وڪارن تي جيت پاتي آهه. هر
وقت پريوءَ کي سمرس رحم لئه پاڙيو. پريو، توهان تي هر حال ۾
اسانجي رکشا ڪئي.

رشي ٻاراسو سوين سال ڪٿن تپسيا ڪئي. آخر ايڏي
تپسيا ڪان پوءِ هو گهر موٽيو ٿو. رستي تي ڪمس ندي پار ڪرڻي
آهه. پريان هڪ ٻيڙي بيٺي آهه. رشي ٻيڙيءَ جي ٻرسان اچي
ٿو ۽ ڏسي ٿو ته ملاح پنهنجي پريوار سان اٿ ماڇن کائي رهيو
آهه. رشي ملاح کي هڪل ڪري ٿو ته مونکي ٻيءَ پار پهچاءِ.
ملاح چوي ٿو ته ترسو ته روٽي کائي پوءِ توهان کي وٺي ٿو هلان.
رشيءَ کي ڏاڍو غصو لڳي ٿو. ملاح جي ننڍڙي هڪدم اٿي روٽيءَ
مان اٿي هڪ ٻيڙي هاڪاري رشيءَ کي چوي ٿي ته اچو، مان
توهان کي هن پار پهچايان، غصو نه ڪريو. رشي ٻاراسو جيئن
ئي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٿو ته اوچوان نيدگر جي عجيب سونهن ڏسي
مٿس اکن چکن تي ٻوي ٿيو. رشيءَ جي من ۾ وڪار پيدا
ٿئي ٿو. هيڏن سالن جي تپسيا ۾ وگهن اچي ٻوي ٿو. اهو رشي
ٻالڪيءَ کي چوي ٿو "منهنجي اڇا ٻوري ڪر." ٻيڙي ٻه وچ
سير ۾ هئي. ٻالڪي چوي ٿي ته مان مهاٽي جي ڌيءَ آهيان.
مون مان ماڻس ٻئي اچي. مونکي ڇهڻ ۾ تسي اوکي ڪراهت
ايندي. رشي چوي ٿو ته تون خيال نه ڪر، مان اوکي تپو ٻن
جي شڪتي ڏيان ٿو. پوءِ ٿوڙان سگند اچڻ شروع ٿيندي.
رشيءَ جي سوين سالن جي تپسيا گم ٿي وئي. ڪام ايڏو پيدڪر
آهه! ملاح جي ڌيءَ وري ڪيس چوي ٿي ته اهو ڪم ڪيئن ٿيندو.
مٿان سورج ديوتا پيو چمڪي. رشي پنهنجي يوگ ٻل سان سورج
مٿان ڪڪر آڻي ٿو ۽ اوندهه ٿئي ٿي. وري اها سندري چوي

هتان وديارٿي وديا وٺي وڃي ڏکي لوڪن جي سيوا ڪن. شاگردن ۾ جي لڪل شڪتيون آهن، سي کوليو. ٻار اوهانجو امولهه خزانو آهن. پياري ٻاشارام گوگيا، پيٽ وديا گوگيا، ڊاڪٽر ريواچند گوڊواڻي ۽ ٻين سيواڌارين کي ڌنيواد آهي. جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام سوراشٽر ۾ پهچائي رهيا آهن.

شام جو پوڄيه دادا جشن "شانتي وومين ويلفيئر سينٽر" جي نئين جڳهه جو مهورت ڪندي چيو ته هن سنستا ڏوارا دکين درڊرن، بيمارن جي ڪيڏي نه خدمت ٿي رهي آهي. توهين به چيڪ ڪرهن لڳيه ۾ ڪجهه نه ڪجهه يوگدان ڏيو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ور ور چيو "ڏيو، ڏيو." جيڪي ڏيندا سو پڀوءَ جي دربار ۾ درج ٿيندو ويندو. هڪ شاهوڪار سخت بيمار ٿي پيو هو. هڪ سيٺ هن کان ڏهه هزار روپيا اڌارا ورتا هئا. اُن سيٺ کي خبر پيئي ته شاهوڪار مرڻ ڪنڌيءَ لڳي آهي. تڪڙو تڪڙو ڏهه هزار روپيا کڻي هن وٽ آيو. ان شاهوڪار اهي ڏهه هزار واپس ڪين ورتا. چيائين وڃي غريبن ۾ ورهائي ڇڏ. پيارا ستسنگيو، توهين به جيڪي سڪرت جي ڪمن ۾ ڏيندا، سو ئي پڀوءَ جي دربار ۾ جمع ٿيندو ويندو.

پوڄيه داداجن آيل سفيد پوشن کي روڪ سهائتا، اسٽيل جي ٿالهي، اناج ۽ ڪپڙو ڏنو.

٣٠ سيپٽمبر پوڄيه دادا جشن احمدآباد ۾ پڌاريا. رات جو ساڌو واسواڻي اسڪول سردارنگر جي ميدان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري آسنداس پڌراڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن ملهائي رهيا آهيو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ور ور پڪاريو "جاڳو، جاڳو." اسين اڃا ستل آهيون. اڃا آهيون ويسر ۾. شل سڀ جاڳم

ته جڏهن ڇوڪريءَ تي هٿُ وڌائي ٽپڻيا ڪندو هو، اها سندس مٿان اچي ڪري ٿي. سنياسي وٺي ٿو واڪا ڪري ”بچايو، بچايو.“ وري ڪيلا اچي ٿا لڳنس، ڪيس ڇڪ ٿا پائنس. اُن وقت هي سنياسي پڇتائي ٿو ۽ چوي ٿو ”مونکي معاف ڪجي، مونکي فضل ڪجي.“ منهنجا پيارا، انڪري ٻارڙن کي ور ور چئو:

جيتا سمنڊ ساگر نير ڀريا، تيتي اوگڻ هماري،
دَيا ڪرو، ڪجهه مهر اپائو، ڏُٻندي پٿر تاري.

۲۷ سيپٽمبر منجهند جو پوڄيه دادا جشن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. راس جو اروند ڀائي مٺيار هال ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن اُتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن وياکيان ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي ٻالڪ سان پريم جو چشمو کڻي آيو ۽ اچي اُجالن کي پريم جو پاڻي پيئاريائين. سڀني کي سڄاڳ ڪيائين. نام امرت پيئاري ٻارڙن جي راهه ۾ ڇڪيائين. پيارو دادا اڄا پڻ پيو پڪاري ۽ پريم سان نهاري. پيو چوي: ”نام ڳايو، نام ڌيايو، مانوَ جيون سڦل بڻايو.“

۲۸ سيپٽمبر پوڄيه. دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته پنهنجو پاڻ ٻارڙن جي حوالي ڪري ڇڏيو. ٻارڙو اسانجو ماتا پتا آهه. اسان کي گهٽ ڪين ٿيو گهرجي. ڪجهه وقت ساڻنت ۾ گذاريو ۽ ٻارڙن سان گفتگو ڪريو. ٻين جا مددگار بڻجو. اهو ڏينهن توهانجو اجايو ويو، جڏهن ڏينهن ڪڏهن ته ڪڏهن دکي دل کي آٿت نه ڏنو اٿوَ. ٻين کي منڙي مشڪ سان ڪيڪاريو. انهن ساڌن دواران توهانجي جيون آنندائڪ ۽ سکدائڪ نموني گذرندي.

۲۹ سيپٽمبر صبوح جو پوڄيه دادا جشن راجڪوٽ ۾ ساڌو واسواڻي اسڪول جي نئين عمارت جو مهورت ڪندي چيو ته هي وديا مندر ٿي ٻارڙن جي اهڙي آسيس ٿئي، جو

٦ آڪٽوبر صبوح جو داداجن سنگت سميت اچڻ ۾ پڌاريا. تماشام جو اسڪول جي ميدان تي سٽسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شري ڏاهپچند ٻيلاڻيءَ پوڄيه دادا جشن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته جي سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته نام کي نه وساريو ۽ جيڪي پرڀو ڪري، اُن تي پرسن چت رهو. صدق وارو انسان هر حال ۾ راضي رهي ٿو. دولت ٽالي هڪ راجا هوندو هو، جو ڏاڍا دان پن ڪندو هو. ڪنهن به سواليءَ کي موٽائيندو ڪين هو. هڪ فقير هن وٽ روز ڀکيا وٺڻ ايندو هو. نزديڪ هڪ ٻيو فقير به رهندو هو، جو ڪڏهن به هن راجا وٽ نه ايندو هو. چوندو هو ”ڪيا ڪرينگا دولا، جو ڪرينگا مولا!“ هڪ ڏينهن پهريون فقير هميشه جيان راجا وٽ وٽ ويو ته راجا کيس هڪ هنداڻو ڏنو. هنداڻي اندر راجا ٿوريون گنيون وجهي ڇڏيون هيون. فقير کي دک ٿيو ته راجا اڄ ٽڪي جو هنداڻو ڪٽي ڏنو آهي! گهر واپس پئي وريو ته ٻيو فقير گڏيس، جو راجا کان ڪڏهن به گهرندو ڪين هو. اُن پڇيس ته تون اڄ موڳو ڇو پيو لڳين؟ پهرئين فقير چيس ته اڄ راجا صرف ٽڪي وارو هنداڻو ڏنو آهي! ٻئي فقير چيس ته اڄ مونکي ته روپيا ملڻا آهن، اهي تون وٺ، دلگير نه ٿيءُ، هنداڻو مونکي ڏي. پهريون فقير ٻــه روپيا وٺي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رمندو رهيو. ٻئي فقير جهوپڙيءَ ۾ وڃي جيئن هنداڻو وڍيو ته اُن مان گنيون نڪري آيون. فقير گنيون ڏسي چوڻ لڳو ”ڪيا ڪرينگا دولا، جو ڪرينگا مولا.“ اهڙا صدقي انسان هر حال ۾ راضي رهن ٿا. توهين به جيڪر رب جي رضا تي راضي رهو ته، توهان کي به لاڀ ٿيندو.

٧ آڪٽوبر صبوح جو سنيما هال ۾ اسڪولي وديارٿين جو ميڙ رکيو ويو. پوڄيه داداجن ٻالڪن کي آسيس

جي پڪار ”جاڳو، جاڳو.“ جڏهن جاڳون ٿا ته پروڙ پئون ٿا ته هيءَ زندگي ملي آهي، نه مزو ماڻڻ لاءِ، نڪي مان شان هٿ ڪرڻ لاءِ، نڪي پئسو پيداوت هٿ ڪرڻ لاءِ، نڪي عيش عشرت لاءِ. هيءَ زندگي ته آهي جنگ جو ميدان. شري ڪرشن ارجن کي چيو ته ”اُتشٽ، پرنتپ!“ اُٿي بهادر ٿي بيهه. اسانکي جنگ آهي پنهنجي اندرين سان. ڏسو اسانجون اکيون ڪيئن نه ور ور اسانکي گهلي وڃن ٿيون پاپ ڏي، نرڪ ڏي. انهن اکين سان جنگ جوٽڻي آهي. اسانجي زبان روز روز اسان کان ڪيڏا نه گناهه ڪرائي ٿي. ان زبان سان جنگ جوٽڻي آهي. اسانجا ڪن، اسانجا هٿ، اسانجا پير، هڪ هڪ اندري، اسان جو من، پنج وڪار، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه، اهنڪار، تن سان جنگ جوٽڻي آهي. منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون. ويچار ۽ وهنوار ۾ انهن وڪارن کان خبردار رهو. خوب نام جپيو ۽ ڏکين جي سيوا ڪريو.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن سمپند ۾ آرتوار صبوح جو نين سؤ سفيد پوش پيرن کي پوڄيو. داداجن هٿان هڪ هڪ سؤ رپين جو سيڌو ڏيارايو ويو. ٢ آڪٽوبر واڙيچ سڌونگر سوسائٽيءَ ۾ پوڄيو. داداجن اُپديش ڪندي مهاتما گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ٣ آڪٽوبر نرنڪاري سوسائٽيءَ جي ميدان تي داداجن پرواچن ڪيو.

٤ آڪٽوبر شام جو منگلداس ٽائون هال ۾ پوڄيو، داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو. ٥ آڪٽوبر صبوح جو داداجن ”ڊن ديپ سرجيڪل هاسپيٽل“ جو مهورت ڪندي چيو ته: ڊاڪٽر اجيت ناڪ سنگهه ۽ سدس پنڊي ڊاڪٽر جوئي هن دواخاني کي ڏياختو بڻائيندا، جيئن غريب مسڪين به ان مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

واسطي رابعا کي اسلام جي ميران ڪري سڃاڻندو هو. هيءَ بيمار ٿي پئي ته هن کي ٽي جڻا ڏسڻ آيا. هڪ سندس مرشد حسن، جنهن کان رابعا جي منزل اوچ هئي. ٻيو مالڪ ۽ ٽيون شاقي. ٽيئي وڏا آهن. ان وقت سوال آئي ٿو ته ڏکيءَ کي پيار ڪرڻ جا آهن؟ مرشد حسن چوي ٿو ”ڏکيءَ کي پيار ڪرڻ آهي ته سڀ صبر سان سهون، دانهن ڪوڪ ڪين ڪريون“ منهنجا پيارا، توهان به جيڪڏهن پرڀوءَ سان پريم جو ناتو جوڙڻ چاهيو ٿا ته هر حال ۾ خوش رهو.

تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي، نام پدارٿ نانڪ مانگي.

هڪ شاهوڪار گهر جـــي ڌيڻ روز مندر ۾ ٻهاري پائڻ ويندي هئي ته دل ۾ چوندي هئي ته پرڀو منهنجي ڌيءَ کي سٺو گهوٽ ڏجانءِ. هڪ ڏينهن هيءَ ڌيڻ ٻڌي ٿي ته آمريڪا مان هڪ ڇوڪرو آيو آهي، ڏاڍو سٺو آهي. هيءَ مائٽي چوارائي ٿي. ان ڇوڪري کي ٻيون به مائٽيون آيون. اهو نوجوان ڪيترين ڇوڪرين نظر مان ڪڍي ٿو ۽ ڪابه ڇوڪري کيس پسند نه ٿي اچي. اهـو نوجوان آمريڪا واپس هليو وڃي ٿو. ان ڪري هن ڌيڻ کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. کيس ايترا ته خار لڳا جـو مندر ۾ آئي ۽ جنهن ٻهاريءَ سان مندر جي صفائي ڪندي هئي، ان ٻهاريءَ جا ڪانا الڳ الڳ ڪري ڦٽي ڪيائين ۽ من ۾ چوڻ لڳي ته مون ايترا ڏينهن ٻهاري پائي مندر جي، منهنجي ڪڪيءَ جي مائٽي به ڪين ٿي. هن ٻهاريءَ ان مندر ۾ وڃڻ بند ڪيو. ڪجهه ڏينهن بعد کيس خبر ملي ٿي ته اهو نوجوان اڳ ۾ ئي آمريڪا ۾ شادي ڪيل هو. اهو ٻڌي اها ڌيڻ ڏاڍو شرمسار ٿئي ٿي ۽ مندر ۾ اچي پرڀوءَ جي اڳيان پڪاري ٿي ”تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي.“ پرڀو، جيڪي تون ڪرين ٿو، سو اسانجي ڀلائيءَ لاءِ. زحمت ۾ به تنهنجي رحمت سمايل آهي.

ڪندي چيو تہ ماتا پتا ۽ اُستادن جي عزت ڪريو، اُنهن جي آسيس توهان کي چمڪائيندي. هميشا جي ڪاڏي کان پري رهو، هڪ ٻئي سان همدردي ۽ پيار سان وهنوار ڪيو.

نماشام جو ڪنوررام ڪالونيءَ جي ڌرمشالا ۾ داداجن جو اُپديش ڪيو. ٨ آڪٽوبر داداجن ڄيپور ۾ آيا. اُتي پياري چندارام جي جاءِ تي نئين ٺهيل ستسنگ ٿيو. داداجن پراڻا ڪندي شري چندارام کي شرڌانجلي ڏني. رات جو لڪشمي ديوي پرسومل هال ۾ داداجن وياکيان ڏنو. ٩ آڪٽوبر صبوح جو سادو واسواڻي هاءِ اسڪول ۾ پوڄہ دادا جشن اسڪول جي برپا ڪندڙ سرڳواسي موهنلعل واسواڻيءَ جي پتلي جو مهورت ڪندي چيو تہ پيارو موهنلعل محبت جي مورت هو ۽ سيوا جي صورت هو. ڪيئن تہ هن پياري، پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي آدرشن انڪوَل هي اسڪول برپا ڪري وديارٿين ۾ سادگي سيوا سچ، ستيہ پوترتا ۽ نمرتا جا ٻج ڇٽيا آهن. شل پربو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي. پياري لعل جشنگهاڻيءَ کي بہ ڌنيواد آهہ جو هت پياري دادا جي ڪارڻ جي جوت جڳائي رهيو آهہ.

١٠ آڪٽوبر پوڄہ داداجن دهليءَ ۾ پڌاريا. پهچ وملا ڪنعيالعل دتواڻيءَ جي گهر داداجن اُپديش ڏنو. ١١ آڪٽوبر سادو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول جي وديارٿين دادل شاهہ جي جيون جون کي جهانڪيون ناٽڪ روپ ۾ پيش ڪيون. پوڄہ داداجن کين ڌنيواد ڏيندي چيو تہ پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي آدرشن ۽ سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي قوم جو نالو روشن ڪريو.

١٢ آڪٽوبر سادو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول ۾ روح رهاڻ ڪندي پوڄہ داداجن چيو، جڏهن تئي ڏک سک اسانجي ڀلي لاءِ. ان ڪري سدائين شڪر ۽ صبر ۾ رهون. پيارو دادا سادو

ويا ڪيان ڪندي چيو ته سنڌي لوڪ تمام قابل، هوشيار، محنتي آهن، پر هڪ اوڻ آهي، جو منجهن ايڪتا نه آهي. اجا هڪ ته ٿيا آهيون. ايڪتا جي ڏاڍي ضرورت آهي. هڪ اڳوان چوندين، جنهنجي حڪم ۾ هلڻ ته پوءِ سنڌي قوم هڪ آدرشي قوم ليکجڻ ۾ ايندي. اڄ اسين هت ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏڻ ملهائي رهيا آهيون. ساڌو واسواڻي سنت پرک هو، مسڪين محتاجن جو مترُ هو. ودوان هو، فلاسافر هو، پر ڪنڊو ته تمام اسانجو روحاني راڻو. منهنجا پيارا، توهين به پياري دادا جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو.

٢٣ آڪٽوبر نماشام جو پوڄا. داداجن جمنا هندوجا هال ۾ اُپديش ڪندي چيو ته، اڄ شري سکمني صاحب مان کڻيو ته مٿو وچن آيو:

مَن مورک ڪاهي بلبلائيءِ،
پورب لکئي ڪا لکيا پائيءِ.

گروجن چون ٿا "اي مورک من، تون ڇو ٿو منجهين، گهٻرائين؟ ڇو ٿو ورلاپ ڪرين؟" جيڪي تنهنجي قسمت ۾ هوندو، سوئي ٿيندو." منهنجا پيارا، جيڪي ٿيو آهي، جيڪي ٿئي ٿو ۽ جيڪي ٿيندو، اُن ۾ ڀلو آهي. دک سک سڀ مالڪ وٽان ملي ٿو. ڪيترا ماڻهو ڪشٽ وقت ٺاڪر کي پڪارين ٿا، سائين هيءَ مصيبت دور ڪر. پوءِ جي ائين نه ٿئي ته اُنهن مان ڪيترن جو صدق ٽٽي پوي ٿو. پرڀوءَ کان گهرو، ضرور گهرو، پر جيڪي ڏئي، اُن تي راضي رهو. پرڀو اسان کي ڏئي ٿو، نه جيڪي اسين چاهيون ٿا، پر جيڪي اسان لاءِ ضروري آهي، جنهن ۾ اسانجو ڀلو آهي.

ڪي سال ٿيا ته مونکي اسپتال ۾ وٺي هليا هڪ ٻالڪ وٽ، جنهنجو ٻئي ڏينهن تي آپريشن ٿيڻو هو. اُن ٻالڪ مونکي چيو ته

منهنجا پاڻ، منهنجون ٻچڙيون. پريان سندي پار جي مڙيوئي مڃائي. ان آدرش جي ٻنهي جڻن ۾ ساکي ڏني. ڏسو اوهان کي ڪيڏي نه آنند جو انڀو ٿئي ٿو. دک ۾، سک ۾، پرلوءِ کي نه وساريو.

١٣ آڪٽوبر شام جو داداجن آرفينس هال ۾ انگريزي ۾ ويکيان ڏنو. ١٤ آڪٽوبر داداجن اسڪول جي ميدان تي ڪيترن ئي ٻرهمڻن جي پڇيل سوالن جا جواب ڏيندي سندن سونهپ ڪئي. ١٦ آڪٽوبر داداجن انگريزيءَ ۾ ويکيان ڪندي چيو ته، همت نه هاريو. شيپ ڪم کي ڇهڻي ڏيو. نيم سڦلتا پراپت ڪندا. روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ وئراڳ ۽ ابياس جي ضرورت آهي. دنيوي وهنوار ڪندي نام کي نه وساريو. پنهنجا ڀار پوڄا ان جي حوالي ڪريو ته اوهان آنند جو انڀو ڪندا.

١٨ آڪٽوبر نج ڪانو دربار ۾ پوڄا. داداجن پروچن ڪندي چيو ته پياري دادا چيلارام جي سڀني پياري ليکڻ گرو باڻيءَ جو کهڙو نه سندر پستڪ ڪيو آهي. باڻي انو بل. باڻيءَ ۾ عجيب شڪتي سمايل آهي. گرو باڻيءَ جو، سنتن جي باڻيءَ جو خوب ابياس ڪيو. جيڪي جڏهن اوهين صدق سان باڻي پڙهندا، تڏهن اوهانجو اندر اوجو ٿيندو ويندو. باڻيءَ جو ابياس انتهڪرڻ شد ڪري ٿو. جڏهن انتهڪرڻ شد ٿئي ٿو، تڏهن آتم ساکياتڪار ٿئي ٿو.

٢٠ آڪٽوبر پوڄا داداجن امبئيءَ ۾ پڌاريا. ٢١ آڪٽوبر نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادل شاهه جو ١١٠ جنمڏين ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وڌي.

٢٢ آڪٽوبر جي صبح جو ساڌو واسواڻي باغ سنڌونگر ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١١٠ جنمڏين اتسو ملهايو ويو. پوڄيه داداجن

جاڳو انساني، همت پڌاريو. پاڻ سان شمع کڻي آيو، پرڀات جي پڙدي ۾ آيو، پاڻ سان هي پيغام کڻي آيو ”جاڳو، جاڳو، جاڳو“ سندس سکيا هٿي اندر اندر، دل وچ مندر، جهاڳي پايو. جوت جو ديدار ڪريو. پيار جو چشمو کوليو. توهين ۽ پياري دادا جي سکيا جي ساکي جيون ۾ ڏيو.

٢٣ نومبر صبوح جو ميران ڪاليج جي ٻالڪين دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن ملهايو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن دادل شاهه جي جيون تي روشني وڌي ۽ صلاح ڏيندي چيو ته پنهنجي وچارن جي سنڀال ڪريو. جهڙا وچار اندر ۾ ڪندا، اهڙا توهين ٿي پوندا. توهين پنهنجي قسمت جا ناهيندڙ آهيو. اهڙن پستڪن جو ابياس ڪيو، جنهن مان توهان جي گيان جي ورڌي ٿئي. ست مارگ ملي. سنتن ستپرکن جي جيون جو ابياس ڪريو. روز ڪو نه ڪو ننڍو يا وڏو سيوا جو ڪم ڪريو. انهن ڪي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو ته پريو توهانکي سکي ڪندو.

٢٣ نومبر شام جو ٤ بجي ميران يونيءَ مان رٿ ياترا نڪتي. هزارين ودياٿي ۽ پريمي ”جيءُ تون آئين دادل شاهه، اڳڻ اسانجي دادل شاهه.“ گيت ڳائي رهيا هئا. پوڄيه دادا جشن کين ٻڌايو ته ڏاڍي اُتساهه سان پياري دادل شاهه جو رٿ ڪاهي رهيو هو! جدا جدا چوڪن تي داداجن پياري دادل شاهه جو پيغام سڻايو. ٢٤ نومبر ميران اسڪول ۽ ڪاليج جي ودياٿين دادا ليلا جو ڪارڻ ڪرم پيش ڪيو. پوڄيه داداجن ان پروگرام ۾ شرڪت ڪيا ۽ ودياٿين جي همت افزائي ڪندي کين آسيس ڪيائون.

٢٥ نومبر صبوح جو شاهي ممبئي ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ١١٠ جنمدن سنبند ۾ ١١٠ نوري گرنٿن جا پوڄا ودا ويا دادل شاهه جو متو ايڊيشن ٽيپ رڪارڊ تي پڌايو ويو. شري

منهنجيءَ اميءَ جهڙي بي رحم ماتا سڄيءَ دنيا ۾ ڪٿي هوندي. مون پنهنجي ڪنن سان ٻڌو ته اميءَ ڊاڪٽر کي چيو ته ٻئي منهنجي ٻانهن ڪپي. ٻالڪ کي پوري خبر ڪين هئي. ٻالڪ جي ٻانهن ۾ زهري ڦرڙي نڪتل هئي. ڊاڪٽر چيو ته جي ٻالڪ جي ٻانهن نه ڪپبي ته ٻالڪ جي حياتيءَ جو خطرو آهه. ماتا ڊاڪٽر کي چيو ته ٻالڪ جي ٻئي ٻانهن ڪپيو، پر سندس حياتي بچايو. پوءِ اسانجون ٻانهون ڪپي ويو. اسين اڳياني اپاهج آهيون. پريو داتا ڏياوان آهي. جيڪي ڪري ٿو، اهو قبول ڪريون. پريوءَ کي اسان لاءِ پيار آهه. اهڙيون حالتون حاڪم ٻٽائي ٿو جو اسين سچيت ٿيون. دنيا آهه هڪ اسڪول، هڪ مڪتب. جنهن ۾ آزمودي وٺڻ لئه آيا آهيون. ٿورهڪري جيڪي ٿئي ٿو، جيڪي ٿيندو، سو محبوب جي سوغات ڪري قبوليو. روئڻ پٽڻ ڪري توهانجو ڏک نه هٽندو، پريوءَ کي پڪاريو ته هر حالت ۾ اسان سان همراه ٿئي. ڏک ۾ سک ۾، ساٿ ڏيندا پر، هيج ٿيون هوت هميشه مون سان. پوءِ ڊپ ڊاءُ چنتا سڀ چُور ٿي ويندي.

٢٤ آڪٽوبر ٽماشام جو پرلا مالسري سڀاڳهه ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو ١١٠ جنمڏن ملهايو ويو. هن موقعي تي پوڄيه دادا جشن آپديش ڪندي چيو ته پيارو دادا جوت جو انسان هو. هن پراوي لوڪ تي پيدا رهيو. سندس نيڻن مان نور پيو چمڪندو هو. سندس اکين ۾ ڪيڏي نه شڪتي سمايل هوندي هئي. ڪهڙو سندس اپديش اچي ڏنائين؟ "پيار جي جوت جڳايو." اڄ ڪلهه پيار جو ڪيڏو نه ڏڪر آهه. سڀني پراڻين کي پيار ڏيو، پيار ئي پريو آهه.

١١ نومبر ٽماشام جو ڪئمامت هائوس ۾ ڀاءُ ڪشور ٽڏانيءَ ۽ سندر ٽڏانيءَ دادل شاهه جو جنمڏن اُتسو ملهايو. پوڄيه دادا جن آپديش ڪندي چيو ته پيارو دادا رانول داس جو راٺو، پوري

هڪ ٽڪڙو جو اسان جي ڌرتيءَ جي وچ ۾ آهي، سو آهي ”مـان ان“ جو ٽڪڙو. انڪري نہ ڄاڻ سگهي، نہ ڏانهن کان ڀري وڃون ٿا. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان پياري دادا وٽ آيو ۽ چيو تہ توهين وري وري پاڻ ثابت ڪيو ٿا تہ دان آهيو، پر سائنس پڙائي تي تہ انسان ڇا نہ ڪري سگهي؟ انسان وڃي چنڊ لوڪ تي پهتو آهي! اُن وقت رات جو وقت هو. آسمان کليل هو. پيارو دادا مٿي ڏانهن ڏي اشارو ڪري نوجوان کان پڇي ٿو تہ آسمان ڏانهن نهار. انهن تارا آهن. هڪ هڪ تارو اُهڙي هڪ دنيا ۽ هيءَ ڌرتي. هن وشال سرشٽيءَ ۾ آهي واريءَ جو هڪ ڪڻو. ان ڌرتيءَ تي اهڙيا ڪيڏا ڇا ڇيو؟ واريءَ جي اڪ ڪڻي جو ڪڻو! اهڙيا ڪيڏ ۾ ڀارت ڇا ڇيو؟ واريءَ جي ڪڻي جي ڪڻي جو اڪ ڪڻو. ڀارت ۾ مهاراشٽر ڇا ڇيو؟ مهاراشٽر ۾ وري بمبئي ڇا ڇيي؟ بمبئيءَ ۾ وري اسين لک انسان رهن ٿا. انهن لکن ۾ وري تون ڇا؟ تنهنجي ڪهڙي هستي! پوءِ لوڪي وري ٻانور ڇاجو! هن لڳ واسطي ڀڳتيءَ جي راهہ مفيد آهي. شل ڪيچ ڪيئن ٿيون. دان ٿيون، مسڪين ٿيون ۽ هيءَ ڀرارٿنا ڪندا رهون ”شرط تنهنجي آهيان، مون کي توهين ٽار“ شل ان راهہ تي هلندي، ڀريتم کي پائون، پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون.

٢٦ نومبر آرتوار صبوح جو پوڄہ. دادا جشن آپڌاش ڪندي چيو تہ اڄ پياري هريءَ جو جنمڏن آهي. هوءَ سادگيءَ جي صورت آهي، پوترتا ۾ پڪتي آهي. پرارٿنا ۾ اٽل وشواس اٿس. دل هئس تہ ڊاڪٽري پڙهان. ڊاڪٽري پڙهڻ لاءِ ويئي تہ ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪيس ڏيڏر ڪپڙ لاءِ مليو. پياري هوي هڪدم بيهوش ٿي ويئي. پوءِ ڪيس چيائون تہ تو لاءِ ڊاڪٽري پڙهڻ ٺيڪ ناهي. پياري هريءَ جو پياري دادل شاهہ سان آئي پريم هو. هن وقت پياري هريءَ جي دل ۾ اڪ ئي لگن لڳل آهي

هوتچند آڏواڻي، شري گنگارام ساڄنداس، پيٽ سوترا، هربخش پنجابي ۽ ديال آشا دادل شاهه جي ڪٿن جو ورڻن ڪيو.

پياري دادا جشن دادل شاهه کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته جي مونکي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن جو ڌوڙ ڪڻو ملي ته مان سڀاڳو. جڏهن موني هلان مالڪن وٽ تـه، انهن نه چـون ته ڪميٽيءَ مان ڪجهه ڪين ٿيو. پيارو دادا ١١٠ سال اڳ ستيه، لوڪ جي سونهن ڪٺي پرڀات جو پرٿوي لوڪ لي پڌاريو. اچي پيغام ڏنائين ته سچ لاءِ سڪ اُڀاريو، اکين جي ڳوڙهن سان پياس ۾ پڪاريو. هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيوسين "پريو ڇا آهه؟" چيائين "پريو اٿو پيار." دوست دشمن کي پيار ڏيو. پيار ۾ دکين دردمندن جي سيوا ڪريو. سمرن ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو.

نماشام جـو پوڄه دادا جشن ۽ دادا گنگـارام ساڄنداس ٣٢٧٣١٠٦ روپين جي چيڪن ڳوٺي دادل شاهه جي مورتيءَ اڳيان پيش ڪئي. پاڻ جوڌاسنگهه وسندو ڏيهن جا پرڪيا پتو دادل شاهه جي چرنن ۾ پيش ڪيا. پوڄه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي ڪيڏو نه نماڻو هو، هزارن دلين جو راڻو هو. پيارو دادا وڏو فيلسوف، ودوان، اعليٰ شاعـر، تعليمدان، اوچ ڪوٽيءَ جو سنت هو، پر حليمائيءَ جو صاحب هـو. ڪيڏي نه نمرتا سان هڪ هڪ سان ملي ڪيس پنهنجي نيڻن پري نـگاهه سان نهال ڪندو هو. اسين بـه خاڪساري اختيار ڪري روحاني راهه ۾ وڪ وڌايون.

جاڳي ته ب ۾ جاڳ، آهه ڏر ابو جهن جو،
ان ڏر سڀ ئي اگهيا، جن نه پانهون پاڳ.

انسان کي ڪيڏو نه بانور آهه! انسان پاڻ نميڙو، پر ڪيس ڪيڏو نه گهمنڊ! انکري شايد پنهنجي پريتم کان پري. هڪ سنت چوندو هو ته انسان ۽ پرڀوءَ جي وچ ۾ ٧٧٧ پردا آهن. پر

مثل مطلب ۾ هلي ڀارت ماتا جي جئه مڃايو. ايڪتا جو ناد وڄايو. هن وقت هڪ ملڪ ٻئي ملڪ سان پيو وڙهي. سڀ هڪ ئي پروردگار جي اولاد آهيون، پوءِ هي جهيڙا جهگڙا ڇا جا؟

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون. توهان پنهنجي جيون جي ڏوري پرڀوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. پرڀو توهانجا منجهيل مسئلا حل ڪري ڇڏيندو. مان شاگرد هوس ته مون پشم جو سيٽر اُڻڻ شروع ڪيو. سيٽر وڻئي مڙهيم ته پشم جو پيرو منجهي پيو. گهڻو ئي ڦاهڻ جي ڪوشش ڪيم، پر وڃي وڌيڪ منجهندو. نيٺ پيرو پنهنجي ڀاڻيءَ کي ڏنم ته سنواري ڏي. مان واپس راند تان موٽي آيس ته پيرو سلجهيل رکيو هو. ائين توهان پنهنجا مسئلا مشڪلاتون سڀ پرڀوءَ تي ڇڏيو.

جيڪي هجي، ڪري ڇڏ هڪ هوت جي حوالي،
دنيا جا غم خوشيون سڀ پاڻهي سڄڻ سنڀالي.

(هوندراج دکايل)

ائين ڪرڻ سان توهانجي دل جو بار هلڪو رهندو. پرڀوءَ جي ڪرڻيءَ تي راضي رهو. جيڪي هو ڪري ٿو، تنهن ۾ اسانجو ڀلو آهي. سانت ۾ ويهي پرڀوءَ سان گفتگو ڪريو. پرڀوءَ سان ڪرڻ جو ناتو جوڙيو. روز پوري وقت تي ويهي پرڀوءَ سان پنهنجو حال اوريو ۽ پرڀوءَ لاءِ پنهنجي دل اندر پيار اُڀاريو.

٢٧ ڊسمبر صبوح جو دادا جشن پنهنجي اروڙا ۽ پاڻ ڇڏيو پاوناٽيءَ جي گهر روح رهاڻ ستسنگ ڪيو.

٢٨ ڊسمبر حيدرآباد جي سنڌي گرسنگت سڀا جي مندر ۾ پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش جي شرڻ وٺو. جو توهانجي جيون جي ڪشتي ڪناري لڳائي. دولت ۽ دنيال پاڻ ۾ گهاٽا دوست هئا. دنيال ڪـي سنتن

ته ڪيئن پياري دادا جو سڀڪو ڏس پرديس پهچايان. هوءَ سانتيڪي طرح اهو ڪم وٺي ڪري. شل دادل شاهه جي آسيس وڌيڪ وڌيڪ مٿس چمڪي، چمڪندي رهي.

٣ ڊسمبر ٻوجهه داداڄن ڪولهاپور گانڌي نگر ۾ پڌاريا. دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ١١٠ جنم ڏينهن سڀني ۾ سفيد پوش ٻيرن کي پياري دادا جشن هٿان روڪ سهائتا ۽ چادرون ڏياريون ويئون. رات جو ميدان تي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ٻوجهه داداڄن مٿو اُپديش ڪيو. ڀاءُ هربخش پنجابيءَ داداڄن جو سواگت ڪيو. ٤ ڊسمبر ٻوجهه داداڄن اسڪولي وديارٿين کي دادل شاهه جي جيون جون پرڪاشدايڪ گهٽنائون ٻڌائيندي سندن راهه روشن ڪئي.

٥ ڊسمبر ٻوجهه داداڄن بنگلور ۾ پڌاريا. نماشام جو دادا امر جي آستان تي اُپديش ڪيائون. ٦ ڊسمبر داداڄن رامڪرشن مندر ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٨ ڊسمبر هندوجا هال ۾ داداڄن پروچن ڪيو. ٩ ڊسمبر گيتا جينتي سڀني ۾ داداڄن وياکيان ڪندي چيو ته شريمد ڀڳوت گيتا نه صرف ڀارت جو پر وشو جو مهان ۽ اعليٰ گرنٿ آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جو شري ارجن کي ڏنل اُپديش، اسان سڀني لاءِ آهي. ڀڳوت گيتا وهنوارڪ چاهي آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ اسان جو مارگ درشن ڪري ٿي.


١٠ ڊسمبر ساڌو واسواڻي سينٽر ۾ داداڄن روح رهاڻ ڪئي.

٢٦ ڊسمبر شام جو حيدرآباد جي گجراتي شيوا منڊل هال ۾ دادا جشن جي انگريزي وياکيان جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. اُتي جو سڀاپتي اڳوڻو گورنر شري صادق علي هو. هن صاحب دادل شاهه جي گڻن جو ذڪر ڪيو. اُن بعد ٻوجهه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته دادل شاهه جو اڪ ئي پيغام هو ته پاڻ پاڻ ڏسڻ جا هٿ رهندڙ ڀارت ماتا جي سنتان آهن. ان ڪري

جو سنگ ملي ويو. ڀڳتي ساڌنا ڪنديءَ هو رچي لعل ٿي پيو. هيڏانهن دولت هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ ڏانهن وڃي رهيو هو ته رستي تي ناڳ ڏنگيس. پٽي ڦٽڪيو. اوچتو اتان ڪو ٻرپوءِ جو پيارو لنگهيو، جنهن هن کي ڏسي هن جو علاج ڪيو ۽ هي پيارو موت جي منهن مان بچي ويو. پوءِ ته ان ڳوٺ ۾ ڌنڌو ڌاڙي شروع ڪيائين ۽ جلدئي ڌنوان ٿي پيو. ڪجهه سالن کان پوءِ ان ڳوٺ ۾ سنتن جي ٽولي آئي. ان ٽوليءَ ۾ پيارو ديال به سنتن سان گڏ هو. دولت ديال کي سڃاتو. هو هڪ ٻئي سان ملي خوش ٿيا. دولت پنهنجو احوال ڏيندي چيو "ادا ديال، مونکي ناڳ ڏنگيو، ڪال کان بچي ويس. مونکي نئين جيون ملي. پوءِ ڌنڌو ڪندي ڌنوان ٿي پيس. هاڻ ڪنهن به ڳالهه جي کمي ڪين آهه." سنت ديال چيس پيارا دولت، نئين جيون ته مونکي ملي آهه. جو سنتن سترپرکن جو سنگ مليو. انهن جي ڪرپا سان مون ۾ وڏو ٻدلاءُ اچي ويو آهه. تون ته وري دنيوي چڪر ۾ اچي ويو آهين. اڇائن جو غلام ٿي پيو آهين.

منهنجا پيارا ڀائرو، ڀاڳوان ڀيئرون. سڀاڳو سو جو ڪنهن نه ڪنهن سنت سترپرش جي شرڻ ورتي ٿو. ان جي ڪرپا سان سندس جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو. سندس زندگي ٺيڪ ٿي پوي ٿي. توهين به جيڪر ڪنهن نه ڪنهن سنت مهاتما جي شرڌا سان شرڻ وٺو.

ستگر پورڻ سڄان، رکيو هٿ مٿي تـي،
مٿي ورتي مـن مان، سامـي ڪڍيا اسانڻ،
وسيو ميگهه مهر جـو، ٻريا نيڻهن نماڻ،
اچي ٻڌا پـاڻ، سامي منهنجي سور ان.



آڌياتمڪ گرديو دادا جشن واسواڻي



مهان گياني سنت دادا ٽي.ايل. واسواڻي ۽ آدرڻيه دادا جشن واسواڻي ۽
کان آشيرواد پائيندي ڊاڪٽر ديال 'آشا'